مشهور قرآني سورتن، درودن، روحاني ۽ طبي علاجن ۽
خوشبودار مدني گلن جو دلچسپ مدني گلدستو

# مَدَني پنج سُوره




شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي حضرت علامه مولانا ابوبلال
محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

دِيني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڱيو جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت جي گهور فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا! (مستطرف ج 1 ص40 دار الفڪربيروت)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)


رسالي جو نالو: مدني پنج سوره

ڇاپو پهريون: صفر المظفر 1431هہ فيبروري 2010ع تعداد: 3000

ڇاپو ٻيون: رمضان المبارڪ 1432هہ آگسٽ 2011ع تعداد: 3000

ڇاپو ٽيون: رمضان المبارڪ 1434هہ آگسٽ 2013ع تعداد: 5000

ڇاپو چوٿون: ذوالقعدة الحرام 1443، جون 2021ع تعداد: 2000

ڇاپو پنجون: جمادي الثاني 1444، جنوري 2023ع تعداد: 3000

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


## ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علام
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه
**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**
جو اُردو زبان ۾ رسالو

# مدني پنج سوره

## ترجمو پيشڪش

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**
**مڪتب ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز**
**فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**
**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213
**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

## مدني پنج سوره

## فيضانِ بسم الله


| عنوان | صفحو | عنوان | صفحو |
|---|---|---|---|
| درود شريف جي فضيلت | 1 | بسم الله شريف جي فضيلت | 1 |
| اَڏورو ڪم | 2 | ”بسم الله جي برڪت“ جي تيرهن اکرن جي نسبت سان بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ جا 13 مدني گل | 3 |
| ڪعبة الله جي اٺ اکرن جي نسبت | 6 | سان بسم الله شريف جا 8 ورد | 6 |
| ﴿1﴾ گهر جي حفاظت لاءِ | 6 | ﴿2﴾ مٽي جي سور جو علاج | 6 |
| ﴿3﴾ نڪهير اچڻ جو علاج | 7 | ﴿4﴾ جنن کان سامان جي حفاظت جو طريقو | 7 |
| ﴿5﴾ دشمني ختم ڪرڻ جو وظيفو | 7 | ﴿6﴾ مرض کان شفاءَ جو وظيفو | 8 |
| ﴿7﴾ چور ۽ اوچتي موت کان حفاظت | 8 | ﴿8﴾ مصيبتن جي ختم ٿيڻ جو آسان ورد | 8 |
| **فيضان تلاوت** | | | |
| درود شريف جي فضيلت | 10 | رحمت جي ڇئن اکرن جي نسبت سان سورت فاتحہ جا 4 فضائل | 10 |
| ”مديني“ جي پنج اکرن جي نسبت سان آية الڪرسي جا پنج فضائل | 12 | ”نماز“ جي ڇئن اکرن جي نسبت سان سوره بَقَره جي آخري آيتن جا چار فضائل | 14 |
| ”رحمت“ جي چار اکرن جي نسبت سان سوره ڪهف جا چار فضائل | 16 | ”يٰسين شريف جا فضائل | 39 |
| سپ خوبيون ”دعا“ جي ٽن اکرن جي نسبت سان سورت دُخَان جا 3 فضائل | 51 | ”فتح“ جي ٽن اکرن جي نسبت | 57 |
| سان سورت فتح جا 3 فضائل | 57 | ”رحمٰن“ جي چار اکرن جي نسبت | 64 |
| سان سورت رحمٰن جا چار فضائل | 64 | سورت واقعہ جا فضائل | 70 |
| سورت الحشر جون آخري آيتون پڙهڻ جي فضيلت | 75 | ”مدني انعام“ جي نوَ اکرن جي نسبت سان | 76 |
| سورت ملڪ جا 9 فضائل | 76 | ”بَري“ جي ٽن اکرن جي نسبت سان | 86 |
| سورت ڪافرون جا 3 فضائل | 86 | ”بسم الله“ جي ست اکرن جي نسبت | 88 |
| سان سوره الاخلاص جا 7 فضائل | 88 | ”پَنجتَن“ جي پنج اکرن جي نسبت | 91 |
| سان سوره فلق ۽ الناس جا 5 فضائل | 91 | | |
| **فيضان ذڪر الله** | | | |
| درود شريف جي فضيلت | 94 | ايمان مفصل | 94 |
| ايمان مجمل | 94 | پهريون ڪلمو طيب | 95 |
| ٻيون ڪلمو شهادت | 95 | ٽيون ڪلمو تمجيد | 95 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| چوٿون ڪلمو توحيد | 96 | پنجون ڪلمو استغفار | 96 |
| ڇهون ڪلمو رد ڪفر | 97 | ”مغفرت“ جي پنج حرفن جي نسبت | 97 |
| سان استغفار ڪرڻ جا 5 فضائل | 97 | ﴿1﴾ دلين جي زَنگ جي صفائي | 97 |
| ﴿2﴾ پريشانين ۽ تنگي کان نجات | 98 | ﴿3﴾ خوش ڪرڻ وارو اعمال نامو | 98 |
| ﴿4﴾ خوش خبري! | 98 | ﴿5﴾ سيد الاستغفار جي فضيلت | 99 |
| ”واحد“ جي چار اکرن جي نسبت سان ڪلمہ طيبہ جون 4 فضيلتون | 100 | ﴿1﴾خوش نصيب ڪير؟ | 100 |
| ﴿2﴾ افضل ذڪر ۽ دعا | 100 | ﴿3﴾ آسمانن جا دروازا کُلي ويندا آهن | 100 |
| تجديد ايمان | 101 | ”جنت“ جي ٽن اکرن جي نسبت سان | 101 |
| سُبْحَانَ اللّٰهِ وَبِحَمْدِهٖ پڙهڻ جون 3 فضيلتون | 101 | ﴿1﴾ گناهہ مٽايا ويندا آهن | 101 |
| ﴿2﴾ سون جو جبل خيرات ڪرڻ جو ثواب | 101 | جنت ۾ ڪجهيءَ جو وڻ | 102 |
| ”آقا“جي ٽن اکرن جي نسبت سان | 102 | لَاحَوْلَ وَلَاقُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ پڙهڻ جون3فضيلتون | 102 |
| ﴿1﴾ جنت جو دروازو | 102 | ﴿2﴾99 بيمارين جي لاءِ دوا | 102 |
| ﴿3﴾ نعمت جي حفاظت جو نُسخو | 103 | سُجاڳ ٿيڻ مهل جا 3 ورد | 103 |
| ”يا خدا“ جي پنج اکرن جي نسبت سان صبح ۽ شام جا 5 ذڪر | 104 | ”اَحَد“جي ٽن اکرن جي نسبت سان | 106 |
| ڪلمہءِ توحيد جون 3 فضيلتون | 106 | ايمان تي خاتمي جا چار ورد | 107 |
| گناهن جي بخشش | 108 | چار ڪروڙ نيڪيون ڪمايو | 109 |
| شيطان کان بچڻ جو عمل | 109 | غيبت کان بچڻ جو مدني نسخو | 110 |
| پنج مدني گل | 110 | جادو ۽ بلائن (آفتن) کان حفاظت لاءِ شش قفل(ڇهہ تالا) | 111 |
| نماز کانپوءِ پڙهيا ويندڙ ورد | 112 | منتن ۾ چار پيرا ختم قرآن پاڪ جو ثواب | 115 |
| شيطان کان محفوظ رهڻ جو عمل | 116 | | |
| **فيضان درود** | | | |
| درود شريف جي فضيلت | 117 | ”اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْن“ درود شريف جا 30 مدني گل | 119 |
| سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ديدار جي طلبگار لاءِ تحفو | 121 | بخشش ۽ مغفرت | 122 |
| مال ۾ خير ۽ برڪت | 122 | حافظي جي قُوت مضبوط ٿئي | 122 |
| دعوت اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود پاڪ | 123 | ﴿1﴾ جمعي جي رات جو درود | 123 |
| ﴿2﴾ سمورا گناهہ معاف | 123 | ﴿3﴾ رحمت جا ستر دروازا | 123 |
| ﴿4﴾هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون | 124 | ﴿5﴾ ڇهہ لک درود شريف جو ثواب | 124 |
| ﴿6﴾ قرب مُصطفٰی ﷺ | 124 | دُرُودِ رَضَويہ | 125 |
| دين ۽ دنيا جون نعمتون حاصل ڪريو | 125 | دُرُودِ شَفاعت | 125 |
| دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي | 126 | ٻارهن هزار درود پاڪ جو ثواب | 126 |
| چوڏهن هزار درود پاڪ جو ثواب | 126 | هڪ لک درود پاڪ جو ثواب | 127 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| هر قسم جي پريشانيءَ کان نجات لاءِ | 127 | آب ڪوثر سان ڀريل پيالو | 127 |
| ”رسولِ رحمت“ جي اٺ اکرن جي نسبت سان درود تاج جا 8 مدني گل | 128 | درود تاج | 129 |
| درود تُنَجِّينا جي بابت ايمان افروز حڪايت | 131 | مرضن کان شفا | 132 |
| درود ماهي جي بابت مڇيءَ جي حڪايت | 133 | درود ماهي | 133 |
| **فيضان دعا** | | | |
| درود شريف جي فضيلت | 134 | دعا بلائن کي ٽاريندي آهي | 134 |
| دعا بلائن کي ٽاريندي آهي | 135 | عبادتن ۾ دعا جو مقام | 135 |
| دعا جا ٽي فائدا | 135 | ”ياعفو“جي پنجن اکرن جي نسبت سان پنج مدني گل | 136 |
| خبر ناهي ڪهڙو گناهه ٿي ويو آهي؟ | 137 | نماز نه پڙهڻ ته ڄڻ خطا ئي ناهي!!! | 137 |
| جنهن دوست جي ڳالهه نه مڃون | 138 | دعا جي قبوليت ۾ دير جو هڪ سبب | 139 |
| حڪايت | 140 | تڪڙ ڪرڻ واري جي دعا قبول ناهي ٿيندي! | 141 |
| آفيسرن وٽ ته هر هر ڌڪا کائيندا آهيو پر | 141 | دعا جي قبوليت ۾ دير ته ڪرم آهي | 144 |
| مدني قافلي ۾ عِرق النساء جو علاج ٿي ويو | 146 | ”دعا مومن جو هٿيار آ “ جي پندرهن اکرن جي نسبت سان دعا گهرڻ جا 15 مدني گل | 147 |
| 15 قرآني دعائون | 150 | دين ۽ دنيا جي ڀلاين واريون 49 دعائون | 152 |
| (1) دعاءِ مصطفىٰ ﷺ | 152 | (2) سمهڻ مهل جي دعا | 153 |
| (3) ننڊ کان سجاڳ ٿيڻ کان پوءِ جي دعا | 153 | (4) بيت الخلاء ۾ داخل ٿيڻ کان پهريان جي دعا | 153 |
| (5) بيت الخلاء کان ٻاهر نڪرڻ کانپوءِ جي دعا | 153 | (6) گهر ۾ داخل ٿيڻ مهل جي دعا | 154 |
| (7) گهر کان نڪرڻ مهل جي دعا | 154 | (8) کاڌو کائڻ کان اڳ جي دعا | 154 |
| (9) کاڌو کائڻ کانپوءِ جي دعا | 155 | (10) کير پيئڻ کانپوءِ جي دعا | 155 |
| (11) آئينو ڏسڻ وقت جي دعا | 155 | (12) ڪنهن مسلمان کي مرڪندو ڏسي پڙهڻ جي دعا | 155 |
| (13) شُڪريو ادا ڪرڻ جي دعا | 156 | (14) قرض جي ادائيگي جي دعا | 156 |
| (15) ڪاوڙ اچڻ مهل جي دعا | 156 | (16) علم ۾ اضافي جي دعا | 157 |
| (17) ڪافرن جي طور طريقن کي ڏسجي يا آواز ٻڌجي ته هيءَ دعا پڙهجي | 157 | (18) مصيبت ورتل کي ڏسي پڙهڻ جي دعا | 157 |
| (19) ڪُڪُڙ جي ٻانگ ٻڌي پڙهڻ جي دعا | 158 | (20) برسات جي گهٽائيءَ جي وقت جي دعا | 159 |
| (21) آنڌي جي وقت جي دعا | 159 | (22) ستارو ٽُٽندو ڏسڻ وقت جي دعا | 159 |
| (23) بازار ۾ داخل ٿيڻ وقت جي دعا | 160 | (24) بازار ۾ نقصان نه ٿئي بلڪ فائدو ٿئي | 160 |
| (25) شب قدر جي دعا | 161 | (26) افطار جي وقت جي دعا | 161 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| (27) آبِ زمر زمر پيئڻ وقت جي دعا | 161 | (28-29) نئون لباس پهرڻ مهل جون ٻه دعائون | 162 |
| (30) تيل لڳائڻ مهل جي دعا | 162 | (31) ٻار جي عقيقي جي دعا | 162 |
| (32) ڇوڪريءَ جي عقيقي جي دعا | 163 | (33) سواريءَ تي اطمينان سان ويهڻ وقت جي دعا | 164 |
| (34) جڏهن دل ۾ ڪو ڪٽڪو ٿئي ان وقت جي دعا | 164 | (35-36) نظر بد لڳڻ تي پڙهڻ واريون دعائون | 165 |
| (37) سڙي پوڻ تي پڙهڻ جي دعا | 166 | (38) زهريلي جانورن کان محفوظ رهڻ جي دعا | 166 |
| (39) ڪنهن قوم کان خطري جي وقت جي دعا | 167 | (40) سخت خطري جي وقت جي دعا | 167 |
| (41) زبان جي هٻڪ (ٻاتاڻ) جي دعا | 167 | (42) ڪُفر ۽ فقر (محتاجيءَ) کان پناهه جي دعا | 168 |
| (43-44) عيادت ڪرڻ مهل جون ٻه دعائون | 168 | (45) مصيبت جي وقت جي دعا | 168 |
| (46) تعزيت (عُذر خواهي) ڪرڻ وقت جي دعا | 169 | (47) ڪفن تي لکڻ جون دعائون | 169 |
| (48) اکين جي روشنيءَ جي لاءِ دعا | 170 | (49) فرض نمازن کان پوءِ جون دعائون | 171 |
| عهدنامو | 171 | عهد نامو هي آهي | 172 |
| **فيضان اوراد** | | | |
| رحمتن جي برسات | 173 | بزرگن کان نقل ٿيل 38 مدني وظيفا | 173 |
| ﴿1﴾ ڏيڄارڻ وارن خوابن کان نجات | 173 | ﴿2﴾ جانور جي چڪ (يا ڏنگ) جو عمل | 173 |
| ﴿3﴾ خوني ۽ بادي بواسير جي خاتمي لاءِ | 174 | ﴿4﴾ فالج (اڌ رنگو) ۽ لَقوو (وات ۽ چهرو ڦري وڃڻ جي بيماري) | 174 |
| ﴿5﴾ قوت حافظ (ياد داشت جي سگهه) لاءِ | 174 | ﴿6﴾ ذهن کولڻ لاءِ | 175 |
| ﴿7﴾ ڪوڙهه ۽ سائي | 175 | ﴿8﴾ رزق ۾ برڪت | 175 |
| ﴿9﴾ روزگار جي گولا | 175 | ﴿10﴾ ڪڏهن محتاج نه ٿيو | 176 |
| ﴿11﴾ چوريءَ کان محفوظ رهندو | 176 | ﴿12﴾ گم ٿيل شيءِ ملڻ جو عمل | 176 |
| ﴿13﴾ مُرادون پُوريون ٿيڻ لاءِ | 176 | ﴿14﴾ هر حاجت ۽ مراد پوري ٿيندي | 177 |
| ﴿15﴾ برف باري روڪڻ لاءِ | 177 | ﴿16﴾ غائب يا ڀڳل شخص کي گهرائڻ لاءِ | 177 |
| ﴿17﴾ زهر جو اثر نه ٿئي | 178 | ﴿18﴾ بخار کان شفاءَ | 178 |
| ﴿19﴾ ظالم ۽ شيطان جي شر کان پناهه جي لاءِ | 178 | دعاءِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ | 180 |
| ﴿20﴾ حافظي (يادگيريءَ) جي قوت لاءِ | 181 | ﴿21﴾ نظر جي حفاظت لاءِ | 181 |
| ﴿22﴾ زبان ۾ هٻڪ | 181 | ﴿23﴾ پيٽ جي سور لاءِ | 182 |
| ﴿24﴾ ٽِري وڌي وڃڻ | 182 | ﴿25﴾ ڇڪِي (ڇِنُ) پوڻ (ڏُن جي بيماري) | 182 |


www.dawateislami.net

| | | | |
|---|---|---|---|
| ﴿26﴾ بخار | 183 | ﴿27﴾ ڦٽ ڦُرڙي | 184 |
| ﴿28﴾ ڇتي ڪتي جو چڪ | 184 | ﴿29﴾ ٻي اولادِ | 184 |
| ﴿30﴾ جيڪڏهن پيٽ ۾ ٻار ٽيڙو ٿي ويو ته..... | 185 | ﴿31﴾ هيضو (يعني دست ۽ الٽين جي بيماري) | 185 |
| ﴿32﴾ الٽي، سور ۽ پيٽ جي سور لاءِ | 185 | ﴿33﴾ عضون جي سور لاءِ | 186 |
| ﴿34﴾ احتلام کان حفاظت | 186 | ﴿35﴾ اکيون ڪڏهن به نه اٿن | 186 |
| ﴿36﴾ گهر ۾ مدني ماحول ٺاهڻ جو نسخو | 187 | ﴿37﴾ شوگر جو علاج | 187 |
| ﴿38﴾ قرض لاهڻ جو وظيفو | 187 | 99 اَسماءِ حُسنٰى ۽ انهن جا فضائل | 188 |
| فضائل قصيده غوثيه متبرڪ | 208 | | |
| **فيضان نوافل** | | | |
| درود شريف جي فضيلت | 211 | الله عَزَّوَجَلَّ جو پيارو ٿيڻ جو نسخو | 211 |
| صلٰوة الليل | 212 | تهجد ۾ رات ۾ نماز پڙهڻ جو ثواب | 212 |
| تهجد گذار جي لاءِ جنت جا عاليشان بالاخانا (يعني محلات) | 213 | ”تهجد گذار“ جي اٺ اکرن جي نسبت سان نيڪ ٻانهي ۽ ٻانهين جون 8 حڪايتون | 214 |
| ﴿1﴾ سڄي رات نماز پڙهندا رهندا هئا | 214 | ﴿2﴾ ماکي جي مک جي ڀڻڪار جيئان آواز | 214 |
| ﴿3﴾ مان جنت ڪيئن گهران! | 215 | ﴿4﴾ توهان جو والد اوچتو عذاب کان ڊڄندو آهي | 215 |
| ﴿5﴾ عبادت جي لاءِ جاڳڻ جو عجيب انداز | 215 | ﴿6﴾ روئندي روئندي نابينا ٿي وڃڻ واري خاتون | 216 |
| ﴿7﴾ موت جي ياد ۾ بکي رهڻ واري خاتون | 217 | ﴿8﴾ آه ۽ زاري ڪرڻ وارو خاندان | 217 |
| نمازِ اشراق | 218 | نماز چاشت جي فضيلت | 219 |
| صلٰوة التسبيح | 220 | صلٰوة التسبيح جو طريقو | 220 |
| استخاره | 221 | اِستِخاري جي نماز ۾ ڪهڙيون سورتون پڙهجن؟ | 222 |
| صلٰوة الاوابين جي فضيلت | 223 | اَوابين جي نماز جو طريقو | 224 |
| تحية الوضو | 224 | صلٰوة الاسرار | 225 |
| صَلٰوة الحَاجَات | 226 | انڌي کي اکيون ملي ويون | 228 |
| انڌي کي اکيون ملي ويون | 228 | گرهڻ جي نماز | 229 |
| گرهڻ جي نماز پڙهڻ جو طريقو | 230 | توبه جي نماز | 231 |
| عشاءَ (سومهڻي) کانپوءِ ٻن نفلن جو ثواب | 231 | ظهر (ٻيپهريءَ) جي آخري ٻه نفلن جي ٻه چا ڳالهه ڪجي! | 232 |
| **فيضان روزه** | | | |
| درود شريف جي فضيلت | 233 | نفل روزن جا ديني ۽ دنياوي فائدا | 233 |
| ”پيارا غوث پاڪ“ جي ٻارهن اکرن جي نسبت سان نفلي روزن جون 11 روايتون | 234 | ﴿1﴾ جنت جو نرالو وڻ | 234 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| «2» 40 ورهين جو فاصلو دوزخ کان دوري | 234 | «3» دوزخ کان 50 سال مسافت دوري | 234 |
| «3» دوزخ کان 50 سال مسافت دوري | 234 | «4» زمين جيتري سون کان بہ وڌيڪ ثواب | 235 |
| «5»جهنم کان تمام گهڻي دوري | 235 | «6» هڪ روزو رکڻ جي فضيلت | 235 |
| «7» بهترين عمل | 236 | «8» روزا رکو صحت مند ٿي ويندؤ | 236 |
| «9»سون جا دستر خوان | 236 | «10» هڏيون تسبيح ڪنديون آهن | 237 |
| «11» روزي جي حالت ۾ مرڻ جي فضيلت | 237 | نيڪ ڪم جي دوران موت جي سعادت | 237 |
| ڪالو چاچا جي ايمان افروز وفات | 238 | هر مهيني ٽي روزا رکڻ جو ثواب | 240 |
| ”يارب محمد“جي اٺ اکرن جي نسبت سان ايام بِيض جي روزن جي متعلق 8 روايتون | 240 | ”مصطفيٰ“ جي پنجن اکرن جي نسبت سان سومر شريف ۽ خميس جي روزن جي متعلق 5 احاديث مبارڪہ | 242 |
| ”ڪيني“ جي تعريف | 243 | ”جنت“ جي ٽن اکرن جي نسبت سان اربع ۽ خميس جي روزن جا 3 فضائل | 244 |
| ”جنت“ جي ٽن اکرن جي نسبت سان اربع ۽ خميس جي روزن جا 3 فضائل | 244 | ”ڪرم“ جي ٽن اکرن جي نسبت سان اربع، خميس ۽ جمعي جي روزن جا 3 فضائل | 245 |
| ”يا نُور“ جي پنج اکرن جي نسبت سان جمعي جي روزن جي معتلق 5 فضائل | 245 | ”فضل“ جي ٽن اکرن جي نسبت سان صرف جمعي جو روزو رکڻ جي ممانعت ۾ ٽي روايتون | 247 |
| ڇنڇر ۽ آچر جي روزن جي فضائل تي مشتمل 2 روايتون | 248 | ”يا سلطانِ مدينہ“جي ٻارهن اکرن جي نسبت سان نفلي روزن جا 12 مدني گل | 248 |
| **مبارڪ مهينا** | | | |
| درود شريف جي فضيلت | 251 | محرم الحرام | 251 |
| رمضان کان پوءِ افضل روزا | 252 | هڪ مهيني جي روزن جو ثواب | 252 |
| ”أن حسين ابن حيدر تي لک هزار سلام“ جي پنجويهہ اکرن جي نسبت سان يوم عاشوره تي واقع ٿيڻ وارا 25 اهم واقعا | 252 | عاشوره جي ڏينهن گهر وارن تي خرچ ڪرڻ جون برڪتون | 253 |
| سجو سال بيمار نہ ٿئي | 253 | عاشوره جي خيرات جي برڪت | 254 |
| ”حسين“ جي چار اکرن جي نسبت سان عاشوره جي روزي جون 4 فضيلتون | 256 | دعاءِ عاشوره | 257 |
| ربيع النور شريف | 259 | درود شريف جي فضيلت | 259 |
| صبح بهاران | 260 | معجزات | 261 |
| شب قدر کان بہ افضل رات | 262 | جشن ولادت ملهائڻ جو ثواب | 262 |
| رجب المرجب | 264 | جنتي نهر | 264 |
| جنتي محل | 264 | ستاويهين رات جي فضيلت | 264 |
| ستاويهين رجب جي روزي جي فضيلت | 265 | شعبان المعظم | 265 |
| آقا جو مهينو | 265 | رمضان کان پوءِ ڪهڙو مهينو افضل آهي؟ | 266 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| پندرهين رات ۾ تجلي | 266 | پلائيءَ واريون راتيون | 266 |
| مغرب کان پوءِ ڇهه نفل | 267 | دعاءِ نصف شعبان | 267 |
| قبر تي اگر بتيون ٻارڻ | 269 | ڦٽاڪا ٻارڻ حرام آهي | 270 |
| رمضان المبارڪ | 270 | درود شريف جي فضيلت | 270 |
| سون جي دروازي وارو محل | 271 | مان فنڪار هئس | 273 |
| پنج خصوصي ڪرم | 275 | صَغِيرَه گُناهن جو ڪفارو | 276 |
| توبهه جو طريقو | 276 | هر رات سَٺ هزار جي بخشش | 276 |
| روزانو ڏهه لک گناهگارن جي دوزخ کان آزادي | 277 | جمعي جي هر هر گهڙيءَ ۾ ڏهه لکن جي بخشش | 278 |
| خرچ ۾ ڪشادگي ڪريو | 279 | شوال المڪرم | 280 |
| ”عيد“ جي ٽن اکرن جي نسبت سان عيد جي ڇهن روزن جا ٽي فضائل | 280 | نئين چاول جيان گناهن کان پاڪ | 280 |
| ڇڻ سڄي عمر جو روزو رکيو | 281 | سڄو سال روزا رکيا | 281 |
| ذوالحجة الحرام | 281 | جي شروعاتي ڏهن ڏينهن جا فضائل | 281 |
| ”الله“ جي چار اکرن جي نسبت سان ذوالحجة الحرام جي ڏهاڪي متعلق 4 روايتون | 281 | ”الله“ جي چار اکرن جي نسبت سان ذوالحجة الحرام جي ڏهاڪي متعلق 4 روايتون | 281 |
| نيڪيون ڪرڻ جا سڀ کان پسنديده ڏينهن | 281 | شب قدر جي برابر فضيلت | 282 |
| عرفه جو روزو | 282 | هڪ روزو هزار روزن جي برابر | 282 |
| **مختلف مدني گل** | | | |
| درود شريف جي فضيلت | 283 | ”مجدد اعظم مولانا امام احمد رضا“جي پنجويهه اکرن جي نسبت سان ڪارڪن جا 25 مدني گل | 283 |
| ”مجدد اعظم مولانا امام احمد رضا“جي پنجويهه اکرن جي نسبت سان ڪارڪن جا 25 مدني گل | 283 | ڇا حديث ۾ ٻڌايل علاج هر ڪو ڪري سگهي ٿو؟ | 284 |
| ”شريعت ۽ سنت جي پابندي ڪرڻ ۾ ئي نجات آهي“ جي ٽيهه اکرن جي نسبت سان 30 غلطين جي نشاندهي | 289 | 49 انتهائي ڪارائتا مدني گل | 292 |
| ”احتياط ۾ سدائين سُک آ“ جي سورهن اکرن جي نستب سان 16 گهَرو علاج ۽ ڪارائتا مدني گل | 301 | نانگ، وڇون، سوپيري ۽ ڪِولِيُن کان ڇوٽڪاري جو طريقو | 303 |
| ”الله جي رحمت“ جي ڏهه اکرن جي نسبت سان زمانهٔ حمل جون 10 احتياطون ۽ تدبيرون | 305 | ”شهيد ڪربلا علي اصغر“ جي سورهن اکرن جي نسبت سان ڪير پياڪ ٻارن جي لاءِ 16 مدني گل | 308 |
| مديني جي پنج اکرن جي نسبت سان بخار جا 5 مدني علاج | 310 | ”اجميري“ جي ڇهن اکرن جي نسبت سان اڌ مٿي جي سور جا 6 علاج | 311 |
| ”مڪي شريف“جي ستن اکرن جي نسبت سان مٿي جي سور جا 7 علاج | 312 | بدهضميءَ جا ٻه مدني علاج | 314 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| قبض جا طبي علاج | 315 | قبض جا چار عـلاج | 315 |
| بي وقت ننڊ اچڻ جـو علاج | 316 | ٿلهائپ جو سـپ کان بهترين علاج | 316 |
| ڪنگهه جو علاج | 317 | حمل جي حفاظت جا 2 علاج | 317 |
| عرق النساء جا ٻه علاج | 317 | وات جي بدبو جو علاج | 318 |
| وات جي بدبو جو مدني علاج | 319 | وات جي بدبو معلوم ڪرڻ جو طريقو | 319 |
| وات جي صفائيءَ جو طريقو | 320 | | |
| **فيضان ايصال ثواب** | | | |
| دُرُود شريف جي فضيلت | 321 | (1) مـقـبـول حـج | 322 |
| (2) ڏهه حجن جو ثواب | 322 | (3) والدين جي طرف کان خيرات | 322 |
| (4) روزيءَ ۾ بي برڪتيءَ جو سبب | 323 | (5) جمعي جو قبر جي زيارت جي فضيلت | 323 |
| ڪـفـن ڦـاٽـي پـيا | 323 | ”ڪـرم“ جي ٽن اکرن جي نسبت سان | 324 |
| ايصال ثواب جا 3 ايمان افروز فضائل | 324 | دعـائـن جـي بـرڪـت | 324 |
| ايصال ثواب جو انتظار! | 324 | ڀين جي لاءِ دعاءِ مغفرت ڪرڻ جي فضيلت | 324 |
| اربين نيڪيون ڪمائڻ جو آسان نسخو | 325 | نـورانـي لـبـاس | 326 |
| نوراني ٿالهه | 326 | مؤذن جي تعداد جي برابر اجر | 326 |
| قبر وارا سفارش ڪندا | 327 | سوره اخلاص جو ثواب | 327 |
| اُمِ سَعد رَضِیَ اللهُ عَنۡهَا جي لاءِ کوهه | 328 | ”دين خير خواهي جو نالو آ“ جي ارڙهن حرفن جي نسبت سان ايصال ثواب جا 18 مدني گل | 328 |
| ايصال ثواب جو طريقو | 332 | ايصال ثواب جو مروج طريقو | 333 |
| اعلي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِ جو فاتحه جو طريقو | 337 | ايصال ثواب جي لاءِ دعا جو طريقو | 338 |
| خـبـردار! | 339 | مزار تي حاضريءَ جو طريقو | 339 |


www.dawateislami.net

## علاج ۽ عمليات جا دليل ۽ شرط

حضرت سيّدنا انس رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان روايت آهي ته خَاتَمُ المرسلين، رحمة للعٰلمين صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ نظرِ بد، ڏنگ ۽ داڻن يا ڦرڙين هجڻ جي صورت ۾ دم ڪرائڻ جي اجازت ڏني آهي. (صحيح مسلم ص 1206، حديث2196)

مُحَقِق علي الاِطلاق، خَاتَمُ المُحدثين، حضرت علامه شيخ عبدالحق مُحَدّث دِهلوي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ اَشِعَة اللّمعات (فارسي) جلد 3 صفحي 645 تي هن حديث پاڪ جي حوالي سان لکن ٿا: "ياد رکو! تمام بيمارين ۽ تکليفن ۾ دم ڪرڻ جائز آهي صرف انهن ٽن بيمارين سان خاص ناهي، خاص ڪري انهن جو ذڪر جو سبب هي آهي جو ٻين بيمارين جي مقابلي ۾ انهن ٽنهي ۾ دم ڪرڻ وڌيڪ مناسب ۽ مفيد آهي.

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مولانا شاه احمد رضا خان رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فتاويٰ اَفريقه صفحي 168 تي فرمائن ٿا: جائز تعويذ جيڪي قرآن ڪريم، يا الله تعاليٰ جي مبارڪ نالن يا ٻين اذڪار ۽ دعائن مان هجن انهن ۾ ڪو حرج ناهي بلڪ مستحب آهي، رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: عربي "مَنِ اسْتَطَاعَ مِنْكُمْ اَنْ يَّنْفَعَ اَخَاهُ فَلْيَنْفَعْهُ" يعني: توهان مان جيڪو شخص پنهنجي ڀاءُ کي فائدو پهچائي سگهي ٿو ته پهچائي. (صحيح مسلم ص 1208، حديث2199)

حضرت سيّدنا ابو سعيد خدري رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائن ٿا: سرورِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جنن ۽ انسانن جي نظر کان پناه گهرندا هئا ايستائين جو سورة الفلق ۽ سورة الناس نازل ٿي

www.dawateislami.net

پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ انهن کي اختيار فرمايو ۽ انهن کان علاوه کي ڇڏي ڏنو. (سنن ترمذي جلد 4 ص 13 حديث:2065)

حڪيم الامت، حضرت مفتي احمديارخان رحمۃ اللہ علیہ هن حديث پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: يعني سُورة الفَلق ۽ سُورةُ النّاس نازل ٿيڻ کان پهرين حضور ﷺ جنن ۽ انسانن جي نظر کان بچڻ لاءِ مختلف دعائون پڙهندا هئا، مثلاً اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الْجَانّ وغيره پوءِ(سورة الفَلَق ۽ سُورةُ النّاس نازل ٿيڻ کان بعد) ٻين دعائن جي ڪثرت ڇڏي ڏني اڪثر ڪري سُورة الفلق ۽ سُورةُ النّاس سان ئي عمل فرمايو. (مرٰاة المناجيح جلد6 ص 245)

اَلحَمْدُلله! هي مبارڪ ڪتاب (مدني پنج سوره) مشهور قرآني سورتن، درودن، روحاني ۽ طبي علاجن ۽ خوشبودار مدني گلن جو دلچسپ مدني گلدستو آهي، ان جو هر گهر ۾ هجڻ ضروري آهي، قرآني آيتن جو ترجمو ڪنزالايمان (مترجم) مان ورتو ويو آهي اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون ان کي نہ صرف پاڻ پڙهن بلڪ سنين سنين نيتن سان ٻين کي بہ تحفي ۾ پيش ڪن يا هديو ڏئي خريد ڪرڻ جو مشورو ڏين. مسجدن ۽ اولياء جي مزارن ۽ عام لائبريرن وغيره ۾ بہ رکو تہ جيئن نمازي، زائرين ۽ عام مسلمان بہ فائدو حاصل ڪن. ياد رکو ورد ۽ وظيفن جو اثر ظاهر ٿيڻ جي لاءِ ٽن شرطن جو هجڻ ضروري آهي. جيئن منهنجا آقا اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ علیہ فتاويٰ رضويہ جلد 23 صفحي 558 تي فرمائن ٿا: وظيفن عملن جو اثر ظاهر جي لاءِ ٽي شرط ضروري آهن.

(1) **حسن اعتقاد:** دل ۾ خدشو يا وسوسو نہ هجي تہ ڏسؤ تہ اثر ٿيندو يا نہ؟ بلڪ الله پاڪ جي ڪرم تي مڪمل ڀروسو هجي تہ ضرور قبول فرمائيندو. حديثِ پاڪ ۾ آهي تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمائن ٿا: اُدْعُوا اللهَ وَاَنْتُمْ مُوْقِنُوْنَ بِالْاِجَابَةِ يعني الله تعاليٰ کان ان حال ۾ دعا ڪيو جو توهان جي اجابت (يعني قبولجڻ) جو يقين هجي. (سنن ترمذي ج5 292، حديث:3490)

(2) **صبر ۽ تحمل:** ڏينهن جي گذرڻ سان گهٻرائڻ نہ گهرجي تہ ايترا ڏينهن پڙهندي گذريا آهن پر اجا ڪجهہ اثر ظاهر نہ ٿيو آهي! ائين ڪرڻ سان قبوليت ختم ڪئي ويندي آهي بلڪ لاڳيتو عمل ڪندو رهي ۽ اميد رکي تہ هاڻي الله پاڪ ۽ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجو فضل فرمائيندا. الله پاڪ جو فرمانِ عاليشان آهي:

وَلَوْ اَنَّهُمْ رَضُوْا مَاۤ اٰتٰىهُمُ اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ ۙ وَقَالُوْا حَسْبُنَا اللّٰهُ سَيُؤْتِيْنَا اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ وَرَسُوْلُهٗۤ ۙ اِنَّاۤ اِلَى اللّٰهِ رٰغِبُوْنَ ﴿۵۹﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ ڪهڙو نہ چڱو هجي ها جيڪڏهن اهي راضي ٿين ها ان تي جيڪي الله ۽ سندس رسول انهن کي ڏنو ۽ چون ها اسان کي الله ڪافي آهي اجهو اسان کي ڏي ٿو الله پنهنجي فضل سان ۽ الله جو رسول اسان جي الله جي طرف ئي رغبت آهي. (سوره توبه، پ 10، آيت:59)

حديث پاڪ ۾ آهي: يُسْتَجَابُ لِاَحَدِكُمْ مَالَمْ يَعْجِلْ فَيَقُوْلُ قَدْ دَعَوْتُ فَلَمْ يُسْتَجَبْ لِيْ يعني توهان جون دعائون قبول ٿينديون آهن

جيسيتائين جلدي نہ ڪريو تہ مان دعا ڪئي ۽ اجا قبول ناهي ٿي. (صحيح مسلم ص 1463، حديث:3735)

(3) منهنجي (يعني اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه) طرفان انهن سيني اجازتن ۽ وظيفن، عملن ۽ تعويذن جي لاءِ هي شرط آهي تہ پنج ئي نمازون باجماعت مسجد ۾ ادا ڪرڻ جي مڪمل پابندي رهي. وباللّٰهِ التوفيق.

الله پاڪ هن ڪتاب جي مؤلف ۽ هن جي مطالعي ڪرڻ واري کي خوب نفعو پهچائي. الله پاڪ سگ مدينہ عفي عنہ جي هن مختصر ڪوشش کي قبول فرمائي ۽ اخلاص جي لازوال دولت کان مالامال فرمائي.

ميرا ہر عمل بس تيرے واسطے ہو    کر اخلاص ايسا عطا يا الٰہی

**دعاءِعطار:** ياالله پاڪ جيڪو هن ڪتاب کي پنهنجي رشتيدارن جي ايصالِ ثواب جي لاءِ ۽ ٻين سنين سنين نيتن سان گڏ شادي ۽ غمي جي تقريبن ۽ اجتماعن وغيره ۾ تقسيم ڪرائي، محلي ۾ گهر گهر پهچائي، ان جو ۽ ان جي صدقي منهنجو بہ ٻنهي جهانن ۾ ٻيڙو پار فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلّى الله عليه واٰله وسلّم

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ط بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ط

## ڪتاب پڙهڻ جون نيتون

## هن ڪتاب کي پڙهڻ جون ”10 نيتون“

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌمِّنْ عَمَلِهٖ يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.** (معجم ڪبير، جلد6ص185، حديث:5942)

**مسئلو:** نيڪ و جائز ڪم ۾ جيتريون نيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

(1) هر ڀيري حمد و صلٰوة ۽ تعوذ ۽ تسميہ کان آغاز ڪندس. (انهيءَ صفحي تي مٿي ڏنل بہ عربي عبارتون پڙهڻ سان ان تي عمل ٿي ويندو) (2) رضاءِ الٰهي جي لاءِ هن ڪتاب جو شروع کان آخر تائين مطالعو ڪندس. (3) ڪوشش آهر هن جو باوضو ۽ قبلي ڏانهن منهن ڪري مطالعو ڪندس. (4) قرآني آيتن ۽ حديثن جي زيارت ڪندس. (5) جتي جتي”سرڪار“ جو نالو مبارڪ ايندو اُتي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جتي ڪنهن صحابي جو نالو ايندو اُتي رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ ۽ جتي ڪنهن بُزرگ جو نالو ايندو اتي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پڙهندس.(6) رضاءِ الٰهي جي لاءِ علم حاصل ڪندس.(7) جيڪڏهن ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي تہ مدني (يعني عالم) کان پڇندس. (8) (پنهنجي ذاتي نسخي جي) **”يادداشت“** واري صفحي تي ضروري نڪتا لکندس.(9) هن حديث پاڪ ”هڪٻئي کي

**تحفو ڏيو محبت وڌندي“** (مؤطا اِمام مالڪ، جلد2 ص407رقم 1731) **تي عمل جي نيت سان توفيق آهر هيءُ ڪتاب خريد ڪري ٻين کي تحفي طور ڏيندس، جنهن کي ڏيندس حتي الامڪا ان کي اهو هدف ٻہ ڏيندس تہ توهان کي هيءُ ڪتاب هيترن ڏينهن ۾ پڙهڻو آهي.**

(10) **ڪتابت وغيره ۾ شرعي غلطي ملي تہ ناشرين کي تحريري طور اطلاع ڏيندس.** (ناشرين وغيره کي ڪتاب جون غلطيون زباني ٻڌائڻ خاص فائديمند ناهي هوندو.)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# فيضانِ بسم اللّٰه

## درود شريف جي فضيلت

**اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ **جي محبوب** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشادِ مشڪبار آهي: جنهن مون تي 100 ڀيرا درود پاڪ پڙهيو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ لکي ڇڏيندو آهي تہ هيءُ نفاق ۽ دوزخ جي باهہ کان آزاد آهي ۽ ان کي قيامت جي ڏينهن شهيدن سان گڏ رکندو.

**(مجمع الزوائد، ج. 10، ص. 253، حديث 17298)**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب     صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بسم اللّٰه شريف جي فضيلت

حضرت سيدنا عبداللّٰه ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ امير المؤمنين حضرت سيدنا عثمان ابن عفّان رَضِيَ اللهُ عَنْهُ نبين جي سلطان، سرورِ ذيشان، ٻنهي جهانن جي سردار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ (**جي فضيلت**) جي بابت پڇيو تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو تہ هي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي نالن مان هڪ نالو آهي ۽ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي **اسم اعظم** ۽ هن جي وچ ۾ ايتري ويجهڙائپ آهي جيتري اک جي ڪارڻ (**ماڻڪي**) ۽ اڇاڻ ۾.

**(مستدرڪ للحاڪم، ج. 2، ص. 250، حديث 2071)**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسم اعظم** جون ڪيتريون ئي برڪتون آهن، **اسم اعظم** سان جيڪا دعا گهري وڃي اها قبول ٿي ويندي آهي. سرڪارِ **اعليٰ حضرت** رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ **جا والد سڳورا حضرت رئيس المتڪلمين** مولانا نقي علي خان رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا، ”ڪجھ عالمن بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ کي **اسم اعظم** چيو آهي. سرڪارِ بغداد حضورِ غوثِ پاڪ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ کان منقول آهي، بِسْمِ اللّٰه عارف (يعني اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کي سڃاڻڻ وارو) جي زبان مان ائين آهي جيئن خالق عَزَّوَجَلَّ جي ڪلام مان ”كُنْ“. (”**ڪن**“ **يعني** ”**ٿي وڃ**“) (احسن الوعاء، ص. 66)

## اَڌورو ڪم

**سرڪارِ** مڪّۂ مڪرّمہ، سردارِ مدينۂ منوّره صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو، ”جيڪو بہ اهم ڪم بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ سان شروع ناهي ڪيو ويندو اهو اڌورو رهجي ويندو آهي.“ (الدُرُ المنثور، ج. 1، ص. 26)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** پنهنجن نيڪ ۽ جائز ڪمن ۾ برڪت داخل ڪرڻ لاءِ اسان کي پهريان بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ضرور پڙهڻ گهرجي. کائڻ کارائڻ، پيئڻ پيارڻ، رکڻ کڻڻ، ڌوئڻ، پچائڻ، پڙهڻ، پڙهائڻ، هلڻ (**گاڏي وغيره**) هلائڻ، ويهڻ ويهارڻ، بتي ٻارڻ، پکو هلائڻ، دسترخوان وڇائڻ، وڌائڻ، بسترو وڇائڻ ويڙهڻ، دڪان کولڻ، وڌائڻ، تالو کولڻ بند ڪرڻ، تيل وجهڻ، عطر لڳائڻ، بيان ڪرڻ، نعت شريف ٻڌائڻ، جُتي پائڻ، عمامو سڄائڻ، دروازو کولڻ، لڳائڻ، مطلب تہ هر جائز ڪم جي شروع ۾ (**جڏهن تہ ڪا شرعي ممانعت نہ هجي**) بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ پڙهڻ جي عادت بڻائي ان جون برڪتون حاصل ڪرڻ عين سعادت آهي.

## ”بسم الله جي برڪت“ جي نيرهن اکرن جي نسبت سان بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ جا 13 مدني گل

**مدينه 1**: حضرت سيدنا شيخ ابوالعباس رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه **شمس المعارف (مترجم) جي صفحي نمبر** 37 **تي لکن ٿا ته**; جيڪو لاڳيتا ست ڏينهن بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ **786** پيرا (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف) پڙهندو اِنْ شَآءَالله ان جي هر حاجت پوري ٿيندي. پوءِ اها حاجت توڙي ڪنهن ڀلائيءَ کي حاصل ڪرڻ جي هجي يا بُرائي ختم ٿيڻ جي يا ڪاروبار هلڻ جي. (شمس المعارف، مترجم، ص 37)

**مدينه 2**: جيڪو ڪنهن ظالم جي سامهون بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ **50** پيرا (**اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف**) پڙهندو ته ان ظالم جي دل ۾ پڙهڻ واري جي هيبت پيدا ٿيندي ۽ ان جي شر کان بچيل رهندو. (ايضاً، ص 37)

**مدينه 3**: جيڪو شخص سج ايرڻ جي وقت سج جي طرف منهن ڪري بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ 300 پيرا ۽ درود شريف 300 پيرا پڙهي. الله عَزَّوَجَلَّ ان کي اهڙي جڳهه کان رزق عطا فرمائيندو جتان ان جو گمان به نه هوندو ۽ (**روزانو پڙهڻ سان**) اِنْ شَآءَالله هڪ سال جي اندر اندر وڏو امير ٿي ويندو. (ايضاً، ص 37)

**مدينه 4**: ذهن جو ڪمزور جيڪڏهن بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ **786** پيرا (**اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف**) پڙهي پاڻيءَ تي دم ڪري پي ڇڏي ته اِنْ شَآءَالله ان جو حافظو مضبوط ٿي ويندو ۽ جيڪا ڳالهه ٻُڌندو ڪيس ياد رهندي. (ايضاً، ص 37)

**مدينه 5**: **جيڪڏهن ڏڪار هجي تہ** بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الـرَّحِيْمِ **61 پيـرا** (**اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شـريف**) پڙهـو (پـوءِ دعا گهـرو) اِنْ شَآءَ اللّٰه برسات ٿيندي. (ايضًا ص 37)

**مدينه 7-6**: بِسْمِ اللّٰهِ الـرَّحْمٰنِ الـرَّحِيْمِ **ڪاغذ تـي 35 پيـرا** (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف) **لکي ڪري گهر ۾ لٽڪائي ڇڏيو** اِنْ شَآءَ اللّٰه **شيطان جو گذر نہ ٿيندو ۽ خوب برڪت ٿيندي جيڪڏهن دڪان ۾ لٽڪايو تہ** اِنْ شَآءَ اللّٰه **ڪاروبار خوب چمڪندو.** (ايضًا، ص 38)

**مدينه 8**: پهرين محرم الحرام جو بِسْـمِ اللّٰهِ الـرَّحْمٰنِ الـرَّحِيْمِ 130 پيـرا لکي ڪري (**يـا لٽرائي ڪري**) جيڪو بہ پاڻ وٽ رکي (**يـا پلاسٽڪ ڪوٽنگ ڪرائي ڪپـڙي، ريگزين يا چمڙي ۾ سبرائي پـائي**) تہ اِنْ شَآءَ اللّٰه سجي عمر ان کي يا ان جي گهر ۾ ڪنهن کي ڪا بُرائي نہ پهچندي. (ايضًا، ص 38)

**مسئلو**: سون يا چاندي يا ڪنهن بہ ڌاتوءَ جي دٻليءَ ۾ تعويذ پائڻ مرد کي جائز ڪونهي. اهڙيءَ ريت ڪنهن بہ ڌاتوءَ جي زنجير چاهي ان ۾ تعويذ هجي يا نہ هجي مرد کي پائڻ ناجائز ۽ گناهہ آهي. اهڙيءَ طرح سون، چاندي ۽ اسٽيل وغيره ڪنهن بہ ڌاتوءَ جي تختي يا ڪڙو جنهن تي ڪجهہ لکيل هجي يا نہ لکيل هجي جيتوڻيڪ الله جو مبارڪ نالو يا ڪلمو طيّب وغيره اُڪريل هُجي ان جو پائڻ مرد جي لاءِ ناجائز آهي، عورت سون، چانديءَ جي دٻليءَ ۾ تعويذ پائي سگهي ٿي.

**مدينه 9: جنهن عورت جا ٻار زنده نه رهندا هجن اها** بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم 61 ڀيرا لکي ڪري يا (**لترائي ڪري**) پاڻ وٽ رکي (چاهي ته موم جامو (هڪ قسم جو ڪپڙو) يا پلاسٽڪ ڪوٽنگ ڪري ڪپڙي، ريگزين يا چمڙي ۾ سبي ٻچيءَ ۾ پائي ڇڏي يا ٻانهن ۾ ٻڌي.) اِنْ شَآءَاللّٰه **ٻار زنده رهندا.** (ايضًا، ص. 38)

**مدينه 10: گهر جو دروازو بند ڪرڻ وقت ياد ڪري** بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم **پڙهي ڇڏيو** اِنْ شَآءَاللّٰه **شيطان ۽ (سرڪش جنات) گهر ۾ داخل نه ٿي سگهندا.** (ماخوذ از؛ صحيح بخاري، ج. 3، ص. 591، حديث 5623)

**مدينه 11: رات جو ڪاڏي پيتي جا ٿانوَ** بِسْمِ اللّٰه **شريف پڙهي ڪري ڍڪي ڇڏيو، جيڪڏهن ڍڪڻ جي لاءِ ڪا شيءِ نه هجي ته** بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم **چئي ٿانوَن جي منهن تي ڪک وغيره رکي ڇڏيو.** (ايضًا) **مسلم شريف جي هڪ روايت ۾ آهي، سال ۾ هڪ رات اهڙي ايندي آهي جو ان ۾ وبا (يعني بيماري) لهندي آهي جيڪو ٿانءُ ڍڪيل ناهي هوندو يا مشڪ (يعني کليءَ) جو منهن ٻَڌل ناهي هوندو جيڪڏهن اتان ڪان اها وبا گذرندي آهي ته ان ۾ داخل ٿي ويندي آهي.** (مسلم شريف، ص. 1115، رقم الحديث، 2014)

**مدينه 12: سمهڻ کان پهريان** بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم **پڙهي ڪري ٽي ڀيرا بستري کي ڇنڊي ونو** اِنْ شَآءَاللّٰه **موذيات** (يعني ايذاءُ ڏيڻ وارين شين) **کان پناهه حاصل ٿيندي.**

**مدينه 13: ڪاروبار ۾ جائز ڏيتي ليتيءَ جي وقت يعني جڏهن به ڪنهن کان ونو ته** بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم **پڙهو ۽ جڏهن ڪنهن کي ڏيو ته به** بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم **پڙهو،** اِنْ شَآءَاللّٰه **خوب برڪت ٿيندي.**

**يا رب مصطفيٰ** عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **اسان کي** بِسْمِ اللّٰهِ الـرَّحْمٰنِ الـرَّحِيْمِ **جي برڪتن سان مالامال فرماءِ ۽ هر نيڪ ۽ جائز ڪم جي شروع ۾** بِسْمِ اللّٰهِ الـرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ **پڙهڻ جي توفيق عطا فرماءِ.** اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# ڪعبةالله جي اٺ اکرن جي نسبت سان بسم الله شريف جا 8 ورد

## ﴿1﴾ گهر جي حفاظت لاءِ

حضرت سيدنا امام فخرالدين رازي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا ”جنهن پنهنجي گهر جي ٻاهرين دروازي (MAIN GATE) تي بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ لکي ڇڏيو اهو (فقط دنيا ۾) تباهيءَ کان بي خوف ٿي ويو چاهي ڪافر ئي ڇو نہ هجي، تہ پوءِ ان مسلمان جو ڇا حال هوندو جيڪو سڄي زندگي پنهنجي دل جي آئيني تي هن کي سجائي رکندو آهي.“ (تفسير ڪبير، ج. اول، ص. 152)

## ﴿2﴾ مٿي جي سور جو علاج

**روم جي قيصر** بادشاهہ اميرالمؤمنين حضرت سيدنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ کي خط لکيو تہ مون کي دائمي مٿي جو سور رهندو آهي جيڪڏهن توهان وٽ ان جي دوا هجي تہ موڪليو. حضرت سيدنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ ان ڏانهن هڪ ٽوپي موڪلي ڏني. روم جو بادشاهہ جڏهن ان کي پائيندو هو تہ سندس مٿي جو سور ختم ٿي ويندو هيو ۽ جڏهن لاهيندو هيو تہ وري سور موٽي ايندو هُيس، ان کي

ڏاڍي حيرت ٿي. آخرڪار ان ٽوپي کي اڌيڙيائين تہ ان مان هڪ ڪاغذ نڪتو جنهن تي لکيل هيو. بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ. (تفسيرِ ڪبير، ج. اول ص. 155)

## ﴿3﴾ نڪهير اچڻ جو علاج

جيڪڏهن ڪنهن کي نڪهير اچي ۽ رت وهڻ لڳي تہ شهادت واري آڱر سان پيشاني (يعني نرڙ) کان وٺي بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ لکڻ شروع ڪري نڪ جي آخري حصي تي ختم ڪري اِنْ شَآءَاللّٰہ رت وهڻ بند ٿي ويندو.

## ﴿4﴾ جنن کان سامان جي حفاظت جو طريقو

حضرت سيدنا صَفوان بن سُلَيم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا، انسان جي ساز ۽ سامان ۽ ڪپڙن کي جنّ استعمال ڪندا آهن تنهنڪري توهان مان جڏهن بہ ڪو شخص ڪپڙا (پائڻ جي لاءِ) ڪڍي يا (لاهي) رکي تہ "**بسم الله شريف**" پڙهي وٺندو ڪري ان جي لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ جو نالو مُهر آهي. (يعني بِسْمِ اللّٰہ پڙهڻ سان جنّ انهن ڪپڙن کي استعمال نہ ڪندا)

(ڪتاب العظمة، ص. 426، حديث 1123)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ائين ئي هر شيءِ رکندي ڪڍندي بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ پڙهڻ جي عادت بڻائڻ گهرجي. اِنْ شَآءَاللّٰہ! شرير جنّن جي خيانت ڪرڻ کان حفاظت حاصل ٿيندي.

## ﴿5﴾ دشمني ختم ڪرڻ جو وظيفو

**جيڪڏهن** پاڻيءَ تي 786 ڀيرا بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ پڙهي ڪري مخالف **(يعني دشمن)** کي پياريندؤ تہ اِنْ شَآءَاللّٰہ **مخالفت** ڇڏي ڏيندو ۽ محبت ڪرڻ لڳندو ۽ جيڪڏهن دوست کي پياريندؤ تہ محبت وڌي ويندي.

(جنتي زيور، ص. 578)

## ﴿6﴾ مرض کان شفاءَ جو وظيفو

**جنهن** تڪليف يا بيماريءَ تي ٽي ڏينهن تائين سؤ (100) ڀيرا بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ دل کي حاضر ڪري پڙهي دم ڪيو وڃي اِنْ شَآءَاللّٰه ان کان آرام اچي ويندو.

## ﴿7﴾ چور ۽ اوچتي موت کان حفاظت

**جيڪڏهن** رات جو سمهڻ وقت 21 ڀيرا بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ پڙهي وٺو ته اِنْ شَآءَاللّٰه مال ۽ سامان چوري ٿيڻ کان محفوظ رهندو ۽ اچانڪ **موت** کان به محفوظ رهندو. (جنتي زيور، ص. 579)

## ﴿8﴾ مصيبتن جي ختم ٿيڻ جو آسان ورد

**مولا مشڪل** ڪشاء حضرت سيدنا **علي المرتضيٰ** شيرِ خدا رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ کان روايت آهي ته سلطانِ مڪهءِ مڪرمه، تاجدارِ مدينهءِ منوره صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو، ”اي علي! (رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ) مان توهان کي ڪجهه اهڙا جملا نه ٻڌايان جيڪي توهان **مصيبت** جي وقت پڙهو. عرض ڪيم ضرور ارشاد فرمايو، توهان تي منهنجي جان قربان، سيئي چڱايون مون توهان کان ئي ته سکيون آهن.“ ارشاد فرمايائون، ”جڏهن توهان ڪنهن مشڪل ۾ اچي وڃو ته هيئن پڙهو:

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ وَلَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ

پوءِ **الله** عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان جن بلائن کي چاهيندو ختم **فرمائيندو**“. اِنْ شَآءَاللّٰه (عمل اليوم و الليلة لا بن سني، ص. 120)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ بيماري، قرضداري، مقدمي بازي، دشمن جي طرفان ايذاء پهچڻ، بي روزگاري، يا ڪا بہ اوچتي مصيبت اچي پوي، ڪا شيءِ گم ٿي وڃي، ڪنهن جي ڳالهہ ٻڌي صدمو پهچي، ڪو ماري، دل ڏکي پوي، ڏڪ لڳي، گاڏي خراب ٿي پوي، ٽريفڪ جام ٿي وڃي، ڪاروبار ۾ نقصان ٿي وڃي، چوري ٿي وڃي، مطلب تہ ننڍي يا وڏي ڪهڙي بہ پريشاني هجي.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ وَلَا حَوۡلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ الۡعَلِيِّ الۡعَظِيۡمِ

پڙهندو رهڻ جي عادت بڻايو نيت صاف هوندي تہ اِنۡ شَآءَاللّٰه منزل آسان ٿي ويندي.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

**مدني گل**

**سرڪارِ مدينہ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشادِ حقيقت بنياد آهي، ”ڪائي ڪري شڪر ڪرڻ وارو ائين آهي جيئن روزو رکي صبر ڪرڻ وارو.“ (ترمذي ج 4 ص 219 حديث 2494)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# فيضانِ تلاوت

## درود شريف جي فضيلت

امير المؤمنين حضرت سيدنا عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جن ارشاد فرمايو: دعا آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ لٽڪيل رهندي آهي ان مان ڪجهه به مٿي ناهي چڙهندي، جيستائين تون پنهنجي نبي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي درود نه موڪلين.“ (سنن الترمذي، ج. 2، ص. 29، حديث 486)

**مفسرِ شهير** حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ هن حديث شريف جي حوالي سان فرمائن ٿا. هن مان معلوم ٿيو ته درود، دعا جي قبوليت بلڪه بارگاهِ الاهي عَزَّوَجَلَّ ۾ پيش ٿيڻ جو ذريعو آهي. (مرأة المناجيح، ج. 2، ص. 108)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب     صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## رحمت جي ڇنڊن آڻڻ جي نسبت سان سورت فاتحه جا 4 فضائل

﴿1﴾ **حضورِ پاڪ** صاحبِ لولاڪ، سياحِ افلاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو ته سورت فاتحه هر مرض جي دوا آهي هن سورت جو هڪ نالو ”شافيه“ ۽ هڪ نالو ”**سورت الشفاء**“ آهي ان ڪري جو هيءَ هر مرض جي لاءِ شفا آهي. (سنن الدارمي، حديث 3370 ج 2 ص 538 حاشية الصاوي الفاتحه ج 1 ص 13)

﴿2﴾ **مسند دارمي** ۾ آهي ته 100 ڀيرا سوره فاتحه پڙهي ڪري جيڪا به دعا گهري وڃي ان کي الله عَزَّوَجَلَّ قبول فرمائيندو آهي. (جنتي زيور ص 587)

﴿3﴾ **بزرگن فرمايو** آهي تہ فجر جي سنّتن ۽ فرض جي وچ ۾ 41 ڀيرا سورت فاتحہ پڙهي ڪري مريض تي دم ڪرڻ سان آرام ملي ويندو آهي ۽ اک جو سُور تمام جلدي چڱو ڀلو ٿي ويندو آهي ۽ جيڪڏهن ايترو پڙهي ڪري پنهنجي ٿُڪ اکين ۾ لڳائي تہ گهڻو مفيد آهي. (ايضًا ص 587)

﴿4﴾ **سنن ڏينهن** تائين هر ڏينهن 11 هزار ڀيرا صرف ايترو پڙهو اِيَّاكَ نَعْبُدُ وَاِيَّاكَ نَسْتَعِيْنُ ۝ اول آخر ٽي ٽي ڀيرا درود شريف بہ پڙهو، بيمارين ۽ بلائن کي هٽائڻ جي لاءِ گهڻو ئي مجرب عمل آهي. (جنتي زيور ص 588)

## ١ سُوْرَةُ الْفَاتِحَةِ مَكِّيَّةٌ ٥

سورت فاتحہ مکي آهي

وَهِيَ سَبْعُ اٰيَاتٍ رُكُوْعُهَا ١

۽ هِن ۾ ست آيتون آهن. هڪ رڪوع

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع جيڪو نهايت مهربان رحمت وارو آهي

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۝١ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝٢

سڀ خوبيون الله جي لاءِ آهن. جيڪو ساري جهان وارن جو پالڻهار نهايت مهربان ٻاجهارو.

مٰلِكِ يَوْمِ الدِّيْنِ ۝٣ اِيَّاكَ نَعْبُدُ وَاِيَّاكَ نَسْتَعِيْنُ ۝٤

جزا جي ڏينهن جو مالڪ آهي، اسان تنهنجي ئي عبادت ڪريون ۽ توکان ئي مدد گهرون.

اِهْدِنَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيْمَ ۝٥ صِرَاطَ الَّذِيْنَ اَنْعَمْتَ عَلَيْهِمْ

اسان کي سڌي رستي تي هلاءِ. انهن جو رستو جن تي تو احسان ڪيو

غَيْرِ الْمَغْضُوْبِ عَلَيْهِمْ وَلَا الضَّآلِّيْنَ ۝۷

نہ (انهن جو) جن تي غضب ٿيو ۽ نہ گمراهن جو.

## ”مديني“ جي پنج اکرن جي نسبت سان آية الكرسي جا پنج فضائل

﴿1﴾ **حديث شريف** ۾ آهي تہ هي آيت قرآن شريف جي آيتن ۾ تمام گهڻي عظمت واري آهي. (اَلدُّرُ المَنثُور ج 2 ص 6)

﴿2﴾ حضرت سيدنا ابي بن كعب رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ كان روايت آهي تہ حُسنِ اَخلاق جي پيكر، نبين جي تاجور، محبوبِ رب اكبر صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اي اَبُومُنۡذِر! ڇا توكي خبر آهي تہ قرآن پاك جون جيكي آيتون توكي ياد آهن انهن مان كهڙي آيت عظيم آهي؟ مون عرض كيو: اَللّٰهُ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ اَلۡحَیُّ الۡقَیُّوۡمُ پوءِ **رسول الله** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن منهنجي سِيني تي هٿ هنيو ۽ فرمايائون اي اَبُوۡ مُنۡذِر! توكي علم مبارك هجي. (صحيح مسلم، ص. 405، حديث 810)

﴿3﴾ **مستدرك** جي هك روايت ۾ آهي تہ ”**سورت البقرة**“ ۾ هك آيت آهي جيكا قرآن پاك جي تمام آيتن جي سردار آهي، اها آيت جنهن گهر ۾ پڙهي وڃي ان گهر مان شيطان ڀڄي ويندو آهي ۽ اها آية الكرسي آهي.“ (مستدرك للحاكم، ج. 2، ص. 647، حديث 3080)

﴿4﴾ امير المؤمنين حضرت سيدنا علي رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ فرمائن ٿا: تہ مون نور جي پيكر، سيني نبين جي سرور، ٻنهي جهانن جي تاجور، سلطانِ بحروبر صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن كي منبر تي فرمائيندي ٻڌو تہ جيكو شخص

هر نماز کان پوءِ آية الڪرسي پڙهي ان کي جنت ۾ داخل ٿيڻ کان موت کان سواءِ ڪا شيءِ ناهي روڪيندي ۽ جيڪو به رات جو سمهڻ وقت هن کي پڙهندو الله عَزَّوَجَلَّ ان کي، ان جي گهر کي ۽ پرپاسي جي گهرن کي محفوظ فرمائي ڇڏيندو. (شعب الايمان، ج. 2، ص. 458، حديث 2395)

(5) جيڪو شخص هر نماز کان پوءِ **آية الڪرسي** پڙهندو ان کي هيٺ لکيل برڪتون نصيب ٿينديون.

﴿1﴾ اهو مرڻ کان پوءِ جنّت ۾ ويندو. اِنۡ شَآءَاللّٰه

﴿2﴾ اهوشيطان ۽ جنن جي سيني فسادن کان محفوظ رهندو. اِنۡ شَآءَاللّٰه

﴿3﴾ جيڪڏهن محتاج هوندو ته ڪجهه ڏينهن ۾ ان جي محتاجي ۽ غريبي ختم ٿي ويندي.

﴿4﴾ جيڪو شخص صبح ۽ شام ۽ بستري تي ليٽڻ وقت **آية الڪرسي** ۽ ان کان پوءِ جون به آيتون خٰلِدُوْنَ﴿۲۵۷﴾ تائين پڙهندو ته اهو چوري، پاڻي ۾ ٻڏڻ ۽ (**باهه**) ۾ سڙڻ کان محفوظ رهندو. اِنۡ شَآءَاللّٰه

﴿5﴾ جيڪڏهن سڀ گهر ۾ ڪنهن مٿانهين جڳهه تي لکي ڪري ان جي تختي لٽڪائي ڇڏجي ته اِنۡ شَآءَاللّٰه ان گهر ۾ ڪڏهن فاقو (**يعني ننڍي يا بک**) نه ايندو بلڪ روزي ۾ برڪت ۽ واڌارو ٿيندو اِنۡ شَآءَاللّٰه ۽ **ان گهر ۾ ڪڏهن به چور نه اچي سگهندو.** (جنتي زيور، ص. 589)

## آية الڪرسي

اَللّٰهُ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَۚ اَلۡحَیُّ الۡقَیُّوۡمُ ۬ۚ لَا تَاۡخُذُهٗ سِنَةٌ وَّ لَا نَوۡمٌ ؕ

لَهٗ مَا فِی السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِی الۡاَرۡضِ ؕ مَنۡ ذَا الَّذِیۡ یَشۡفَعُ عِنۡدَهٗۤ

اِلَّا بِاِذْنِهٖ ؕ یَعْلَمُ مَا بَیْنَ اَیْدِیْهِمْ وَ مَا خَلْفَهُمْ ۚ وَ لَا یُحِیْطُوْنَ

بِشَیْءٍ مِّنْ عِلْمِهٖۤ اِلَّا بِمَا شَآءَ ۚ وَسِعَ كُرْسِیُّهُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ ۚ

وَلَا یَـُٔوْدُهٗ حِفْظُهُمَا ۚ وَهُوَ الْعَلِیُّ الْعَظِیْمُ ﴿۲۵۵﴾

## ”نماز“ جي چئن اکرن جي نسبت سان سوره بقره جي آخري آيتن جا چار فضائل

《1》 شهنشاهِ مدينه، سُرورِ قلب و سينه صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: **الله** عَزَّوَجَلَّ زمين ۽ آسمان کي پيدا ڪرڻ کان ٻه هزار سال پهريان هڪ ڪتاب لکيو پوءِ ان ۾ **سوره بقره** جون آخري ٻه آيتون نازل فرمايون، جنهن گهر ۾ ٽي راتيون هن ٻن آيتن کي پڙهيو ويندو شيطان ان گهر جي ويجهو نه ايندو. (سنن الترمذي، ج. 4، ص. 404، الحديث 2891)

《2》 هڪ روايت جا الفاظ ڪجهه هيئن آهن ته ”جنهن گهر ۾ ان ٻن آيتن کي پڙهيو ويندو شيطان ٽن ڏينهن تائين ان گهر جي ويجهو نه ايندو“. (المستدرک، ج. 2، ص. 268، الحديث 2109)

《3》 نُور جي پيڪر، نبين جي سَرَوَر، ٻنهي جهانن جي تاجوَر، سلطان بَحروبَر صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”بيشڪ **الله** عَزَّوَجَلَّ مونکي پنهنجي عرش جي هيٺين خزانن مان اهڙيون ٻه آيتون عطا فرمايون آهن جنهن جي ذريعي **سوره بقره** جو اختتام فرمايائون، هن کي سکو ۽ پنهنجي عورتن ۽ ٻارن کي سيکاريو ڇوجو اها نماز ۽ قرآن ۽ دعا آهي.

(المستدرک، ج. 2، ص. 268، الحديث 2110)

﴿4﴾ **مديني جي سلطان،** رَحمَتِ عَالَمِيَّان، سَروَرِ ذِيشَان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”جيڪو ماڻهو (سوره) بقره جون آخري ٻہ آيتون رات ۾ پڙهندو اُهي هن کي ڪفايت ڪنديون.“ (صحيح البخاري، ج. 3، ص. 405، حديث 5009)

ڪفايت جو مطلب اهو آهي تہ اهي ٻہ آيتون ان رات قيام جي قائم مقام ٿي وينديون يا اُن رات هن کي شيطان کان محفوظ رکنديون يا ان رات نازل ٿيڻ وارين بلائن کان بچائينديون يا ان کي فضيلت ۽ ثواب جي لاءِ ڪافي ٿي وينديون. **والله تعالي اعلم**

اٰمَنَ الرَّسُوۡلُ بِمَاۤ اُنۡزِلَ اِلَيۡهِ مِنۡ رَّبِّهٖ وَ الۡمُؤۡمِنُوۡنَ ؕ كُلٌّ اٰمَنَ

بِاللّٰهِ وَ مَلٰٓئِكَتِهٖ وَ كُتُبِهٖ وَ رُسُلِهٖ ۟ لَا نُفَرِّقُ بَيۡنَ اَحَدٍ مِّنۡ رُّسُلِهٖ ۟

وَ قَالُوۡا سَمِعۡنَا وَ اَطَعۡنَا ٭ غُفۡرَانَكَ رَبَّنَا وَ اِلَيۡكَ الۡمَصِيۡرُ ﴿۲۸۵﴾

لَا يُكَلِّفُ اللّٰهُ نَفۡسًا اِلَّا وُسۡعَهَا ؕ لَهَا مَا كَسَبَتۡ وَ عَلَيۡهَا مَا

اكۡتَسَبَتۡ ؕ رَبَّنَا لَا تُؤَاخِذۡنَاۤ اِنۡ نَّسِيۡنَاۤ اَوۡ اَخۡطَاۡنَا ۚ رَبَّنَا وَ لَا

تَحۡمِلۡ عَلَيۡنَاۤ اِصۡرًا كَمَا حَمَلۡتَهٗ عَلَى الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِنَا ۚ رَبَّنَا

وَ لَا تُحَمِّلۡنَا مَا لَا طَاقَةَ لَنَا بِهٖ ۚ وَ اعۡفُ عَنَّا ٝ وَ اغۡفِرۡ لَنَا ٝ

وَ ارۡحَمۡنَا ٝ اَنۡتَ مَوۡلٰٮنَا فَانۡصُرۡنَا عَلَى الۡقَوۡمِ الۡكٰفِرِيۡنَ ﴿۲۸۶﴾ ع

# ”رحمت“ جي چار اکرن جي نسبت سان سوره ڪهف جا چار فضائل

﴿1﴾ حضرت سيدنا **براء** بن عازب رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا ته هڪ شخص سورت ڪهف جي تلاوت ڪري رهيو هو، ان جي گهر ۾ هڪ جانور ٻڌل هو يڪدم اهو جانور ٽهڻ لڳو ان ماڻهوءَ ڏٺو ته هڪ ڪڪر ان کي ڍڪي رکيو آهي ان شخص حضورِ اڪرم، نورِ مجسم صلی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلم سان ان واقعي جو ذڪر ڪيو ته پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلم فرمايو. اي فلاڻا! تلاوت ڪندو ڪر، جو اِهو سڪينو **(دل جي تسڪين)** آهي جيڪو قرآن جي تلاوت ڪرڻ وقت نازل ٿيندو آهي.
(صحيح مسلم، ص. 399، الحديث 795)

﴿2﴾ حضرت سيدنا معاذ بن انس جُهني رضی اللہ عنہ کان روايت آهي ته **رسول الله** صلی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو: جيڪو سورت **ڪهف** جي شروع ۽ آخر کان تلاوت ڪندو ان جي مٿي کان پيرن تائين نور ئي نور هوندو ۽ جيڪو ان جي مڪمل تلاوت ڪندو ان جي لاءِ آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ نور هوندو. (المسند للامام احمد بن حنبل، حديث معاذ بن انس، ج. 5، ص. 311، الحديث 15626)

﴿3﴾ حضرت سيدنا ابو سعيد خدري رضی اللہ عنہ کان روايت آهي ته نبي مڪرم، نورِ مجسم صلی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو: ”جيڪو جُمعي جي ڏينهن سورت **ڪهف** پڙهي ان جي لاءِ ٻن جمعن جي وچ ۾ هڪ نور روشن ڪيو ويندو آهي.“ هڪ روايت ۾ آهي: ”جيڪو جمعي جي رات جو پڙهي ان جي ۽ بيتُ العَتِيق **(يعني ڪعبة الله شريف)** جي وچ ۾ هڪ نور روشن ڪيو ويندو آهي.“ (شعب الايمان، ج. 2، ص. 474 حديث 2444)

﴿4﴾ حضرت سيدنا ابو درداء رضی اللہ عنہ کان روايت آهي ته نبي ڪريم،

رؤف رحيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جيڪو سورت ڪهف جون پهريون 10 آيتون ياد ڪندو دجال کان محفوظ رهندو ۽ هڪ روايت ۾ آهي جيڪو سورت ڪهف جون **آخري ڏهه آيتون** ياد ڪندو اهو دجال کان محفوظ رهندو. (صحيح مسلم، ص. 404، حديث 809)

## بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

**الله جي نالي سان شروع جيڪو مهربان نهايت رحمت وارو آهي**

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْۤ اَنْزَلَ عَلٰى عَبْدِهِ الْكِتٰبَ وَ لَمْ یَجْعَلْ لَّهٗ عِوَجًا ۜ﴿۱﴾

**سموريون خوبيون الله جي واسطي جنهن پنهنجي ٻانهي تي ڪتاب لاٿو. ۽ ان ۾ ڪا به ڏنگائي اصل نه رکيائين**

قَیِّمًا لِّیُنْذِرَ بَاْسًا شَدِیْدًا مِّنْ لَّدُنْهُ وَ یُبَشِّرَ الْمُؤْمِنِیْنَ الَّذِیْنَ

**عدل وارو ڪتاب جو الله جي سخت عذاب کان ڊيڄاري ۽ ايمان وارن کي جيڪي**

یَعْمَلُوْنَ الصّٰلِحٰتِ اَنَّ لَهُمْ اَجْرًا حَسَنًا ۙ﴿۲﴾ مّٰكِثِیْنَ فِیْهِ اَبَدًا ۙ﴿۳﴾

**چڱا ڪم ڪن خوشخبري ڏي ته انهن جي واسطي ڀلو ثواب آهي، جنهن ۾ هميشه رهندا.**

وَّ یُنْذِرَ الَّذِیْنَ قَالُوا اتَّخَذَ اللّٰهُ وَلَدًا ۗ﴿۴﴾ مَا لَهُمْ بِهٖ مِنْ عِلْمٍ وَّ لَا

**۽ انهن کي ڊيڄاري جيڪي چوندا آهن ته الله پنهنجي واسطي ڪا اولاد بڻائي آهي ان باري ۾ نه ته انهن کي ڪو علم آهي**

لِاٰبَآىٕهِمْ ؕ كَبُرَتْ كَلِمَةً تَخْرُجُ مِنْ اَفْوَاهِهِمْ ؕ اِنْ یَّقُوْلُوْنَ اِلَّا كَذِبًا ﴿۵﴾

**نه انهن جي پيءُ ڏاڏي کي، ڪيڏي نه وڏي ڳالهه آهي جيڪا انهن جي منهن مان نڪري ٿي نجو ڪوڙ ڳالهائي رهيا آهن**

فَلَعَلَّكَ بَاخِعٌ نَّفْسَكَ عَلٰۤى اٰثَارِهِمْ اِنْ لَّمْ یُؤْمِنُوْا بِهٰذَا الْحَدِیْثِ اَسَفًا ﴿۶﴾

**متان غم کان پنهنجي پاڻ کي هلاڪ ڪري ويهين انهن جي پٺيان جيڪڏهن اهي ان ڳالهه تي ايمان نه آڻن.**

اِنَّا جَعَلْنَا مَا عَلَى الْاَرْضِ زِیْنَةً لَّهَا لِنَبْلُوَهُمْ اَیُّهُمْ اَحْسَنُ عَمَلًا ﴿۷﴾

**بيشڪ اسان زمين جو سينگار ڪيو جو ڪجهه ان تي آهي جيئن انهن کي آزمايون ته انهن مان ڪنهن جا ڪم چڱا آهن**

وَ اِنَّا لَجٰعِلُوْنَ مَا عَلَيْهَا صَعِيْدًا جُرُزًا ؕ﴿۸﴾ اَمْ حَسِبْتَ اَنَّ اَصْحٰبَ

۽ بيشڪ جو ڪجھ ان تي آهي هڪ ڏينهن اسان ان کي صاف ميدان ڪري ڇڏينداسين. ڇا تو کي خبر آهي غار

الْكَهْفِ وَ الرَّقِيْمِ ۙ كَانُوْا مِنْ اٰيٰتِنَا عَجَبًا ﴿۹﴾ اِذْ اَوَى الْفِتْيَةُ اِلَى

۽ جهنگ جي ڪناري وارا اسان جي هڪ عجيب نشاني هئا. جڏهن انهن نوجوانن غار ۾ پناهه ورتي پوءِ عرض

الْكَهْفِ فَقَالُوْا رَبَّنَاۤ اٰتِنَا مِنْ لَّدُنْكَ رَحْمَةً وَّ هَيِّئْ لَنَا مِنْ اَمْرِنَا

ڪيائون اي اسان جا رب اسان کي پاڻ وٽان رحمت ڏي ۽ اسان جي ڪم ۾ اسان جي واسطي منزل ملڻ جو سامان

رَشَدًا ﴿۱۰﴾ فَضَرَبْنَا عَلٰۤى اٰذَانِهِمْ فِي الْكَهْفِ سِنِيْنَ عَدَدًا ۙ﴿۱۱﴾ ثُمَّ

ڪر. پوءِ اسان غار ۾ انهن جي ڪنن تي ڪيترا سال ٿپڪيو سون. پوءِ اسان انهن کي

بَعَثْنٰهُمْ لِنَعْلَمَ اَيُّ الْحِزْبَيْنِ اَحْصٰى لِمَا لَبِثُوْۤا اَمَدًا ﴿۱۲﴾ع نَحْنُ نَقُصُّ

جاڳايو جو ڏسئون تہ ٻن ٽولن مان ڪهڙو انهن جي رهڻ جي مدت وڌيڪ صحيح ٻڌائي ٿو. اسان انهن جو صحيح

عَلَيْكَ نَبَاَهُمْ بِالْحَقِّ ؕ اِنَّهُمْ فِتْيَةٌ اٰمَنُوْا بِرَبِّهِمْ وَ زِدْنٰهُمْ هُدًى ۖۗ﴿۱۳﴾

صحيح حال تو کي ٻڌايون اهي ڪجھ جوان هئا جن پنهنجي رب تي ايمان آندو ۽ اسان انهن کي وڌيڪ هدايت ڏني.

وَّ رَبَطْنَا عَلٰى قُلُوْبِهِمْ اِذْ قَامُوْا فَقَالُوْا رَبُّنَا رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ لَنْ

۽ اسان انهن جي دل ٻڌائي جڏهن بيهي ڪري چيائون تہ اسان جو رب اهو آهي جيڪو آسمانن ۽ زمين جو رب

نَّدْعُوَاۡ مِنْ دُوْنِهٖۤ اِلٰهًا لَّقَدْ قُلْنَاۤ اِذًا شَطَطًا ﴿۱۴﴾ هٰۤؤُلَآءِ قَوْمُنَا

آهي اسان ان کان سواءِ ڪنهن بہ معبود جي پوڄا نہ ڪنداسي ايئن هجي تہ اسان حد ٽپيل ڳالهہ چئي. هيءَ جو اسان جي قوم

اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِهٖۤ اٰلِهَةً ؕ لَوْ لَا يَاْتُوْنَ عَلَيْهِمْ بِسُلْطٰنٍۭ بَيِّنٍ ؕ فَمَنْ اَظْلَمُ

آهي هنن الله کان سواءِ ٻيا خدا ٺاهي رکيا آهن، ڇو نہ ٿا انهن تي ڪو روشن دليل آڻين، پوءِ ان کان وڌيڪ ظالم

مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا ﴿۱۵﴾ وَ اِذِ اعْتَزَلْتُمُوْهُمْ وَ مَا يَعْبُدُوْنَ اِلَّا اللّٰهَ

کير ٿي سگهي ٿو جيڪو الله تي ڪوڙ گهڙي. ۽ جڏهن توهان انهن کان ۽ الله کان سواءِ سندن سمورن معبودن

فَاْوٗۤا اِلَى الْكَهْفِ يَنْشُرْ لَكُمْ رَبُّكُمْ مِّنْ رَّحْمَتِهٖ وَ يُهَيِّئْ لَكُمْ

کان جدا ٿي ويو ته غار ۾ پناهه وٺجو توهان جو رب توهان جي لاءِ پنهنجي رحمت پکڙيندو ۽ توهان جي ڪم ۾

مِّنْ اَمْرِكُمْ مِّرْفَقًا ﴿۱۶﴾ وَ تَرَى الشَّمْسَ اِذَا طَلَعَتْ تَّزٰوَرُ عَنْ كَهْفِهِمْ

آساني جو سامان بڻائيندو. ۽ اي محبوب تون سج کي ڏسندين جو جڏهن نڪري ٿو ته انهن جي غار کان سڄي طرف

ذَاتَ الْيَمِيْنِ وَ اِذَا غَرَبَتْ تَّقْرِضُهُمْ ذَاتَ الشِّمَالِ وَ هُمْ فِيْ فَجْوَةٍ مِّنْهُ ؕ

هليو وڃي ٿو ۽ جڏهن لهي ٿو ته انهن کان کٻي طرف پاسو وٺي وڃي ٿو حالانڪ اهي ان غار جي ڪليل ميدان ۾ آهن

ذٰلِكَ مِنْ اٰيٰتِ اللّٰهِ ؕ مَنْ يَّهْدِ اللّٰهُ فَهُوَ الْمُهْتَدِ ۚ وَ مَنْ يُّضْلِلْ فَلَنْ تَجِدَ

هي الله جي نشانين مان آهي. جنهن کي الله هدايت ڏي اهو ئي راهه تي آهي ۽ جنهن کي گمراهه ڪري ته هرگز ان

لَهٗ وَلِيًّا مُّرْشِدًا ﴿۱۷﴾ وَ تَحْسَبُهُمْ اَيْقَاظًا وَّ هُمْ رُقُوْدٌ ۖۗ وَّ نُقَلِّبُهُمْ ذَاتَ

جو ڪو حمايتي راهه ڏسيندڙ نه لهندين. ۽ تون انهن کي جاڳندو سمجهندين، حالانڪ اهي ستل آهن. ۽ اسان سڄي

الْيَمِيْنِ وَ ذَاتَ الشِّمَالِ ۖۗ وَ كَلْبُهُمْ بَاسِطٌ ذِرَاعَيْهِ بِالْوَصِيْدِ ؕ

کٻي سندن پاسا مٽائيندا آهيون. ۽ سندن ڪتو پنهنجون ڪارايون پکيڙيندڙ آهي غار جي چائٺ تي. اي ٻڌندڙ

لَوِ اطَّلَعْتَ عَلَيْهِمْ لَوَلَّيْتَ مِنْهُمْ فِرَارًا وَّ لَمُلِئْتَ مِنْهُمْ رُعْبًا ﴿۱۸﴾

جيڪڏهن تون انهن کي جهاتي پائي نهارين ته پٺي ڏيئي ڀڄين انهن کان ۽ انهن کان هيبت ۾ ڀرجي وڃين.

وَ كَذٰلِكَ بَعَثْنٰهُمْ لِيَتَسَآءَلُوْا بَيْنَهُمْ ؕ قَالَ قَآئِلٌ مِّنْهُمْ كَمْ لَبِثْتُمْ ؕ

۽ اسان ايئن انهن کي اٿاريو جو پاڻ ۾ هڪ ٻئي کان احوال پڇن، انهن مان هڪڙي چوڻ وارن مان چيو توهان هت

قَالُوْا لَبِثْنَا يَوْمًا اَوْ بَعْضَ يَوْمٍ ؕ قَالُوْا رَبُّكُمْ اَعْلَمُ بِمَا لَبِثْتُمْ ؕ

گهٽي دير رهيؤ، کن چيو تہ هڪ ڏينهن رهيا سي يا ڪجھ گهٽ، ٻين چيو توهان جو رب خوب ڄاڻي ٿو توهان

فَابْعَثُوْۤا اَحَدَكُمْ بِوَرِقِكُمْ هٰذِهٖۤ اِلَى الْمَدِيْنَةِ فَلْيَنْظُرْ اَيُّهَاۤ اَزْكٰى

جي رهڻ جي مدت کي، پوءِ پاڻ مان هڪڙي کي چانديءَ جو سڪو ڏيئي شهر موڪليو، پوءِ اهو ڏسي تہ اتي ڪهڙو کاڌو

طَعَامًا فَلْيَاْتِكُمْ بِرِزْقٍ مِّنْهُ وَلْيَتَلَطَّفْ وَلَا يُشْعِرَنَّ بِكُمْ اَحَدًا ﴿١٩﴾

وڌيڪ سٺو آهي جو توهان جي واسطي ان مان کاڌي جي طور آڻي ۽ جڳائي تہ نرمي ڪري ۽ هرگز ڪنهن کي بہ توهان جي خبر نہ

اِنَّهُمْ اِنْ يَّظْهَرُوْا عَلَيْكُمْ يَرْجُمُوْكُمْ اَوْ يُعِيْدُوْكُمْ فِيْ مِلَّتِهِمْ وَ لَنْ

ڏي. بيشڪ انهن کي جيڪڏهن توهان جي خبر پئي تہ توهان کي پٿرن سان چٽيندا يا پنهنجي دين ۾ توهان کي ڦيرائي وجهندا

تُفْلِحُوْۤا اِذًا اَبَدًا ﴿٢٠﴾ وَكَذٰلِكَ اَعْثَرْنَا عَلَيْهِمْ لِيَعْلَمُوْۤا اَنَّ وَعْدَ اللّٰهِ

۽ ايئن ٿيو تہ پوءِ توهان جو ڪڏهن بہ ڀلو نہ ٿيندو. اهڙي طرح اسان انهن جي خبر ڪري ڇڏي جيئن ماڻهو ڄاڻن

حَقٌّ وَّ اَنَّ السَّاعَةَ لَا رَيْبَ فِيْهَا ۚۛ اِذْ يَتَنَازَعُوْنَ بَيْنَهُمْ اَمْرَهُمْ فَقَالُوا

تہ الله جو واعدو سچو آهي ۽ قيامت ۾ ڪو شڪ نہ آهي، جڏهن اتي جا ماڻهو انهن جي معاملي ۾ هڪٻئي ۾ جهيڙو

ابْنُوْا عَلَيْهِمْ بُنْيَانًا ؕ رَبُّهُمْ اَعْلَمُ بِهِمْ ؕ قَالَ الَّذِيْنَ غَلَبُوْا عَلٰۤى اَمْرِهِمْ

ڪرڻ لڳا، پوءِ چيائون تہ انهن جي غار تي ڪا جاءِ ٺاهيو انهن جو رب انهن کي خوب ڄاڻي ٿو انهن چيو جيڪي انهيءَ

لَنَتَّخِذَنَّ عَلَيْهِمْ مَّسْجِدًا ﴿٢١﴾ سَيَقُوْلُوْنَ ثَلٰثَةٌ رَّابِعُهُمْ كَلْبُهُمْ ۚ

ڪم ۾ غالب رهيا هئا. قسم آهي اسان تہ انهن تي مسجد ٺاهينداسي. اجهو چوندا تہ اهي ٽي آهن چوٿون انهن جو ڪتو

وَيَقُوْلُوْنَ خَمْسَةٌ سَادِسُهُمْ كَلْبُهُمْ رَجْمًا بِالْغَيْبِ ۚ وَيَقُوْلُوْنَ سَبْعَةٌ

۽ ڪجھ چوندا تہ پنج آهن ۽ ڇهون انهن جو ڪتو اڻ ڏٺي ڏُکي واري ڳالھ ۽ ڪي چوندا ست آهن

وَّ ثَامِنُهُمْ كَلْبُهُمْؕ قُلْ رَّبِّیْۤ اَعْلَمُ بِعِدَّتِهِمْ مَّا یَعْلَمُهُمْ اِلَّا قَلِیْلٌ۬ۚ فَلَا

۽ اٺون انھن جو ڪتو، تون فرماءِ منهنجو رب انھن جي تعداد کي خوب ڄاڻي ٿو، انھن کي نہ تا ڄاڻن مگر ٿورا ۽

تُمَارِ فِیْهِمْ اِلَّا مِرَآءً ظَاهِرًا۪ وَّ لَا تَسْتَفْتِ فِیْهِمْ مِّنْهُمْ اَحَدًا۠ ﴿٢٢﴾

تون انھن جي باري ۾ بحث نہ ڪر مگر ايترو ئي بحث جيڪو ظاهر ٿي چڪو ۽ انھن جي باري ۾ ڪنھن (ڪتابي) کان نہ پڇ.

وَ لَا تَقُوْلَنَّ لِشَایْءٍ اِنِّیْ فَاعِلٌ ذٰلِكَ غَدًا ﴿٢٣﴾ اِلَّاۤ اَنْ یَّشَآءَ اللّٰهُ٘ وَ اذْكُرْ

۽ ڪنھن بہ ڳالھ جي لاءِ ھرگز نہ چئو تہ مان سڀاڻي ھيءَ ڪندس. مگر ھي تہ الله گھري ۽ پنھنجي رب کي ياد ڪر

رَّبَّكَ اِذَا نَسِیْتَ وَ قُلْ عَسٰۤى اَنْ یَّهْدِیَنِ رَبِّیْ لِاَقْرَبَ مِنْ هٰذَا رَشَدًا ﴿٢٤﴾

جڏھن تون وساري ويھين ۽ ھن طرح چئو قريب آھي جو منھنجو رب مون کي ھن کان سچائيءَ جو وڌيڪ ويجھو

وَ لَبِثُوْا فِیْ كَهْفِهِمْ ثَلٰثَ مِائَةٍ سِنِیْنَ وَ ازْدَادُوْا تِسْعًا ﴿٢٥﴾ قُلِ اللّٰهُ

رستو ڏيکاري. ۽ اھي پنھنجي غار ۾ ٽي سو سال رھيا نوَ وڌيڪ. تون فرماءِ الله خوب ڄاڻي ٿو تہ اھي

اَعْلَمُ بِمَا لَبِثُوْاۚ لَهٗ غَیْبُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِؕ اَبْصِرْ بِهٖ وَ اَسْمِعْؕ

ڪيترو وقت رھيا، انھيءَ جي واسطي آھن آسمانن ۽ زمينن جا سڀ غيب. اھو ڪھڙو نہ ڏسندڙ ۽ ڪھڙو نہ ٻڌندڙ آھي،

مَا لَهُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ مِنْ وَّلِیٍّ٘ وَّ لَا یُشْرِكُ فِیْ حُكْمِهٖۤ اَحَدًا ﴿٢٦﴾ وَ اتْلُ مَاۤ

ان ڪان سواءِ انھن جو ڪو بہ والي نہ آھي ۽ اھو پنھنجي حڪم ۾ ڪنھن کي بہ شريڪ نہ ٿو ڪري. ۽ تلاوت ڪر جيڪو

اُوْحِیَ اِلَیْكَ مِنْ كِتَابِ رَبِّكَؕۚ لَا مُبَدِّلَ لِكَلِمٰتِهٖ۫ۚ وَ لَنْ تَجِدَ مِنْ دُوْنِهٖ

تنھنجي رب جو ڪتاب تو ڏي وحي ٿيو، ان جي ڪلمن کي ڪو بہ مٽائڻ وارو نہ آھي ۽ تون ان ڪان سواءِ (ڪنھن وٽ بہ) ھرگز

مُلْتَحَدًا ﴿٢٧﴾ وَ اصْبِرْ نَفْسَكَ مَعَ الَّذِیْنَ یَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَدٰوةِ

پناھ نہ لھندين. ۽ پنھنجي پاڻ کي انھن سان مانوس رک جيڪي صبح ۽ شام پنھنجي رب کي پڪاريندا آھن ان جي

وَ الْعَشِيِّ يُرِيْدُوْنَ وَجْهَهٗ وَ لَا تَعْدُ عَيْنٰكَ عَنْهُمْ ۚ تُرِيْدُ زِيْنَةَ الْحَيٰوةِ

جي رضا گھرندا آهن، ۽ تنهنجون اکيون انهن کي ڇڏي هيڏي هوڏي نہ پون، ڇا تون دنيا جي زندگي جو سينگار گھرندين

الدُّنْيَا ۚ وَ لَا تُطِعْ مَنْ اَغْفَلْنَا قَلْبَهٗ عَنْ ذِكْرِنَا وَ اتَّبَعَ هَوٰىهُ وَ كَانَ

۽ ان جو چيو نہ ڪر جنهن جي دل اسان پنهنجي ياد کان غافل ڪري ڇڏي، ۽ اهو پنهنجي سڌ جي پٺيان هليو ۽ ان جو ڪم

اَمْرُهٗ فُرُطًا ﴿۲۸﴾ وَ قُلِ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّكُمْ ۫ فَمَنْ شَآءَ فَلْيُؤْمِنْ وَّ مَنْ شَآءَ

حد ڪان ٽپي ويو. ۽ تون فرماءِ تہ حق توهان جي رب جي طرف کان آهي. پوءِ جيڪو گھري تہ ايمان آڻي ۽ جيڪو گھري تہ ڪفر

فَلْيَكْفُرْ ۙ اِنَّاۤ اَعْتَدْنَا لِلظّٰلِمِيْنَ نَارًا ۙ اَحَاطَ بِهِمْ سُرَادِقُهَا ؕ وَ اِنْ

ڪري، بيشڪ اسان ظالمن جي واسطي اها باھ تيار ڪري رکي آهي جنهن جون پٽيون انهن کي گھيري وٺنديون ۽ جيڪڏهن

يَّسْتَغِيْثُوْا يُغَاثُوْا بِمَآءٍ كَالْمُهْلِ يَشْوِي الْوُجُوْهَ ؕ بِئْسَ الشَّرَابُ ؕ

پاڻي جي لاءِ فرياد ڪندا تہ انهن جي فرياد رسي ٿيندي انهيءَ پاڻي سان جيڪو ٽهڪندڙ تيل وانگر هوندو جيڪو منهن کي پچي ڇڏيندو

وَ سَآءَتْ مُرْتَفَقًا ﴿۲۹﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ اِنَّا لَا نُضِيْعُ

ڪهڙو نہ برو آهي (پاڻي) پيئڻ (جو) (دوزخ) ڪهڙي نہ بري جاءِ آهي رهڻ جي. بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون، اسان

اَجْرَ مَنْ اَحْسَنَ عَمَلًا ﴿۳۰﴾ ۚ اُولٰٓىِٕكَ لَهُمْ جَنّٰتُ عَدْنٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهِمُ

ضايع نہ ڪنداسي انهن جو اجر جن چڱا ڪم ڪيا. انهن جي واسطي ٽڪڻ جا باغ آهن جن جي هيٺان نديون وهن ٿيون

الْاَنْهٰرُ يُحَلَّوْنَ فِيْهَا مِنْ اَسَاوِرَ مِنْ ذَهَبٍ وَّ يَلْبَسُوْنَ ثِيَابًا خُضْرًا مِّنْ

انهن کي ان ۾ سون جا ڪنگڻ پارايا ويندا ۽ ساوا ڪپڙا سنهي ريشم ۽ ٿلهي پَٽ جا پائيندا

سُنْدُسٍ وَّ اِسْتَبْرَقٍ مُّتَّكِـِٕيْنَ فِيْهَا عَلَى الْاَرَآىِٕكِ ؕ نِعْمَ الثَّوَابُ ؕ

اتي ٽيڪ لڳائيندڙ هوندا تختن تي ڪهڙو نہ چڱو ثواب ۽ جنت ڪهڙي نہ سٺي آرام

وَ حَسُنَتْ مُرْتَفَقًا ﴿۳۱﴾ وَ اضْرِبْ لَهُمْ مَّثَلًا رَّجُلَيْنِ جَعَلْنَا لِاَحَدِهِمَا

جي جاءِ آهي. ۽ انهن جي اڳيان ٻن مردن جو حال بيان ڪر جو انهن مان هڪڙي کي اسان انگور جا ٻه

جَنَّتَيْنِ مِنْ اَعْنَابٍ وَّ حَفَفْنٰهُمَا بِنَخْلٍ وَّ جَعَلْنَا بَيْنَهُمَا زَرْعًا ﴿۳۲﴾

باغ ڏنا ۽ انهن کي کجين سان ڍڪيو سي ۽ انهن جي وچ ۾ پوک رکي سون.

كِلْتَا الْجَنَّتَيْنِ اٰتَتْ اُكُلَهَا وَ لَمْ تَظْلِمْ مِّنْهُ شَيْـًٔا ۙ وَّ فَجَّرْنَا خِلٰلَهُمَا

ٻنهي باغن پنهنجو ميوو آندو ۽ انهن ۾ ڪا ٻہ گهٽتائي نہ ٿي، ۽ ٻنهي جي وچ ۾ اسان نهر وهائي. ۽ ان جي واسطي، ٻيا ٻہ

نَهَرًا ﴿۳۳﴾ وَّ كَانَ لَهٗ ثَمَرٌ ۚ فَقَالَ لِصَاحِبِهٖ وَ هُوَ يُحَاوِرُهٗۤ اَنَا اَكْثَرُ مِنْكَ

ميوا هئا پوءِ پنهنجي ساٿي کي چوڻ لڳو هن حال ۾ جو اهو ان سان ڳالهين جي ڏي وٺ ڪري رهيو هو مان تو کان مال ۾ وڌيڪ

مَالًا وَّ اَعَزُّ نَفَرًا ﴿۳۴﴾ وَ دَخَلَ جَنَّتَهٗ وَ هُوَ ظَالِمٌ لِّنَفْسِهٖ ۚ قَالَ مَاۤ اَظُنُّ

۽ ماڻهن جي گهڻائي رکان ٿو. پنهنجي باغن ۾ ويو پنهنجي پاڻ تي ظلم ڪندڙ چوڻ لڳو مون کي گمان نہ آهي تہ

اَنْ تَبِيْدَ هٰذِهٖۤ اَبَدًا ﴿۳۵﴾ وَّ مَاۤ اَظُنُّ السَّاعَةَ قَآىٕمَةً ۙ وَّ لَىٕنْ رُّدِدْتُّ اِلٰى

هي ڪڏهن بہ فنا ٿيندو. ۽ مان گمان نہ ٿو ڪريان تہ قيامت قائم ٿيندي، ۽ جيڪڏهن مان پنهنجي رب جي طرف

رَبِّيْ لَاَجِدَنَّ خَيْرًا مِّنْهَا مُنْقَلَبًا ﴿۳۶﴾ قَالَ لَهٗ صَاحِبُهٗ وَ هُوَ يُحَاوِرُهٗۤ

موٽيس بہ تہ ضرور هن باغ کان بهتر موٽڻ جي جاءِ لهندس. ان جي سنگتي ڳالهين ڪندي کيس جواب ۾ چيو

اَكَفَرْتَ بِالَّذِيْ خَلَقَكَ مِنْ تُرَابٍ ثُمَّ مِنْ نُّطْفَةٍ ثُمَّ سَوّٰىكَ رَجُلًا ﴿۳۷﴾

ڇا تون ان جو انڪار ٿو ڪرين جنهن تو کي مٽيءَ مان بڻايو پوءِ نطفي مان پوءِ تو کي ٺيڪ مرد ڪيائين.

لٰكِنَّا۠ هُوَ اللّٰهُ رَبِّيْ وَ لَاۤ اُشْرِكُ بِرَبِّيْۤ اَحَدًا ﴿۳۸﴾ وَ لَوْ لَاۤ اِذْ دَخَلْتَ جَنَّتَكَ

پر مان تہ چوان ٿو اهو الله ئي منهنجو رب آهي ۽ مان ڪنهن کي بہ پنهنجي رب جو شريڪ نہ ٿو ڪريان. ۽ ڇو نہ ٿيو جو جڏهن تون

قُلْتَ مَا شَآءَ اللّٰهُ ۙ لَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ ۚ اِنْ تَرَنِ اَنَا اَقَلَّ مِنْكَ مَالًا وَّ

پنهنجي باغ ۾ وئين تہ چيو هجي ها تہ جيڪي ٻہ الله گهري اسان جي ڪا بہ طاقت نہ آهي مگر الله جي مدد سان جيڪڏهن تون

وَلَدًا ﴿٣٩﴾ ۚ فَعَسٰى رَبِّيْۤ اَنْ يُّؤْتِيَنِ خَيْرًا مِّنْ جَنَّتِكَ وَ يُرْسِلَ عَلَيْهَا

مون کي پاڻ کان مال ۽ اولاد ۾ گهٽ ڏسندو هئين. پوءِ قريب آهي جو منهنجو رب مون کي تنهنجي باغ کان سٺو ڏي ۽

حُسْبَانًا مِّنَ السَّمَآءِ فَتُصْبِحَ صَعِيْدًا زَلَقًا ﴿٤٠﴾ ۙ اَوْ يُصْبِحَ مَآؤُهَا غَوْرًا

تنهنجي باغ تي آسمان کان وڄ ڪيرائي تہ اهو پَٽ تي صاف ميدان ٿي وڃي. يا ان جو پاڻي زمين ۾ تمام هيٺ لهي وڃي پوءِ

فَلَنْ تَسْتَطِيْعَ لَهٗ طَلَبًا ﴿٤١﴾ وَ اُحِيْطَ بِثَمَرِهٖ فَاَصْبَحَ يُقَلِّبُ كَفَّيْهِ عَلٰى

تون ان کي هرگز تلاش نہ ڪري سگهين ۽ ان جي ڦر کي چٽ ڪيو ويو پوءِ پنهنجا هٿ مليندو رهجي ويو ان لاڳت تي جيڪو ان

مَآ اَنْفَقَ فِيْهَا وَ هِيَ خَاوِيَةٌ عَلٰى عُرُوْشِهَا وَ يَقُوْلُ يٰلَيْتَنِيْ لَمْ اُشْرِكْ

باغ ۾ خرچ ڪيو هئائين ۽ اهو پنهنجي ڇتين پر ڪريل هو ۽ چئي پيو اوهہ جيڪر مان پنهنجي رب سان ڪنهن کي شريڪ

بِرَبِّيْۤ اَحَدًا ﴿٤٢﴾ وَلَمْ تَكُنْ لَّهٗ فِئَةٌ يَّنْصُرُوْنَهٗ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَمَا كَانَ

نہ ڪريان ها. ۽ ان وٽ ڪا جماعت نہ هئي جيڪا الله جي اڳيان ان جي مدد ڪري ها نہ اهو بدلي وٺڻ

مُنْتَصِرًا ﴿٤٣﴾ ۭ هُنَالِكَ الْوَلَايَةُ لِلّٰهِ الْحَقِّ ۭ هُوَ خَيْرٌ ثَوَابًا وَّ خَيْرٌ

جي قابل هو. اتي ظاهر ٿئي ٿو جو اختيار الله سچي جي واسطي ئي آهي، ان جو ثواب سڀ کان بهتر ۽ ان کي مڃڻ جو انجام

عُقْبًا ﴿٤٤﴾ ۧ وَ اضْرِبْ لَهُمْ مَّثَلَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا كَمَآءٍ اَنْزَلْنٰهُ مِنَ

سڀ کان ڀلو. ۽ انهن جي اڳيان دنيا جي زندگي جو مثال بيان ڪر جئين هڪ پاڻي اسان آسمان مان لاٿو

السَّمَآءِ فَاخْتَلَطَ بِهٖ نَبَاتُ الْاَرْضِ فَاَصْبَحَ هَشِيْمًا تَذْرُوْهُ الرِّيٰحُ ۭ

پوءِ ان جي سبب زمين جي ساوڪ گهاٽي ٿي نڪتي، پوءِ (اوچتو) سڪل گاهہ ٿي ويو جنهن کي هوائون اڏائن

وَ كَانَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَیْءٍ مُّقْتَدِرًا ﴿۴۵﴾ اَلْمَالُ وَ الْبَنُوْنَ زِیْنَةُ الْحَیٰوةِ

۽ الله هر شي تي قدرت وارو آهي. مال ۽ پٽ هي دنيا جي زندگي جو سينگار آهي. ۽ باقي رهندڙ چڱيون

الدُّنْیَا ۚ وَ الْبٰقِیٰتُ الصّٰلِحٰتُ خَیْرٌ عِنْدَ رَبِّكَ ثَوَابًا وَّ خَیْرٌ اَمَلًا ﴿۴۶﴾

ڳالهيون انهن جو ثواب تنهنجي رب وٽ بهتر ۽ اميد ۾ سڀ کان چڱو آهي ۽ جنهن ڏينهن اسان جبلن کي

وَ یَوْمَ نُسَیِّرُ الْجِبَالَ وَ تَرَى الْاَرْضَ بَارِزَةً ۙ وَّ حَشَرْنٰهُمْ فَلَمْ نُغَادِرْ

هلائيندا سين ۽ تون زمين کي صاف کليل ڏسندين ۽ اسان انهن کي اٿاريندا سين پوءِ انهن مان ڪنهن کي بہ باقي نہ ڇڏيندا سين.

مِنْهُمْ اَحَدًا ﴿۴۷﴾ ۚ وَ عُرِضُوْا عَلٰى رَبِّكَ صَفًّا ؕ لَقَدْ جِئْتُمُوْنَا كَمَا

۽ سمورا تنهنجي رب جي بارگاهہ ۾ صفون ٻڌي پيش ٿيندا بيشڪ توهان اسان وٽ ايئن ئي آئيو جيئن اسان توهان کي

خَلَقْنٰكُمْ اَوَّلَ مَرَّةٍۭ ۘ بَلْ زَعَمْتُمْ اَلَّنْ نَّجْعَلَ لَكُمْ مَّوْعِدًا ﴿۴۸﴾ وَ وُضِعَ

پهرئين ڀيري پيدا ڪيو هو بلڪ توهان جو گمان هو تہ اسان توهان جي واسطي ڪو واعدي جو وقت ڪڏهن بہ نہ رکنداسين.

الْكِتٰبُ فَتَرَى الْمُجْرِمِیْنَ مُشْفِقِیْنَ مِمَّا فِیْهِ وَ یَقُوْلُوْنَ یٰوَیْلَتَنَا

۽ عمل ناما رکيا ويندا پوءِ تون مجرمن کي ڏسندين جو ان لکت کان ڊڄندا هوندا ۽ چوندا هاءِ اسان جي بربادي هن لکت کي

مَالِ هٰذَا الْكِتٰبِ لَا یُغَادِرُ صَغِیْرَةً وَّ لَا كَبِیْرَةً اِلَّاۤ اَحْصٰىهَا ۚ

ڇا ٿيو آهي جو ان نہ ڪو ننڍو گناهہ ڇڏيو آهي ۽ نہ وڏو مگر ان کي ويڙهي ورتائين ۽ پنهنجا سمورا عمل پنهنجي

وَ وَجَدُوْا مَا عَمِلُوْا حَاضِرًا ؕ وَ لَا یَظْلِمُ رَبُّكَ اَحَدًا ﴿۴۹﴾ ع وَ اِذْ قُلْنَا

اڳيان ڏٺائون ۽ تنهنجو رب ڪنهن تي ظلم نہ ڪندو آهي. ۽ ياد ڪيو جڏهن اسان ملائڪن کي فرمايو تہ آدم

لِلْمَلٰٓئِكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوْۤا اِلَّاۤ اِبْلِیْسَ ؕ كَانَ مِنَ الْجِنِّ فَفَسَقَ

کي سجدو ڪريو پوءِ سمورن سجدو ڪيو مگر ابليس جيڪو جِن قوم منجهان هو سو پنهنجي رب جي حڪم کان

عَنْ اَمْرِ رَبِّهٖ ؕ اَفَتَتَّخِذُوْنَهٗ وَ ذُرِّیَّتَهٗۤ اَوْلِیَآءَ مِنْ دُوْنِیْ وَ هُمْ لَكُمْ

نڪري ويو ڇا توهان مون کي ڇڏي ان کي ۽ سندس اولاد کي دوست بڻايو ٿا جڏهن ته اهي توهان جا دشمن

عَدُوٌّ ؕ بِئْسَ لِلظّٰلِمِیْنَ بَدَلًا ﴿۵۰﴾ مَاۤ اَشْهَدْتُّهُمْ خَلْقَ السَّمٰوٰتِ وَ

آهن ظالمن کي ڪهڙو نه برو بدلو مليو. نه مان آسمانن ۽ زمين جي ٺاهڻ وقت انهن کي سامهون ويهاريو هو نه پاڻ انهن کي

الْاَرْضِ وَ لَا خَلْقَ اَنْفُسِهِمْ ۪ وَ مَا كُنْتُ مُتَّخِذَ الْمُضِلِّیْنَ عَضُدًا ﴿۵۱﴾

پيدا ڪرڻ وقت ۽ نه ئي منهنجو شان جو گمراهه ڪندڙن کي پانهن ٻيلي بنايان. ۽ جنهن ڏينهن فرمائيندو

وَ یَوْمَ یَقُوْلُ نَادُوْا شُرَكَآءِیَ الَّذِیْنَ زَعَمْتُمْ فَدَعَوْهُمْ فَلَمْ یَسْتَجِیْبُوْا

ته سڏيو پنهنجي شريڪن کي جن کي توهان (شريڪ) گمان ڪندا هئا پوءِ انهن کي سڏيندا، اهي انهن کي جواب

لَهُمْ وَ جَعَلْنَا بَیْنَهُمْ مَّوْبِقًا ﴿۵۲﴾ وَ رَاَ الْمُجْرِمُوْنَ النَّارَ فَظَنُّوْۤا اَنَّهُمْ

نه ڏيندا ۽ اسان انهن جي وچ ۾ هڪ هلاڪت جو ميدان ڪنداسي. ۽ ڏوهاري دوزخ کي ڏسندا پوءِ يقين ڪندا ته

مُّوَاقِعُوْهَا وَ لَمْ یَجِدُوْا عَنْهَا مَصْرِفًا ﴿۵۳﴾ وَ لَقَدْ صَرَّفْنَا فِیْ هٰذَا الْقُرْاٰنِ

هن ۾ ڪرڻو آهي ۽ ان کان ڦرڻ جي ڪا به جاءِ نه لهندا. ۽ بيشڪ اسان ماڻهن جي واسطي هن قرآن ۾ هر قسم

لِلنَّاسِ مِنْ كُلِّ مَثَلٍ ؕ وَ كَانَ الْاِنْسَانُ اَكْثَرَ شَیْءٍ جَدَلًا ﴿۵۴﴾ وَ مَا

جا مثال هر نموني بيان فرمايا آهن ۽ ماڻهو هر شيءِ کان وڌيڪ جهڳڙالو آهي. ۽ ماڻهن کي

مَنَعَ النَّاسَ اَنْ یُّؤْمِنُوْۤا اِذْ جَآءَهُمُ الْهُدٰى وَ یَسْتَغْفِرُوْا رَبَّهُمْ اِلَّاۤ اَنْ

ڪهڙي شيءِ روڪيو جو ايمان آڻن ها، جڏهن وٽن هدايت آئي ۽ پنهنجي رب کان معافي وٺن ها

تَاْتِیَهُمْ سُنَّةُ الْاَوَّلِیْنَ اَوْ یَاْتِیَهُمُ الْعَذَابُ قُبُلًا ﴿۵۵﴾ وَ مَا نُرْسِلُ

مگر هي ته اڳين جو انهن تي طريقو اچي يا انهن تي قسم قسم جو عذاب اچي. ۽ اسان رسولن کي نه موڪليندا آهيون مگر

الْمُرْسَلِيْنَ اِلَّا مُبَشِّرِيْنَ وَ مُنْذِرِيْنَ ۚ وَ يُجَادِلُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِالْبَاطِلِ

خوشي ۽ خوف ٻڌائيندڙ ڪري ۽ ڪافر ڪوڙو جهڳڙو ڪندا آهن جو ان سان حق کي هٽائن ۽ انهن منهنجي

لِيُدْحِضُوْا بِهِ الْحَقَّ وَ اتَّخَذُوْۤا اٰيٰتِيْ وَ مَاۤ اُنْذِرُوْا هُزُوًا ﴿٥٦﴾ وَ مَنْ اَظْلَمُ

آيتن کي ۽ جيڪي انهن کي خوف ٻڌايا ويا تن کي مسخري ڪري ورتائون. ۽ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي جنهن کي سندس

مِمَّنْ ذُكِّرَ بِاٰيٰتِ رَبِّهٖ فَاَعْرَضَ عَنْهَا وَ نَسِيَ مَا قَدَّمَتْ يَدٰهُ ؕ اِنَّا جَعَلْنَا

رب جون آيتون ياد ڏياريون وڃن تہ اهو انهن کان منهن ڦيري ٻيهي ۽ وساري ويهي، جيڪي سندس هٿن اڳي ڪري موڪليو اسان انهن

عَلٰى قُلُوْبِهِمْ اَكِنَّةً اَنْ يَّفْقَهُوْهُ وَ فِيْۤ اٰذَانِهِمْ وَقْرًا ؕ وَ اِنْ تَدْعُهُمْ اِلَى

جي دلين تي پردا وجهي ڇڏيا آهن قرآن جي سمجهڻ کان ۽ انهن جي ڪنن ۾ ٻوڙائپ، ۽ جيڪڏهن تون انهن

الْهُدٰى فَلَنْ يَّهْتَدُوْۤا اِذًا اَبَدًا ﴿٥٧﴾ وَ رَبُّكَ الْغَفُوْرُ ذُو الرَّحْمَةِ ؕ

کي هدايت جي طرف سڏين تڏهن بہ اهي ڪڏهن بہ سڌي راهہ نہ لهندا. ۽ تنهنجو رب بخشڻهار مهر وارو آهي

لَوْ يُؤَاخِذُهُمْ بِمَا كَسَبُوْا لَعَجَّلَ لَهُمُ الْعَذَابَ ؕ بَلْ لَّهُمْ مَّوْعِدٌ لَّنْ

جيڪڏهن اهو انهن کي سندن ڪرتوتن تي پڪڙي ها تہ جلد انهن تي عذاب موڪلي ها بلڪ انهن جي واسطي واعدي جو هڪ

يَّجِدُوْا مِنْ دُوْنِهٖ مَوْىِٕلًا ﴿٥٨﴾ وَ تِلْكَ الْقُرٰۤى اَهْلَكْنٰهُمْ لَمَّا ظَلَمُوْا

وقت آهي. جنهن جي اڳيان ڪا بہ پناهہ نہ لهندا ۽ هي ڳوٺ اسان تباهہ ڪيا جڏهن انهن ظلم ڪيو ۽ اسان انهن جي بربادي جي

وَ جَعَلْنَا لِمَهْلِكِهِمْ مَّوْعِدًا ﴿٥٩﴾ وَ اِذْ قَالَ مُوْسٰى لِفَتٰىهُ لَاۤ اَبْرَحُ

واسطي هڪ مقرر واعدو ڪري ڇڏيو هو. ۽ ياد ڪريو جڏهن موسيٰ پنهنجي خادم کي چيو مان نہ موٽندس

حَتّٰۤى اَبْلُغَ مَجْمَعَ الْبَحْرَيْنِ اَوْ اَمْضِيَ حُقُبًا ﴿٦٠﴾ فَلَمَّا بَلَغَا مَجْمَعَ

تان جو پهچان ٻن سمنڊن جي ملڻ جي جاءِ تي يا ورهين تائين هلندو رهان. پوءِ جڏهن اهي ٻئي ٻن سمنڊن جي گڏجڻ جي جاءِ

بَيْنِهِمَا نَسِيَا حُوْتَهُمَا فَاتَّخَذَ سَبِيْلَهٗ فِي الْبَحْرِ سَرَبًا ﴿٦١﴾ فَلَمَّا جَاوَزَا

تي پهتا تڏهن پنهنجي مڇي وساري ويٺا ۽ اها سمنڊ ۾ پنهنجو رستو وٺي هلي وئي سرنگ ٺاهي. پوءِ اهي جڏهن اتان لنگهي ويا

قَالَ لِفَتٰىهُ اٰتِنَا غَدَآءَنَا ۫ لَقَدْ لَقِيْنَا مِنْ سَفَرِنَا هٰذَا نَصَبًا ﴿٦٢﴾ قَالَ

موسلي پنهنجي خادم کي چيو اسان جي صبح جي ماني آڻ بيشڪ اسان کي پنهنجي هن سفر ۾ وڏي تڪليف

اَرَءَيْتَ اِذْ اَوَيْنَآ اِلَى الصَّخْرَةِ فَاِنِّيْ نَسِيْتُ الْحُوْتَ ۫ وَ مَآ اَنْسٰنِيْهُ اِلَّا

ڏسڻي پئي. چيائين ڀَلا ڏسو ته اسان جڏهن ٽڪر وٽ ترسيا هئاسين، مڇي ته مان اتي وساري آيس ۽ مون کان

الشَّيْطٰنُ اَنْ اَذْكُرَهٗ ۚ وَ اتَّخَذَ سَبِيْلَهٗ فِي الْبَحْرِ ۖ عَجَبًا ﴿٦٣﴾ قَالَ ذٰلِكَ مَا

شيطان ئي اها ڳالهه ڪرڻ وسارائي ۽ ان سمنڊ ۾ پنهنجو رستو ورتو عجب آهي. موسلي چيو اهو ئي ته اسان گهريو

كُنَّا نَبْغِ ۖ فَارْتَدَّا عَلٰۤى اٰثَارِهِمَا قَصَصًا ﴿٦٤﴾ فَوَجَدَا عَبْدًا مِّنْ عِبَادِنَآ

ٿي تنهن تي پٺتي موٽيا پنهنجي پيرن جا نشان ڏسندا. پوءِ اسان جي ٻانهن مان هڪ ٻانهو ڏٺائون جنهن

اٰتَيْنٰهُ رَحْمَةً مِّنْ عِنْدِنَا وَ عَلَّمْنٰهُ مِنْ لَّدُنَّا عِلْمًا ﴿٦٥﴾ قَالَ لَهٗ مُوْسٰى

کي اسان پنهنجي طرفان رحمت ڏني هئي. ۽ ان کي پنهنجو لدني علم عطا ڪيو. ان کي موسلي چيو ڇا مان تو

هَلْ اَتَّبِعُكَ عَلٰۤى اَنْ تُعَلِّمَنِ مِمَّا عُلِّمْتَ رُشْدًا ﴿٦٦﴾ قَالَ اِنَّكَ لَنْ تَسْتَطِيْعَ

سان گڏ رهان هن شرط تي ته مون کي سيکاريندين نيڪ ڳالهه جنهن جي تو کي تعليم ملي آهي. چيائين بيشڪ تون مون سان

مَعِيَ صَبْرًا ﴿٦٧﴾ وَ كَيْفَ تَصْبِرُ عَلٰى مَا لَمْ تُحِطْ بِهٖ خُبْرًا ﴿٦٨﴾ قَالَ سَتَجِدُنِيْۤ

هرگز رهي نه سگهندين. ۽ تو ان ڳالهه تي ڪيئن صبر ڪندين جنهن کي تنهنجو علم شامل نه آهي. چيائين جيڪڏهن الله گهريو ته اجهو تون

اِنْ شَآءَ اللّٰهُ صَابِرًا وَّ لَاۤ اَعْصِيْ لَكَ اَمْرًا ﴿٦٩﴾ قَالَ فَاِنِ اتَّبَعْتَنِيْ

مون کي صبر وارو لهندين ۽ مان تنهنجي ڪنهن حڪم جي ابتڙ ڪو نه هلندس. چيائين جيڪڏهن تو کي مون سان رهڻو آهي

فَلَا تَسْـَٔلْنِیْ عَنْ شَیْءٍ حَتّٰۤی اُحْدِثَ لَكَ مِنْهُ ذِكْرًا ﴿۷۰﴾ فَانْطَلَقَا وقفة

تہ مون کان کنهن بہ قسم جي پڇا نہ کر ايسيتائين جو مان پاڻ ان بابت بيان نہ کيان. هاڻي ٻئي هليا تان جو

حَتّٰۤی اِذَا رَكِبَا فِی السَّفِیْنَةِ خَرَقَهَا ؕ قَالَ اَخَرَقْتَهَا لِتُغْرِقَ اَهْلَهَا ۚ

جڏهن ٻيڙي ۾ سوار ٿيا، ان ٻانهي ان کي چيري وڌو. چيائين ڇا تو ان کي ان لاءِ چيريو تہ ان جي سوارن کي ٻوڙين

لَقَدْ جِئْتَ شَیْـًٔا اِمْرًا ﴿۷۱﴾ قَالَ اَلَمْ اَقُلْ اِنَّكَ لَنْ تَسْتَطِیْعَ مَعِیَ

بيشڪ هي تو خراب ڳالهہ ڪئي. چيائين مون تہ چيو هو تہ تون مون سان هرگز نہ رهي سگهندين.

صَبْرًا ﴿۷۲﴾ قَالَ لَا تُؤَاخِذْنِیْ بِمَا نَسِیْتُ وَلَا تُرْهِقْنِیْ مِنْ اَمْرِیْ عُسْرًا ﴿۷۳﴾

چيائين منهنجي وساري جي سبب مون کي پڪڙ نہ ڪر. ۽ منهنجي ڪم ۾ مون سان ڏکيائي نہ ڪر. پوءِ ٻئي هليا ايستائين

فَانْطَلَقَا وقفة حَتّٰۤی اِذَا لَقِیَا غُلٰمًا فَقَتَلَهٗ ۙ قَالَ اَقَتَلْتَ نَفْسًا زَكِیَّةًۢ بِغَیْرِ

جو جڏهن هڪ ڇوڪرو مليو ان ٻانهي ان کي ماري ڦٽي ڪيو موسٰي چيو ڇا تو هڪ پاڪ ساهہ کي بغير ڪنهن ساهہ جي بدلي

نَفْسٍ ؕ لَقَدْ جِئْتَ شَیْـًٔا نُّكْرًا ﴿۷۴﴾ قَالَ اَلَمْ اَقُلْ لَّكَ اِنَّكَ لَنْ تَسْتَطِیْعَ

قتل ڪري ڇڏيو، بيشڪ تو ڏاڍي خراب ڳالهہ ڪئي. چيائين مون تو کي چيو نہ هو تہ تون مون سان هرگز نہ رهي سگهندين.

مَعِیَ صَبْرًا ﴿۷۵﴾ قَالَ اِنْ سَاَلْتُكَ عَنْ شَیْءٍۭ بَعْدَهَا فَلَا تُصٰحِبْنِیْ ۚ قَدْ

چيائين هن کان پوءِ جيڪڏهن تو کان ڪجهہ پڇان تہ پوءِ پلي مون سان نہ رهہ بيشڪ منهنجي طرف کان تنهنجو عذر پورو

بَلَغْتَ مِنْ لَّدُنِّیْ عُذْرًا ﴿۷۶﴾ فَانْطَلَقَا وقفة حَتّٰۤی اِذَاۤ اَتَیَاۤ اَهْلَ قَرْیَةِ

ٿي چڪو. پوءِ ٻئي هليا ايستائين جو جڏهن هڪ ڳوٺ وارن وٽ پهتا. تہ انهن ڳوناڻن کان کاڌو گهريائون انهن هنن کي

اسْتَطْعَمَاۤ اَهْلَهَا فَاَبَوْا اَنْ یُّضَیِّفُوْهُمَا فَوَجَدَا فِیْهَا جِدَارًا یُّرِیْدُ اَنْ

دعوت ڪرڻ کان انڪار ڪيو. پوءِ ٻنهي انهيءَ ڳوٺ ۾ هڪ ڀت ڏٺي جيڪا ڪِرڻ واري هئي ان ٻانهي اها ڀت سڌي بيهاري

يَّنۡقَضَّ فَاَقَامَهٗ ؕ قَالَ لَوۡ شِئۡتَ لَتَّخَذۡتَ عَلَيۡهِ اَجۡرًا ﴿۷۷﴾ قَالَ هٰذَا فِرَاقُ

ڇڏي موسيٰ چيو جيڪڏهن توهان گهرين ها تہ ان تي ڪجهہ مزدوري وٺين ها. چيائين هي منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ جدائي

بَيۡنِىۡ وَ بَيۡنِكَ ۚ سَاُنَبِّئُكَ بِتَاۡوِيۡلِ مَا لَمۡ تَسۡتَطِعۡ عَّلَيۡهِ صَبۡرًا ﴿۷۸﴾ اَمَّا

آهي، هاڻي مان انهن ڳالهين جي توکي حقيقت ٻڌائيندس جن تي توکان صبر نہ ٿي سگهيو. اها جيڪا ٻيڙي هئي سا ڪن

السَّفِيۡنَةُ فَكَانَتۡ لِمَسٰكِيۡنَ يَعۡمَلُوۡنَ فِى الۡبَحۡرِ فَاَرَدۡتُّ اَنۡ اَعِيۡبَهَا

مسڪينن جي هئي جيڪي دريا ۾ ڪم ڪندا هئا پوءِ مان گهريو تہ ان کي عيبدار ڪريان ۽ انهن جي پٺيان هڪ

وَ كَانَ وَرَآءَهُمۡ مَّلِكٌ يَّاۡخُذُ كُلَّ سَفِيۡنَةٍ غَصۡبًا ﴿۷۹﴾ وَ اَمَّا الۡغُلٰمُ فَكَانَ

بادشاهہ هو جيڪو هر ثابت ٻيڙي زوري ڦري وٺندو هو. ۽ جيڪو ڇوڪرو هو تنهن جا ماءُ پيءُ

اَبَوٰهُ مُؤۡمِنَيۡنِ فَخَشِيۡنَاۤ اَنۡ يُّرۡهِقَهُمَا طُغۡيَانًا وَّ كُفۡرًا ﴿۸۰﴾ ۚ فَاَرَدۡنَاۤ اَنۡ

مسلمان هئا پوءِ اسان کي انديشو ٿيو تہ اهو انهن کي سرڪشي ۽ ڪفر تي نہ چاڙهي. پوءِ اسان گهريو تہ انهن ٻنهي

يُّبۡدِلَهُمَا رَبُّهُمَا خَيۡرًا مِّنۡهُ زَكٰوةً وَّ اَقۡرَبَ رُحۡمًا ﴿۸۱﴾ وَ اَمَّا الۡجِدَارُ

جو رب ان کان بهتر پاڪيزو ۽ ان کان مهرباني ۾ وڌيڪ ويجهو عطا ڪري. پر اها ڀت جيڪا شهر جي ٻن

فَكَانَ لِغُلٰمَيۡنِ يَتِيۡمَيۡنِ فِى الۡمَدِيۡنَةِ وَ كَانَ تَحۡتَهٗ كَنۡزٌ لَّهُمَا وَ كَانَ

يتيم ڇوڪرن جي هئي ۽ ان جي هيٺان انهن جو خزانو هو ۽ انهن جو پيءُ چڱو ماڻهو هو

اَبُوۡهُمَا صَالِحًا ۚ فَاَرَادَ رَبُّكَ اَنۡ يَّبۡلُغَاۤ اَشُدَّهُمَا وَ يَسۡتَخۡرِجَا

پوءِ تنهنجي رب گهريو تہ اهي ٻئي پنهنجي جواني کي پهچن، ۽ پنهنجو خزانو ڪڍن تنهنجي

كَنۡزَهُمَا ۖ رَحۡمَةً مِّنۡ رَّبِّكَ ۚ وَ مَا فَعَلۡتُهٗ عَنۡ اَمۡرِىۡ ؕ ذٰلِكَ تَاۡوِيۡلُ مَا

رب جي مهرباني سان ۽ اهو سمورو مون پنهنجي خيال سان نہ ڪيو هو اها حقيقت آهي انهن ڳالهين جي

لَمْ تَسْطِعْ عَّلَيْهِ صَبْرًا ﴿٨٢﴾ وَ يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنْ ذِی الْقَرْنَیْنِ ؕ قُلْ سَاَتْلُوْا

جن تي تو کان صبر نہ ٿي سگھيو. ۽ تو کان ذوالقرنين بابت پڇن پيا تون فرماءِ مان توهان کي ان جو

عَلَيْكُمْ مِّنْهُ ذِكْرًا ﴿٨٣﴾ اِنَّا مَكَّنَّا لَهٗ فِی الْاَرْضِ وَ اٰتَیْنٰهُ مِنْ كُلِّ شَیْءٍ

بيان پڙهي ٻڌايان ٿو. بيشڪ اسان ان کي زمين ۾ طاقت ۽ هر شيءِ جو هڪ سامان عطا فرمايو. پوءِ اهو

سَبَبًا ﴿٨٤﴾ فَاَتْبَعَ سَبَبًا ﴿٨٥﴾ حَتّٰۤى اِذَا بَلَغَ مَغْرِبَ الشَّمْسِ وَجَدَهَا

هڪ سامان جي پٺيان هليو. ايستائين جو جڏهن سج لهڻ جي جاءِ تي پهتو تہ ان کي هڪ ڪاري گپ جي چشمي ۾

تَغْرُبُ فِیْ عَیْنٍ حَمِئَةٍ وَّ وَجَدَ عِنْدَهَا قَوْمًا ؕ۬ قُلْنَا یٰذَا الْقَرْنَیْنِ اِمَّاۤ اَنْ

لهندين ڏٺائين ۽ اتي هڪ قوم لڌائين اسان فرمايو اي ذوالقرنين يا تہ تون انهن کي سزا ڏي يا انهن سان چڱائي

تُعَذِّبَ وَ اِمَّاۤ اَنْ تَتَّخِذَ فِیْهِمْ حُسْنًا ﴿٨٦﴾ قَالَ اَمَّا مَنْ ظَلَمَ فَسَوْفَ

اختيار ڪر. عرض ڪيائين اهو جنهن ظلم ڪيو. ان کي تہ اسان جلدي سزا ڏينداسين. پوءِ پنهنجي

نُعَذِّبُهٗ ثُمَّ یُرَدُّ اِلٰى رَبِّهٖ فَیُعَذِّبُهٗ عَذَابًا نُّكْرًا ﴿٨٧﴾ وَ اَمَّا مَنْ اٰمَنَ

رب جي طرف موٽايو ويندو، اهو ان کي سخت سزا ڏيندو ۽ جنهن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائين

وَ عَمِلَ صَالِحًا فَلَهٗ جَزَآءَ ﹰالْحُسْنٰى ۚ وَ سَنَقُوْلُ لَهٗ مِنْ اَمْرِنَا یُسْرًا ﴿٨٨﴾ ثُمَّ

تہ ان جو بدلو ڀلائي آهي ۽ عنقريب اسا ان کي آسان ڪم چونداسين. پوءِ هڪ سامان جي

اَتْبَعَ سَبَبًا ﴿٨٩﴾ حَتّٰۤى اِذَا بَلَغَ مَطْلِعَ الشَّمْسِ وَجَدَهَا تَطْلُعُ عَلٰى قَوْمٍ

پٺيان هليو. ايستائين جو جڏهن سج نڪرڻ جي جاءِ تي پهتو تہ ان کي اهڙي قوم تي اڀرندي ڏٺائين جن جي

لَّمْ نَجْعَلْ لَّهُمْ مِّنْ دُوْنِهَا سِتْرًا ﴿٩٠﴾ كَذٰلِكَ ؕ وَ قَدْ اَحَطْنَا بِمَا لَدَیْهِ

واسطي اسان سج کان ڪا آڙ نہ رکي هئي. ڳالھ اهائي آهي ۽ جو ڪجھ ان وٽ هو ان سموري کي اسان جو علم

خُبْرًا ﴿٩١﴾ ثُمَّ اَتْبَعَ سَبَبًا ﴿٩٢﴾ حَتّٰۤی اِذَا بَلَغَ بَیْنَ السَّدَّیْنِ وَجَدَ مِنْ

گهيريندڙ آهي. پوءِ هڪ سامان جي پٺيان هليو. تان جو ٻن پهاڙن جي وچ ۾ پهتو ته ان کان ٻئي

دُوْنِهِمَا قَوْمًا ۙ لَّا یَكَادُوْنَ یَفْقَهُوْنَ قَوْلًا ﴿٩٣﴾ قَالُوْا یٰذَاالْقَرْنَیْنِ اِنَّ

پاسي ڪي اهڙا ماڻهو لڌائين جيڪي ڪا ڳالهه سمجهندي نظر نٿي آيا. انهن چيو اي ذوالقرنين بيشڪ

یَاْجُوْجَ وَ مَاْجُوْجَ مُفْسِدُوْنَ فِی الْاَرْضِ فَهَلْ نَجْعَلُ لَكَ خَرْجًا عَلٰۤی اَنْ

ياجوج ۽ ماجوج زمين ۾ فساد مچائن ٿا پوءِ ڇا اسان توهان جي واسطي ڪجهه مال مقرر ڪريون هن تي جو تون اسان

تَجْعَلَ بَیْنَنَا وَ بَیْنَهُمْ سَدًّا ﴿٩٤﴾ قَالَ مَا مَكَّنِّیْ فِیْهِ رَبِّیْ خَیْرٌ

جي ۽ انهن جي وچ ۾ هڪ ديوار ٺاهين. چيائين اهو جنهن تي مون کي منهنجي رب طاقت ڏني آهي، بهتر آهي پوءِ توهان منهنجي مدد

فَاَعِیْنُوْنِیْ بِقُوَّةٍ اَجْعَلْ بَیْنَكُمْ وَ بَیْنَهُمْ رَدْمًا ﴿٩٥﴾ اٰتُوْنِیْ زُبَرَ الْحَدِیْدِ ؕ

ڪريو طاقت سان ته مان توهان جي ۽ انهن جي وچ ۾ هڪ مضبوط ڪوٽ ٺاهيان. مون وٽ لوهه جا تختا ڪٽي اچو، ايستائين

حَتّٰۤی اِذَا سَاوٰی بَیْنَ الصَّدَفَیْنِ قَالَ انْفُخُوْا ؕ حَتّٰۤی اِذَا جَعَلَهٗ نَارًا ۙ قَالَ

جو جڏهن پٽ ٻن پهاڙن جي ڪنارن سان برابر ڪري ڇڏيائين، چيائين هاڻي ڦوڪيو تان جو جڏهن ان کي باهه ڪري ڇڏيائين

اٰتُوْنِیْۤ اُفْرِغْ عَلَیْهِ قِطْرًا ﴿٩٦﴾ فَمَا اسْطَاعُوْۤا اَنْ یَّظْهَرُوْهُ وَ مَا اسْتَطَاعُوْا

چيائين آڻيو ته مان ان تي پگهريل ٽامو پرٽي ڇڏيان. پوءِ ياجوج ۽ ماجوج ان تي چڙهي نه سگهيا ۽ نه ان ۾ سوراخ

لَهٗ نَقْبًا ﴿٩٧﴾ قَالَ هٰذَا رَحْمَةٌ مِّنْ رَّبِّیْ ۚ فَاِذَا جَآءَ وَعْدُ رَبِّیْ جَعَلَهٗ دَكَّآءَ ۚ

ڪري سگهيا. چيائين هيءَ منهنجي رب جي رحمت آهي پوءِ جڏهن منهنجي رب جي واعدي جو وقت ايندو ته ان کي ذرا ذرا ڪري

وَ كَانَ وَعْدُ رَبِّیْ حَقًّا ﴿٩٨﴾ وَ تَرَكْنَا بَعْضَهُمْ یَوْمَىٕذٍ یَّمُوْجُ فِیْ بَعْضٍ وَّ نُفِخَ

ڇڏيندو ۽ منهنجي رب جو واعدو سچو آهي. ۽ ان ڏينهن اسان ڇڏيندا سين انهن جي هڪڙن ڪي جو ٻين کي ڳا هيندا ۽ صور

فِي الصُّوْرِ فَجَمَعْنٰهُمْ جَمْعًا ﴿۹۹﴾ وَّ عَرَضْنَا جَهَنَّمَ يَوْمَىِٕذٍ لِّلْكٰفِرِيْنَ

ڦوڪيو ويندو پوءِ اسان سمورن کي گڏ ڪري آڻينداسين. ۽ اسان ان ڏينهن جهنم کي ڪافرن جي سامهون

عَرْضَا ﴿۱۰۰﴾ الَّذِيْنَ كَانَتْ اَعْيُنُهُمْ فِيْ غِطَآءٍ عَنْ ذِكْرِيْ وَ كَانُوْا لَا

آڻينداسي. اهي جن جي اکين تي منهنجي يادگيري کان پردو پيل هو ۽ حق ڳالھ ٻڌي

يَسْتَطِيْعُوْنَ سَمْعًا ﴿۱۰۱﴾ اَفَحَسِبَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْۤا اَنْ يَّتَّخِذُوْا عِبَادِيْ مِنْ

نہ سگھندا هئا. پوءِ ڇا ڪافر سمجهن ٿا تہ منهنجن ٻانهن کي مون کان سواءِ حمايتي ٺاهي ويندا

دُوْنِيْۤ اَوْلِيَآءَ ؕ اِنَّاۤ اَعْتَدْنَا جَهَنَّمَ لِلْكٰفِرِيْنَ نُزُلًا ﴿۱۰۲﴾ قُلْ هَلْ

بيشڪ اسان ڪافرن جي مهماني جي واسطي جهنم تيار ڪري رکيو آهي. تون فرماءِ ڇا اسان توهان کي

نُنَبِّئُكُمْ بِالْاَخْسَرِيْنَ اَعْمَالًا ﴿۱۰۳﴾ اَلَّذِيْنَ ضَلَّ سَعْيُهُمْ فِي الْحَيٰوةِ

ٻڌايون تہ سيني کان وڌيڪ ناقص عمل ڪنهن جا آهن. اهي جن جي سموري ڪوشش دنيا جي زندگي ۾ گم

الدُّنْيَا وَ هُمْ يَحْسَبُوْنَ اَنَّهُمْ يُحْسِنُوْنَ صُنْعًا ﴿۱۰۴﴾ اُولٰٓىِٕكَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا

ٿي وئي ۽ اهي هن خيال ۾ آهن تہ اسان چڱا ڪم ڪري رهيا آهيون. اهي ماڻهو جن پنهنجي رب جي آيتن ۽ ان سان ملڻ

بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ وَ لِقَآىِٕهٖ فَحَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ فَلَا نُقِيْمُ لَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ وَزْنًا ﴿۱۰۵﴾

جو انڪار ڪيو، تہ پوءِ انهن جا سمورا عمل چٽ ٿي ويا پوءِ اسان انهن جي واسطي قيامت جي ڏينهن ڪا تور قائم نہ ڪنداسين.

ذٰلِكَ جَزَآؤُهُمْ جَهَنَّمُ بِمَا كَفَرُوْا وَ اتَّخَذُوْۤا اٰيٰتِيْ وَ رُسُلِيْ هُزُوًا ﴿۱۰۶﴾ اِنَّ

هيءُ انهن جو بدلو آهي جهنم هن تي جو انهن ڪفر ڪيو ۽ منهنجي آيتن ۽ منهنجي رسولن سان مسخري ڪيائون.

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ كَانَتْ لَهُمْ جَنّٰتُ الْفِرْدَوْسِ نُزُلًا ﴿۱۰۷﴾

بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا فردوس جا باغ انهن جي مهماني جي واسطي آهن.

خٰلِدِيْنَ فِيْهَا لَا يَبْغُوْنَ عَنْهَا حِوَلًا ﴿۱۰۸﴾ قُلْ لَّوْ كَانَ الْبَحْرُ مِدَادًا

اهي سدائين انهن ۾ ئي رهندا اتان جاءِ مٽائڻ نہ چاهيندا. تون فرماءِ جيڪڏهن سمنڊ منهنجي رب جي ڪلمن جي واسطي مس

لِّكَلِمٰتِ رَبِّيْ لَنَفِدَ الْبَحْرُ قَبْلَ اَنْ تَنْفَدَ كَلِمٰتُ رَبِّيْ وَلَوْ جِئْنَا بِمِثْلِهٖ

ٿئي تہ ضرور سمنڊ ختم ٿي ويندو ۽ منهنجي رب جا ڪلما ختم نہ ٿيندا جيتوڻيڪ اسان ايترو ئي ٻيو ان جي مدد جي واسطي

مَدَدًا ﴿۱۰۹﴾ قُلْ اِنَّمَاۤ اَنَا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ يُوْحٰۤى اِلَيَّ اَنَّمَاۤ اِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ

آڻيون. تون فرماءِ ظاهر بشري صورت ۾ تہ مان توهان جهڙو آهيان، منهنجي طرف وحي ايندي آهي تہ توهان جو معبود

وَّاحِدٌ ۚ فَمَنْ كَانَ يَرْجُوْا لِقَآءَ رَبِّهٖ فَلْيَعْمَلْ عَمَلًا صَالِحًا وَّ لَا يُشْرِكْ

هڪڙو ئي معبود آهي، پوءِ جنهن کي پنهنجي رب سان ملڻ جي اميد هجي ان کي گهرجي تہ چڱا ڪم ڪري ۽ پنهنجي رب جي

بِعِبَادَةِ رَبِّهٖۤ اَحَدًا ﴿۱۱۰﴾ ع

بندگي ۾ ڪنهن کي بہ شريڪ نہ ڪري.

## بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الٓمّٓ ﴿۱﴾ تَنْزِيْلُ الْكِتٰبِ لَا رَيْبَ فِيْهِ مِنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۲﴾ اَمْ

الم. ڪتاب جو نازل ڪرڻ بيشڪ پروردگار عالم جي طرف کان آهي. ڇا چون ٿا تہ ان جو

يَقُوْلُوْنَ افْتَرٰىهُ ۚ بَلْ هُوَ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ لِتُنْذِرَ قَوْمًا مَّاۤ اَتٰىهُمْ مِّنْ

ٺاهيل آهي بلڪ اهو ئي حق آهي تنهنجي رب جي طرفان جو تون ڊيڄارين اهڙن ماڻهن کي جن وٽ تو کان

نَّذِيْرٍ مِّنْ قَبْلِكَ لَعَلَّهُمْ يَهْتَدُوْنَ ﴿۳﴾ اَللّٰهُ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ

اڳي ڪو ڊيڄاريندڙ نہ آيو من اهي واٽ لهن. الله آهي جنهن خلقيو آسمانن ۾ ۽ زمين کي جو ڪجهہ

وَالْاَرْضَ وَ مَا بَيْنَهُمَا فِيْ سِتَّةِ اَيَّامٍ ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ ؕ مَا

انهن جي وچ ۾ آهي ڇهن ڏينهن ۾ پوءِ عرش تي استوا فرمايائين ان کي ڇڏي نہ

لَكُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ مِنْ وَّلِيٍّ وَّ لَا شَفِيْعٍ ؕ اَفَلَا تَتَذَكَّرُوْنَ ۝۴ يُدَبِّرُ الْاَمْرَ

توهان جو ڪو حمايتي آهي ۽ نہ سفارشي پوءِ ڇا ڌيان نہ ٿا ڏيو. ڪم جي تدبير (رٿ) فرمائي

مِنَ السَّمَآءِ اِلَى الْاَرْضِ ثُمَّ يَعْرُجُ اِلَيْهِ فِيْ يَوْمٍ كَانَ مِقْدَارُهٗۤ اَلْفَ

ٿو آسمان کان زمين تائين پوءِ ان جي طرف رجوع ڪندو ان ڏينهن جنهن جو اندازو هزار سال

سَنَةٍ مِّمَّا تَعُدُّوْنَ ۝۵ ذٰلِكَ عٰلِمُ الْغَيْبِ وَ الشَّهَادَةِ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ۝۶

آهي توهان جي ڳڻپ ۾. هي آهي هر ڳجهہ ۽ ظاهر جو ڄاڻيندڙ عزت ۽ رحمت وارو.

الَّذِيْۤ اَحْسَنَ كُلَّ شَيْءٍ خَلَقَهٗ وَ بَدَاَ خَلْقَ الْاِنْسَانِ مِنْ طِيْنٍ ۝۷ ثُمَّ

اهو جنهن جيڪا شيءِ ٺاهي خوب ٺاهي ۽ انسان جي شروعاتي پيدائش مٽيءَ مان فرمايائين. پوءِ ان جي

جَعَلَ نَسْلَهٗ مِنْ سُلٰلَةٍ مِّنْ مَّآءٍ مَّهِيْنٍ ۝۸ ثُمَّ سَوّٰىهُ وَ نَفَخَ فِيْهِ مِنْ

نسل کي جاري رکيائين هڪ بيقدر پاڻي جي خلاصي مان. پوءِ ان کي ٺيڪ ڪيائين ۽ ان ۾

رُّوْحِهٖ وَ جَعَلَ لَكُمُ السَّمْعَ وَ الْاَبْصَارَ وَ الْاَفْـِٕدَةَ ؕ قَلِيْلًا مَّا

پنهنجي طرف جو روح ڦوڪيائين ۽ توهان کي عطا فرمايائين ڪن ۽ اکيون ۽ دل شڪر ڪيڏو نہ

تَشْكُرُوْنَ ۝۹ وَ قَالُوْۤا ءَاِذَا ضَلَلْنَا فِي الْاَرْضِ ءَاِنَّا لَفِيْ خَلْقٍ جَدِيْدٍ ؕ۬

ٿورو ٿا ڪريو. ۽ چيائون ڇا جڏهن اسان مٽيءَ ۾ ملي وينداسي ڇا وري نوان پيدا ٿينداسي بلڪ اهي پنهنجي رب جي

بَلْ هُمْ بِلِقَآئِ رَبِّهِمْ كٰفِرُوْنَ ۝۱۰ قُلْ يَتَوَفّٰىكُمْ مَّلَكُ الْمَوْتِ الَّذِيْ وُكِّلَ

حضور حاضري کان انڪاري آهن. تون فرماءِ توهان کي وفات ڏيندو آهي موت جو ملائڪ جيڪو توهان تي مقرر آهي

بِكُمْ ثُمَّ اِلٰى رَبِّكُمْ تُرْجَعُوْنَ ﴿۱۱﴾ وَ لَوْ تَرٰۤى اِذِ الْمُجْرِمُوْنَ نَاكِسُوْا

پوءِ پنهنجي رب جي طرف واپس موٽندؤ. ۽ جيڪڏهن تون ڏسين جڏهن مجرم پنهنجي رب جي اڳيان مٿو هيٺ

رُءُوْسِهِمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ؕ رَبَّنَاۤ اَبْصَرْنَا وَ سَمِعْنَا فَارْجِعْنَا نَعْمَلْ صَالِحًا اِنَّا

جهڪائيندڙ هوندا، اي اسان جا رب اسان هاڻي ڏسي ورتو ۽ ٻڌو پوءِ اسان کي وري موڪل ته چڱا ڪم ڪريو اسان کي

مُوْقِنُوْنَ ﴿۱۲﴾ وَ لَوْ شِئْنَا لَاٰتَيْنَا كُلَّ نَفْسٍ هُدٰىهَا وَ لٰكِنْ حَقَّ الْقَوْلُ

يقين اچي ويو. ۽ جيڪڏهن اسان گهرئون ها ته هر ساهه کي سندس هدايت فرمايون ها مگر منهنجي ڳالهه پڪي

مِنِّیْ لَاَمْلَئَنَّ جَهَنَّمَ مِنَ الْجِنَّةِ وَ النَّاسِ اَجْمَعِیْنَ ﴿۱۳﴾ فَذُوْقُوْا بِمَا

ٿي چڪي ته ضرور جهنم کي ڀريندس انهن جنن ۽ ماڻهن سمورن سان. هاڻي چکو بدلو ان جو جو توهان پنهنجي

نَسِیْتُمْ لِقَآءَ یَوْمِكُمْ هٰذَا ۚ اِنَّا نَسِیْنٰكُمْ وَ ذُوْقُوْا عَذَابَ الْخُلْدِ بِمَا

هن ڏينهن جي حاضري وساري هئي اسان توهان کي ڇڏي ڏنو هاڻي هميشه جو عذاب چکو پنهنجي عملن جي بدلي

كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۴﴾ اِنَّمَا یُؤْمِنُ بِاٰیٰتِنَا الَّذِیْنَ اِذَا ذُكِّرُوْا بِهَا خَرُّوْا سُجَّدًا

اسان جي آيتن تي ته اهي ئي ايمان آڻيندا آهن جو جڏهن انهن کي اهي ياد ڏياريون وڃن ٿيون ته سجدي ۾ ڪري پون ٿا ۽

وَّ سَبَّحُوْا بِحَمْدِ رَبِّهِمْ وَ هُمْ لَا یَسْتَكْبِرُوْنَ ﴿۱۵﴾ السجدة تَتَجَافٰى جُنُوْبُهُمْ عَنِ

پنهنجي رب جي تعريف ڪندي ان جي پاڪائي بيان ڪندا آهن پڻ وڏائي نه ڪندا آهن. انهن جا پاسا جدا هوندا آهن سمهڻ

الْمَضَاجِعِ یَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ خَوْفًا وَّ طَمَعًا ۫ وَّ مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ یُنْفِقُوْنَ ﴿۱۶﴾

جي جاين کان ۽ پنهنجي رب کي پڪاريندا آهن ڊڄندي ۽ اميد ڪندي ۽ اسان جي ڏني مان ڪجهه خيرات ڪندا آهن

فَلَا تَعْلَمُ نَفْسٌ مَّاۤ اُخْفِیَ لَهُمْ مِّنْ قُرَّةِ اَعْیُنٍ ۚ جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوْا

پوءِ ڪنهن به ساهه کي معلوم نه آهي جيڪي اکيون ٺاريندڙ (نعمتون) انهن جي لاءِ لڪائي رکيون ويون آهن سندن عملن

يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۷﴾ اَفَمَنْ كَانَ مُؤْمِنًا كَمَنْ كَانَ فَاسِقًا ؕ لَا يَسْتَوٗنَ ﴿۱۸﴾

جي انعام ۾. پوءِ ڇا جيڪو ايمان وارو آهي سو ان وانگر ٿي ويندو جيڪو بي فرمان آهي، اهي برابر نہ آهن.

اَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَلَهُمْ جَنّٰتُ الْمَاْوٰى ۫ نُزُلًۢا بِمَا

جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون انهن جي واسطي رهائش جا باغ آهن مهمانداري خاطر

كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۹﴾ وَ اَمَّا الَّذِيْنَ فَسَقُوْا فَمَاْوٰىهُمُ النَّارُ ؕ كُلَّمَاۤ اَرَادُوْۤا

سندن عملن جي انعام ۾ رهيا بيفرمان. انهن جو ٺڪاڻو باھ آهي جڏهن بہ ان مان نڪرڻ جو

اَنْ يَّخْرُجُوْا مِنْهَاۤ اُعِيْدُوْا فِيْهَا وَ قِيْلَ لَهُمْ ذُوْقُوْا عَذَابَ النَّارِ

ارادو ڪندا وري ان ۾ موٽايا ويندا ۽ انهن کي چيو ويندو چکو ان باھ جي سزا جنهن

الَّذِيْ كُنْتُمْ بِهٖ تُكَذِّبُوْنَ ﴿۲۰﴾ وَ لَنُذِيْقَنَّهُمْ مِّنَ الْعَذَابِ الْاَدْنٰى دُوْنَ

کي توهان ڪوڙو چوندا هيؤ. ۽ ضرور اسان انهن کي چکائينداسي ڪجھ ويجهڙائي جو عذاب ان وڏي عذاب

الْعَذَابِ الْاَكْبَرِ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ ﴿۲۱﴾ وَ مَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ ذُكِّرَ بِاٰيٰتِ

کان اڳ جنهن کي ڏسڻ وارو اميد ڪري تہ اجهو موٽي ايندا. ۽ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي جنهن کي سندس رب جي آيتن

رَبِّهٖ ثُمَّ اَعْرَضَ عَنْهَا ؕ اِنَّا مِنَ الْمُجْرِمِيْنَ مُنْتَقِمُوْنَ ﴿۲۲﴾ وَ لَقَدْ

سان نصيحت ڪئي ويئي پوءِ ان انهيءَ کان منهن ڦيريو بيشڪ اسان مجرمن کان بدلو وٺڻ وارا آهيون. ۽ تحقيق

اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ فَلَا تَكُنْ فِيْ مِرْيَةٍ مِّنْ لِّقَآىِٕهٖ وَ جَعَلْنٰهُ هُدًى

اسان موسیٰ کي ڪتاب عطا فرمايو تو کي ان جي ملڻ ۾ شڪ نہ ٿيڻ گهرجي ۽ اسان ان کي بني اسرائيل جي واسطي

لِّبَنِيْۤ اِسْرَآءِيْلَ ﴿۲۳﴾ وَ جَعَلْنَا مِنْهُمْ اَىِٕمَّةً يَّهْدُوْنَ بِاَمْرِنَا لَمَّا صَبَرُوْا ؕ۫

هدايت ڪيو. ۽ اسان انهن مان ڪي امام ٺاهيا جو اسان جي حڪم سان رستو ڏيکارن جڏهن جو انهن صبر ڪيو

وَ كَانُوْا بِاٰيٰتِنَا يُوْقِنُوْنَ ﴿۲۴﴾ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ يَفْصِلُ بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ

۽ اهي اسان جي آيتن تي يقين ڪندا هئا. بيشڪ توهان جو رب انهن ۾ فيصلو ڪري ڇڏيندو قيامت جي ڏينهن

فِيْمَا كَانُوْا فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ﴿۲۵﴾ اَوَ لَمْ يَهْدِ لَهُمْ كَمْ اَهْلَكْنَا مِنْ قَبْلِهِمْ

جنهن ڳالهه ۾ اختلاف ڪندا هئا. ۽ ڇا انهن کي ان تي هدايت نه ٿي جو اسان انهن کان اڳي ڪيترين قومون هلاڪ

مِّنَ الْقُرُوْنِ يَمْشُوْنَ فِيْ مَسٰكِنِهِمْ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ ؕ اَفَلَا يَسْمَعُوْنَ ﴿۲۶﴾

ڪري ڇڏيون جن جي گهرن ۾ اڄ اهي هلي رهيا آهن. بيشڪ ان ۾ ضرور نشانيون آهن پوءِ ڇا اهي ٻڌن نه ٿا.

اَوَ لَمْ يَرَوْا اَنَّا نَسُوْقُ الْمَآءَ اِلَى الْاَرْضِ الْجُرُزِ فَنُخْرِجُ بِهٖ زَرْعًا تَاْكُلُ

۽ ڇا انهن نه ڏٺو ته اسان پاڻي موڪليون ٿا سڪي زمين جي طرف پوءِ ان مان پوک ڪيندا آهيون جنهن مان

مِنْهُ اَنْعَامُهُمْ وَ اَنْفُسُهُمْ ؕ اَفَلَا يُبْصِرُوْنَ ﴿۲۷﴾ الثلٰثة وَ يَقُوْلُوْنَ مَتٰى هٰذَا الْفَتْحُ

سندن چوپايا کائن ۽ پاڻ به پوءِ ڇا انهن کي ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي. ۽ چون ٿا اهو فيصلو ڪڏهن ٿيندو جيڪڏهن

اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿۲۸﴾ قُلْ يَوْمَ الْفَتْحِ لَا يَنْفَعُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْۤا اِيْمَانُهُمْ وَ

توهان سچا آهيو. تون فرماءِ فيصلي جي ڏينهن ڪافرن کي سندن ايمان آڻڻ فائدو نه ڏيندو

لَا هُمْ يُنْظَرُوْنَ ﴿۲۹﴾ فَاَعْرِضْ عَنْهُمْ وَ انْتَظِرْ اِنَّهُمْ مُّنْتَظِرُوْنَ ﴿۳۰﴾ ع

۽ نه ئي ڪين مهلت ملندي. پوءِ انهن کان منهن ڦيري ڇڏ ۽ انتظار ڪر بيشڪ انهن کي به انتظار ڪرڻو آهي.

## اهلِ بيت سان سٺو ورتاءُ

اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ علي المرتضٰي، شيرِ خدا رَضِیَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي ته: آقا ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”جيڪو منهنجي اهلِ بيت مان ڪنهن سان سٺو ورتاءُ ڪندو، مان قيامت جي ڏهاڙي ان جو صلو ان کي عطا فرمائيندس“

(الجامع الصغير للسيوطي الحديث 8821 ص 533 )

## "يٰسين شريف جا فضائل

﴿1﴾ حضرت سيدنا **معقل بن يسار** رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ سرڪارِ والا تبار، اسان بيڪسن جي مددگار، شفيعِ روز شمار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، حبيبِ پروردگار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جن ارشاد فرمايو**: **سورت يٰسين** قرآن شريف جي دل آهي جيڪو هن کي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي رضا ۽ آخرت جي بهتري لاءِ پڙهندو ان جي مغفرت ڪئي ويندي.

(المسند للامام احمد بن حنبل، حديث 20322 ج 7 ص 286 ملتقطًا)

﴿2﴾ **حضرت سيدنا انس** رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ رسولِ اڪرم، نور مجسم، شاهِ بني آدم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جن ارشاد فرمايو**: بيشڪ هر شيءِ جي هڪ دل آهي ۽ قرآن شريف جي دل **سورت يٰسين** آهي. ۽ جيڪو هڪ ڀيرو **سورت يٰسين** پڙهندو ان جي لاءِ ڏهہ ڀيرا قرآن شريف پڙهڻ جو ثواب لکيو ويندو. (سنن الترمذي حديث 2896 ج 4 ص 406)

﴿3﴾ حضرت سيدنا **حسان بن عطيہ** رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ سردارِ مڪہ مڪرمہ، سرڪارِ مدينہ منوره صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جن ارشاد فرمايو**: تورات ۾ **سورت يٰسين** جو نالو "مُعِمَّةٌ" آهي ڇو تہ هي پنهنجي تلاوت ڪرڻ واري کي دنيا ۽ آخرت جي هر ڀلائي عطا ڪندي آهي ۽ دنيا ۽ آخرت جون مصيبتون ان کان پري ڪندي آهي ۽ دنيا ۽ آخرت جي خطرن کان ڇوٽڪارو ڏياريندي آهي ۽ ان جو نالو "**مُدَافِعَةُ الْقَاضِيَة**" بہ آهي ڇو تہ هي پنهنجي تلاوت ڪرڻ واري کان هر برائي کي پري ڪري ڇڏيندي آهي ۽ ان جي هر حاجت پوري ڪندي آهي. جنهن شخص ان جي تلاوت ڪئي هي ان جي لاءِ 20 حجن جي برابر آهي ۽ جنهن ان کي لکيو پوءِ ان کي پيتو تہ ان جي پيٽ ۾ هزار دوائون، هزار نور،

هزار يقين، هزار برڪتون ۽ هزار رحمتون داخل ٿينديون ۽ ان کان هر فريب ۽ هر بيماري پري ٿي ويندي. (الدرالمنثور ج 7 ص 37)

﴿4﴾ حضرت سيدنا **ابن عباس** رضي الله عنهما کان روايت آهي ته نبي ڪريم، رؤف رحيم صلى الله عليه واله وسلم جن ارشاد فرمايو: منهنجي خواهش آهي ته **سورت يٰسين** منهنجي امت جي هر ماڻھوءَ جي دل ۾ هجي.

(الدرالمنثور ج 7 ص 38)

﴿5﴾ حضرت سيدنا **انس** رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضورِ اڪرم، رسولِ محتشم، شاهِ بني آدم صلى الله عليه واله وسلم جن ارشاد فرمايو: جيڪو شخص هميشه هر رات يٰسين شريف جي تلاوت ڪندو رهيو پوءِ مري ويو ته اهو شهيد ٿي مرندو. (الدرالمنثور ج 7 ص 38)

﴿6﴾ حضرت سيدنا **عطاء** بن ابو رباح تابعي رضي الله عنه کان روايت آهي ته شهنشاهِ مدينه، سرور قلب و سينه صلى الله عليه واله وسلم جن ارشاد فرمايو: جيڪو ماڻھو ڏينهن جي ابتدا ۾ **سورت يٰسين** جي تلاوت ڪندو ان جون سيئي حاجتون پوريون ڪيون وينديون. (الدرالمنثور ج 7 ص 38)

﴿7﴾ حضرت سيدنا **ابن عباس** رضي الله عنهما فرمائن ٿا: جيڪو شخص صبح جي وقت **سورت يٰسين** جي تلاوت ڪري ان ڏينهن جي آساني ان کي شام تائين عطا ڪئي وئي ۽ جنهن شخص رات جي ابتدا ۾ هن جي تلاوت ڪئي ان کي صبح تائين ان رات جي آساني ڏني وئي. (الدرالمنثور ج 7 ص 38)

﴿8﴾ حضرت سيدنا **معقل بن يسار** رضي الله عنه کان روايت آهي ته بيشڪ حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ صلى الله عليه واله وسلم جن ارشاد فرمايو: **سورت يٰسين** قرآن شريف جي دل آهي جيڪو ماڻھو هن سورت جي الله عزوجل

۽ آخرت جي لاءِ تلاوت ڪندو ان جا اڳيان گناهہ بخش ڪيا ويندا، پوءِ توهان ان جي تلاوت پنهنجي مرڻ وارن وٽ ڪيو. (الدرالمنثور ج 7 ص 38)

﴿9﴾ حضرت سيدنا **ابو درداء** رضی اللہ عنہ کان روايت آهي تہ حضورِ اڪرم، شاهِ بني آدم صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم **جن ارشاد فرمايو: جنهن مرڻ واري جي** ويجهو **سورة يٰسين** تلاوت ڪئي ويندي آهي. **الله** عزّوجلّ ان تي (**ان جي روح قبض ڪرڻ ۾**) نرمي فرمائيندو آهي. (الدرالمنثور ج 7 ص 38)

﴿10﴾ حضرت سيدنا **ابو قلابہ** رضی اللہ عنہ کان روايت آهي اهي فرمائن ٿا: جنهن **سورة يٰسين** جي تلاوت ڪئي، ان جي بخشش ٿي ويندي ۽ جنهن کاڌي جي وقت ان جي گهٽ ٿيڻ جي حالت ۾ تلاوت ڪئي تہ اهو کيس ڪافي ٿي ويندو ۽ جنهن بہ ڪنهن مرڻ واري وٽ ان جي تلاوت ڪئي تہ **الله** عزّوجلّ (**ان تي**) موت جي وقت نرمي فرمائيندو ۽ جنهن ڪنهن عورت وٽ ان جي ٻار جي ولادت جي تڪليف تي **سورة يٰسين** جي تلاوت ڪئي ان تي آساني ٿيندي. ۽ جنهن هن جي تلاوت ڪئي ڄڻ تہ ان يارهن ڀيرا قرآن شريف جي تلاوت ڪئي ۽ هر شيءِ جي لاءِ دل آهي ۽ قرآن شريف جي دل **سورة يٰسين** آهي. (الدرالمنثور ج 7 ص 39)

﴿11﴾ حضرت سيدنا ابو جعفر محمد بن علي رضی اللہ عنہ کان روايت آهي فرمائن ٿا: جيڪو ماڻهو پنهنجي دل ۾ سختي محسوس ڪري تہ هو هڪ پيالي ۾ زعفران سان **يٰسين والقرآن الحڪيم** لکي پوءِ ان کي پي ڇڏي. إن شاء الله **ان جي دل نرم ٿيندي**. (الدرالمنثور ج 7 ص 39)

﴿12﴾ امير المؤمنين حضرت سيدنا **ابوبڪر** صديق رضی اللہ عنہ کان روايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ، راحتِ قلب و سينہ، صاحبِ معطر پسينہ باعثِ نزولِ سڪينہ صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم **جن ارشاد فرمايو: جنهن هر جمعي تي**

پنهنجي والدين، ٻنهي يا هڪ جي قبر جي زيارت ڪئي ۽ ان وٽ **سورت يٰسين** جي تلاوت ڪئي ته الله عَزَّوَجَلَّ هر اکر جي بدلي ان جي بخشش ۽ مغفرت فرمائيندو آهي. (الدرالمنثور ج 7 ص 40)

﴿13﴾ حضرت سيدنا **صفوان بن عَمرو** رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا: مشائخ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنۡهُم فرمائن ٿا: ته جڏهن توهان سڪرات واري ماڻهوءَ وٽ **سورت يٰسين** جي تلاوت ڪندؤ ته ان تان موت جي سختي کي هلڪو ڪيو ويندو. (الدرالمنثور ج 7 ص 39)

﴿14﴾ حضرت سيدنا **ابوهريره** رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ کان روايت آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غيوب، منزه عن العيوب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جنهن جمعي جي رات **سورت يٰسين** جي تلاوت ڪئي ان جي مغفرت ڪئي ويندي. (الترغيب والترهيب حديث ج 4 ص 298)

﴿15﴾ حضرت سَيِّدَتُنَا عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا کان روايت آهي ته سرڪارِ مدينه، راحتِ قلب و سينه صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: قرآن شريف ۾ هڪ سورت آهي جنهن کي الله تعالٰي وٽ عظيم چيو ويندو آهي ۽ ان جي پڙهڻ واري کي الله تعالٰي وٽ شريف چيو ويندو آهي ان کي پڙهڻ وارو قيامت جي ڏينهن **ربيعه** ۽ **مضر** قبيلن کان وڌيڪ ماڻهن جي شفاعت ڪندو، اها **سورت يٰسين** آهي. (الدر المنثور، ج. 7، ص. 40)

﴿16﴾ **شيخ الحديث حضرت مولانا عبدالمصطفي اعظمي** رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه "**جنتي زيور**" ص 594 تي **سورت يٰسين** پڙهڻ جون ڪوڙ ساريون برڪتون شمار ڪيون آهن. ﴿1﴾ بکايل ماڻهو هن کي پڙهي ته خوشحال ڪيو ويندو. ﴿2﴾ اڃايل پڙهي ته پياريو ويندو. ﴿3﴾ اگهاڙو پڙهي ته ڪپڙا ملن. ﴿4﴾ مرد بغير زال وارو پڙهي ته جلدي ان جي شادي ٿي وڃي. ﴿5﴾ بغير

مڙس واري عورت پڙهي ته جلدي شادي ٿي وڃي. ﴿6﴾ بيمار پڙهي ته شفا ماڻي. ﴿7﴾ قيدي پڙهي ته آزاد ٿي وڃي. ﴿8﴾ مسافر پڙهي ته سفر ۾ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي طرف کان مدد ٿئي. ﴿9﴾ غم وارو پڙهي ته ان جا غم پري ٿي وڃن. ﴿10﴾ جنهن جي ڪا شيء وڃائجي وئي هجي اهو پڙهي ته جيڪو وڃائجي ويو آهي اهو ملي وڃي. **سورت يٰسين** جي هڪ **آيت** سَلٰمٌ قَوۡلًا مِّنۡ رَّبٍّ رَّحِيۡمٍ (آيت 58) ڪي هڪ هزار چار سؤ اٺهتر ڀيرا پڙهو ته اِنۡ شَآءَالله جنهن مقصد لاءِ پڙهندؤ اهو مقصد پورو ٿيندو خواجه ديربي لکن ٿا ته هي مجرب آهي ۽ آيت سَلٰمٌ قَوۡلًا مِّنۡ رَّبٍّ رَّحِيۡمٍ (آيت 58) کي پنج جڳهن تي هڪ ڪاغذ تي لکي ڪري تعويذ ٻڌو ته حادثن ۽ چور وغيره کان حفاظت رهندي. جيڪو شخص صبح جو **سورت يٰسين** پڙهندو ته ان جو پورو ڏينهن ڀلو گذرندو ۽ جيڪو شخص رات جو پڙهندو ان جي پوري رات ڀلي گذرندي حديث شريف ۾ آهي ته **يٰسين قرآن** شريف جي دل آهي. (جنتي زيور ص 594)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

يٰسٓ ﴿1﴾ وَ الۡقُرۡاٰنِ الۡحَكِيۡمِ ﴿2﴾ اِنَّكَ لَمِنَ الۡمُرۡسَلِيۡنَ ﴿3﴾ عَلٰى صِرَاطٍ

حڪمت واري قرآن جو قسم. بيشڪ تون سڌي وات تي موڪليل (رسول) آهين.

مُّسۡتَقِيۡمٍ ﴿4﴾ تَنۡزِيۡلَ الۡعَزِيۡزِ الرَّحِيۡمِ ﴿5﴾ لِتُنۡذِرَ قَوۡمًا مَّاۤ اُنۡذِرَ اٰبَآؤُهُمۡ

عزت واري مهربان جو نازل ڪيل جيئن تون ان قوم کي ديڄارين جن جي ابن ڏاڏن کي نه ديڄاريو ويو هو

فَهُمۡ غٰفِلُوۡنَ ﴿6﴾ لَقَدۡ حَقَّ الۡقَوۡلُ عَلٰٓى اَكۡثَرِهِمۡ فَهُمۡ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ ﴿7﴾

پوءِ اهي بي خبر آهن. بيشڪ انهن ۾ گهڻن تي ڳالهه ثابت ٿي چڪي آهي پوءِ اهي ايمان نه آڻيندا.

إِنَّا جَعَلْنَا فِيْٓ اَعْنَاقِهِمْ اَغْلٰلًا فَهِيَ اِلَى الْاَذْقَانِ فَهُمْ مُّقْمَحُوْنَ ﴿۸﴾

اسان انهن جي ڳچين ۾ ڳٽ وجهي ڇڏيا آهن جيڪي کاڏين تائين آهن پوءِ اهي منهن مٿي ڪنيل رهجي ويا.

وَ جَعَلْنَا مِنْۢ بَيْنِ اَيْدِيْهِمْ سَدًّا وَّ مِنْ خَلْفِهِمْ سَدًّا فَاَغْشَيْنٰهُمْ فَهُمْ

۽ اسان انهن جي اڳيان ديوار ٺاهي ڇڏي ۽ انهن جي پٺيان هڪ ٻي ديوار ۽ انهن کي مٿئون ڍڪي ڇڏيوسين پوءِ انهن کي

لَا يُبْصِرُوْنَ ﴿۹﴾ وَ سَوَآءٌ عَلَيْهِمْ ءَاَنْذَرْتَهُمْ اَمْ لَمْ تُنْذِرْهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿۱۰﴾

ڪجهه به ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي. ۽ انهن کي برابر آهي تون انهن کي ڊيڄارين يا نه ڊيڄارين اهي ايمان نه آڻيندا.

اِنَّمَا تُنْذِرُ مَنِ اتَّبَعَ الذِّكْرَ وَ خَشِيَ الرَّحْمٰنَ بِالْغَيْبِ ج فَبَشِّرْهُ

تون فقط انهيءَ کي ڊيڄارين ٿو جيڪو نصيحت تي هلي ۽ رحمان کان اڻ ڏٺي ڊنو پوءِ انهيءَ کي خوشخبري ڏي بخشش ۽

بِمَغْفِرَةٍ وَّ اَجْرٍ كَرِيْمٍ ﴿۱۱﴾ اِنَّا نَحْنُ نُحْيِ الْمَوْتٰى وَ نَكْتُبُ مَا قَدَّمُوْا

عزت واري ثواب جي. بيشڪ اسان مئل جيارينداسي ۽ اسان لکي رهيا آهيون جو ڪجهه انهن اڳتي موڪليو ۽ جيڪي

وَ اٰثَارَهُمْ ط وَ كُلَّ شَيْءٍ اَحْصَيْنٰهُ فِيْٓ اِمَامٍ مُّبِيْنٍ ﴿۱۲﴾ ع وَ اضْرِبْ لَهُمْ

نشانيون پٺيان ڇڏي ويا ۽ هر شيءِ اسان ڳڻي ڇڏي آهي هڪ ٻڌائڻ واري ڪتاب ۾. ۽ انهن سان نشانيون

مَّثَلًا اَصْحٰبَ الْقَرْيَةِ م اِذْ جَآءَهَا الْمُرْسَلُوْنَ ﴿۱۳﴾ ج اِذْ اَرْسَلْنَآ اِلَيْهِمُ

بيان ڪري ڇڏ ان شهر وارن جون جڏهن انهن وٽ موڪليل آيا. جڏهن اسان انهن جي طرف ٻه موڪليا پوءِ

اثْنَيْنِ فَكَذَّبُوْهُمَا فَعَزَّزْنَا بِثَالِثٍ فَقَالُوْٓا اِنَّآ اِلَيْكُمْ مُّرْسَلُوْنَ ﴿۱۴﴾

انهن کي ڪوڙو ڇيائون ته اسان انهن جي تائيد ڪئي ٽين سان انهن سمورن اچي چيو اسان توهان جي طرف موڪليل آهيون. (جواب ۾)

قَالُوْا مَآ اَنْتُمْ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُنَا لا وَ مَآ اَنْزَلَ الرَّحْمٰنُ مِنْ شَيْءٍ لا اِنْ اَنْتُمْ

چيائون توهان ته اسان جهڙائي انسان آهيو ۽ رحمان ڪجهه به نازل نه ڪيو آهي توهان ته صفا ڪوڙا

اِلَّا تَكْذِبُوْنَ ﴿۱۵﴾ قَالُوْا رَبُّنَا یَعْلَمُ اِنَّاۤ اِلَیْكُمْ لَمُرْسَلُوْنَ ﴿۱۶﴾ وَ مَا

آهيو. انهن چيو اسان جو رب ڄاڻي ٿو ته بيشڪ ضرور اسان توهان جي طرف موڪليا ويا آهيون ۽ اسان جي ذمي نه آهي مگر

عَلَیْنَاۤ اِلَّا الْبَلٰغُ الْمُبِیْنُ ﴿۱۷﴾ قَالُوْۤا اِنَّا تَطَیَّرْنَا بِكُمْ ۚ لَىِٕنْ

صرف پهچائي ڇڏڻ. چوڻ لڳا اسان توهان کي منحوس سمجهون ٿا، بيشڪ جيڪڏهن توهان نه مڙيؤ ته ضرور اسان توهان

لَّمْ تَنْتَهُوْا لَنَرْجُمَنَّكُمْ وَ لَیَمَسَّنَّكُمْ مِّنَّا عَذَابٌ اَلِیْمٌ ﴿۱۸﴾ قَالُوْا

کي پٿرن سان ڇُٽينداسي ۽ بيشڪ اسان جي هٿان توهان تي تڪليف ڏيندڙ سزا پهچندي. انهن فرمايو توهان جي نحوست

طَآىِٕرُكُمْ مَّعَكُمْ ؕ اَىِٕنْ ذُكِّرْتُمْ ؕ بَلْ اَنْتُمْ قَوْمٌ مُّسْرِفُوْنَ ﴿۱۹﴾ وَ جَآءَ مِنْ

ته توهان سان گڏ آهي ڇا توهان ان تي ٿهو ٿا جو توهان کي نصيحت ڪئي وئي. بلڪ توهان حد کان لنگهندڙ ماڻهو آهيو. ۽

اَقْصَا الْمَدِیْنَةِ رَجُلٌ یَّسْعٰى قَالَ یٰقَوْمِ اتَّبِعُوا الْمُرْسَلِیْنَ ﴿۲۰﴾ لا اتَّبِعُوْا

شهر جي پرين ڇيڙي کان هڪ مرد ڊوڙندو آيو. چيائين اي منهنجي قوم پيروي ڪريو موڪليلن جي. اهڙن جي پيروي ڪريو

مَنْ لَّا یَسْــٴَـلُكُمْ اَجْرًا وَّ هُمْ مُّهْتَدُوْنَ ﴿۲۱﴾ وَ مَا لِیَ لَاۤ اَعْبُدُ الَّذِیْ

جيڪي توهان کان مزدوري نه ٿا گهرن ۽ اهي سڌي واٽ تي آهن. ۽ مون کي ڇا ٿيو آهي جو ان جي بندگي نه ڪريان جنهن مون

فَطَرَنِیْ وَ اِلَیْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿۲۲﴾ ءَاَتَّخِذُ مِنْ دُوْنِهٖۤ اٰلِهَةً اِنْ یُّرِدْنِ الرَّحْمٰنُ

کي پيدا ڪيو ۽ توهان کي به ان جي طرف موٽڻو آهي. ڇا الله کان سواءِ ٻيا خدا ٺاهيان جو جيڪڏهن رحمٰن مون کي نقصان

بِضُرٍّ لَّا تُغْنِ عَنِّیْ شَفَاعَتُهُمْ شَیْــٴًـا وَّ لَا یُنْقِذُوْنِ ﴿۲۳﴾ ۚ اِنِّیْۤ اِذًا لَّفِیْ

پهچائڻ گهري ته انهن جي سفارش مون کي ڪو فائدو نه ڏي ۽ نه ئي مون کي بچائي سگهن. بيشڪ تڏهن ته مان

ضَلٰلٍ مُّبِیْنٍ ﴿۲۴﴾ اِنِّیْۤ اٰمَنْتُ بِرَبِّكُمْ فَاسْمَعُوْنِ ﴿۲۵﴾ ؕ قِیْلَ ادْخُلِ

کليل گمراهيءَ ۾ آهيان. بيشڪ مان توهان جي رب تي ايمان آندو پوءِ منهنجي ٻڌو. ان کي فرمايو ويو ته جنت ۾

الْجَنَّةَ ؕ قَالَ یٰلَیْتَ قَوْمِیْ یَعْلَمُوْنَ ﴿۲۶﴾ۙ بِمَا غَفَرَ لِیْ رَبِّیْ وَ جَعَلَنِیْ مِنَ

داخل ٿيءُ. چيائين ڪنهن طرح منهنجي قوم ڄاڻي ها. جيئن منهنجي رب مون کي بخشيو ۽ مون کي

الْمُكْرَمِیْنَ ﴿۲۷﴾ وَ مَاۤ اَنْزَلْنَا عَلٰى قَوْمِهٖ مِنْۢ بَعْدِهٖ مِنْ جُنْدٍ مِّنَ

عزت وارن مان ڪيائين. ۽ اسان ان کان پوءِ ان جي قوم تي آسمان کان ڪو لشڪر نہ لاٿو. ۽ نہ ئي اسان

السَّمَآءِ وَ مَا كُنَّا مُنْزِلِیْنَ ﴿۲۸﴾ اِنْ كَانَتْ اِلَّا صَیْحَةً وَّاحِدَةً فَاِذَا

کي ڪو لشڪر لاهڻو هو. اهو تہ هڪ ڪڙڪيدار آواز هو بس تڏهن اهي وسامي

هُمْ خٰمِدُوْنَ ﴿۲۹﴾ یٰحَسْرَةً عَلَى الْعِبَادِ ۚۘ مَا یَاْتِیْهِمْ مِّنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا كَانُوْا

رهجي ويا. ۽ چيو ويو هاءِ افسوس انهن ٻانهن تي جڏهن انهن وٽ ڪو رسول اچي ٿو تہ ان سان مسخري ئي

بِهٖ یَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿۳۰﴾ اَلَمْ یَرَوْا كَمْ اَهْلَكْنَا قَبْلَهُمْ مِّنَ الْقُرُوْنِ

ڪندا آهن. ڇا انهن نہ ڏٺو تہ اسان انهن کان اڳي ڪيترين قومن تباهہ فرمائي ڇڏيون جو هاڻي اهي

اَنَّهُمْ اِلَیْهِمْ لَا یَرْجِعُوْنَ ﴿۳۱﴾ؕ وَ اِنْ كُلٌّ لَّمَّا جَمِیْعٌ لَّدَیْنَا مُحْضَرُوْنَ ﴿۳۲﴾۠

هنن ڏانهن موٽڻ وارا ئي نہ آهن. ۽ جيترا بہ آهن سمورا اسان جي حضور حاضر ڪيا ويندا.

وَ اٰیَةٌ لَّهُمُ الْاَرْضُ الْمَیْتَةُ ۚۖ اَحْیَیْنٰهَا وَ اَخْرَجْنَا مِنْهَا حَبًّا فَمِنْهُ

۽ انهن جي واسطي هڪ نشاني مُئل زمين آهي، اسان اها جياري پوءِ ان مان اناج پيدا ڪيوسي

یَاْكُلُوْنَ ﴿۳۳﴾ وَ جَعَلْنَا فِیْهَا جَنّٰتٍ مِّنْ نَّخِیْلٍ وَّ اَعْنَابٍ وَّ فَجَّرْنَا فِیْهَا

سو انهيءَ مان کائن ٿا. ۽ اسان ان ۾ باغ بنايا کجين ۽ انگورن جا ۽ اسان ان ۾ ڪجهہ

مِنَ الْعُیُوْنِ ﴿۳۴﴾ۙ لِیَاْكُلُوْا مِنْ ثَمَرِهٖ ۙ وَ مَا عَمِلَتْهُ اَیْدِیْهِمْ ؕ

چشمان وهايا. جيئن ان جي ميون مان کائن ۽ جن کي انهن جي هٿن نہ ٺاهيو آهي. ڇا پوءِ بہ حق

اَفَلَا یَشْكُرُوْنَ ﴿۳۵﴾ سُبْحٰنَ الَّذِیْ خَلَقَ الْاَزْوَاجَ كُلَّهَا مِمَّا تُنْۢبِتُ

نہ تا مڃن. پاڪائي آهي ان جي جنهن سمورا جوڙا بڻايا انهن شين مان جيڪي زمين ڄمائيندي آهي ۽ خود

الْاَرْضُ وَ مِنْ اَنْفُسِهِمْ وَ مِمَّا لَا یَعْلَمُوْنَ ﴿۳۶﴾ وَ اٰیَةٌ لَّهُمُ الَّیْلُ ۚۖ نَسْلَخُ

انهن مان ۽ انهن شين مان جن جي انهن کي خبر نہ آهي. ۽ انهن جي واسطي هڪ نشاني رات آهي اسان ان مان

مِنْهُ النَّهَارَ فَاِذَا هُمْ مُّظْلِمُوْنَ ﴿۳۷﴾ وَ الشَّمْسُ تَجْرِیْ لِمُسْتَقَرٍّ لَّهَا ؕ

ڏينهن کي ڪڍي وٺندا آهيون تڏهن اهي اونداهيءَ ۾ آهن. ۽ سج هلي ٿو پنهنجي هڪ منزل لاءِ هي حڪم

ذٰلِكَ تَقْدِیْرُ الْعَزِیْزِ الْعَلِیْمِ ﴿۳۸﴾ وَ الْقَمَرَ قَدَّرْنٰهُ مَنَازِلَ حَتّٰى عَادَ

آهي زبردست علم واري جو. ۽ چنڊ جي واسطي اسان منزلون مقرر ڪيون آهن ايستائين جو وري

كَالْعُرْجُوْنِ الْقَدِیْمِ ﴿۳۹﴾ لَا الشَّمْسُ یَنْۢبَغِیْ لَهَاۤ اَنْ تُدْرِكَ الْقَمَرَ

ٿي ويو کجي جي پراڻي ڏنگي ٽاري وانگر. سج کي مجال نہ آهي جو چنڊ کي پڪڙي ۽ نہ رات ڏينهن تي

وَ لَا الَّیْلُ سَابِقُ النَّهَارِ ؕ وَ كُلٌّ فِیْ فَلَكٍ یَّسْبَحُوْنَ ﴿۴۰﴾ وَ اٰیَةٌ لَّهُمْ اَنَّا

اڳرائي ڪري ۽ هر هڪ، هڪ دائري ۾ تري رهيو آهي. ۽ انهن جي واسطي هڪ نشاني هيءَ آهي جو انهن کي سندن بزرگن

حَمَلْنَا ذُرِّیَّتَهُمْ فِی الْفُلْكِ الْمَشْحُوْنِ ﴿۴۱﴾ وَ خَلَقْنَا لَهُمْ مِّنْ مِّثْلِهٖ مَا

جي پٺي ۾ اسان ڀريل ٻيڙي ۾ سوار ڪيو. ۽ انهن جي واسطي اهڙيون ٻيڙيون ٺاهي ڇڏيون جن تي سوار

یَرْكَبُوْنَ ﴿۴۲﴾ وَ اِنْ نَّشَاْ نُغْرِقْهُمْ فَلَا صَرِیْخَ لَهُمْ وَ لَا هُمْ یُنْقَذُوْنَ ﴿۴۳﴾

ٿين ٿا ۽ اسان گهرون تہ انهن کي ٻوڙي ڇڏيون پوءِ نہ تہ ڪو انهن جي فرياد رسي ڪرڻ وارو هجي ۽ نہ اهي بچايا وڃن.

اِلَّا رَحْمَةً مِّنَّا وَ مَتَاعًا اِلٰى حِیْنٍ ﴿۴۴﴾ وَ اِذَا قِیْلَ لَهُمُ اتَّقُوْا مَا بَیْنَ

مگر اسان جي طرف کان رحمت ۽ هڪ وقت تائين نفعو وٺڻ لاءِ ڇڏڻ. ۽ جڏهن انهن کي فرمايو وڃي ٿو تہ ڊڄو توهان ان

اَيْدِيْكُمْ وَ مَا خَلْفَكُمْ لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿۴۵﴾ وَ مَا تَاْتِيْهِمْ مِّنْ اٰيَةٍ

ڪان جيڪو توهان جي اڳيان آهي ۽ جيڪو توهان ڪي پنيان اچڻ وارو آهي من توها تي رحم ٿئي، تہ منهن موڙن ٿا.

مِّنْ اٰيٰتِ رَبِّهِمْ اِلَّا كَانُوْا عَنْهَا مُعْرِضِيْنَ ﴿۴۶﴾ وَ اِذَا قِيْلَ لَهُمْ اَنْفِقُوْا

﴿4﴾ حضرت سيدنا ابن عباس رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا تہ هڪ صحابي رضی اللہ عنہ هڪ قبر تي پنهنجو خيمو لڳايو پر ان کي اها خبر نہ هئي تہ هتي قبر آهي پر پوءِ کين خبر پئي تہ هتي ڪنهن شخص جي قبر آهي جيڪو سورت ملڪ پڙهي رهيو آهي ۽ ان پوري سورت ختم ڪئي اهو صحابي رضی اللہ عنہ رحمتِ عالم صلی اللہ علیہ وآلہٖ وسلم جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين **يا رسول الله** صلی اللہ علیہ وآلہٖ وسلم مون هڪ قبر تي خيمو کوڙيو پر مون کي اها خبر نہ هئي تہ اتي قبر آهي جڏهن تہ اتي هڪ اهڙي شخص جي قبر هئي جيڪو هر ڏينهن پوري سورت مُلک پڙهندو آهي تہ **رسول الله** صلی اللہ علیہ وآلہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو: اها ئي روڪڻ واري آهي، اها ئي نجات ڏيارڻ واري آهي، جنهن ان کي قبر جي عذاب کان محفوظ رکيو. (سنن الترمذي ج 4 ص 407 حديث 2899)

﴿5﴾ حضور اڪرم صلی اللہ علیہ وآلہٖ وسلم جن جو فرمانِ عاليشان آهي تہ منهنجي خواهش آهي تہ تَبٰرَكَ الَّذِیْ بِیَدِهِ الْمُلْكُ هر مؤمن جي دل ۾ هجي. (ڪنزالعمال ج 1 ص 291 حديث 2645)

﴿6﴾ چند ڏسي هن کي پڙهيو وڃي تہ مهيني جي 30 ڏينهن تائين هو سختين کان اِنْ شَآءَ اللہ محفوظ رهندو ڇاڪاڻ تہ هي 30 آيتون آهن ۽ 30 ڏينهن لاءِ ڪافي آهن. (تفسير روح المعاني سورت الملک ج 15 ص4)

www.dawateislami.net

﴿7﴾ حضرت سيدنا ابن عباس رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا تہ مني مني آقاء مکي مدني مصطفي صلی اللہ علیہ والہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو: بيشڪ مون قرآن شريف ۾ 30 آيتن جي هڪ سورت ڏٺي آهي جيڪو سمهڻ وقت هن (سورت) جي تلاوت ڪري ان لاءِ 30 نيڪيون لکيون وينديون ۽ ان جا 30 گناهہ مٽايا ويندا ۽ ان جا 30 درجا بلند ڪيا ويندا. الله رَبُّ الْعِزَّت پنهنجي فرشتن مان هڪ فرشتي کي ان ڏانهن موڪليندو تہ جيئن اهو ان تي پنهنجا پر وڇائي ۽ ان جي هر شيءِ کان جاڳڻ تائين حفاظت ڪري ۽ هيءَ مجادلہ (يعني جهيڙو) ڪرڻ واري آهي پنهنجي پڙهڻ واري جي مغفرت لاءِ قبر ۾ جهيڙو ڪندي ۽ اها تَبٰرَكَ الَّذِیْ بِیَدِهِ الْمُلْكُ آهي. (الدرالمنثور ج 8 ص 233)

﴿8﴾ سرڪار مدينہ منوره سردار مڪ مڪرمہ صلی اللہ علیہ والہٖ وسلم رات جو آرام فرمائڻ کان پهرين سورت ملڪ ۽ الم تنزيل، السجده تلاوت فرمائيندا هئا. (تفسير روح البيان، سوره الملک ج10 ،ص 98)

﴿9﴾ حضرت سيدنا ابن عباس رضی اللہ عنہما جن هڪ ماڻهو کي فرمايو: ڇا مان توکي هڪ حديث تحفي جي طور تي نہ ڏيان جنهن سان تون خوش ٿي وڃين، ان عرض ڪيو بيشڪ! تہ پاڻ رضی اللہ عنہ جن فرمايو، هي سورت پڙهو، تَبٰرَكَ الَّذِیْ بِیَدِهِ الْمُلْكُ ۽ هي سورت پنهنجي اهل و عيال پنهنجي سيني ٻارن، پنهنجي گهر جي ٻارن ۽ پنهنجي پاڙي وارن کي سيکاريو (ان جي انهن کي تعليم ڏيو) ڇاڪاڻ تہ هي نجات ڏيارڻ واري آهي ۽ قيامت جي ڏينهن پنهنجي پڙهڻ واري جي لاءِ پنهنجي رب وٽ جهيڙو ڪرڻ واري آهي. ۽ هيءَ ان کي ڳوليندي تہ جيئن ان کي جهنم جي عذاب کان نجات ڏياري. ۽ ان جي ڪري هن جو قاري (يعني تلاوت ڪندڙ) عذاب کان بہ نجات حاصل ڪندو. (الدرالمنثور ج 8 ص 231)

# بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

تَبٰرَكَ الَّذِیْ بِیَدِهِ الْمُلْكُ٘ وَ هُوَ عَلٰی كُلِّ شَیْءٍ قَدِیْرُۙ﴿۱﴾ الَّذِیْ خَلَقَ

وڏي برڪت وارو آهي اهو جنهن جي قبضي ۾ سمورو ملڪ آهي ۽ اهو هر شيءِ تي قادر آهي. اهو جنهن موت ۽ حياتي

الْمَوْتَ وَ الْحَیٰوةَ لِیَبْلُوَكُمْ اَیُّكُمْ اَحْسَنُ عَمَلًاؕ وَ هُوَ الْعَزِیْزُ الْغَفُوْرُۙ﴿۲﴾

پيدا ڪئي جيئن توهان جو امتحان ٿئي توهان مان ڪنهن جا ڪم وڌيڪ چڱا آهن. ۽ اهو ئي عزت وارو بخشش وارو آهي.

الَّذِیْ خَلَقَ سَبْعَ سَمٰوٰتٍ طِبَاقًاؕ مَا تَرٰی فِیْ خَلْقِ الرَّحْمٰنِ مِنْ تَفٰوُتٍؕ

جنهن ست آسمان بنايا هڪڙي مٿان ٻيو تون رحمان جي پيدا ڪرڻ (جي عمل) ۾ ڇا فرق ڏسين

فَارْجِعِ الْبَصَرَۙ هَلْ تَرٰی مِنْ فُطُوْرٍ﴿۳﴾ ثُمَّ ارْجِعِ الْبَصَرَ كَرَّتَیْنِ یَنْقَلِبْ

تو پوءِ نظر ڪڍي ڏس تو کي ڪو ڦاٽ نظر اچي ٿو. پوءِ ٻيهر نگاهه ڪڍي ڏس تنهنجي نظر

اِلَیْكَ الْبَصَرُ خَاسِئًا وَّ هُوَ حَسِیْرٌ﴿۴﴾ وَ لَقَدْ زَیَّنَّا السَّمَآءَ الدُّنْیَا

ناڪام موٽندي ٿڪل ۽ حسرت ڪائيندي ۽ بيشڪ اسان هيٺين آسمان کي ڏيئن سان

بِمَصَابِیْحَ وَ جَعَلْنٰهَا رُجُوْمًا لِّلشَّیٰطِیْنِ وَ اَعْتَدْنَا لَهُمْ عَذَابَ

سينگاريو ۽ انهن کي شيطانن جي سزا بنايو ۽ انهن جي واسطي ٻڙڪندڙ باهه جو عذاب تيار

السَّعِیْرِ﴿۵﴾ وَ لِلَّذِیْنَ كَفَرُوْا بِرَبِّهِمْ عَذَابُ جَهَنَّمَؕ وَ بِئْسَ الْمَصِیْرُ﴿۶﴾

فرمايو. ۽ جن پنهنجي رب سان ڪفر ڪيو انهن جي واسطي جهنم جو عذاب آهي ۽ ڪهڙو نه برو انجام آهي.

اِذَاۤ اُلْقُوْا فِیْهَا سَمِعُوْا لَهَا شَهِیْقًا وَّ هِیَ تَفُوْرُۙ﴿۷﴾ تَكَادُ تَمَیَّزُ مِنَ الْغَیْظِؕ

جڏهن ان ۾ سٽيا ويندا ان جي شور هُل کي ٻڌندا جو جوش هٽندو آهي معلوم ٿئي ٿو تہ سخت ڪاوڙ ۾ ڦاٽي پوندو جڏهن

www.dawateislami.net

كُلَّمَآ اُلْقِيَ فِيْهَا فَوْجٌ سَاَلَهُمْ خَزَنَتُهَآ اَلَمْ يَاْتِكُمْ نَذِيْرٌ ﴿۸﴾ قَالُوْا بَلٰى

کو ٽولو ان ۾ وڌو ويندو ان جا داروغا انهن کان پڇندا ڇا توهان وٽ کو ڊيڄاريندڙ کو نہ آيو هو. چوندا ڇو نہ بيشڪ

قَدْ جَآءَنَا نَذِيْرٌ ۙ۬ فَكَذَّبْنَا وَ قُلْنَا مَا نَزَّلَ اللّٰهُ مِنْ شَيْءٍ ۚۖ اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا

اسان وٽ ڊيڄاريندڙ تشريف وٺي آيا پوءِ اسان ڪوڙو سمجهيو ۽ چيو الله ڪجهہ نہ لاٿو توهان تہ نہ آهيو مگر

فِيْ ضَلٰلٍ كَبِيْرٍ ﴿۹﴾ وَ قَالُوْا لَوْ كُنَّا نَسْمَعُ اَوْ نَعْقِلُ مَا كُنَّا فِيْۤ اَصْحٰبِ

ڪليل گمراهي ۾. ۽ چوندا جيڪڏهن اسان ٻڌون ها يا سمجهون ها تہ دوزخ وارن مان نہ

السَّعِيْرِ ﴿۱۰﴾ فَاعْتَرَفُوْا بِذَنْۢبِهِمْ ۚ فَسُحْقًا لِّاَصْحٰبِ السَّعِيْرِ ﴿۱۱﴾ اِنَّ

هجون ها. هاڻي انهن پنهنجي گناهہ جو اقرار ڪيو پوءِ ڦٽڪار هجي دوزخين تي. بيشڪ

الَّذِيْنَ يَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَيْبِ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّ اَجْرٌ كَبِيْرٌ ﴿۱۲﴾ وَ اَسِرُّوْا

جيڪي اڻ ڏٺي پنهنجي رب کان ڊڄن ٿا انهن جي واسطي بخشش ۽ وڏو ثواب آهي ۽ توهان پنهنجي ڳالهہ

قَوْلَكُمْ اَوِ اجْهَرُوْا بِهٖ ؕ اِنَّهٗ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿۱۳﴾ اَلَا يَعْلَمُ مَنْ

آهستي ڪريو يا وڏي آواز سان اهو تہ دلين جي ڄاڻ رکي ٿو. ڇا اهو نہ ڄاڻي جنهن

خَلَقَ ؕ وَ هُوَ اللَّطِيْفُ الْخَبِيْرُ ﴿۱۴﴾ هُوَ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ

پيدا ڪيو ۽ اهو ئي آهي هر باريڪي ڄاڻڻ وارو خبردار. اهو ئي آهي جنهن توهان جي واسطي زمين مسخر فرمائي

ذَلُوْلًا فَامْشُوْا فِيْ مَنَاكِبِهَا وَ كُلُوْا مِنْ رِّزْقِهٖ ؕ وَ اِلَيْهِ النُّشُوْرُ ﴿۱۵﴾

پوءِ ان جي رستن ۾ هلو ۽ الله جي روزي مان کائو ۽ ان جي طرف اٿڻو آهي. ڇا توهان ان کان

ءَاَمِنْتُمْ مَّنْ فِي السَّمَآءِ اَنْ يَّخْسِفَ بِكُمُ الْاَرْضَ فَاِذَا هِيَ تَمُوْرُ ﴿۱۶﴾ۙ

بي خوف ٿي ويو ۽ جنهن جي بادشاهي آسمانن ۾ آهي جو توهان کي زمين ۾ دبي ڇڏي تڏهن اها ڌڏندي رهي.

اَمْ اَمِنْتُمْ مَّنْ فِی السَّمَآءِ اَنْ یُّرْسِلَ عَلَیْكُمْ حَاصِبًا ؕ فَسَتَعْلَمُوْنَ

يا توهان بي خوف ٿي ويو ان کان جنهن جي بادشاهي آسمانن ۾ آهي جو توهان تي پٿر وسائي پوءِ عنقريب ڄاڻي وٺندؤ

كَیْفَ نَذِیْرِ ﴿۱۷﴾ وَ لَقَدْ كَذَّبَ الَّذِیْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَكَیْفَ كَانَ نَكِیْرِ ﴿۱۸﴾

ڪئين هو منهنجو ڊيڄارڻ ۽ بيشڪ انهن کان اڳين تڪذيب ڪئي پوءِ ڪيئن ٿيو منهنجو انڪار.

اَوَ لَمْ یَرَوْا اِلَى الطَّیْرِ فَوْقَهُمْ صٰٓفّٰتٍ وَّ یَقْبِضْنَ ؔۘ مَا یُمْسِكُهُنَّ اِلَّا

۽ ڇا انهن پنهنجي مٿان پکي نہ ڏٺا پر پکيڙيندڙ ۽ سُڪيڙيندڙ، انهن کي ڪو بہ نہ ٿو

الرَّحْمٰنُ ؕ اِنَّهٗ بِكُلِّ شَیْءٍۭ بَصِیْرٌ ﴿۱۹﴾ اَمَّنْ هٰذَا الَّذِیْ هُوَ جُنْدٌ لَّكُمْ

روڪي سواءِ رحمان جي بيشڪ اهو سڀ ڪجھ ڏسي ٿو. يا اهو توهان جو ڪهڙو لشڪر آهي

یَنْصُرُكُمْ مِّنْ دُوْنِ الرَّحْمٰنِ ؕ اِنِ الْكٰفِرُوْنَ اِلَّا فِیْ غُرُوْرٍ ۚ﴿۲۰﴾ اَمَّنْ هٰذَا

جو رحمان جي مقابلي ۾ توهان جي مدد ڪري ڪافر نہ آهن مگر ڌوکي ۾. يا ڪير اهڙو آهي جيڪو توهان

الَّذِیْ یَرْزُقُكُمْ اِنْ اَمْسَكَ رِزْقَهٗ ۚ بَلْ لَّجُّوْا فِیْ عُتُوٍّ وَّ نُفُوْرٍ ﴿۲۱﴾ اَفَمَنْ

کي روزي ڏي جيڪڏهن اهو پنهنجي روزي روڪي ڇڏي، بلڪ اهي سرڪش ۽ نفرت ۾ ڍيٺ ٿي ويل آهن. پوءِ ڇا جيڪو

یَّمْشِیْ مُكِبًّا عَلٰى وَجْهِهٖۤ اَهْدٰۤى اَمَّنْ یَّمْشِیْ سَوِیًّا عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِیْمٍ ﴿۲۲﴾

پنهنجي منهن ڀر اونڌو هلي وڌيڪ هدايت تي آهي يا جيڪو ٺيڪ هلي سڌي واٽ تي.

قُلْ هُوَ الَّذِیْۤ اَنْشَاَكُمْ وَ جَعَلَ لَكُمُ السَّمْعَ وَ الْاَبْصَارَ وَ الْاَفْـِٕدَةَ ؕ

تون فرماءِ اهو ئي آهي جنهن توهان کي پيدا ڪيو ۽ توهان جي واسطي ڪَن ۽ اکيون ۽ دل ٺاهيائين

قَلِیْلًا مَّا تَشْكُرُوْنَ ﴿۲۳﴾ قُلْ هُوَ الَّذِیْ ذَرَاَكُمْ فِی الْاَرْضِ وَ اِلَیْهِ

ڪيترو نہ ٿورو شڪر ڪريو ٿا. تون فرماءِ اهو ئي آهي جنهن توهان کي زمين ۾ پکيڙيو ۽ انهيءَ جي

تُحْشَرُوْنَ ﴿۲۴﴾ وَ يَقُوْلُوْنَ مَتٰى هٰذَا الْوَعْدُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿۲۵﴾ قُلْ

طرف اٺاريا ويندؤ. ۽ چون ٿا اهو واعدو ڪڏهن ايندو جيڪڏهن توهان سچا آهيو. تون فرماءِ اهو

اِنَّمَا الْعِلْمُ عِنْدَ اللّٰهِ ۪ وَ اِنَّمَاۤ اَنَا نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿۲۶﴾ فَلَمَّا رَاَوْهُ زُلْفَةً

علم تہ الله وٽ ئي آهي ۽ مان تہ فقط صفا ڊيڄاريندڙ آهيان. پوءِ جڏهن ان کي ويجهو ڏسندا تہ ڪافرن

سِيْٓـَٔتْ وُجُوْهُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ قِيْلَ هٰذَا الَّذِيْ كُنْتُمْ بِهٖ تَدَّعُوْنَ ﴿۲۷﴾ قُلْ

جا منهن بگڙي ويندا ۽ انهن کي فرمايو ويندو هي آهي جيڪو توهان گهرندا هئا. تون فرماءِ ڀلا جيڪڏهن الله مون کي ۽

اَرَءَيْتُمْ اِنْ اَهْلَكَنِيَ اللّٰهُ وَ مَنْ مَّعِيَ اَوْ رَحِمَنَا ۙ فَمَنْ يُّجِيْرُ الْكٰفِرِيْنَ

منهنجي سات وارن کي هلاڪ ڪري ڇڏي يا اسان تي رحم فرمائي پوءِ اهو ڪير آهي جيڪو ڪافرن کي دردناڪ عذاب کان

مِنْ عَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿۲۸﴾ قُلْ هُوَ الرَّحْمٰنُ اٰمَنَّا بِهٖ وَ عَلَيْهِ تَوَكَّلْنَا ۚ

بچائي وٺندو. تون فرماءِ اهو ئي رحمٰن آهي اسان ان تي ايمان آندو ۽ انهيءَ تي ڀروسو ڪيو پوءِ عنقريب توهان

فَسَتَعْلَمُوْنَ مَنْ هُوَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿۲۹﴾ قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ اَصْبَحَ مَآؤُكُمْ

کي خبر پوندي تہ ڪير آهي کليل گمراهي ۾. تون فرماءِ ڀلا ڏسو تہ جي صبح جو پاڻي زمين ۾ صفا هيٺ لهي

غَوْرًا فَمَنْ يَّاْتِيْكُمْ بِمَآءٍ مَّعِيْنٍ ﴿۳۰﴾

وڃي تہ پوءِ اهو ڪير آهي جيڪو توهان کي پاڻي آڻي ڏيندو نگاهہ جي سامهون وهندڙ.

# بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

یٰۤاَیُّهَا الۡمُزَّمِّلُ ﴿۱﴾ۙ قُمِ الَّیۡلَ اِلَّا قَلِیۡلًا ﴿۲﴾ۙ نِّصۡفَهٗۤ اَوِ انۡقُصۡ مِنۡهُ

اي چادر ويڪيندڙ . رات ۾ قيام ڪر مگر رات جو ڪجهه حصو . اڌ رات يا ان ڪان ٻه ڪجهه

قَلِیۡلًا ﴿۳﴾ۙ اَوۡ زِدۡ عَلَیۡهِ وَ رَتِّلِ الۡقُرۡاٰنَ تَرۡتِیۡلًا ﴿۴﴾ؕ اِنَّا سَنُلۡقِیۡ عَلَیۡكَ

گهٽ ڪر. يا ان تي ڪجهه زياده ڪر ۽ قرآن خوب ويرو ويرو پڙهه. بيشڪ عنقريب تو تي هڪ وزني ڳالهه القاء

قَوۡلًا ثَقِیۡلًا ﴿۵﴾ اِنَّ نَاشِئَةَ الَّیۡلِ هِیَ اَشَدُّ وَطۡاً وَّ اَقۡوَمُ قِیۡلًا ﴿۶﴾ؕ اِنَّ لَكَ

ڪنداسي. بيشڪ رات جو اٿڻ نفس تي زياده سخت آهي دٻاءِ ۾ ڳالهه وڌيڪ سڌي طرح نڪري ٿي. بيشڪ

فِی النَّهَارِ سَبۡحًا طَوِیۡلًا ﴿۷﴾ؕ وَ اذۡكُرِ اسۡمَ رَبِّكَ وَ تَبَتَّلۡ اِلَیۡهِ تَبۡتِیۡلًا ﴿۸﴾ؕ

ڏينهن ۾ ته تو کي گهڻا ڪم آهن ۽ پنهنجي رب جو نالو ياد ڪر ۽ سمورن ڪان ڇڄي فقط انهيءَ جو ٿي رهه.

رَبُّ الۡمَشۡرِقِ وَ الۡمَغۡرِبِ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ فَاتَّخِذۡهُ وَكِیۡلًا ﴿۹﴾ وَ اصۡبِرۡ عَلٰی مَا

اهو اوڀر جو رب ۽ اولهه جو رب ان ڪان سواءِ ڪو به معبود نه آهي پوءِ تون انهيءَ کي ئي پنهنجو ڪارساز بڻاءِ ۽ ڪافرن جي

یَقُوۡلُوۡنَ وَ اهۡجُرۡهُمۡ هَجۡرًا جَمِیۡلًا ﴿۱۰﴾ وَ ذَرۡنِیۡ وَ الۡمُكَذِّبِیۡنَ اُولِی النَّعۡمَةِ

ڳالهين تي صبر فرما ۽ انهن کي ڇڏي ڏي چڱي نموني. ۽ مون تي ڇڏ انهن تڪذيب ڪندڙ مالدارن کي

وَ مَهِّلۡهُمۡ قَلِیۡلًا ﴿۱۱﴾ اِنَّ لَدَیۡنَاۤ اَنۡكَالًا وَّ جَحِیۡمًا ﴿۱۲﴾ۙ وَّ طَعَامًا ذَا غُصَّةٍ

۽ انهن کي ٿوري مهلت ڏي. بيشڪ اسان وٽ وزني ٻيڙيون آهن ۽ ڀڙڪندڙ باهه ۽ نڙيءَ ۾ ڦاسي پوندڙ کاڌو

وَّ عَذَابًا اَلِیۡمًا ﴿۱۳﴾ٞ یَوۡمَ تَرۡجُفُ الۡاَرۡضُ وَ الۡجِبَالُ وَ كَانَتِ الۡجِبَالُ

۽ درد ناڪ عذاب. جنهن ڏينهن زلزلي ۾ ايندا زمين ۽ جبل ۽ جبل ٿي ويندا واريءَ

كَثِيْبًا مَّهِيْلًا ﴿۱۴﴾ اِنَّاۤ اَرْسَلْنَاۤ اِلَيْكُمْ رَسُوْلًا ۙ۬ شَاهِدًا عَلَيْكُمْ كَمَاۤ

جا وهندڙ دڙا. بيشڪ اسان توهان جي طرف هڪ رسول موڪليو جو توهان تي شاهد (حاضر ناظر) آهي

اَرْسَلْنَاۤ اِلٰى فِرْعَوْنَ رَسُوْلًا ﴿۱۵﴾ ؕ فَعَصٰى فِرْعَوْنُ الرَّسُوْلَ فَاَخَذْنٰهُ

جيئن اسان فرعون جي طرف رسول موڪليو. پوءِ فرعون ان رسول جو حڪم نہ مڃيو پوءِ اسان ان کي پڪڙ ڪئي

اَخْذًا وَّبِيْلًا ﴿۱۶﴾ فَكَيْفَ تَتَّقُوْنَ اِنْ كَفَرْتُمْ يَوْمًا يَّجْعَلُ الْوِلْدَانَ

سخت پڪڙ پوءِ ڪيئن بچندؤ. جيڪڏهن ڪفر ڪيو ان ڏينهن جو جيڪو ٻارن کي پوڙهو ڪري ڇڏيندو.

شِيْبَا ﴿۱۷﴾ ۖۗ السَّمَآءُ مُنْفَطِرٌۢ بِهٖ ؕ كَانَ وَعْدُهٗ مَفْعُوْلًا ﴿۱۸﴾ اِنَّ هٰذِهٖ

جنهن جي صدمي ڪان آسمان چيرجي پوندو ا لله جو واعدو پورو ٿي رهڻو آهي. بيشڪ اها

تَذْكِرَةٌ ۚ فَمَنْ شَآءَ اتَّخَذَ اِلٰى رَبِّهٖ سَبِيْلًا ﴿۱۹﴾ ع اِنَّ رَبَّكَ يَعْلَمُ اَنَّكَ تَقُوْمُ

نصيحت آهي پوءِ جيڪو شخص گهري تہ پنهنجي رب جي طرف واٽ وٺي. بيشڪ تنهنجو رب ڄاڻي ٿو تہ تون

اَدْنٰى مِنْ ثُلُثَيِ الَّيْلِ وَ نِصْفَهٗ وَ ثُلُثَهٗ وَ طَآىِٕفَةٌ مِّنَ الَّذِيْنَ مَعَكَ ؕ

قيام ڪرين ٿو ڪڏهن رات جي ٻن ٽهاين جي قريب ڪڏهن اڌ رات ۾ ڪڏهن ٽهائي ۾ هڪ جماعت تنهنجي

وَ اللّٰهُ يُقَدِّرُ الَّيْلَ وَ النَّهَارَ ؕ عَلِمَ اَنْ لَّنْ تُحْصُوْهُ فَتَابَ عَلَيْكُمْ

ساٿين مان ۾ الله رات ۾ ڏينهن جو اندازو فرمائي ٿو ان کي معلوم آهي تہ اي مسلمانو توهان ڪان رات جو شمار

فَاقْرَءُوْا مَا تَيَسَّرَ مِنَ الْقُرْاٰنِ ؕ عَلِمَ اَنْ سَيَكُوْنُ مِنْكُمْ مَّرْضٰى ۙ

نہ ٿي سگهندو پوءِ ان پنهنجي مِهر سان توهان تي رجوع فرمايو هاڻ قرآن مان جيترو توهان کي سولو لڳي

وَ اٰخَرُوْنَ يَضْرِبُوْنَ فِي الْاَرْضِ يَبْتَغُوْنَ مِنْ فَضْلِ اللّٰهِ ۙ وَ اٰخَرُوْنَ

اوترو پڙهو ان کي معلوم آهي جو عنقريب ڪي توهان مان بيمار ٿيندا ۽ ڪي زمين ۾ سفر ڪندا الله جو فضل

يُقَاتِلُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۖۚ فَاقْرَءُوْا مَا تَيَسَّرَ مِنْهُ ۙ وَ اَقِيْمُوا

تلاش ڪرڻ جي واسطي ۽ ڪي الله جي راهه ۾ لڙندا هوندا پوءِ جيترو به قرآن آسانيءَ سان پڙهي سگهو پڙهو

الصَّلٰوةَ وَ اٰتُوا الزَّكٰوةَ وَ اَقْرِضُوا اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا ؕ وَ مَا تُقَدِّمُوْا

۽ نماز قائم رکو ۽ زڪوٰة ڏيو ۽ الله کي قرض ڏيو سهڻو قرض ۽ پنهنجي واسطي

لِاَنْفُسِكُمْ مِّنْ خَيْرٍ تَجِدُوْهُ عِنْدَ اللّٰهِ هُوَ خَيْرًا وَّ اَعْظَمَ اَجْرًا ؕ

جيڪا ڀلائي اڳتي موڪليندؤ ان کي الله وٽ بهتر ۽ وڏي اجر وارو لهندؤ ۽ الله کان

وَاسْتَغْفِرُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۲۰﴾

بخشش گهرو بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي.

## ”بَــرِيءِ“ جي ٿن اکرن جي نسبت سان

## سورت ڪافرون جا 3 فضائل

﴿1﴾ **حضرت سيدنا** فَرْوَه بن نوفل رَضِيَ اللہُ عَنْهُ کان روايت آهي انهن نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي ڪري عرض ڪيو يارسول **الله** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مونکي اهڙي شيءِ ٻڌايو جنهن کي آئون بستري ڏانهن ويندي پڙهندو ڪريان نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو قُلْ يٰاَيُّهَا الْكٰفِرُوْن پڙهندو ڪر هي شرڪ کان **براءَت** (يعني آزادي) آهي. (السنن الترمذي حديث 3414 ج 5 ص257)

﴿2﴾ حضرت سيدنا انس رَضِيَ اللہُ عَنْهُ کان روايت آهي ته شهنشاهِ مدينه قرارِ قلب وسينه، صاحبِ معطر پسينه، باعثِ نزول سڪينه فيضِ گنجينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ صحابي رَضِيَ اللہُ عَنْهُ کي ارشاد فرمايو ”اي

فلاڻا“ ڇا تو شادي ڪري ڇڏي آهي؟ تہ ان عرض ڪيو: يا رسولَ الله ﷺ الله جو قسم! ناهي ڪئي، مون وٽ شادي ڪرڻ لاءِ ڪجھہ بہ نہ آهي ”فرمايائون“ ڇا توکي قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ياد نہ آهي؟ ان عرض ڪيو: ڇونہ ”پاڻ ڪريم ﷺ جن ارشاد فرمايو هيءَ قرآن جي ٽئين حصي جي برابر آهي.“ وري فرمايائون! ڇا توکي اِذَاجَآءَ نَصْرُ اللّٰهِ وَالْفَتْحُ ياد نہ آهي؟ ان عرض ڪيو: ”ڇونہ“ فرمايائون ”هي قرآن جي چوٿائي حصي جي برابر آهي. وري پڇيائون ڇا توکي قُلْ يٰۤاَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ ياد نہ آهي؟ ان عرض ڪيو ”ڇونہ“ فرمايائون هي قرآن جي چوٿائي جي برابر آهي وري فرمايائون ڇا توکي اِذَا زُلْزِلَتِ الْاَرْض ياد نہ آهي؟ ان عرض ڪيو ”ڇونہ“ فرمايائون هي چوٿائي قرآن آهي. ”شادي ڪري وٺ“ ”**شادي ڪري وٺ**“. (سنن الترمذي حديث 2904 ج4 ص 409)

﴿3﴾ **حضرت سيدنا ابن عباس** رضي الله عنه **کان روايت آهي تہ نور جي پيڪر تمام نبين جي سرور، ٻنهي جهانن جي تاجور، سُلطانِ بَحرُ و بَر** ﷺ **جن ارشاد فرمايو** اِذَا زُلْزِلَتِ **نصف (يعني اڌ) قرآن جي برابر آهي ۽** قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ **قرآن جي ٽئين حصي جي برابر آهي ۽** قُلْ يٰۤاَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ **چوٿائي قرآن جي برابر آهي.“** (سنن الترمذي الحديث 2903 ج 4 ص 409)

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

قُلْ يٰۤاَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ ﴿۱﴾ لَاۤ اَعْبُدُ مَا تَعْبُدُوْنَ ﴿۲﴾ وَلَاۤ اَنْتُمْ عٰبِدُوْنَ

تون فرماءِ اي ڪافرؤو. نہ مان پوڄا ڪريان ٿو ان جي جنهن ڪي توهان پوڄيندا آهيو. ۽ نہ ئي توهان پوڄا ڪريو ٿا جنهن جي

مَآ اَعۡبُدُ ۝۳ وَلَآ اَنَا عَابِدٌ مَّا عَبَدۡتُّمۡ ۝۴ وَلَآ اَنۡتُمۡ عٰبِدُوۡنَ مَآ اَعۡبُدُ ۝۵

مان پوڃا ڪريان ٿو. ۽ نہ ئي مان پوڃا ڪندس جنهن جي توهان پوڃا ڪئي ۽ نہ ئي توهان پوڃا ڪندؤ جنهن جي مان عبادت

لَكُمۡ دِيۡنُكُمۡ وَلِيَ دِيۡنِ ۝۶

ڪريان ٿو. توهان جي واسطي توهان جو دين ۽ منهنجي واسطي منهنجو دين.

## ”بسم الله“ جي سنت اکرن جي نسبت سان سوره الاخلاص جا 7 فضائل

﴿1﴾ **حضرت سيدنا اَبُو دَردَاءَ** رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان مروي آهي تہ حُضورِ پَاڪ، صَاحبِ لَولَاڪ، سَيَّاحِ اَفۡلَاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو توهان مان ڪو ماڻهو رات ۾ قرآن جو ٽيون حصو ڇونہ ٿو پڙهي؟ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنۡہُم عرض ڪيو. ڪو شخص قرآن جو ٽيون حصو ڪيئن پڙهي سگهي ٿو؟ ارشاد فرمايائون قُلۡ هُوَ اللہُ اَحَدٌ قرآن جي ٽئين حصي جي برابر آهي.“ (صحيح مسلم حديث 811 ص 405)

﴿2﴾ **حضرت سيدنا** اَبُوهُرَيره رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي تہ سَيِّدُالمُرۡسَلِين خاتم النبين جناب رحمةٌ للعالمين صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو پاڻ ۾ گڏ ٿي وڃو ڇوتہ هاڻ آئون توهان جي سامهون قرآن جو ٽيون حصو پڙهندس. ”جيئن تہ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنۡہُم جن مان جنهن کي جمع ٿيڻو هو اهي گڏ ٿي ويا پوءِ نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن تشريف کڻي آيا ۽ قُلۡ هُوَ اللہُ اَحَدٌ پڙهيو ۽ واپس هلي ويا، اسين هڪ ٻئي کي چوڻ لڳاسون“ شايد آسمان کان ڪا خبر آئي آهي جنهن جي سبب حضور صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم قُلۡ هُوَ اللہُ اَحَدٌ (سورت) پڙهي واپس تشريف

ڪٺي ويا جڏهن پاڻ ﷺ ٻيهر تشريف ڪٺي آيا تہ فرمايائون: ”مون توهان جي سامهون قرآن جو ٽيون حصو پڙهڻ لاءِ چيو هو. تہ ٻڌي وٺو! اهائي سورت قرآن جي ٽئين حصي جي برابر آهي“. (صحيح مسلم حديث 812 ص 405)

﴿3﴾ حضرت سيدنا اَبُوسَعِيد خُدري رضي الله عنه فرمائن ٿا تہ هڪ شخص ڪنهن کي هر هر قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ پڙهندي ٻڌو تہ صبح جي وقت رَسُول اَڪرم ﷺ جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿي ڪري ان جو تذڪرو ڪيو اهو صاحب ڄڻ تہ ان کي گهٽ سمجهي رهيو هو تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: ”ان ذات جي قسم جنهن جي دستِ قدرت ۾ منهنجي جان آهي هي سورت قرآن جي ٽئين حصي جي برابر آهي.“ (صحيح البخاري الحديث 5013 ج3 ص 406)

﴿4﴾ حضرت سيدنا مُعاذ بن انس جُهنِي رضي الله عنه کان روايت آهي تہ الله جي محبوب داناءِ غيوب، مُنَزَهُ عَنِ الْعُيُوب ﷺ جن ارشاد فرمايو: جيڪو ماڻهو ڏهہ ڀيرا قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ پڙهندو الله عَزَّوَجَلَّ ان لاءِ جنت ۾ هڪ محل ٺاهيندو. حضرت سيدنا عُمَر بن خطاب رضي الله عنه جن عرض ڪيو: يارسول الله ﷺ پوءِ تہ اسان هن کي ڪثرت سان پڙهنداسين. پاڻ ﷺ جن فرمايو. الله عَزَّوَجَلَّ تمام گهڻو عطا ڪرڻ وارو ۽ پاڪ آهي.“ (مسند امام احمد بن حنبل حديث 15610 ج 08)

﴿5﴾ اُمُ المُؤمِنين حضرت سيدتنا عائشہ صديقہ رضي الله عنها کان مروي آهي تہ نُور جي پيڪر، نَبِيّن جي سرور، ٻنهي جهانن جي تاجور، سُلطان بَحَروبَر ﷺ جن هڪ صاحب کي سَرِيّہ جو امير بڻائي ڪري موڪليو هي پنهنجي ساٿين کي نماز پڙهائيندو هو تہ

ان ۾ ۽ سورت سان گڏ آخر ۾ قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ پڙهندو هو سَرِيہّ کان واپس ٿيڻ کان پوءِ ماڻهن **رسول اللّٰه** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ان جو تذڪرو ڪيو تہ **نبي** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ان کان پڇو تہ هو ائين ڇو پيو ڪري؟ ماڻهن ان کان پڇيو تہ ان ٻڌايو تہ آئون ان کي هر نماز ۾ ان لاءِ پڙهندو آهيان تہ هيءَ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جي صفت آهي ۽ آئون ان جي پڙهڻ کي پسند ڪندو آهيان." اهو ٻڌي ڪري نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ان کي خبر ڏيو تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ بہ ان سان محبت فرمائي ٿو. (صحيح بخاري الحديث 7375 ج 4 ص 531)

﴿6﴾ **حضرت سيدنا ابوهريره** رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا تہ آئون خَاتَمَ الْمُرْسَلِيْن رَحْمَةٌ لِلْعَالَمِيْن، شفيع المذنبين، اَنِيسُ الْغَرِيبِين، سِرَاجُ السَّالِكِين، مَحْبُوبِ رَبُّ الْعَالَمِين جَنابِ صَادق صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪنهن کي سوره اخلاص پڙهندي ٻڌو تہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو. "**واجب ٿي وئي**" مون عرض ڪيو: **يارسول اللّٰه** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪهڙي شيء واجب ٿي وئي؟ فرمايائون "جنت".

(الموطا للامام مالک الحديث 495 ص 198)

﴿7﴾ حضرت سيدنا انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ کان روايت آهي تہ تاجدار رسالت، شهنشاهِ نبوت مخزنِ جودوسخاوت، پيڪرِ عظمت و شرافت، محبوبِ رب العزت، محسنِ انسانيت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جيڪو شخص روزانو سؤ ڀيرا قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ پڙهندو ان جا پنجاھ سالن جا گناھ متايا ويندا پر هي جو ان تي قرض هجي. (سنن الترمذي حديث 2907 ج4 ص 411)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

قُلۡ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ۚ﴿۱﴾ اَللّٰهُ الصَّمَدُ ۚ﴿۲﴾ لَمۡ يَلِدۡ ۙ وَ لَمۡ يُوۡلَدۡ ۙ﴿۳﴾ وَ لَمۡ يَكُنۡ

تون فرماءِ اهو الله آهي اهو هڪ آهي. الله بي نياز آهي. نہ ان جي ڪا اولاد ۽ نہ اهو ڪنهن کان پيدا ٿيو. ۽ نہ وري ان جو ڪو

لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ ۚ﴿۴﴾

ثاني ۽ (مٽ) آهي.

## "پنجتن" جي پنج اکرن جي نسبت سان سوره فلق ۽ الناس جا 5 فضائل

﴿1﴾ **حضرت سيدنا** جابر بن عبد الله رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مون سان فرمايو"اي جابر" پڙهو، مون عرض ڪيو **يا رسول الله** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان! ڇا پڙهان فرمايائون! قُلۡ اَعُوۡذُ بِرَبِّ الۡفَلَقِ ۽ قُلۡ اَعُوۡذُ بِرَبِّ النَّاسِ پوءِ مون هي ٻئي سورتون پڙهيون تہ فرمايائون تہ هنن ٻنهي کي پڙهندو ڪر ڇوتہ تون ان جي مثل ڪڏهن بہ نہ پڙهي سگهندين. (الاحسان بترتيب صحيح ابن حبان ، الحديث 793، ج2 ص 84)

﴿2﴾ حضرت سيدنا عقبہ بن عامر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ آئون هڪ سفر ۾ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان گڏ هيس تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: "اي عقبہ! ڇا توکي آئون پڙهيون ويندڙ بہ بهترين سورتون نہ سيکاريان؟" پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مونکي قُلۡ اَعُوۡذُ بِرَبِّ الۡفَلَقِ ۽ قُلۡ اَعُوۡذُ بِرَبِّ النَّاسِ سيکاريون. (سنن ابي داود، الحديث 1462، ج. 2، ص. 103)

﴿3﴾ حضرت سيدنا عقبہ بن عامر رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي تہ آئون رسول اللّٰه صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن سان گڏ جحفہ ۽ ابواء (ٻن جڳهين) جي وچ مان گذري رهيو هيس تہ اسان کي سخت انڌاريءَ گهيري ورتو تہ رسول اللّٰه صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن قُلۡ اَعُوۡذُ بِرَبِّ الۡفَلَقِ ۽ قُلۡ اَعُوۡذُ بِرَبِّ النَّاسِ جي ذريعي پناهہ گهرڻ شروع ڪئي ۽ مونکي فرمايائون اي عُقبہ انهن ٻنهي جي ذريعي پناهہ گهرندو ڪر ڪنهن پناهہ گهرڻ واري ان جي مثل ڪنهن شيءِ جي وسيلي پناهہ ناهي گهري. (سنن ابي داود، الحديث 1463 ج. 2، ص. 103)

﴿4﴾ **ام المومنين** سيدتنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللہُ عَنۡہَا کان روايت آهي تہ جڏهن رسول اللّٰه صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن آرام فرمائڻ لاءِ بستري تي تشريف کڻي ايندا هئا تہ ٻنهي هٿن کي جوڙي ڪري **سوره اخلاص، فلق** ۽ **ناس** پڙهي ڪري دم ڪندا ۽ بدن اقدس جي جنهن بہ حصي تائين هٿ ويندا اوستائين ڦيريندا هئا پر هٿ ڦيرڻ جي شروعات مٿي ۽ چهري کان هوندي ۽ جسم اقدس جي اڳيئي حصي کان ۽ اهڙي طرح ٽي ڀيرا هي عمل ڪندا هئا. (صحيح البخاري، الحديث 5017 ج. 3 ص. 407)

﴿5﴾ **حضرت سيدنا** عبد اللّٰه بن حبيب رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان مروي آهي تہ سرڪارِ دوعالم نورِ مجسم، شاهِ بني آدم رسولِ محتشم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ان سان فرمايو قُلۡ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ۽ **معوذتين** (**سوره فلق** ۽ **سوره ناس**) روزانو ٽي ٽي ڀيرا صبح ۽ شام پڙهي وٺندو ڪر هي تنهنجي لاءِ هر شيءِ کان ڪفايت ڪنديون. (الدرالمنثور، ج. 8، ص. 681)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

قُلۡ اَعُوۡذُ بِرَبِّ الۡفَلَقِ ۙ﴿۱﴾ مِنۡ شَرِّ مَا خَلَقَ ۙ﴿۲﴾ وَ مِنۡ شَرِّ غَاسِقٍ اِذَا وَقَبَ ۙ﴿۳﴾

تون فرماءِ مان ان جي پناهه وٺان ٿو جيڪو صبح جو پيدا ڪرڻ وارو آهي. ان جي سموري مخلوق جي شر کان. ۽ اونداهي وجهندڙ جي شر

وَ مِنۡ شَرِّ النَّفّٰثٰتِ فِی الۡعُقَدِ ۙ﴿۴﴾ وَ مِنۡ شَرِّ حَاسِدٍ اِذَا حَسَدَ ﴿۵﴾

کان جڏهن اهو لهي ۽ انهن عورتن جي شر کان جيڪي ڳنڍين ۾ ڦوڪ ڏين ٿيون ۽ حسد واري جي شر کان جڏهن اهو مون کان سڙي.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

قُلۡ اَعُوۡذُ بِرَبِّ النَّاسِ ۙ﴿۱﴾ مَلِکِ النَّاسِ ۙ﴿۲﴾ اِلٰهِ النَّاسِ ۙ﴿۳﴾ مِنۡ شَرِّ

تون چئو مان ان جي پناهه ۾ آيس جيڪو سمورن ماڻهن جو رب سمورن ماڻهن جو بادشاهه. سمورن ماڻهن جو خدا آهي

الۡوَسۡوَاسِ ۬ۙ الۡخَنَّاسِ ۪ۙ﴿۴﴾ الَّذِیۡ یُوَسۡوِسُ فِیۡ صُدُوۡرِ النَّاسِ ۙ﴿۵﴾ مِنَ

ان جي شر کان جيڪو دل ۾ برا خيال وجهي ۽ ڇپي وڃي. جيڪي ماڻهن جي دلين ۾ وسوسا وجهن ٿا. جنن (جي

الۡجِنَّةِ وَ النَّاسِ ﴿۶﴾

جنس) ۽ ماڻهن مان.

### مدني گل

اي ڪاش! روزي جي ڪثرت جي محبت جي بدلي اسان نيڪين جي حسرت ڪيون ۽ ان جي لاءِ ٻه ڪو ورد ڪريون .

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# فيضانِ ذڪر الله

## درود شريف جي فضيلت

**سرڪار دوجهان** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان مغفرت نشان آهي: جيڪو منهنجي محبت ۽ مون ڏانهن شوق جي سبب مونتي هر ڏينهن ۽ هر رات جو ٽي ٽي ڀيرا درود شريف پڙهي ته الله عَزَّوَجَلَّ تي حق آهي ته هُو اُن جي اُنهيءَ ڏينهن ۽ اُنهيءَ رات جا گناهه بخشي ڇڏي. (المعجم الكبير، ج. 18، ص. 361، حديث 928)

## ايمان مفصل

اٰمَنْتُ بِاللّٰهِ وَمَلٰٓئِكَتِهٖ وَكُتُبِهٖ وَرُسُلِهٖ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَالْقَدْرِ خَيْرِهٖ وَشَرِّهٖ مِنَ اللّٰهِ تَعَالٰى وَالْبَعْثِ بَعْدَ الْمَوْتِ ؕ

**ترجمو:** ”مون ايمان آندو الله تي ۽ سندس فرشتن تي ۽ سندس ڪتابن تي ۽ ان جي رسولن تي ۽ قيامت جي ڏينهن تي ۽ ان تي ته سُٺي ۽ بُري تقدير الله جي طرفان آهي ۽ موت ڪانپوءِ اُٿاريو وڃڻ تي.“

## ايمان مجمل

اٰمَنْتُ بِاللّٰهِ كَمَا هُوَ بِاَسْمَآئِهٖ وَصِفَاتِهٖ وَقَبِلْتُ جَمِيْعَ اَحْكَامِهٖ اِقْرَارٌۢ بِاللِّسَانِ وَتَصْدِيْقٌۢ بِالْقَلْبِ ؕ

www.dawateislami.net

**ترجمو:** ”مون ايمان آندو الله تي جيئن هُو پنهنجي ذات ۽ پنهنجي صفتن ساڻ آهي ۽ مون سندس تمام احڪام قبول ڪيا، زبان سان اقرار ڪندي ۽ دل سان تصديق ڪندي.“

## پهريون ڪلمو طيب

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ ط

**ترجمو:** **الله** ڪانسواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق ناهي **محمد** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **الله** جا رسول آهن.

## ٻيون ڪلمو شهادت

اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ

لَا شَرِيْكَ لَهٗ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ ط

**ترجمو:** مان گواهي ڏيان ٿو تہ الله ڪانسواءِ ڪوبہ معبُود ناهي، هو اڪيلو آهي، سندس ڪوبہ شريڪ ڪونهي ۽ مان گواهي ڏيان ٿو تہ بيشڪ **محمد** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **الله** جا ٻانها ۽ رسول آهن.

## ٽيون ڪلمو تمجيد

سُبْحٰنَ اللّٰهِ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ وَلَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاللّٰهُ اَكْبَرُ ط

وَلَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ ط

**ترجمو:** **الله** پاڪ آهي ۽ سموري واکاڻ **الله** جي لاءِ آهي ۽ **الله** ڪانسواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي ۽ **الله** سڀ ڪان وڏو آهي. گناهن کان بچڻ جي طاقت ۽

www.dawateislami.net

نيڪي ڪرڻ جي توفيق الله جي ئي طرفان آهي جيڪو سيني ڪان بلند عظمت وارو آهي.“

## چوٿون ڪلمو توحيد

لَآ اِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ وَحۡدَهٗ لَاشَرِيۡكَ لَهٗ لَهُ الۡمُلۡكُ وَلَهُ الۡحَمۡدُ يُحۡيٖ وَيُمِيۡتُ وَهُوَ حَيٌّ لَّايَمُوۡتُ اَبَدًا اَبَدًا ؕ ذُوالۡجَلَالِ وَالۡاِكۡرَامِ ؕ بِيَدِهِ الۡخَيۡرُ ؕ وَهُوَعَلٰى كُلِّ شَيۡءٍ قَدِيۡرٌ ؕ

ترجمو: الله ڪانسواءِ ڪوبہ معبود ناهي، هُو اڪيلو آهي سندس ڪوبہ شريڪ ڪونهي، انهيءَ لاءِ ئي آهي بادشاهي ۽ انهيءَ لاءِ ئي واکاڻ آهي اُهو ئي جيارڻندو ۽ مارڻيندو آهي ۽ هُو زنده آهي ۽ ڪيس هرگز ڪڏهن موت ڪونہ ايندي. وڏي جلال ۽ بزرگي وارو آهي. ان جي هٿ ۾ ڀلائي آهي ۽ هُو هر شيءِ تي قادر آهي.“

## پنجون ڪلمو استغفار

اَسۡتَغۡفِرُ اللّٰهَ رَبِّيۡ مِنۡ كُلِّ ذَنۡۢبٍ اَذۡنَبۡتُهٗ عَمَدًا اَوۡ خَطَاً سِرًّا اَوۡعَلَانِيَةً وَّاَتُوۡبُ اِلَيۡهِ مِنَ الذَّنۡۢبِ الَّذِيۡٓ اَعۡلَمُ وَمِنَ الذَّنۡۢبِ الَّذِيۡ لَآ اَعۡلَمُ اِنَّكَ اَنۡتَ عَلَّامُ الۡغُيُوۡبِ وَسَتَّارُ الۡعُيُوۡبِ وَغَفَّارُ الذُّنُوۡبِ وَلَاحَوۡلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ الۡعَلِيِّ الۡعَظِيۡمِ ؕ

ترجمو: مان الله ڪان معافي گهران ٿو جيڪو منهنجو پروردگار آهي، هر گناه ڪان جيڪو مون جاڻي واڻي ڪيو يا ڀُلجي ڪري، لڪي ڪري ڪيو يا ظاهر ٿي ڪري ۽ مان ان جي بارگاه ۾ توبہ ڪريان ٿو ان گناه ڪان جنهن ڪي

مان ڄاڻان ٿو ۽ ان گناهہ کان بہ جنهن کي مان نٿو ڄاڻان (اي الله) بيشڪ تون غيبن جو ڄاڻڻ وارو ۽ عيبن کي لڪائڻ وارو ۽ گناهن جو بخشڻ وارو آهين ۽ گناهہ کان بچڻ جي طاقت ۽ نيڪي ڪرڻ جي قُوت الله جي ئي طرفان آهي جيڪو سيني کان بلند عظمت وارو آهي.“

## ڇهون ڪلمو رد ڪفر

اَللّٰهُمَّ اِنِّيْۤ اَعُوْذُبِكَ مِنْ اَنْ اُشْرِکَ بِكَ شَيْئًا وَّاَنَا اَعْلَمُ بِهٖ وَاَسْتَغْفِرُكَ لِمَا لَاۤ اَعْلَمُ بِهٖ تُبْتُ عَنْهُ وَتَبَرَّأْتُ مِنَ الْكُفْرِ وَالشِّرْكِ وَالْكِذْبِ وَالْغِيْبَةِ وَالْبِدْعَةِ وَالنَّمِيْمَةِ وَالْفَوَاحِشِ وَالْبُهْتَانِ وَالْمَعَاصِيْ كُلِّهَا وَاَسْلَمْتُ وَاَقُوْلُ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ ط

ترجمو: اي الله مان تنهنجي پناهہ گهران ٿو انهيءَ ڳالهہ کان جو ڪنهن شيءِ کي تنهنجو شريڪ بڻايان ڄاڻي واڻي ۽ بخشش گهران ٿو توکان اُن (شرڪ) جي جنهن کي مان ڪونہ ٿو ڄاڻان ۽ مون ان کان توبهہ ڪئي ۽ مان بيزار ٿيس ڪفر کان ۽ شرڪ کان ۽ ڪُوڙ کان ۽ غيبت کان ۽ بدعت کان ۽ چغليءَ کان ۽ بي حيائين کان ۽ بُهتان کان ۽ تمام گناهن کان ۽ مون اسلام قبوليو ۽ مان چوان ٿو الله ڪانسواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق ناهي محمد صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم الله جا رسول آهن،“

## ”مغفرت“ جي پنج حرفن جي نسبت سان استغفار ڪرڻ جا 5 فضائل

### ﴿1﴾ دلين جي زَنگ جي صفائي

حضرت سيدنا اَنَس رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي تہ خاتم النبيّن، صاحبِ قرآنِ مُبِين، محبوبِ رب العٰلمين، جنابِ صادق وامين

ﷺ جن جو فرمان دلنشين آهي: بيشڪ لوهہ وانگر دِلين کي بہ زَنگ لڳي ويندو آهي ۽ انهيءَ جي جِلاء (يعني صفائي) استغفار آهي. (مجمع الزوائد، ج. 10، ص. 346، حديث 17575)

## ﴿2﴾ پريشانين ۽ تنگي کان نجات

حضرت سيدنا عبد الله ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ محبوبِ رب ذوالجلال، شهنشاهِ خُوش خِصال، سُلطانِ شِيرين مَقال، پيڪرِ حُسن جمال ﷺ جن جو فرمان دلنشين آهي: ”جنهن استغفار کي پاڻ مٿان لازم ڪري ورتو، الله عزوجل ان جي هر پريشاني دُور فرمائيندو ۽ هر تنگيءَ کان کيس راحت عطا فرمائيندو ۽ ان کي اهڙي جڳهہ کان رزق عطا فرمائيندو جتان کيس گمان بہ نہ هوندو“. (سنن ابن ماجه، ج. 4، ص. 257، حديث 3819)

## ﴿3﴾ خوش ڪرڻ وارو اعمال نامو

حضرت سيدنا زبير بن عوام رضي الله عنه کان روايت آهي تہ نبي مڪرم، نُورِ مجسم، رسولِ اڪرم، شهنشاهِ بني آدم ﷺ جن جو فرمان مُسرت نشان آهي: جيڪو ان ڳالهہ کي پسند ڪري ٿو تہ سندس اعمال نامو کيس خوش ڪري تنهن کي گهرجي تہ ان ۾ استغفار جو اضافو ڪري. (مجمع الزوائد، ج. 10، ص. 347، حديث 17579)

## ﴿4﴾ خوش خبري!

حضرت سيدنا عبد الله بن بُسر رضي الله عنه فرمائن ٿا تہ مون شهنشاهِ مدينہ، قرارِ قلب وسينہ، صاحبِ معطر پسينہ، باعثِ نزول سڪينہ، فيضِ گنجينہ ﷺ جن کي فرمائيندي ٻڌو تہ ”خوش خبري

آهي ان جي لاءِ جيڪو پنهنجي اعمال نامي ۾ استغفار جي ڪثرت ڪري ماڻي. (سنن ابن ماجه، ج. 4، ص. 257، حديث 3818)

## ﴿5﴾ سيد الاستغفار جي فضيلت

حضرت سيدنا شداد بن اَوس رضی اللہ عنہ کان روايت آهي تہ خاتم المرسلين صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم جن فرمايو تہ هي ”سَيِّدُ الْاِسْتِغْفَار“ آهي.

اَللّٰهُمَّ اَنْتَ رَبِّیْ لَا اِلٰهَ اِلَّا اَنْتَ خَلَقْتَنِیْ وَاَنَا عَبْدُکَ وَاَنَا عَلٰی عَهْدِکَ وَوَعْدِکَ مَا اسْتَطَعْتُ اَعُوْذُ بِکَ مِنْ شَرِّ مَا صَنَعْتُ اَبُوْءُ لَکَ بِنِعْمَتِکَ عَلَیَّ وَاَبُوْءُ بِذَنْبِیْ فَاغْفِرْلِیْ فَاِنَّهٗ لَا يَغْفِرُ الذُّنُوْبَ اِلَّا اَنْتَ

**ترجمو:** ”اي الله عزوجل! تون منهنجو رب آهين، توکان سواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي، تو مُونکي پيدا ڪيو، مان تنهنجو ٻانهو آهيان ۽ وَس آهر تُنهنجي عَهد و پيمان (واعدي) تي قائم آهيان مان پنهنجي (بُري) اعمال جي شَر (فتني) کان تُنهنجي پناهہ گهران ٿو، تنهنجي جيڪا مون تي نعمت آهي انهيءَ جو اقرار ڪريان ٿو ۽ پنهنجي گناهن جو اعتراف ڪريان ٿو، منهنجي بخشش فرماءِ جو تو کان سواءِ ڪوبہ گناهہ بخشي نٿو سگهي.“

جنهن هن کي ڏينهن جي وقت ايمان ۽ يقين سان پڙهيو پوءِ انهيءَ ڏينهن شام ٿيڻ کان پهريان سندس انتقال ٿي ويو تہ اُهو جنّتي آهي ۽ جنهن رات جي وقت هن کي ايمان ۽ يقين سان پڙهيو پوءِ صبح ٿيڻ کان اڳ ۾ سندس انتقال ٿي ويو تہ اُهو جنّتي آهي. (صحيح البخاري، ج. 4، ص. 190، حديث 6306)

www.dawateislami.net

# ”واحد“ جي چار اکرن جي نسبت سان ڪلمہ طيبہ جون 4 فضيلتون

## ﴿1﴾ خوش نصيب ڪير؟

حضرت سيدنا ابوهريره رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ ڪان روايت آهي، انهن عرض ڪيو يارسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! قيامت جي ڏينهن اوهان جي شفاعت ڪان فيضياب ٿيڻ وارا خوش نصيب ماڻهو ڪير هوندا؟ فرمايائون: ”**اي ابوهريره**! منهنجو خيال اهو ئي هو تہ توکان پهريان مونکان اها ڳالهہ ڪير بہ نہ پڇندو ڇو تہ مان حديث ٻُڌڻ جي معاملي ۾ تنهنجي چاهت کي ڄاڻان ٿو، قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ماڻڻ وارو خوش نصيب اُهو هوندو جيڪو دل جي سچائيءَ سان لَاۤ اِلٰـہَ اِلَّا اللہُ چوندو.“ (صحيح البخاري، ج. 1، ص. 53، حديث 99)

## ﴿2﴾ افضل ذڪر ۽ دعا

حضرت سيدنا جابر رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ فرمائن ٿا: مون شهنشاهِ مدينہ، قرارِ قلب وسينہ، صاحبِ معطر پسينہ باعثِ نزول سڪينہ، فيضِ گنجينہ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي فرمائيندي ٻُڌو: سڀ ڪان افضل ذڪر لَاۤ اِلٰـہَ اِلَّا اللہُ آهي ۽ سڀ ڪان افضل دعا اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ آهي. (سنن ابن ماجه، ج. 4، ص. 248، حديث 3800)

## ﴿3﴾ آسمانن جا دروازا کُلي ويندا آهن

حضرت سيدنا ابوهريره رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ ڪان روايت آهي تہ نور جي پيڪر، تمام نبين جي سرور ٻنهي جهانن جي تاجور، سلطان بحروبر صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جنهن ٻانهي اخلاص (**سچائي**) سان لَاۤ اِلٰـہَ اِلَّا اللہُ چيو تہ آسمان جا دروازا کوليا ويندا آهن، ايستائين جو اهو

www.dawateislami.net

عرش تائين پُهچي ويندو آهي جڏهن تہ ڪبيره گناهن کان بچندو رهي.“ (سنن الترمذي، ج. 5، ص. 340، حديث 3601)

## تجديد ايمان

حضرت سيدنا ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ سيّد المبلغين رحمة للعالمين صلى الله عليه واله وسلم جن فرمايو پنهنجي ايمان جي تجديد ڪري وٺندا ڪريو: عرض ڪيو ويو يارسول الله صلى الله عليه واله وسلم! اسين پنهنجي ايمان جي تجديد ڪيئن ڪندا ڪريون؟ فرمايائون لَااِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ ڪثرت سان پڙهندا ڪريو.“ (مسند للاِمام احمد بن حنبل، ج. 3، ص. 281، حديث 8718)

## ”جنت“ جي ٽن اکرن جي نسبت سان سُبْحَانَ اللّٰهِ وَبِحَمْدِهٖ پڙهڻ جون 3 فضيلتون

### ﴿1﴾ گناهہ مٽايا ويندا آهن

حضرت سيدنا ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت، مخزنِ جود سخاوت، پيڪرِ عظمت و شرافت، محبوبِ ربُّ العزت، محسنِ انسانيت صلى الله عليه واله وسلم جن جو فرمان مغفرت نشان آهي. ”جيڪو سؤ ڀيرا سُبْحَانَ اللّٰهِ وَبِحَمْدِهٖ پڙهندو آهي ان جا گناهہ مٽايا ويندا آهن جيتوڻيڪ سمنڊ جي جهڳ جي برابر هجن.“
(سنن الترمذي، ج. 5، ص. 287، حديث 3477)

### ﴿2﴾ سون جو جبل خيرات ڪرڻ جو ثواب

حضرت سيدنا ابواُمامہ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ خَاتَمُ الْمُرْسَلِين، رحمة للعالمين، شفيع المذنبين، اَنِيسُ الْغَرِيبِين، سِرَاجُ السَّالِكِين، مَحْبُوبِ رَبُّ الْعٰلَمِيْن، جَنابِ صَادق واَمِين صلى الله عليه واله وسلم جن جو فرمانِ دلنشين آهي: جنهن لاءِ رات جو، عبادت ڪرڻ ڏکيو ڪم هجي يا هُو

پنهنجو مال خرچ ڪرڻ ۾ بُخل (ڪنجُوسي) کان ڪم وٺندو هجي يا دشمن سان جهاد ڪرڻ کان ڊڄندو هجي ته اُهو سُبْحَانَ اللهِ وَبِحَمْدِهٖ ڪثرت سان پڙهندو ڪري ڇو ته ائين ڪرڻ الله عَزَّوَجَلَّ کي پنهنجي راهه ۾ جبل جيترو سون خيرات ڪرڻ کان وڌيڪ پسند آهي.“
(مجمع الزوائد، ج. 10، ص. 112، حديث 16876)

## جنت ۾ کجيءَ جو وڻ

حضرت سيدنا عبد الله بن عمرو رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته نُور جي پيڪر، تمام نبين جي سرور ﷺ ٻنهي جَهانن جي تاجور، سلطان بحروبر صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو سُبْحَانَ اللهِ وَبِحَمْدِهٖ پرهندو آهي ان جي لاءِ جنّت ۾ کجي جو هڪ وڻ لڳايو ويندو آهي. (مجمع الزوائد، ج. 10، ص. 111، حديث 16875)

## ”آقا“ جي ٽن اکرن جي نسبت سان
## لَاحَوْلَ وَلَاقُوَّةَ اِلَّا بِالله پڙهڻ جون 3 فضيلتون

## ﴿1﴾ جنت جو دروازو

حضرت سيدنا معاذ بن جبل رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاحِ افلاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ڇا مان توهان کي جنّت جي دروازن مان هڪ دروازي جي بابت نه ٻُڌايان؟ عرض ڪيو ويو: اهو ڇا آهي؟ ارشاد فرمايائون: لَاحَوْلَ وَلَاقُوَّةَ اِلَّا بِالله.
(مجمع الزوائد، ج. 10، ص. 118، حديث 16817)

## ﴿2﴾ 99 بيمارين جي لاءِ دوا

حضرت سيدنا ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته ٻنهي جهانن جي مالڪ ومُختار، حبيبِ پروردگار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جنهن ڇيو

www.dawateislami.net

لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ تہ هي (ان جي لاءِ) 99 بيمارين جي دوا آهي، انهن مان سيني کان هلڪي بيماري رَنج الم (يعني ڏک) آهي.“ (الترغيب و الترهيب، ج. 2، ص. 285، حديث 2448)

## ﴿3﴾ نعمت جي حفاظت جو نُسخو

حضرت سيدنا عُقبہ بن عامر رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ کان روايت آهي تہ نُور جي پيڪر، تمام نبيّن جي سَرور ٻنهي جهانن جي تاجور، سلطان بحروبر صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جنهن کي الله عَزَّوَجَلَّ ڪا نعمت عطا فرمائي پوءِ اهو ٻانهو ان نعمت کي باقي رکڻ چاهي تہ ان کي گهرجي تہ لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ جي ڪثرت ڪري. (المعجم الكبير، ج. 17، ص. 311، حديث 859)

## سُڄاڳ ٿيڻ مهل جا 3 ورد

﴿1﴾ حضرت سيدنا عباده بن صامت رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ کان روايت آهي تہ حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاحِ افلاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ جنهن ننڊ کان سُجاڳ ٿي ڪري چيو:

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ لَهُ الْمُلْكُ وَ لَهُ الْحَمْدُ وَ هُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ط

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ وَ سُبْحَانَ اللهِ وَلَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَ اللهُ اَكْبَرُ وَ لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ

ترجمو: الله ڪانسواءِ ڪوبہ معبود ناهي، هو اڪيلو آهي سندس ڪوبہ شريڪ ناهي. اُنهيءَ جي بادشاهي آهي ۽ انهيءَ جي واکاڻ ۽ هو هر شيءِ تي قدرت رکي ٿو تمام خوبيون الله جي ئي لاءِ آهن ۽ الله پاڪ آهي ۽ الله کان سواءِ ڪوبہ معبود ناهي ۽ الله سڀ کان وڏو آهي ۽ گناهہ کان بچڻ جي قوت ۽ نيڪي ڪرڻ جي طاقت الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان ئي حاصل ٿيندي آهي.

پوءِ اَللّٰهُمَّ اغْفِرْلِيْ چيائين يا ڪا بہ دعا گهريائين تہ ان کي قبول ڪيو ويندو، پوءِ جيڪڏهن وضو ڪيائين ۽ نماز پڙهيائين تہ سندس نماز قبول ڪئي ويندي.
(صحيح البخاري، ج. 1، ص. 391، حديث 1154)

﴿2﴾ **حضرت سيدنا** عبدالله بن عَمرو رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ اسان بيڪس جي مددگار، شفيع روز شمار، دو عالم جي مالڪ و مُختار، حبيبِ پروردگار عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جنهن ننڊ کان سجاڳ ٿيڻ وقت

بِسْمِ اللهِ، سُبْحَانَ اللهِ، اٰمَنْتُ بِاللهِ وَكَفَرْتُ بِالْجِبْتِ وَالطَّاغُوْتِ

(**ترجمو**: الله عَزَّوَجَلَّ جي نالي سان، الله پاڪ آهي، مون الله تي ايمان آندو ۽ بت ۽ شيطان کان منڪر ٿيس) ڏهہ ڏهہ ڀيرا پڙهيو تہ هو ان گناهہ کان بچايو ويندو جنهن جو کيس ڊپ هوندو ڪوبہ گناهہ وٽس ڪونہ پهچي سگهندو. (مجمع الزوائد، ج. 10، ص. 174، حديث 17060)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ اَحْيَانَا بَعْدَ مَآ اَمَاتَنَا وَاِلَيْهِ النُّشُوْرُ

(ترجمو: تمام تعريفون الله عَزَّوَجَلَّ لاءِ آهن جنهن اسان کي موت (ننڊ) کان پوءِ حيات (سجاڳي) عطا فرمائي ۽ اسان کي انهيءَ ڏانهن موٽڻو آهي.
(صحيح البخاري، ج. 4، ص. 192، حديث 6312)

## ”يا خدا“ جي پنج اکرن جي نسبت سان صبح ۽ شام جا 5 ذڪر

﴿1﴾ **حضرت سيدنا** ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ هڪ شخص بارگاهہ رسالت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مون اهڙو وڇون ڪڏهن بہ ناهي ڏٺو جنهن مونکي گذريل رات ڏنگيو. پوءِ اسان بيڪسن جي مددگار، شفيع روز شمار، دو عالم جي

مالڪ و مختار، حبيبِ پروردگار عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: توهان شام جي وقت:

اَعُوْذُ بِكَلِمَاتِ اللهِ التَّآمَّاتِ مِنْ شَرِّ مَا خَلَقَ

(ترجمو: مان الله عَزَّوَجَلَّ جي پُوري ۽ ڪامل ڪلمات ساڻ مخلوق جي شر ڪان پناهه گهران ٿو.)

(هتي مخلوق مان مراد اها مخلوق آهي جنهن ڪان شر ٿي سگهي). چونه پڙهي ورتو جو وچون اوهان کي ڪوبه نقصان نه پهچائي ها. (صحيح ابن حبان، ج. 2، ص. 180، حديث 1016)

﴾2﴿ **حضرت سيدنا** ابان بن عثمان رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ڪان روايت آهي ته آقاءِ مظلوم، سرورِ معصوم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”جيڪو شخص صبح ۽ شام ٽي ٽي ڀيرا هي پڙهندو، ته کيس ڪابه شيء نقصان پهچائي نه سگهندي.“

بِسْمِ اللهِ الَّذِی لَا يَضُرُّ مَعَ اسْمِهٖ شَیْءٌ فِی الْاَرْضِ وَلَا فِی السَّمَآءِ وَهُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ

(ترجمو: ”الله جي نالي سان جنهن جي نالي جي برڪت سان زمين ۽ آسمان جي ڪابه شيء نقصان نه ٿي پُهچائي سگهي ۽ اهو ئي ٻُڌندو، ڄاڻندو آهي.)

(سنن الترمذي، ج. 5، ص. 251، حديث 3399)

﴾3﴿ **حضرت سيدنا** ابوهريره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا، نبي مڪرم، نورِمجسم، رسولِ اڪرم، شهنشاهِ بني آدم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جنهن صبح ۽ شام سؤ ڀيرا سُبْحَانَ اللهِ وَبِحَمْدِهٖ پڙهيو قيامت جي ڏينهن، ان ڪان افضل عمل ڪٽي اچڻ وارو ڪوئي نه هوندو پر اهو جيڪو ان وانگر چوي يا ان ڪان وڌيڪ پڙهي. (صحيح مسلم، ص. 1445، حديث 2692)

﴾4﴿ **حضرت سيدنا** ابودرداء رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا، جنهن صبح شام **ست ست** ڀيرا پڙهيو:

حَسْبِیَ اللّٰہُ لَاۤ اِلٰہَ اِلَّا ھُوَ عَلَیْہِ تَوَکَّلْتُ وَھُوَ رَبُّ الْعَرْشِ الْعَظِیْمِ

(ترجمو: مونکي الله ڪافي آهي، الله ڪانسواءِ ڪنهن جي بندگي ناهي مون انهيءَ تي ڀروسو ڪيو، هُو وڏي عرش جو مالڪ آهي) **الله** عَزَّوَجَلَّ ان جي تمام پريشانين ۾ ڪفايت ڪندو. (سنن ابي داؤد، ج. 4، ص. 416، حديث 5081)

﴿5﴾ **حضرت سيدنا مُنَيِّذِر** رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا ته مون نور جي پيڪر، تمام نبين جي سرور، ٻنهي جهانن جي تاجور، سلطان بحروبر صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو: جيڪو صبح جي وقت هي پڙهي:

رَضِیْتُ بِاللّٰہِ رَبًّا وَّ بِالْاِسْلَامِ دِیْنًا وَّ بِمُحَمَّدٍ نَبِیًّا

**(ترجمو: مان الله** عَزَّوَجَلَّ **جي رب هئڻ ۽ اسلام جي دين هئڻ ۽ حضرت محمد** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جي نبي هئڻ تي راضي آهيان.)** ته مان ان کي پنهنجي هٿ سان پڪڙي جنّت ۾ داخل ڪرڻ جي ضمانت ڏيان ٿو. (مجمع الزوائد، ج. 1، ص. 157)

## ”اَحَد“جي ٽن اکرن جي نسبت سان ڪلمهءِ توحيد جون 3 فضيلتون

﴿1﴾ **حضرت سيدنا** ابو امامه رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي ته خاتم المرسلين رحمت للعالمين، شفيع المذنبين انيس الغريبين، **سراج السالڪين** محبوب رب العالمين جناب صادق و امين صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو جنهن:

لَاۤ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ وَحْدَہٗ لَا شَرِیْكَ لَہٗ لَہُ الْمُلْكُ وَلَہُ الْحَمْدُ وَھُوَ عَلٰی کُلِّ شَیْءٍ قَدِیْرٌ

ترجمو: ”الله ڪانسواءِ ڪوبه معبود ڪونهي، هو اڪيلو آهي، سندس ڪوئي شريڪ ناهي، انهيءَ لاءِ آهي بادشاهي ۽ انهيءَ لاءِ واکاڻ آهي ۽ هو هر شيءِ تي قادر آهي.“ چيو ته ان ڪلمي کان ڪوبه عمل اڳتي وڌي نه سگهندو ۽

ان سان گڏ ڪوبہ گناھ باقي نہ رھندو. (مجمع الزوائد، ج. 10، ص. 94، حديث 16824)

﴿2﴾ **حضرت سيدنا** عَمرو بن شُعيب رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ پنھنجي والد جي زباني پنھنجي ڏاڏا سائين کان روايت ڪن ٿا تہ شھنشاھِ خوش خصال، پيڪرِ حسن وجمال، دافعِ رنج وملال، صاحبِ جود و نوال، رسولِ بي مثال، بيبي آمنہ جي لال صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: بھترين دعا يوم عرفہ جي دعا آھي ۽ سڀ کان بھتر ڪلمو جيڪو مون ۽ مونکان اڳين نبين عَلَیۡھِمُ السَّلَام جن چيو (اھو ھي آھي)

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحۡدَهٗ لَا شَرِيۡكَ لَهٗ لَهُ الۡمُلۡكُ وَلَهُ الۡحَمۡدُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَىۡءٍ قَدِيۡرٌ

(جامع الترمذي، ج. 5، ص. 339، حديث 3596)

﴿3﴾ **حضرت سيدنا** بَراء بن عازب رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آھي تہ سرڪارِ والاتبار اسان بيڪسن جي مددگار شفيعِ روز شمار، دوعالم جي مالڪ و مختار، حبيبِ پروردگار صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جنھن چاندي يا کير خيرات ڪيو يا انڌي کي رستو ٻڌايو تہ اھو ھڪ غلام آزاد ڪرڻ جيان آھي ۽ جنھن:

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحۡدَهٗ لَا شَرِيۡكَ لَهٗ لَهُ الۡمُلۡكُ وَلَهُ الۡحَمۡدُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَىۡءٍ قَدِيۡرٌ

چيو تہ اھو بہ ھڪ غلام آزاد ڪرڻ وانگر آھي. (المسند للامام احمد بن حنبل، ج. 6، ص. 408، حديث 18541)

## ايمان تي خاتمي جا چار ورد

**ھڪ** شخص بارگاھِ اعلٰي حضرت رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ ۾ حاضر ٿي ايمان تي خير سان خاتمي جي دعا جو طالب ٿيو تہ پاڻ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ ان لاءِ دعا فرمائي ۽ ارشاد فرمايائون: ﴿1﴾ **(روزانو)** 41 ڀيرا صبح جو يَاحَیُّ يَاقَيُّومُ لَآاِلٰـهَ

اِلَّآ اَنۡتَ (اي هميشہ زنده رهڻ وارا! اي هميشہ قائم رهڻ وارا! ڪوبہ معبود ڪونهي پر تُون) **اول** ۽ **آخر** درود شريف ۽ پڻ ﴿2﴾ سمهڻ مهل پنهنجي سمورن وظيفن کانپوءِ "**سوره ڪافرون**" روزانو پڙهندا ڪريو تنهن کانپوءِ ڳالهہ ٻولهہ نہ ڪندا ڪريو. ها جيڪڏهن ضرورت پئي تہ ڪلام ڪرڻ کانپوءِ وري سوره ڪافرون تلاوت ڪري وٺو جو خاتمو انهيءَ تي ٿئي. اِنۡ شَآءَاللّٰه **خاتمو ايمان تي ٿي ويندو.** ۽ ﴿3﴾ **ٽي ڀيرا صبح ۽ ٽي ڀيرا شام هن دُعا جو ورد رکو:** اَللّٰهُمَّ اِنَّا نَعُوۡذُبِكَ مِنۡ اَنۡ نُّشۡرِكَ بِكَ شَيۡئًا نَّعۡلَمُهٗ وَ نَسۡتَغۡفِرُكَ لِمَا لَا نَعۡلَمُهٗ ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ! اسين تنهنجي پناهہ گهرون ٿا ان ڳالهہ کان تہ ڄاڻي ڪري اسين توسان ڪنهن شيءِ کي شريڪ ڪريون ۽ اسين ان کان استغفار (توبهہ) ٿا ڪريون جنهن کي نٿا ڄاڻون. (الملفوظ حصو 2 ص 234 مرڪزالاولياء لاهور )

﴿4﴾ بِسۡمِ اللّٰهِ عَلٰى دِيۡنِيۡ بِسۡمِ اللّٰهِ عَلٰى نَفۡسِيۡ وَ وُلۡدِيۡ وَ اَهۡلِيۡ وَ مَالِيۡ (الله تعالي جي نالي جي برڪت سان منهنجي دين، جان، اولاد ۽ اهل ومال جي حفاظت ٿئي) صبح ۽ شام ٽي ٽي ڀيرا پڙهو، دين، ايمان، جان، مال ۽ ٻچا سڀ محفوظ رهندا.

(شجره قادريه رضويه ص12 مڪتبت المدينه باب المدينه ڪراچي )

(سج لهڻ کان صبح صادق (پرهہ ڦٽي) تائين رات ۽ اڌ رات گذرڻ کان سج جو پهريون ڪرڙو چمڪڻ تائين صبح آهي.)

## گناهن جي بخشش

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَ اللّٰهُ اَكۡبَرُ وَ الۡحَمۡدُ لِلّٰهِ وَ سُبۡحٰنَ اللّٰهِ وَ لَا حَوۡلَ وَ لَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ

جيڪو شخص هيءُ ورد پڙهندو آهي ان جا گناهہ بخشيا ويندا آهن جيتوڻيڪ سمنڊ جي جهڳ جي برابر هجن.

(المسند للامام احمد بن حنبل، ج. 2، ص. 662، حديث 6977)

## چار ڪروڙ نيڪيون ڪمايو

اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ اِلٰهًا وَّاحِدًا اَحَدًا

صَمَدًا الَّمْ يَتَّخِذْ صَاحِبَةً وَّلَا وَلَدًا وَّلَمْ يَكُنْ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ

**حضرت تميم داري** رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ شهنشاهِ مدينہ، قرارِ قلب وسينہ، صاحبِ معطر پسينہ، باعثِ نزول سڪينہ، فيضِ گنجينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي تہ جيڪو هي ڪلمات ڏهہ ڀيرا چوي، اهڙي ماڻهو لاءِ چار ڪروڙ نيڪيون لکيون وينديون آهن. (سنن الترمذي، ج. 5، ص. 289، حديث 3484)

## شيطان کان بچڻ جو عمل

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ

**حضرت سيدنا ابوهريره** رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ نبي مڪرم، نورِ مجسم، رسولِ اڪرم، شهنشاهِ بني آدم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: ”جنهن هي ڪلمات ڏينهن ۾ سؤ ڀيرا چيا تہ ان جو اهو عمل ڏهہ غلام آزاد ڪرڻ جي برابر هوندو ۽ ان جي اعمال نامي ۾ **سو نيڪيون لکيون** وينديون ۽ سندس **سو گناهہ معاف** ڪيا ويندا ۽ اهي ڪلمات انهيءَ ڏينهن شام تائين **شيطان کان سندس حفاظت** ڪندا رهندا ۽ ڪوبہ شخص ان کان بهتر عمل ڪٺي ڪونہ ايندو پر اهو جنهن ان کان وڌيڪ اهو عمل ڪيو.“

(صحيح البخاري، ج. 2، ص. 402، حديث 3293)

## غيبت کان بچڻ جو مدني نسخو

**حضرت علامہ مجدالدين فيروز آبادي** رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہِ **کان نقل آهي**: جڏهن ڪنهن مجلس (**يعني ماڻهن ۾**) ويهو تہ چئو: بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ وَصَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّدٍ تہ الله عَزَّوَجَلَّ تـوهان تـي هـڪ فرشتو مقرر فرمائيندو جيڪو اوهان کي غيبت کان روڪي رکندو ۽ جڏهن مجلس کان اٿو تہ چئو: بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ وَصَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّدٍ تہ اهو فرشتو ماڻهن کي اوهان جي غيبت کان روڪي رکندو. (القول البديع، ص. 278)

## پنج مدني گل

**حضرت سيدنا** عبد الله بن عَمرو بن العاص رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جن جو ارشادِ سعادت بنياد آهي: پنج عادتون اهڙيون آهن جو جيڪڏهن ڪو انهن کي اختيار ڪري وٺي تہ دنيا ۽ آخرت ۾ سعادت مند ٿي وڃي. ﴿1﴾ وقت بہ وقت لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ اللّٰہِ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم چوندو رهي. ﴿2﴾ جڏهن ڪنهن مصيبت ۾ مبتلا ٿئي (**مثال طور بيمار ٿئي يا ڪو نقصان ٿي پوي يا پريشانيءَ جي خبر ٻڌي**) تہ "اِنَّا لِلّٰہِ وَاِنَّاۤ اِلَیۡہِ رَاجِعُوۡنَ" پڙهي. ﴿3﴾ جڏهن نعمت مليس تہ شڪراني ۾ "اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ" چوي. ﴿4﴾ جڏهن ڪنهن (**جائز**) ڪم جي شروعات ڪري تہ "بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ" چوي. ﴿5﴾ جڏهن گناهہ ڪري ويهي تہ هيئن چوي "اَسۡتَغۡفِرُ اللّٰہَ الۡعَظِیۡمَ وَاَتُوۡبُ اِلَیۡہِ" (**يعني مان عظمت واري الله** عَزَّوَجَلَّ **کان مغفرت طلب ڪندي ان ڏانهن توبہ ڪريان ٿو.**) (المنبهات، ص. 57)

**جادو ۽ بلائن (آفتن) کان حفاظت لاءِ شش قفل (ڇهہ تالا)**

**هن ڇهہ دعائن کي "شش قفل"** (يعني ڇهہ تالا) چوندا آهن، جيڪو شخص رات جو سدائين "شش قفل" پڙهندو رهي يا لکي ڪري پاڻ وٽ رکي تہ هو هر خوف ۽ خطري کان ۽ جادو کان ۽ هر قسم جي بلائن (آفتن) کان اِنْ شَآءَاللّٰه **محفوظ** رهندو. (جنتي زيور ص582)

## قفل اول

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ السَّمِيْعِ الْبَصِيْرِ الَّذِىْ

لَيْسَ كَمِثْلِهٖ شَىْءٌ وَّ هُوَ عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ قَدِيْرٌ

## قفل دوم

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الْخَلَّاقِ الْعَلِيْمِ الَّذِىْ

لَيْسَ كَمِثْلِهٖ شَىْءٌ وَّ هُوَ الْفَتَّاحُ الْعَلِيْمُ

## قفل سوم

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ السَّمِيْعِ الْبَصِيْرِ الَّذِىْ

لَيْسَ كَمِثْلِهٖ شَىْءٌ وَّ هُوَ الْعَلِيْمُ الْبَصِيْرُ

## قفل چهارم

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ السَّمِيْعِ الْبَصِيْرِ الَّذِىْ

لَيْسَ كَمِثْلِهٖ شَىْءٌ وَّ هُوَ الْغَنِىُّ الْقَدِيْرُ

# قــفــل پــنــجــم

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ بِسۡمِ اللّٰهِ السَّمِيۡعِ الۡبَصِيۡرِ الَّذِىۡ

لَيۡسَ كَمِثۡلِهٖ شَىۡءٌ وَّهُوَ الۡعَزِيۡزُ الۡغَفُوۡرُ

# قــفــل شــشــم

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ بِسۡمِ اللّٰهِ السَّمِيۡعِ الۡبَصِيۡرِ الَّذِىۡ

لَيۡسَ كَمِثۡلِهٖ شَىۡءٌ وَّهُوَ الۡعَزِيۡزُ الۡغَفُوۡرُ الۡحَكِيۡمُ

فَاللّٰهُ خَيۡرٌ حَافِظًا وَّهُوَ اَرۡحَمُ الرّٰحِمِيۡنَ

## نماز کانپوءِ پڙهيا ويندڙ ورد

**نماز کانپوءِ** جيڪي ڏگها ورد حديثن ۾ فرمايا ويا، اُهي ظهر ۽ مغرب ۽ عشاء جي سنتن کانپوءِ پڙهجن، سنت کان پهريان مختصر دعا تي قناعت ڪجي، نہ تہ سنتن جو ثواب گهٽجي ويندو.

(رد المحتار، ج. 2، ص. 300، بهارِ شريعت، حصو 3، ص. 107)

**احاديث مبارڪ** ۾ ڪنهن بہ دعا جي متعلق جيڪو تعداد ٻڌايل آهي ان کان گهٽ وڌ نہ ڪجي ڇوجو جيڪي فضائل انهن وردن جا آهن اهي مقرر ڪيل تعداد سان ئي مخصوص آهن هن ۾ گهٽائڻ يا وڌائڻ جو مثال ائين آهي جيئن ڪو تالو ڪنهن خاص قسم جي چاٻيءَ سان ڪلندو آهي تہ جيڪڏهن چاٻيءَ جا ڏندا گهٽ يا وڌيڪ ڪريو تہ تالو ڪونہ کلندو، پر هاڻي جيڪڏهن ورد جي ڳڻپ ۾ شڪ پئجي وڃي تہ وڌيڪ ڪري سگهجي ٿو ۽ اهو وڌائڻ ناهي بلڪہ مڪمل ڪرڻ آهي. (ايضا 302)

**پنج وقت** نمازن جي سنتن ۽ نفلن کان فارغ ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڏنل ورد پڙهي ونو **سهولت لاءِ نمبر ضرور ڏنا آهن** پر انهن ۾ ترتيب شرط ناهي هر ورد جي اول ۽ آخر درود شريف پڙهڻ مکڻ سان ماکي ملائڻ برابر آهي.

﴿1﴾ "**آية الكرسي**" هڪ هڪ ڀيرو پڙهندو رهڻ وارو مرندي ئي جنّت ۾ **داخل ٿيندو.** (مشكاة المصابيح، ج. 1، ص. 197، حديث 974)

﴿2﴾ اَللّٰهُمَّ اَعِنِّيْ عَلٰى ذِكْرِكَ وَشُكْرِكَ وَحُسْنِ عِبَادَتِكَ

(اي الله عَزَّوَجَلَّ تون پنهنجي ذڪر، پنهنجي شڪر ۽ پنهنجي سٺي عبادت ڪرڻ تي منهنجي مدد فرماءِ). (سنن ابي داؤد، ج. 2، ص. 123، حديث 1522)

﴿3﴾ اَسْتَغْفِرُ اللّٰهَ الَّذِيْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الْحَيُّ الْقَيُّوْمُ وَ اَتُوْبُ اِلَيْهِ

(ترجمو: مان الله عَزَّوَجَلَّ کان معافي گهران ٿو / ٿي، جنهن کانسواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي هو زنده آهي، قائم رکڻ وارو آهي ۽ ان جي بارگاهہ ۾ توبهہ ڪريان ٿو / ٿي.) (ٽي ٽي ڀيرا) ان جا گناهہ معاف ٿيندا جيتوڻيڪ جهاد جي ميدان کان ڀڳو هجي. (سنن الترمذي، ج. 5، ص. 336، حديث 3588)

﴿4﴾ **تسبيح فاطمہ** رَضِيَ اللهُ عَنْهَا: سُبْحٰنَ اللّٰهِ ٽيٽيهہ ڀيرا، اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ ٽيٽيهہ ڀيرا، اَللّٰهُ اَكْبَرُ ٽيٽيهہ ڀيرا، اهي 99 ٿيا، آخر ۾ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ ط لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ.

ترجمو: الله عَزَّوَجَلَّ کانسواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق نہ آهي هو ٻي مثل اڪيلو آهي، سندس ڪو شريڪ ڪونهي، انهيءَ جو ملڪ آهي، انهيءَ جي واکاڻ آهي، هو هر شيءِ تي قادر آهي) هڪ ڀيرو پڙهي **(سو جو عدد پورو ڪري)** تہ ان جا گناهہ بخشيا ويندا جيتوڻيڪ سمنڊ جي جهڳ جي برابر هجن.

**﴿5﴾ هر نماز کانپوءِ پيشانيءَ جي اڳين حصي تي هٿ رکي پڙهي:**

بِسۡمِ اللّٰهِ الَّذِیۡ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الرَّحۡمٰنُ الرَّحِیۡمُ ط اَللّٰهُمَّ اَذۡهِبۡ عَنِّیۡ الۡهَمَّ وَ الۡحُزۡنَ

(**ترجمو: الله** عَزَّوَجَلَّ جي نالي سان شروع جنهن کانسواءِ ڪوئي معبود ناهي هو رحمٰن ۽ رحيم آهي. اي الله عَزَّوَجَلَّ مون کان غم ۽ ملال دور فرماءِ) (پڙهڻ کانپوءِ هٿ چڪندو پيشانيءَ تائين آڻي) تہ هر غم ۽ پريشانيءَ کان بچي. منهنجا آقاءِ نعمت، **اعليٰ حضرت امام اهلسنت مولانا شاهہ احمد رضا خان** رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه **جاڙايل** دعا جي آخر ۾ وڌيڪ هنن لفظن جو اضافو فرمايو آهي. وَعَنۡ اَهۡلِ السُّنَّة **يعني ۽ اهل سنت کان.**

**﴿6﴾ عصر ۽ فجر کانپوءِ پير کڻڻ کان اڳ ۾ ڪجهہ ڳالهائڻ کان پهريان** لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحۡدَهٗ لَا شَرِیۡکَ لَهٗ لَهُ الۡمُلۡکُ وَلَهُ الۡحَمۡدُ بِیَدِهِ الۡخَیۡرُ یُحۡیِیۡ وَیُمِیۡتُ وَهُوَ عَلٰی کُلِّ شَیۡءٍ قَدِیۡرٌ (**ترجمو: الله** عَزَّوَجَلَّ کانسواءِ ڪوئي معبود ڪونهي، هو اڪيلو آهي، سندس ڪوبہ شريڪ ناهي، انهيءَ لاءِ ملڪ ۽ واڪاڻ آهي، انهيءَ جي هٿ ۾ ڀلائي آهي هو زندهہ ڪندو آهي ۽ موت ڏيندو آهي ۽ هو هر شيءِ تي قادر آهي.) **ڏهہ ڏهہ ڀيرا پڙهجي.** (بهار شريعت، حصو 3، ص. 107)

**﴿7﴾ حضرت سيدنا انس** رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ **کان روايت آهي تہ نبي رحمت، شفيع امت شهنشاهِ نبوت، تاجدارِ رسالت** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن فرمايو"جنهن نماز کانپوءِ هيئن چيو:** سُبۡحٰنَ اللّٰهِ الۡعَظِیۡمِ وَبِحَمۡدِهٖ لَا حَوۡلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ (**ترجمو:** پاڪ آهي عظمت وارو رب ۽ انهيءَ جي ئي واکاڻ آهي ۽ انهيءَ جي عطا سان نيڪيءَ جي توفيق ۽ گناهہ کان بچڻ جي قوت (ملندي) آهي. **تہ اهو مغفرت ماڻيندڙ ٿي اٿندو.** (مجمع الزوائد، ج. 10، ص. 129، حديث 16928)

﴿8﴾ **حضرت ابن عباس** رَضِیَ اللہُ عَنۡہُمَا کان روايت آهي الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غيوب، منزه عن العيوب صَلَّی اللہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”جيڪو هر فرض نماز ڪانپوءِ ڏهه ڀيرا قُلۡ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ (پوري سورت) پڙهندو، الله تعالي انهيءَ لاءِ پنهنجو راضپو ۽ مغفرت لازم فرمائي ڇڏيندو. (تفسير در منثور، ج. 8، ص. 678)

﴿9﴾ **حضرت سيدنا زيد بن ارقم** رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي رسولِ اڪرم، نورِ مجسم، رحمتِ عالم، شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم صَلَّی اللہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شخص هر نماز ڪانپوءِ سُبۡحٰنَ رَبِّكَ رَبِّ الۡعِزَّةِ عَمَّا يَصِفُوۡنَ ﴿۱۸۰﴾ وَ سَلٰمٌ عَلَى الۡمُرۡسَلِيۡنَ ﴿۱۸۱﴾ وَ الۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ﴿۱۸۲﴾ (پ 23 الصفت 180 کان 182) **ترجمو ڪنزالايمان**: پاڪائي آهي تنهنجي رب، عزت واري ربّ جي، انهن جي ڳالهين کان ۽ سلام هجي پيغمبرن تي ۽ سموريون خوبيون الله جي واسطي جيڪو سمورن جهانن جو ربّ آهي.) ٽي ڀيرا پڙهندو ڇڻ ته ان اجر جو تمام وڏو ٿانءُ ڀري ورتو. (تفسير دُرّ منثور، ج. 8، ص. 678)

## منٽن ۾ چار ڀيرا ختم قرآن پاڪ جو ثواب

**حضرت سيدنا ابوهريره** رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي مديني جي تاجدار، سلطانِ دوجهان، رحمتِ عالميان سرورِ ذيشان، محبوبِ رحمٰن صَلَّی اللہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان حقيقت نشان آهي. ”جيڪو فجر ڪانپوءِ ٻارهن ڀيرا قُلۡ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ (**پوري سورت پڙهندو ڇڻ هو چار ڀيرا پورو قرآن پڙهندو ۽ ان ڏينهن سندس اهو عمل زمين وارن مان افضل آهي جڏهن ته هو تقويٰ (پرهيزگاري) جو پابند رهي.**) (شعب الايمان للبيهقي، ج. 2، ص. 501، حديث 2528)

## شيطان کان محفوظ رهڻ جو عمل

**سرڪارِ مدينہ**، راحتِ قلب وسينہ، فيضِ گنجينہ، صاحبِ معطر پسينہ ﷺ **جن جو فرمان عالي شان آهي**: ”جنهن نماز فجر ادا ڪئي ۽ ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ کان اڳ قُلْ هُوَاللّٰهُ اَحَدٌ (**پوري سورت**) ڪي ڏهہ ڀيرا پڙهيو تہ ان ڏينهن ۾ ڪيس ڪوبہ گناهہ نہ پهچندو ۽ هو شيطان کان بچايو ويندو. (تفسير در منثور، ج. 8، ص. 678)

نماز کان پوءِ جا وڌيڪ ورد **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب بهار شريعت حصي 3 صفحي 107 کان 110 تي **الوظيفة الکريمہ** جي شجره قادريہ ۾ ملاحظہ فرمائيندا.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# فيضانِ درود

## درود شريف جي فضيلت

﴿1﴾ **حضرت سيدنا** ابوهريره رضی اللہ عنہ کان روايت آهي تہ نور جي پيڪر، تمام نبين جي سرور، ٻنهي جهانن جي تاجور، سلطان بحروبر صلی اللہ علیہ وآلہٖ وسلم جن جو فرمان رُوح پرور آهي: ”جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو، الله عزوجل ان تي ڏهہ رحمتون نازل فرمائيندو.“ (صحيح مسلم، ص. 216، حديث 408)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب          صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

﴿2﴾ **حضرت سيدنا** انس بن مالڪ رضی اللہ عنہ کان روايت آهي، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت، مخزنِ جودو سخاوت، پيڪرِ عظمت و شرافت، محبوبِ رب العزت، محسنِ انسانيت صلی اللہ علیہ وآلہٖ وسلم جن جو ارشاد رحمت بنياد آهي: **”جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو. الله عزوجل ان تي ڏهہ رحمتون نازل فرمائيندو ۽ سندس ڏهہ گناهہ مٽائيندو.** (الاحسان بترتيب صحيح ابن حبان، ج. 2، ص. 130، حديث 901)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب          صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

﴿3﴾ **حضرت سيدنا** ابُو بَرۡدَہ بن نِيار رضی اللہ عنہ کان روايت آهي نبيءِ مڪرم، نورِ مجسم، رسولِ اڪرم، شهنشاهِ بني آدم صلی اللہ علیہ وآلہٖ وسلم جن جو فرمان برڪت نشان آهي: منهنجي امت منجهان جنهن دل جي سچائيءَ سان هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو، الله عزوجل ان تي ڏهہ

رحمتون نازل فرمائيندو ۽ ان جي لاءِ ڏهہ نيڪيون لکندو ۽ ان جا ڏهہ درجا بلند فرمائيندو ۽ سندس ڏهہ گناهہ مٽائيندو. (المعجم الكبير، ج. 22، ص. 195، حديث 513)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

﴿4﴾ **حضرت سيدنا ابُو اُمامہ** رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ **کان روايت آهي** شهنشاهِ خوش خصال، پيڪر حسن و جمال، دافعِ رنج و ملال، صاحبِ جود و نوال، رسولِ بي مثال، محبوبِ رب ذوالجلال، بي بي آمنہ جي لال صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن جو فرمان باڪمال آهي:** هر جمعي جي ڏينهن مون تي درود پاڪ جي ڪثرت ڪندا ڪريو، بيشڪ منهنجي امت جو درود هر جمعي جي ڏينهن مون تي پيش ڪيو ويندو آهي. (**قيامت جي ڏينهن**) ماڻهن مان منهنجي گهڻو ويجهو اهو شخص هوندو جنهن (**دنيا ۾**) مون تي گهڻو درود پڙهيو هوندو. (السنن الكبري، ج. 3، ص. 353، حديث 5995)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

﴿5﴾ **حضرت سيدنا ابنِ مسعود** رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ **کان روايت آهي تہ** سرڪارِ والا تبار، اسان بيڪسن جي مددگار، شفيعِ روز شمار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، حبيبِ پروردگار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن جو فرمان تقرب نشان آهي:** بيشڪ قيامت جي ڏينهن منهنجي سڀ کان ويجهو اهو شخص هوندو جنهن دنيا ۾ مون تي گهڻو درود پڙهيو هوندو.
(الاحسان بترتيب صحيح ابن حبان، ج. 2، ص. 133، حديث 908)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

﴿6﴾ شهنشاهِ مدينہ، قرارِ قلب وسينہ، صاحبِ معطر پسينہ، باعث نزولِ سڪينہ، فيضِ گنجينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن جو فرمان عافيت نشان آهي:** اي انسانو! بيشڪ توهان منجهان قيامت جي ڏهاڙي ان جي دهشتن ۽ حساب

ڪتاب ڪان جلدي نجات ماڻ وارو اُهو شخص هوندو جنهن دنيا ۾ مون تي ڪثرت سان درود پڙهيو هوندو. (فردوس الاخبار، ج. 2، ص. 471، حديث 8210)

﴿7﴾ حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سَيَّاحِ افلاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان رحمت نشان آهي: ”مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پاڪ پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي.“ (الجامع الصغير، ص. 78، حديث 1406)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

”اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْن“

## درود شريف جا 30 مدني گل

﴿1﴾ الله تعاليٰ جي حڪم جي تعميل ٿيندي آهي.

﴿2﴾ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهڻ واري تي ڏهه رحمتون نازل ٿينديون آهن .

﴿3﴾ ان جا ڏهه درجا بلند ٿيندا آهن.

﴿4﴾ ان جي لاءِ ڏهه نيڪيون لکيون وينديون آهن.

﴿5﴾ ان جا ڏهه گناهه مِٽايا ويندا آهن.

﴿6﴾ دعا کان اڳ درود شريف پڙهڻ دعا جي قبوليت جو سبب آهي.

﴿7﴾ درود شريف پڙهڻ نبيءِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي شفاعت جو سبب آهي.

﴿8﴾ درود شريف پڙهڻ گناهن جي بخشش جوسبب آهي.

﴿9﴾ درود شريف جي ذريعي الله تعاليٰ ٻانهي جي غمن کي ختم ڪندو آهي.

﴿10﴾ درود شريف پڙهڻ جي سبب ٻانهو قيامت جي ڏينهن رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو قرب (ويجهڙائي) حاصل ڪندو.

﴿11﴾ درود شريف تنگدست لاءِ صدقي (خيرات) جو قائم مقام آهي.

﴿12﴾ درود شريف حاجتون قبولجڻ جو ذريعو آهي.

﴿13﴾ درود شريف الله تعاليٰ جي رحمت ۽ فرشتن جي دعا جو ڪارڻ آهي.

﴿14﴾ درود شريف پنهنجي پڙهڻ واري جي لاءِ (**باطني**) صفائيءَ ۽ سُترائيءَ جو ڪارڻ آهي.

﴿15﴾ درود شريف سان ٻانهي کي مرڻ کان پهريان جنّت جي خوشخبري ملي ويندي آهي.

﴿16﴾ درود شريف پڙهڻ قيامت جي خطرن کان نجات جو سبب آهي.

﴿17﴾ درود شريف پڙهڻ سان ٻانهي کي وسريل ڳالهه ياد اچي ويندي آهي.

﴿18﴾ درود شريف مجلس جي پاڪيزگي جو ڪارڻ آهي ۽ قيامت جي ڏينهن اها مجلس پشيمانيءَ جو سبب ڪونه ٿيندي.

﴿19﴾ درود شريف پڙهڻ سان **تنگدستي** ختم ٿيندي آهي.

﴿20﴾ اهو عمل ٻانهي کي جنّت جي رستي تي هلائيندو آهي.

﴿21﴾ درود شريف پلصراط تي ٻانهي جي روشني ۾ واڌاري جو ڪارڻ آهي.

﴿22﴾ درود شريف جي ذريعي ٻانهو ظلم ۽ جفا کان نڪري ويندو آهي.

﴿23﴾ درود شريف پڙهڻ سبب ٻانهو آسمان ۽ زمين ۾ تعريف لائق ٿي ويندو آهي.

﴿24﴾ درود شريف پڙهڻ واري کي انهيءَ عمل جي ڪري سندس ذات، عمل، عمر ۽ بهتري جي سببن ۾ برڪت حاصل ٿيندي آهي.

﴿25﴾ درود شريف رب تعالي جي رحمت ماڻڻ جو ذريعو آهي.

﴿26﴾ درود شريف محبوب رب العزت عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان دائمي محبت ۽ ان ۾ واڌاري جو ڪارڻ آهي ۽ اها (محبت) ايماني عقود مان آهي جنهن کان بغير ايمان مڪمل ناهي ٿيندو.

﴿27﴾ درود شريف پڙهڻ واري سان نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم محبت فرمائيندا آهن.

﴿28﴾ درود شريف پڙهڻ، ٻانهي جي هدايت ۽ سندس زنده دلي جو ڪارڻ آهي ڇو ته جڏهن هو پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي ڪثرت سان درود شريف پڙهندو آهي ۽ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪر ڪندو آهي ته پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي محبت سندس دل تي غالب ٿي ويندي آهي.

﴿29﴾ درود شريف پڙهڻ واري لاءِ هيءُ اعزاز پڻ آهي جو سلطان اَنام صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بارگاهِ بيڪس پناهہ ۾ ان جو نالو پيش ڪيو ويندو آهي ۽ سندس ذڪر ٿيندو آهي.

﴿30﴾ درود شريف پل صراط تي ثابت قدمي ۽ سلامتيءَ سان گذرڻ جو ڪارڻ آهي. (جلاءُ الافهام، ص. 246 - 253)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ديدار جي طلبگار لاءِ تحفو

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى رُوْحِ مُحَمَّدٍ فِى الْاَرْوَاحِ
وَعَلٰى جَسَدِهٖ فِى الْاَجْسَادِ وَعَلٰى قَبْرِهٖ فِى الْقُبُوْرِ

نبيءِ اڪرم، نورِ مجسم، شافعِ امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان شفاعت نشان آهي: جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي انکي خواب ۾ منهنجي زيارت ٿيندي ۽ جنهن خواب ۾ مونکي ڏٺو اهو قيامت جي ڏينهن بہ ڏسندو ۽ جيڪو مونکي قيامت جي ڏينهن ڏسي وٺندو مان ان جي شفاعت ڪندس ۽ مان جنهن جي شفاعت ڪندس اهو حوضِ ڪوثر مان پاڻي پيئندو ۽ سندس جسم کي الله عَزَّوَجَلَّ دوزخ تي حرام ڪري ڇڏيندو. (ڪشف الغمه عن جميع الامة، ج. 1، ص. 325)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بخشش ۽ مغفرت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كُلَّمَا ذَكَرَهُ الذَّاكِرُوْنَ
وَصَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كُلَّمَا غَفَلَ عَنْ ذِكْرِهِ الْغَافِلُوْنَ

ڪنهن شخص حضرت سيدنا امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي وفات کانپوءِ خواب ۾ ڏٺو ۽ حال پڇيو تہ پاڻ فرمايائون: الله عَزَّوَجَلَّ هن درود پاڪ جي برڪت سان منهنجي بخشش فرمائي ڇڏي. (افضل الصلوات علي سيد السادات، ص. 81)

## مال ۾ خير ۽ برڪت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ عَبْدِكَ وَ رَسُوْلِكَ
وَ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنَاتِ وَالْمُسْلِمِيْنَ وَالْمُسْلِمَاتِ

**صاحبِ روح البيان** فرمائن ٿا: جيڪو شخص هن درود پاڪ کي پڙهندو ان جي دولت ۽ مال وڌندو رهندو. (تفسير روح البيان الاحزاب، ج. 7، ص. 233)

## حافظي جي قوت مضبوط ٿئي

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ ۨ النَّبِيِّ الْكَامِلِ
وَعَلٰى اٰلِهٖ كَمَا لَا نِهَايَةَ لِكَمَالِكَ وَ عَدَدَ كَمَالِهٖ

**جيڪڏهن ڪنهن** شخص کي نسيان (**يعني وسر**) جي بيماري هجي تہ هو مغرب ۽ عشاء جي وچ ۾ هن درود پاڪ کي ڪثرت سان پڙهي اِنْ شَآءَ الله سندس حافظو مضبوط ٿي ويندو. (افضل الصلوات علي سيد السادات، ص. 191-192)

# دعوت اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود پاڪ

## ﴿1﴾ جمعي جي رات جو درود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ ۣ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

**بزرگن** فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعي جي رات (**جمعي ۽ خميس جي وچين رات**) هن درود پاڪ کي پابنديءَ سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو، مرڻ گهڙي سرڪارِ مدينہ ﷺ جن جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ، ايستائين جو هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ ﷺ کيس قبر ۾ پنهنجي رحمت ڀري هٿن سان لاهي رهيا آهن. (افضل الصلوات علي سيد السادات، ص. 151)

## ﴿2﴾ سمورا گناهہ معاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرت سيدنا **انس** رضی اللہ عنہ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ ﷺ جن فرمايو: جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي، جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان اڳ ۽ ويٺل هو تہ اٿي بيهڻ کان پهريان سندس گناهہ معاف ڪيا ويندا. (ايضا ص 65)

## ﴿3﴾ رحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

**جيڪو** هي درود پاڪ پڙهندو تہ ان تي رحمت جا 70 دروازا کوليا ويندا آهن. (القول البديع، ص. 277)

## ﴿4﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرت سيدنا **ابن عباس** رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُمَا کان روايت آهي تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هن درود پاڪ کي پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. (مجمع الزوائد، ج. 10، ص. 254، حديث 17305)

## ﴿5﴾ ڇهہ لک درود شريف جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ

مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

**حضرت احمد صاوي** رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ ڪجهہ بزرگن کان نقل ڪن ٿا: هن درود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک درود شريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. (افضل الصلوات علي سيد السادات، ص. 149)

## ﴿6﴾ قــربِ مُــصـطـفي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ

**هڪ ڏينهن** هڪ شخص آيو تہ حضور انور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کيس پنهنجي ۽ حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جن جي وچ ۾ ويهاريو. اهو ڏسي صحابہ ڪرام عَلَیۡہِمُ الرِّضۡوَان کي تعجب ٿيو تہ ايڏي وڏي شان وارا

ڪير آهن! جڏهن اُهي هليا ويا تہ سرڪار ﷺ جن ارشاد فرمايو: هي جڏهن بہ مون تي درود پاڪ پڙهندا آهن تہ هيئن پڙهندا آهن. (القول البديع، ص. 125)

## دُرودِ رَضَــــوِيَـــہ

صَلَّى اللّٰهُ عَلَى النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَ اٰلِهٖ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

صَلٰوةً وَّسَلَامًا عَلَيْكَ يَارَسُوْلَ اللّٰهِ

هي درود پاڪ هر نماز ڪانپوءِ خاص ڪري جمعي جي نماز ڪانپوءِ مدينةُ المنوره (زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيْمًا) ڏانهن منهن ڪري هڪ سو ڀيرا پڙهڻ سان بيشمار فضيلتون ۽ برڪتون حاصل ٿينديون آهن. (الوظيفة الكريمة، ص. 40) (پاڪ ۽ هند ۾ ڪعبي شريف ڏانهن منهن ڪرڻ سان مدينہ منوره (زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيْمًا) ڏانهن پڻ منهن تي ويندو آهي.)

## دين ۽ دنيا جون نعمتون حاصل ڪريو

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ عَدَدَ اِنْعَامِ اللّٰهِ وَ اِفْضَالِهٖ

هن درودِ پاڪ کي پڙهڻ سان دين ۽ دنيا جون بيشمار نعمتون حاصل ٿينديون. (افضل الصّلوات علي سيد السادات ص 151)

## دُرودِ شَــفَاعَــت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ اَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

**شافعِ اُمم** ﷺ **جن جو** فرمانِ معظم آهي: جيڪو شخص هيئن درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.

(افضل الصلوات علي سيد السادات، ص. 151)

## دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّ اٰلِہٖ وَ صَحْبِہٖ وَسَلِّمْ

بِعَدَدِ مَا فِیْ جَمِیْعِ الْقُرْاٰنِ حَرْفًا حَرْفًا وَّ بِعَدَدِ کُلِّ حَرْفٍ اَلْفًا اَلْفًا

**قرآن ڪريم جي تلاوت** ڪانپوءِ جيڪو شخص هن درود پاڪ ڪي پڙهندو اهو دنيا ۽ آخرت ۾ ڪامياب رهندو. (تفسير روح البيان، ج. 7، ص. 234)

## يارهن هزار درود پاڪ جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِہٖ صَلٰوۃً اَنْتَ لَھَا اَھْلٌ وَّ ھُوَ لَھَا اَھْلٌ

**حضرت سيدنا حافظ جلال الدين السيوطي الشافعي** رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہِ **جن** فرمايو: هن درود پاڪ ڪي هڪ ڀيرو پڙهڻ يارهن هزار درود پاڪ پڙهڻ جي برابر آهي. (افضل الصلوات علي سيد السادات، ص. 153)

## چوڏهن هزار درود پاڪ جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ

وَّعَلٰی اٰلِہٖ عَدَدَ کَمَالِ اللّٰہِ وَکَمَا یَلِیْقُ بِکَمَالِہٖ

**هن درود پاڪ** ڪي صرف هڪ ڀيرو پڙهڻ سان چوڏهن هزار درود پاڪ جو ثواب ملندو آهي. (افضل الصلوات علي سيد السادات، ص. 150)

## هڪ لک درود پاڪ جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ ِ النُّوْرِالذَّاتِيِّ وَالسِّرِّالسَّارِىْ فِىْ سَائِرِالْاَسْمَآءِ وَ الصِّفَاتِ

**هن درود پاڪ کي هڪ** ڀيرو پڙهيو وڃي تہ هڪ لک درود شريف پڙهڻ جو ثواب ملندو آهي. ۽ جيڪڏهن ڪنهن جو ڪو ڪم اٽڪيل هجي تہ هي درود پاڪ پنج سؤ ڀيرا پڙهي اِنْ شَآءَاللّٰہ اها مراد پوري ٿيندي. (افضل الصلوات علي سيد السادات، ص. 113)

## هر قسم جي پريشانيءَ کان نجات لاءِ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ قَدْ ضَاقَتْ حِيْلَتِىْ اَدْرِكْنِىْ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ

**حضرت سيدنا ابن عابدين** رَحْمَةُاللهِعَلَيْه فرمائن ٿا تہ مون هن درود کي هڪ عظيم فتني ۾ پڙهيو جيڪو دمشق ۾ ڦهليو، هن کي مون اڃان ٻہ سؤ ڀيرا بہ ڪونہ پڙهيو هو تہ مونکي هڪ شخص اچي اطلاع ڏنو تہ فتنو ختم ٿي ويو. (افضل الصلوات علي سيد السادات، ص. 154)

## آبِ ڪوثر سان ڀريل پيالو

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَ اَصْحَابِهٖ وَاَوْلَادِهٖ وَاَزْوَاجِهٖ وَذُرِّيّٰتِهٖ وَاَهْلِ بَيْتِهٖ وَاَصْهَارِهٖ وَاَنصَارِهٖ وَاَشْيَاعِهٖ وَمُحِبِّيْهٖ وَاُمَّتِهٖ وَعَلَيْنَا مَعَهُمْ اَجْمَعِيْنَ يَآ اَرْحَمَ الرّٰحِمِيْنَ

حضرت سيدنا **حسن** بصري رَحْمَةُاللهِعَلَيْه فرمائن ٿا تہ جيڪو شخص حوضِ ڪوثر منجهان ڀريل پيالو پيئڻ چاهي اُهو هن درود پاڪ کي پڙهي. (القول البديع، ص. 122)

## ”رسولِ رحمت“ جي اٽ اٽرن جي نسبت سان درود تاج جا 8 مدني گل

﴿1﴾ جيڪو شخص عروج ماھ (يعني چنڊ جي پهرين تان چوڏهين تائين) جمعي جي رات عشاء جي نماز کانپوءِ باوضو پاڪ ڪپڙا پهري خوشبوء لڳائي هڪ سؤ ستر ڀيرا هن درود پاڪ کي پڙهي ڪري سمهي پوي، يارهن راتيون لڳاتار اهڙيءَ ريت ڪري اِنْ شَآءَاللّٰه حضور ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي زيارت سان مشرف ٿيندو.

﴿2﴾ جادو ٽوڻي، جن ۽ شيطان کي ڀڄائڻ لاءِ ۽ اُرڙي (ماتا جي بيماري) جي لاءِ 11 ڀيرا پڙهي ڪري دم ڪريو اِنْ شَآءَاللّٰه فائدو ٿيندو.

﴿3﴾ قلب جي صفائي جي لاءِ هر روز صبح (فجر) جي نماز کانپوءِ ست 60 ڀيرا ۽ ٽيپهريءَ (عصر) جي نماز کانپوءِ 3 ڀيرا ۽ سومهڻي (عشاءَ) جي نماز کانپوءِ 3 ڀيرا ورد رکجي.

﴿4﴾ دشمنن، ظالمن، حاسدن ۽ حاڪمن جي شر کان محفوظ رهڻ لاءِ ۽ غم ۽ غربت دور ٿيڻ لاءِ چاليھ راتيون لڳاتار سومهڻيءَ جي نماز کانپوءِ 41 ڀيرا پڙهجي.

﴿5﴾ روزيءَ ۾ برڪت لاءِ ست ڀيرا فجر جي نماز کانپوءِ سدائين ورد رکجي

﴿6﴾ عقيم (سنڍ عورت) جي لاءِ 21 ڇوهارن تي ست ست ڀيرا دم ڪري هڪ ڇوهارو روز کارائي ۽ ماهواريءَ جا ڏينهن گذرڻ کانپوءِ همبستري ڪجي، الله پاڪ جي فضل سان نيڪ ٻار پيدا ٿيندو.

﴿7﴾ جيڪڏهن حامله (پيٽ واري عورت) تي تڪليف هجي تہ ڪيس ست ڏينهن لڳاتار ست ڀيرا پاڻيءَ تي دم ڪري پيارجي.

﴿8﴾ طالب ۽ مطلوب جي مواصلت (يعني جائز محبت مثال طور زال ۽ مڙس جي محبت) ۽ هر مقصد لاءِ اڌ رات کانپوءِ باوضو چاليھ ڀيرا صدق ۽ يقين (سچائيءَ ۽ ڀروسي) سان پڙهجي، اِنْ شَآءَاللّٰه دلي مراد پوري ٿيندي. (اعمال رضا ص 22 )

## درود تــــــاج

اَللّٰـهُمَّ صَـلِّ عَـلٰى سَـيِّدِنَا وَمَوْلَانَـا مُحَمَّـدٍ صَـاحِبِ التَّـاجِ
وَالْمِعْرَاجِ وَالْبُرَاقِ وَالْعَلَمِ ط دَافِعِ الْـبَلَآءِ وَالْوَبَـآءِ وَالْقَحْـطِ
وَالْمَرَضِ وَالْاَلَمِ ط اِسْمُهٗ مَكْتُوبٌ مَّرْفُوعٌ مَّشْفُوْعٌ مَّنْقُوْشٌ
فِي اللَّـوْحِ وَالْقَلَمِ ط سَـيِّدِ الْعَـرَبِ وَالْعَجَمِ ط جِسْـمُهٗ مُقَـدَّسٌ
مُّعَطَّرٌ مُّطَهَّرٌ مُّنَوَّرٌ فِي الْبَيْتِ وَالْحَـرَمِ ط شَـمْسِ الضُّحٰى بَـدْرِ
الدُّجٰى صَدْرِ الْعُلٰى نُورِ الْهُدٰى كَهْفِ الْوَرٰى مِصْـبَاحِ الظُّلَـمِ ط
جَمِيْلِ الشِّيَمِ ط شَفِيْعِ الْاُمَمِ ط صَاحِبِ الْجُوْدِ وَالْكَرَمِ ط وَاللّٰهُ
عَاصِمُهٗ وَجِبْرِيْلُ خَادِمُـهٗ وَالْـبُرَاقُ مَرْكَبُـهٗ وَالْمِعْـرَاجُ سَـفَرُهٗ
وَسِدْرَةُ الْمُنْتَهٰى مَقَامُهٗ وَقَابَ قَوْسَيْنِ مَطْلُوْبُـهٗ وَالْمَطْلُـوْبُ
مَقْصُوْدُهٗ وَالْمَقْصُوْدُ مَوْجُوْدُهٗ سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ خَاتَمِ النَّبِيّـِيْنَ
شَـفِيْعِ الْمُـذْنِبِيْنَ اَنِـيْسِ الْغَـرِيْبِيْنَ رَحْمَـةٍ لِّلْعٰـالَمِيْنَ رَاحَـةِ
الْعَاشِقِيْنَ مُرَادِ الْمُشْتَاقِيْنَ شَمْسِ الْعَارِفِيْنَ سِـرَاجِ السَّـالِكِيْنَ
مِصْبَاحِ الْمُقَرَّبِيْنَ مُحِبِّ الْفُقَرَآءِ وَالْغُرَبَآءِ وَالْمَسَـاكِيْنِ سَـيِّدِ
الثَّقَلَيْنِ نَبِيِّ الْحَـرَمَيْنِ اِمَـامِ الْقِبْلَتَـيْنِ وَسِـيْلَتِنَا فِي الدَّارَيْـنِ

صَاحِبِ قَابَ قَوْسَيْنِ مَحْبُوْبِ رَبِّ الْمَشْرِقَيْنِ وَالْمَغْرِبَيْنِ جَدِّ الْحَسَنِ وَالْحُسَيْنِ مَوْلَانَا وَمَوْلَى الثَّقَلَيْنِ اَبِى الْقَاسِمِ مُحَمَّدِ ابْنِ عَبْدِاللّٰهِ نُوْرٍ مِّنْ نُوْرِ اللّٰهِ ط يٰاَيُّهَا الْمُشْتَاقُوْنَ بِنُوْرِ جَمَالِهٖ صَلُّوْا عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا

**ترجمو**: اي الله عَزَّوَجَلَّ! رحمت فرماءِ اسان جي سردار ۽ اسان جي آقا **محمّد** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تاج ۽ معراج واري، بُراق ۽ بلنديءَ واري تي، آفتن ۽ وبا **(يعني ڦهلندڙ بيماري)** ڏڪار ۽ مرض، ڏک ۽ مصيبت کي ٽارڻ وارا، جن جو نالو مبارڪ لکيل آهي، بلند آهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي نالي سان مليل آهي، لوح محفوظ ۽ قلم سان رنگيل آهي، عرب ۽ عجم جا سردار، جن جو جسم مبارڪ هر عيب کان پاڪ، خوشبودار، انتهائي پاڪيزه، نورُ علي نور ، پنهنجي گهر ۽ حرم ۾ **(انهن سيني حالتن سان اڄ به موجود آهن)** صبح جا روشن ۽ خُوشنما سج، چوڏهين رات جا چند، بلنديءَ جا سرچشما هدايت جا نور، مخلوق جي پناهه گاهه، اونداهين جا ڏيئا، بهترين اخلاق ۽ عادتن وارا، امتن جي شفاعت ڪرڻ وارا، سخاوت ۽ ڪرم جي واليءَ تي درود سلام ۽ الله عَزَّوَجَلَّ سندن محافظ آهي جبرائيل امين سندن خادم آهن ۽ براق سواري اٿن، **معراج** سندن سفر آهي ۽ **سدرة المنتهيٰ** سندن مقام آهي ۽ قاب وقوسين **(يعني ڪمال قرب الاهي)** سندن طلبگار آهي ۽ سندن طلب ڪمال قرب الاهي عَزَّوَجَلَّ اهو ئي مقصود اٿن ۽ مقصود حاصل تي چڪو اٿن. تمام رسولن جا سردار، تمام نبين کان بعد ۾ اچڻ وارا، گنهگارن جي شفاعت ڪرڻ وارا، مسافرن ۽ پرديسين جا غمگسار، سيني جهانن تي رحم فرمائڻ وارا، عاشقن جي راحت، مشتاقن جي مراد، سيني عارفن جا سج، سالڪن جا چراغ، مقربين جي شمع، فقيرن، پرديسين ۽ مسڪينن سان محبت ۽ الفت رکڻ وارا، جنّن ۽ انسانن جا سردار، مڪي ۽

www.dawateislami.net

مديني جي حرم جا نبي، **بيت المقدس** ۽ خانہ ڪعبہ **ٻنهي قبلن** جا امام، دنيا ۽ آخرت ۾ اسان جا وسيلا، قاب قوسين جي نويد وارا، مَشرِقن ۽ مَغرِبَن جي رب جا حبيب، امام حسن ۽ امام حسين جا نانا، اسان جا آقا، سمورن جِنّن ۽ انسانن جا وارث يعني ابوا لقاسم **محمد بن عبدالله، الله** جي نور منجهان عظمت ۽ رفعت واري نور تي درود ۽ سلام، سندن حسن جي نور جا عاشقو! خوب درود ۽ **سلام موڪليو** سندن ذات والا صفات تي ۽ سندن آل ۽ اصحاب تي.

## درود تُنَجِينا جي بابت ايمان افروز حڪايت

**علامہ ابن فاڪهاني** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي ڪتاب "**الفجر المنير**" ۾ هن درود شريف جي بابت هڪ واقعو بيان ڪندي فرمائن ٿا تہ پارسا شيخ موسيٰ ضرير رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مون سان بيان ڪيو تہ هو ٻيڙيءَ وسيلي ساموندي سفر تي روانا ٿيا رستي ۾ تيز طوفان اچي پهتو جنهن کي اِقلابيہ (**اُٿل پٿل ڪرڻ وارو**) چوندا آهن. تمام ٿورا ماڻهو آهن جيڪي هن ساموندي طوفان ۾ ڦاسي ٻڏڻ کان بچندا آهن، ماڻهو ٻُڏڻ جي خوف کان رڙيون ۽ ڪوڪون ڪرڻ لڳا، مونکي ننڊ اچي وئي، خواب ۾ نبيءِ اڪرم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن** جي زيارت نصيب ٿي، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن** فرمايو: ٻيڙيءَ وارن کي چئو تہ هڪ هزار ڀيرا هي درود شريف: اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ صَلَاةً تُنَجِّيْنَا بِهَا کان وٺي بَعْدَ الْمَمَاتِ تائين پڙهن. مان سجاڳ ٿيس ۽ ٻيڙيءَ وارن کي خواب بيان ڪيم. اسان ڳڏجي ٽي سؤ ڀيرائي مس پڙهيو سين تہ الله تعاليٰ طوفان کان نجات عطا فرمائي ڇڏي. (مطالع المسرات، ص. 471)

**شيخ مجد الدين فيروز آبادي** "صاحبِ قاموس" جن، شيخ حسن بن علي اَسواني جي حوالي سان بيان ڪيو تہ جيڪو شخص هي

درود پاڪ ”**درود تنجينا**“ ڪنهن بہ مشڪل، آفت يا مصيبت ۾ هڪ هزار ڀيرا پڙهي الله تعاليٰ انهيءَ مشڪل کي آسان فرمائي ڇڏيندو ۽ سندس مقصد پورو فرمائيندو. (مطالع المسرات، ص. 471)

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ صَلٰوۃً تُنَجِّیْنَا بِھَا مِنْ جَمِیْعِ الْاَھْوَالِ وَالْاٰفَاتِ وَتَقْضِیْ لَنَا بِھَا جَمِیْعَ الْحَاجَاتِ وَتُطَھِّرُنَا بِھَا مِنْ جَمِیْعِ السَّیِّئَاتِ وَ تَرْفَعُنَا بِھَا اَعْلَی الدَّرَجَاتِ وَتُبَلِّغُنَا بِھَا اَقْصَی الْغَایَاتِ مِنْ جَمِیْعِ الْخَیْرَاتِ فِی الْحَیَاۃِ وَبَعْدَ الْمَمَاتِ اِنَّکَ عَلٰی کُلِّ شَیْءٍ قَدِیْرٌ

**ترجمو**: ”**اي الله** عَزَّوَجَلَّ! **سَيِّدُنا حضرت محمّد مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي اهڙي رحمت نازل فرماءِ جو تون انهن جي سبب اسان کي سڀني خوفن ۽ آفتن کان نجات ڏي ۽ انهن جي سبب تون اسان جي سڀني حاجتن کي پورو فرماءِ ۽ انهن جي بدولت تون اسان کي تمام گناهن کان پاڪ فرماءِ ۽ انهن جي ذريعي تون اسان کي بلند درجات تي فائز فرماءِ ۽ انهن جي برڪت سان تون اسان کي سمورين نيڪين جي آخري انتها تائين پهچاءِ، زندگيءَ ۾ ۽ موت کانپوءِ ۽ بيشڪ تون هر شيءِ تي قادر آهين.“

## مرض کان شفا

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ طِبِّ الْقُلُوْبِ وَدَوَآئِھَا وَعَافِیَۃِ الْاَبْدَانِ وَشِفَآئِھَا وَنُوْرِ الْاَبْصَارِ وَضِیَآئِھَا وَعَلٰی اٰلِہٖ وَاَصْحَابِہٖ وَبَارِکْ وَسَلِّمْ

باوضو مريض کي لکي ڪري ڏيو جو زبان سان چٽي يا پاڻيءَ ۾ ملائي پياريوس. شفا ملڻ تائين اهو عمل مسلسل ڪندا رهو بِاِذن الله عَزَّوَجَلَّ موت کانسواءِ هر مرض لاءِ فائديمند آهي.

## درود ماهي جي بابت مڇيءَ جي حڪايت

**هڪ بزرگ** رَحۡمَۃُاللہِ عَلَیۡہ درياءَ جي ڪناري تي وضو ڪري رهيو هو تہ هڪ **مڇي آئي** ۽ هي درود پاڪ پڙهيائين، تنهن تي انهن پڇيس تہ اهو ڪنهن ڪان سکيو اٿئي؟ ان مڇيءَ وراڻيو تہ هڪ ڀيري درياء جي ڪناري تي مون **هڪ فرشتي** کي پڙهندي ٻڌو ۽ ياد ڪري ورتم انهيءَ ڏينهن کان **هر آفت** ۽ **بلا** کان محفوظ آهيان. (اعمال رضا، ص. 138)

## درود ماهي

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِ مُحَمَّدٍ خَيْرِ الْخَلَآئِقِ وَاَفْضَلِ الْبَشَرِ وَشَفِيْعِ الْاُمَمِ يَوْمَ الْحَشْرِ وَالنَّشْرِ وَصَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ بِعَدَدِ كُلِّ مَعْلُوْمٍ لَّكَ وَصَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِ مُحَمَّدٍ وَّبَارِكْ وَسَلِّمْ وَصَلِّ عَلٰى جَمِيْعِ الْاَنْبِيَآءِ وَالْمُرْسَلِيْنَ وَصَلِّ عَلٰى كُلِّ الْمَلَآئِكَةِ الْمُقَرَّبِيْنَ وَعَلٰى عِبَادِ اللهِ الصَّالِحِيْنَ وَسَلِّمْ تَسْلِيْمًا كَثِيْرًا كَثِيْرًا بِرَحْمَتِكَ وَبِفَضْلِكَ وَبِكَرَمِكَ يَا اَكْرَمَ الْاَكْرَمِيْنَ بِرَحْمَتِكَ يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ يَا قَدِيْمُ يَا دَآئِمُ يَا حَيُّ يَا قَيُّوْمُ يَا وَتْرُ يَا اَحَدُ يَا صَمَدُ يَا مَنْ لَّمْ يَلِدْ وَلَمْ يُوْلَدْ وَلَمْ يَكُنْ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ بِرَحْمَتِكَ يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# فيضانِ دعا

## درود شريف جي فضيلت

**حضورِ اڪرم، نورِ مجسم،** شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم، شافعِ امم ﷺ جن ارشاد فرمايو: جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن سؤ (100) ڀيرا مون تي درود پاڪ پڙهي، جڏهن اهو قيامت جي ڏينهن ايندو ته ان سان گڏ هڪ اهڙو نور هوندو جو جيڪڏهن اهو سموري مخلوق ۾ ورهايو وڃي ته سڀني جي لاءِ ڪافي ٿي وڃي.
(حلية الاولياء، ج. 8، ص. 49، حديث 11341)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## دعا بلائن کي ٽاريندي آهي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** دعا گهرڻ تمام وڏي سعادت آهي، قرآن ۽ احاديثِ مبارڪ ۾ جڳهه جڳهه تي دعا گهرڻ جي ترغيب ڏياري وئي آهي، هڪ حديث پاڪ ۾ آهي. ”ڇا مان اوهان کي اها شيءِ نه ٻڌايان جيڪا اوهان کي اوهان جي دشمن کان نجات ڏئي ۽ توهان جو رزق وسيع ڪري، رات ڏينهن الله تعالي کان دعا گهرندا رهو ڇو ته دعا مؤمن جو هٿيار آهي.“ (المسند ابي يعلي، ج. 2، ص. 201، حديث 1806)

## دعا بلائن کي ٽاريندي آهي

**مکي مدني سرڪار** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان مشڪبار آهي: ”بلا (**مصيبت**) لهندي آهي پوءِ دعا ان سان وڃي ملندي آهي. پوءِ قيامت تائين ٻئي جهيڙو ڪندا رهندا آهن.“ (المستدرک، ج. 2، ص. 162، حديث 1856)

## عبادتن ۾ دعا جو مقام

**حضرت** سيدنا اَبُو ذَر غِفاري رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ ارشاد فرمائن ٿا، عبادتن ۾ دعا جي اها ئي حيثيت آهي جيڪا کاڌي ۾ لوڻ جي.“ (تنبيه الغافلين، ص. 216، حديث 577)

## دعا جا ٽي فائدا

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمائن ٿا: جيڪو مسلمان اهڙي دعا ڪري جنهن ۾ گناهہ ۽ قطع رحمي (**رشتو ٽوڙڻ**) جي ڪا ڳالهہ نہ هجي تہ اللّٰه تعاليٰ ان کي ٽن شين مان ڪابہ هڪ ضرور عطا فرمائيندو آهي ﴿1﴾ يا ان جي دعا جو نتيجو جلد ئي سندس زندگيءَ ۾ ظاهر ٿي ويندو آهي. يا ﴿2﴾ اللّٰه تعاليٰ ڪا مصيبت ان ٻانهي کان دور فرمائي ڇڏيندو آهي يا ﴿3﴾ ان جي لاءِ آخرت ۾ ڀلائي جمع ڪئي ويندي آهي. هڪ ٻئي روايت ۾ آهي تہ ٻانهو (جڏهن آخرت ۾ پنهنجي دعائن جو ثواب ڏسندو جيڪي دنيا ۾ مستجاب (يعني مقبول) ڪونہ ٿيون هيون تہ خواهش ڪندو، ڪاش! دنيا ۾ منهنجي ڪا بہ دعا قبول نہ ٿئي ها. (المستدرک للحاکم، ج. 2، ص. 163-165، حديث 1859-1862)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** توهان ڏٺو! دعا ضايع تہ ٿيندي ئي ڪانهي. ان جو دنيا ۾ جيڪڏهن اثر ظاهر نہ بہ ٿئي تہ آخرت ۾ اجر ۽ ثواب ضرور ملندو. تنهنڪري دُعا ۾ سُستي ڪرڻ مناسب ناهي.

# ”ياعفو“جي پنجن اکرن جي نسبت سان پنج مدني گل

﴿1﴾: پھريون فائدو ھي آھي تہ اللہ عَزَّوَجَلَّ جي حڪم جي پيروي ٿئي ٿي جو ان جو حڪم آھي تہ مون کان دعا گھرندا ڪريو. جيئن تہ قرآن پاڪ ۾ ارشاد آھي:

اُدْعُوْنِيْٓ اَسْتَجِبْ لَكُمْ ؕ

**ترجمو ڪنزالايمان:** مون کان دعا گھرو تہ مان قبول ڪندس.

(پ. 24، المؤمن، 60)

﴿2﴾ دعا گھرڻ سنّت آھي جو اسان جا پيارا پيارا آقا، مکّي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اڪثر وقتن ۾ دعا گھرندا ھئا. انھيءَ ڪري دعا گھرڻ ۾ اتباعِ سنّت جو بہ شرف حاصل ٿيندو.

﴿3﴾ دعا گھرڻ ۾ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اطاعت (يعني فرمانبرداري) بہ آھي جو پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دعا جي پنھنجي غلامن کي تاڪيد فرمائيندا رھندا ھئا.

﴿4﴾ دعا گھرڻ وارو عابدن جي زُمري (يعني نيڪن جي جماعت) ۾ داخل ٿيندو آھي جو دعا ھوڻ ئي ھڪ عبادت بلڪ عبادت جو بہ مغز آھي. جيئن اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آھي.

اَلدُّعَاءُ مُخُّ الْعِبَادَةِ

ترجمو: دعا عبادت جو مغز آھي.

(سنن الترمذي، ج. 5، ص. 243، حديث 3382)

﴿5﴾ **دعا** گهرڻ سان يا تہ ان جو گناهہ مُعاف ڪيو ويندو آهي يا دنيا ۾ ئي ان جا مسئلا حل ٿيندا آهن يا وري اها **دعا** ان جي لاءِ آخرت جو ذخيرو بڻجي ويندي آهي.

## خبر ناهي ڪهڙو گناهہ ٿي ويو آهي؟

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! دعا گهرڻ ۾ الله ربّ العزت عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري حبيب، ماهِ نُبُوَّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي اطاعت بہ** آهي دعا گهرڻ سنّت بہ آهي دعا گهرڻ سان عبادت جو ثواب بہ ملندو آهي ۽ پڻ ڪيترائي دنيا ۽ آخرت جا فائدا بہ حاصل ٿيندا آهن ڪجهہ ماڻهن کي ڏٺو ويو آهي تہ اهي دعا جي قبوليّت جي لاءِ تمام گهڻي تڪڙ ڪندا آهن بلڪہ معاذالله شڪوه ڪندا آهن تہ اسان تہ هيتري عرصي کان دعائون گهري رهيا آهيون بزرگن کان بہ دعائون ڪرائيندا رهيا آهيون ڪوبہ پير، فقير ناهي ڇڏيو هي وظيفا پڙهندا آهيون هو ورد پڙهندا آهيون، فلاڻي فلاڻي مزار تي بہ وياسين پر الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي حاجت پوري ڪري ئي نہ ٿو پر ڪن کي تہ هيئن بہ چوندي ٻُڌو ويندو آهي: ”**خبر ناهي اهڙو ڪهڙو گناهہ ٿي ويو آهي جنهن جي اسان کي سزا ملي رهي آهي.**“

## نماز نہ پڙهڻ تہ ڄڻ خطا ئي ناهي!!!

**اهڙي** ”اندر جي باهہ“ ڪڍڻ واري کان جيڪڏهن سوال ڪيو وڃي تہ ادا! توهان نماز تہ پڙهندا ئي هوندؤ؟ تہ شايد جواب ملي ”جي نہ“ ڏٺو توهان! زبان تي تہ بي اختيار جاري ٿي رهيو آهي تہ خبر ناهي اَلائي ڪهڙي خطا اسان کان اهڙي ٿي آهي؟ جنهن جي اسان کي سزا ملي رهي آهي! ۽ نماز ۾ سندن غفلت تہ ڪين نظر ئي نہ ٿي اچي! ڄڻ نماز نہ پڙهڻ تہ (معاذالله) ڪو گناهہ ئي ناهي! نادان!

پنهنجي مختصر وجود تي ئي ٿوري نظر وجهي ته ڏس! مٿي جا وار انگريزي، انگريزن جيان مٿو به اگهاڙو، لباس به انگريزي، چهرو دشمنانِ مصطفیٰ آتش پرستن (**يعني باهه جي پوڄارين**) جهڙو يعني تاجدارِ رسالت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي عظيم سُنّت ڏاڙهي مبارڪ چهري تان غائب! رهڻي ڪهڻي ۽ طور طريقا اسلام جي دشمنن جهڙا، نماز به نه پڙهڻ حالانڪه نماز نه پڙهڻ وڏو گناهه، ڏاڙهي ڪوڙائڻ حرام، ويتر سڄو ڏينهن ڪوڙ، غيبت، چُغلي، واعدي خلافي، بدگماني، بدنگاهي، والدين جي نافرماني، گار گند، فلمون ڊراما، گانا باجا، وغيره وغيره نه ڄاڻ ڪيڏا گناهه ڪيا ويندا آهن. پر اهي گناهه ”صاحب“ کي نظر ئي نه ٿا اچن. ايڏا گناهه ڪرڻ جي باوجود شيطان غافل ڪري ڇڏي ٿو ۽ زبان مان هي شڪايت وارا لفظ نڪري رهيا هوندا آهن.

جس کی ہم کو سزا مل رہی ہے! کیا خطا ہم سے ایسے ہوئی ہے؟

## جنهن دوست جي ڳالهه نه مڃون

**ٿورو** سوچو ته سهي! توهان جو ڪو جگري دوست توهان کي ڪيترائي ڀيرا ڪو ڪم چوي پر اوهان ان جو ڪم نه ڪيو ۽ ڪڏهن اوهان جو پنهنجي انهيءَ دوست ۾ ڪم پئجي وڃي ته ظاهر آهي اوهان کي ڀيريان ته شرم ايندو جو مون ته ان جو هڪ به ڪم ناهي ڪيو هاڻي هو ڀلا منهنجو ڪم ڪيئن ڪندو! جيڪڏهن توهان همت ڪري ڳالهه ڪري به ڏني ۽ واقعي ان ڪم نه به ڪيو تڏهن به توهان شڪايت نه ڪري سگهندؤ ڇو ته توهان به ته پنهنجي دوست جو ڪو ڪم ڪونه ڪيو هو.

**هاڻي ٿڌيءَ** دل سان غور ڪريو تہ الله عَزَّوَجَلَّ ڪهڙا ڪهڙا ڪم ٻُڌايا احڪام جاري فرمايا. پر اسين سندس ڪهڙن ڪهڙن حڪمن تي عمل ڪريون ٿا؟ غور ڪرڻ تي معلوم ٿيندو تہ ان جي ڪيترن ئي حڪمن جي فرمانبرداريءَ ۾ اسان ڪان نهايت ئي ڪوتاهيون واقع ٿيون آهن. اميد آهي تہ ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي وئي هوندي جو اسان پاڻ تہ پنهنجي پروردگار جي حڪمن تي عمل نہ ڪريون ۽ هو جيڪڏهن ڪنهن ڳالهہ (يعني دعا) جو اثر ظاهر نہ فرمائي تہ ڏک، ڏوراپو ڪڻي ويهي رهون. ڏسو نہ! جيڪڏهن توهان پنهنجي ڪنهن جگري دوست جي ڪا ڳالهہ هرهر ٽاريندا رهو تہ ٿي سگهي ٿو تہ اهو توهان ڪان دوستي ئي ختم ڪري ڇڏي. پر الله عَزَّوَجَلَّ ٻانهن تي ڪيتري قدر مهربان آهي جو سڄي عمر سندس فرمان جي خلاف ورزي ڪيون پوءِ بہ هُو پنهنجي ٻانهن جي فهرست مان خارج نٿو ڪري. هُو لطف ۽ ڪرم فرمائيندو ئي رهي ٿو. ٿورو غور تہ فرمايو! جيڪي ٻانها احسان فراموشيءَ جو مظاهرو ڪري رهيا آهن جيڪڏهن هُو بہ سزا جي طور تي پنهنجا احسان روڪي ڇڏي تہ انهن جو ڇا ٿيندو؟ يقيني طور تي ان جي عنايت ڪانسواءِ ڪو هڪ قدم بہ ڪونہ کڻي سگهندو. سوچيو! جيڪڏهن هو پنهنجي عظيم الشّان نعمت هوا ڪي، جيڪا بلڪل مفت عطا فرمائي اٿس جيڪڏهن ڪجهہ گهڙين جي لاءِ روڪي ڇڏي تہ گهڙي پر ۾ ئي لاشن جا ڍير لڳي وڃن!!

## دعا جي قبوليت ۾ دير جو هڪ سبب

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اڪثر ڪري دعا جي قبوليّت جي دير ۾ ڪافي مصلحتون بہ هونديون آهن جيڪي اسان جي سمجهہ ۾ ناهن

اينديون. حضور سراپا نُور، فيض گنجور صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ پُرسُرور آهي، جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ جو ڪو پيارو دعا گهرندو آهي ته الله تعاليٰ جبريل (عَلَيْهِ السَّلَام) کي ارشاد فرمائيندو آهي، ”ترسو! هاڻي نه ڏيوس ته جيئن ٻيهر گهري ڇو ته مون کي انهيءَ جو آواز پسند آهي.“ ۽ جڏهن ڪو ڪافر يا فاسق دعا گهرندو آهي ته فرمائيندو آهي، ”اي جبريل (عَلَيْهِ السَّلَام)! هن جو ڪم جلدي ڪري ڇڏيو ته جيئن ٻيهر نه گهري جو مون کي ان جو آواز مڪروهه (يعني ناپسند) آهي.

(ڪنزالعمال ج 2 ص 39 حديث 3261)

## حڪايت

حضرت سيدنا يحيىٰ بن سعيد بن قطان رَضِيَ اللهُ عَنْهُ الله عَزَّوَجَلَّ کي خواب ۾ ڏٺو، عرض ڪيائين، اِلاهي عَزَّوَجَلَّ مان اڪثر دعا گهرندو آهيان ۽ تون قبول ناهين فرمائيندو؟ حڪم ٿيو، ”اي يَحيىٰ! مان تنهنجي آواز کي دوست رکان ٿو. انهيءَ ڪري تنهنجي دعا جي قبوليّت ۾ دير ڪندو آهيان.“ (احسن الوعاء، ص. 35)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هينئر جيڪا حديثِ پاڪ ۽ حڪايت گذري ان ۾ هي ٻڌايو ويو آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ کي پنهنجي نيڪ ٻانهن جو روئڻ ۽ ٻاڏائڻ پسند آهي ته ائين به عام طور تي دعا جي قبوليّت ۾ دير ٿيندي آهي. هاڻي انهيءَ مصلحت کي اسين ڪيئن ٿا سمجهي سگهون! بهرحال تڪڙ نه ڪرڻ گهرجي. ”احسن الوعاءِ“ جي صفحي 33 تي آدابِ دعا بيان ڪندي حضرت رئيس المتڪلمين مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا:

# تڪڙ ڪرڻ واري جي دعا قبول ناهي ٿيندي!

(دعا جي آداب مان هي بہ آهي تہ) **دعا** جي قبوليّت ۾ تڪڙ نہ ڪجي. حديث شريف ۾ آهي تہ الله تعالٰي ٿن ماڻهن جي **دعا** قبول ناهي ڪندو. هڪ اهو جيڪو گناهہ جي **دعا** گهري. ٻيو اهو جيڪو اهڙي ڳالهہ چاهي جيڪا قطع رِحم هجي. ٽيون اهو جيڪو قبولجڻ ۾ تڪڙ ڪري تہ مون **دعا** گهري اڃان تائين قبول ناهي ٿي.

(صحيح مسلم، ص. 1463، حديث 2735)

هن حديث ۾ فرمايو ويو آهي تہ ناجائز ڪم جي دعا نہ گهري وڃي جو اها قبول ناهي ٿيندي ۽ پڻ ڪنهن رشتيدار جو حق ضايع ٿيندو هجي تہ اهڙي دعا بہ نہ گهرجي ۽ **دعا** جي قبوليّت جي لاءِ تڪڙ بہ نہ ڪجي نہ تہ **دعا** قبول ڪونہ ڪئي ويندي.

"اَحسَنُ الوِعَاءِ لِآدَابِ الدُّعاءِ" تي اعلىٰ حضرت، امامِ اهلسنّت، مولانا شاهہ احمد رضا خان رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه حاشيو تحرير فرمايو آهي ۽ ان جو نالو "ذيل المدعا لاحسن الوعاء" رکيو آهي. انهيءَ حاشيي ۾ هڪ جاءِ تي دعا جي قبوليّت ۾ تڪڙ ڪرڻ وارن کي پاڻ پنهنجي مخصوص ۽ نهايت ئي علمي انداز ۾ سمجهائيندي فرمائن ٿا.

## آفيسرن وٽ تہ هر هر ڌڪا کائيندا آهيو پر...

**سگانِ دنيا** (يعني دنياوي آفيسرن) جي اميدوارن (يعني انهن کان ڪم ڪڍڻ جي خواهشمندن) کي ڏنو ويندو آهي تہ ٽن ٽن سالن تائين اميدواري (۽ انتظار) ۾ گذاريندا آهن، صبح ۽ شام سندن دروازن تي ڀَٽڪندا آهن، (ڌڪا کائيندا آهن) ۽ اهي (آفيسر) آهن جو ڪين ڏسندا بہ

ناهن، جواب ناهن ڏيندا، دڙڪا ڏيندا آهن، خار ڪائيندا ۽ ڇهري ۾ گُهنج وجهندا آهن، اميدواريءَ ۾ خرچ ڪيو ته بيگار (**بيڪار محنت**) مٿي تي ڪنئي، هي حضرات (**يعني اميدوار**) گرهه (**يعني پنهنجي تيسي**) منجهان ڪائيندا آهن گهر ڪان گهرائيندا، هرويرو بيڪار (**يعني فضول محنت**) جي مصيبت سر تي سهندا آهن ۽ اتي (**يعني آفيسرن وٽ ڌڪا کائڻ ۾ تين**) سال گذري وجن ته به جڻ انهن جي لاءِ پهريون ڏينهن آهي پر هي (**دنياوي آفيسرن وٽ ڌڪا کائڻ وارا**) نه اميد ختم ڪن ٿا نه (**آفيسرن جو**) پيڇو ڇڏين ٿا ۽ اَحکَمُ الحَاکِمِین، اَکرَمُ الاَکرَمِین، عَزَّوَجَلَّ جي دروازي تي پهريان ته اچي ئي ڪير ٿو! ۽ اچي به ته بي دليو ٿي، تڪڙ ۾، سياٽي ٿيڻ وارو ڪم اچ ٿي وجي. هڪ هفتو ڪجهه (ورد) پڙهندي ته چا گذريو، هاٽي شڪايت شروع ڪري ڏني، سائين! پڙهيو ته هيم پر ڪجهه اثر نه ٿيو! اهي بيوقوف پنهنجي لاءِ اجابت (يعني قبوليّت) جو دروازو پاڻ بند ڪري ڇڏيندا آهن. مُحَمَّدٌ رَّسُولُ اللهِ! صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمائن ٿا:

يُسْتَجَابُ لِاَحَدِكُمْ مَا لَمْ يَعْجَلْ يَقُوْلُ دَعَوْتُ فَلَمْ يُسْتَجَبْ لِيْ

ترجمو: ”توهان جي دعا قبول ٿيندي آهي جيستائين تڪڙ نه ڪريو هي نه چئو ته مون دعا گهري هئي پر قبول نه ٿي.“ (صحيح البخاري، ج. 4، ص. 200، حديث 6340)

**ڪجهه** ته ان تي اهڙا بي قابو ٿي ويندا آهن جو اعمال واَدْعِيَّه (يعني وردن ۽ دعائن) جي اثر ڪان بي اعتقاد، بلڪه الله عَزَّوَجَلَّ جي ڪرم واري واعدي کان اهڙا بي اعتماد ٿي ويندا جو وَالْعِيَاذُ بِاللهِ الْكَرِيْمِ الْجَوَّادِ.

اهڙن کي چيو وڃي ٿو اي بي حيا! بي شرمو!! ٿورو پنهنجي گريبان ۾ جهاتي پائي ڏسو. جيڪڏهن ڪو توهان جو هڪ جيڏو دوست توهان کي هزار ڀيرا ڪجھ پنهنجا ڪم چوي ۽ توهان ان جو هڪڙو ڪم به نہ ڪريو تہ پنهنجو ڪم ان کي چوندي، اوّل تہ پاڻ لڄي ٿيندؤ جو اسان تہ سندس چوڻ ورتو ئي ناهي هاڻي ڪهڙي منهن سان ان کي ڪم لاءِ چئون؟ ۽ جيڪڏهن مطلب پيو تہ چئي بہ ڏنوَ ۽ ان (**جيڪڏهن توهان جو ڪم**) نہ ڪيو تہ ڪهڙيءَ ريت بہ ڏوراپو ڪونہ ڏيندؤ. ظاهر آهي پاڻ ئي سمجهو ٿا جو مون (**ان جو ڪم**) ڪٿي ڪيو هو؟ جو هُو ڪندو! هاڻي ڏسو تہ توهان مالڪعلى الاطلاق عَزَّوَجَلَّ جي ڪيترن حڪمن تي عمل ڪريو ٿا؟ ان جا حڪم نہ مڃڻ ۽ پنهنجي گذارش (**يعني دعا**) جي هر صورت ۾ قبوليّت چاهڻ ڪيڏي نہ بي حيائي آهي!

**او بي عقل**!پوءِ فرق ڏس! پنهنجي مٿي کان پيرن تائين غور سان نظر ڪر، هڪ هڪ لُونءَ ۾ هر وقت، هر گهڙي، ڪيتريون ڪيتريون هزارين بيشمار نعمتون آهن. تون سمهين ٿو ۽ ان جا معصوم ٻانها (**يعني فرشتا**) تنهنجي حفاظت جي لاءِ پهرا ڏيئي رهيا آهن، تون گناهہ ڪري رهيو آهين ۽ (**پوءِ بہ**) مٿي کان پيرن تائين صحت ۽ عافيّت، آفتن کان حفاظت،کاڌي جو هاضمو، فُضّلات (**يعني جسم جي اندرين گندگين**) جو نڪرڻ، رت جي رواني، عضون ۾ طاقت، اکين ۾ روشني، بي حساب ڪرم بنا گهرڻ جي بنا چاهڻ جي توکي نصيب ٿي رهيا آهن. پوءِ جيڪڏهن تنهنجون ڪجھ گهرجون پوريون نہ ٿين تہ ڪهڙي منهن سان شڪايت ڪرين ٿو؟ توکي ڪهڙي خبر تہ تنهنجي لاءِ ڀلائي ڇا ۾ آهي!تو کي ڇا خبر تہ ڪهڙي

سخت مصيبت اچڻ واري هئي جيڪا هن (**ظاهر ۾ قبول نہ ٿيڻ واري**) دعا ٽاري ڇڏي. توکي ڪهڙي خبر تہ هن دعا جي عيوض ڪيڏو ثواب تنهنجي لاءِ گڏ ٿي رهيو آهي، ان جو واعدو سچو آهي ۽ قبوليّت جون هي ٽي صورتون آهن جن مان هر پوئين، پهرين کان اعلىٰ آهي. ها، بي اعتقادي آئي تہ يقين ڄاڻ تہ تون خساري ۾ آهين ۽ ابليس لعين توکي پاڻ جهڙو ڪري ڇڏيو. وَالْعِيَاذُ بِاللهِ سُبْحٰنَهٗ وَتَعَالٰى (۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ **جي پناھ، اهو پاڪ آهي ۽ عظمت وارو**)

**اي ذليل خاڪ**! اي آبِ ناپاڪ! پنهنجو منهن ڏس ۽ هن عظيم شرف تي غور ڪر، جنهن توکي پنهنجي بارگاھ ۾ حاضر ٿيڻ، پنهنجو پاڪ ۽ مُتعالي (يعني بلند) نالو وٺڻ، پنهنجي طرف منهن ڪرڻ، پنهنجي پُڪارڻ جي توکي اجازت ڏئي ٿو. لڪين مُرادون هن فضلِ عظيم تان گهور.

**او بي صبرا**! ڪجھ پِنڻ سِک، هن بلند آستاني جي خاڪ تي ليٽڙيون پاءِ. چنبڙيل رھ ۽ لڳاتار ان اميد جي طرف نظر رک تہ هاڻي عطا ڪندو هاڻي عطا ڪندو! بلڪ ان کان گهرڻ ۽ پُڪارڻ جي لذت ۾ ائين گم ٿي وڃ جو ارادو ۽ مُراد ڪجھ ياد ئي نہ رهي، يقين رک تہ هن دروازي کان هرگز محروم نہ موٽنديں جو مَنْ دَقَّ بَابَ الْكَرِيْمِ اِنْفَتَحَ (جنهن ڪريم جو دروازو ڪڙڪايو تہ اهو ان لاءِ کُلي ويو) وَبِاللهِ التَّوْفِيْقُ (۽ توفيق الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان آهي) (ذيل المدّعا لِاحسن الوعاء، ص. 34-37)

## دعا جي قبوليت ۾ دير تہ ڪرم آهي

**حضرت** سيّدُنا مولانا نقي علي خان رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اي عزيز! تنهنجو پروردگار عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو:

أُجِيْبُ دَعْوَةَ الدَّاعِ اِذَا دَعَانِ ۙ

**ترجمو ڪنزالايمان:** مان دعا گهرڻ واري جي دعا قبول ڪندو آهيان جڏهن مون کان دعا گهري. (پ. 2، البقره، 186)

فَلَنِعْمَ الْمُجِيْبُوْنَ ﴿۷۵﴾

**ترجموڪنزالايمان:** پوءِ اسان ڪهڙا نہ سٺا قبول ڪرڻ وارا آهيون. (پ. 23، الصّٰفّٰت، 78)

اُدْعُوْنِیْٓ اَسْتَجِبْ لَكُمْ ؕ

**ترجموڪنزالايمان:** مون کان دعا گهرو تہ مان قبول ڪندس. (پ. 24، المؤمن، 60)

تنهنڪري يقين سمجهہ تہ هو توکي پنهنجي در کان محروم نہ ڪندو ۽ پنهنجي واعدي کي وفا فرمائيندو. هُو پنهنجي حبيب صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرمائي ٿو.

وَ اَمَّا السَّآئِلَ فَلَا تَنْهَرْ ﴿۱۰﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ سوالي کي نہ جهڙڪ. (پ. 30، والضحٰی، 10)

تہ الله عَزَّوَجَلَّ پاڻ ڪيئن پنهنجي سخا جي در کان پري ڪندو؟ جڏهن تہ هُو توتي پنهنجي ڪرم جي نگاهہ رکي ٿو. جنهن ڪري تنهنجي دعا کي قبول ڪرڻ ۾ دير ڪندو آهي. (احسن الوعاء، ص. 32-33)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اَلْحَمْدُلِلّٰه عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ، **دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن** ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سنّتن ڀريو

سفر ڪري دعا گهرڻ وارن جا مسئلا حل ٿيڻ جا ڪافي واقعا ٻُڌڻ لاءِ ملندا آهن.

## مدني قافلي ۾ عِرق النساء جــو علاج ٿي ويو

**هڪ اسلامي** ڀاءَ جو بيان پنهنجي انداز ۾ عرض ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. اسان جو **مدني قافلو** ٺٽي شهر ۾ داخل ٿيو قافلي وارن مان هڪ اسلامي ڀاءَ کي عِرقُ النّساء (**يعني رڳ**) جو شديد سور پوندو هو. ويچارو سور جي شدت کان پاڻيءَ مان ٻاهر نڪتل مڇيءَ جيان ڦٿڪندو هو. هڪ ڀيري سور جي سبب سڄي رات سُمهي ڪونہ سگهيو. آخري ڏينهن **اميرِ قافلا** فرمايو: اچو سڀئي ملي ڪري هن جي لاءِ دعا ڪريون. جيئن ئي دعا شروع ٿي ان اسلامي ڀاءَ جو بيان آهي: اَلْحَمْدُلِلّٰه دعا جي دوران ئي سور ۾ گهٽتائي اچڻ شروع ٿي وئي ۽ ڪجهہ دير کان پوءِ عِرقُ النِّسَاء جو سور بلڪل ختم ٿي ويو. اَلْحَمْدُلِلّٰه هي بيان ڏيڻ وقت ڪافي عرصو ٿي چُڪو آهي اهو ڏينهن ۽ اڄ جو ڏينهن مون کي وري ڪڏهن عِرقُ النِّساء جي تڪليف نہ ٿي. اَلْحَمْدُلِلّٰه هي بيان ڏيڻ وقت مون کي علائقائي **مدني قافلا** ذميدار جي حيثيت سان مدني قافلن جون ڌومون مچائڻ جي خدمت مليل آهي.

گر ہو، عرقِ النسا، یا کوئی عارضہ سا — پاؤ گئے صحتیں، قافلے میں چلو
دور بیماریاں، اور پریشانیاں — ہوں گی بس چل پڑیں، قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب — صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! **مدني قافلي** جي برڪت سان **عِرقُ النِّساء** جهڙي مُوذي مرض ڪان نجات ملي وئي. **عِرقُ النِّساء** جي سجاٽپ هي آهي جو هن ۾ ران جي جوڙ ڪان وٺي پيرن جي پيڏيُن تائين شديد سور ٿيندو آهي هي مرض سالن تائين پيڇو ناهي ڇڏيندو.

# ”دعا مومن جو هٿيار آ“ جي سترهن اکرن جي نسبت سان دعا گهرڻ جا 15 مدني گل

(تقريبا تمام مدني گل احسن الوعاء لاداب الدعاء لاحسن الوعاء مطبوعہ مكتبة المدينہ ڪان نڪتل آهي)

﴿1﴾ دعا ۾ حد ڪان نہ وڌجي، مثال طور انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو مرتبو گهرڻ يا آسمان تي چڙهڻ جي تمنا ڪرڻ، گڏوگڏ ٻنهي جهانن جون سموريون ڀلايون ۽ سڀ جون سڀ خوبيون گهرڻ بہ منع آهي، ڇو تہ انهن خوبين ۾، انبياءِ ڪِرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جا مرتبا بہ آهن جيڪي ملي نٿا سگهن. (ص 80،81) ۽ جيڪو مُحال (**يعني ناممڪن**) يا مُحال جي قريب هجي ان جي دعا نہ ڪرڻ گُهرجي تنهنڪري هميشہ جي لاءِ تندرستي ۽ عافيّت گهرڻ جو ماڻهو سڄي عمر ڪڏهن بہ ڪنهن طرح جي تڪليف ۾ نہ پوي اهو مُحالِ عادي جي دعا گهرڻ آهي، ائين ئي ڊگهي قد واري ماڻهوءَ جو ننڍو قد ٿيڻ يا ننڍي اک واري جو وڏي

اڪ جي دعا گهرڻ ممنوع آهي ڇوته هي اهڙي امر(ڪم) جي دعا آهي جنهن تي قلم جاري ٿي چُڪو آهي. (ص 81) ﴿2﴾ گناهه جي دعا ڪرڻ نه گهرجي ته مونکي پرائو مال ملي وڃي ڇوته گناهه جي طلب ڪرڻ به گناهه آهي. (ص 82) ﴿3﴾ قَطعِ رِحَم (**مثلا فلاڻي مائٽن ۾ جهيڙو ٿي پوي**) جي دعا نه ڪرڻ گهرجي. (ص 82) ﴿4﴾ الله کان رڳو حقير شيءِ نه گهرجي ڇوته پروردگار عَزَّوَجَلَّ غني آهي بلڪ پنهنجي سڀي توجُّهه ان ڏانهن ئي رکي ۽ هر شيءِ جو ان کان سوال ڪجي. (ص84) ﴿5﴾ رنج ۽ مصيبت کان گهبرائجي ڪري پنهنجي مرڻ جي دعا نه ڪرڻ گُهرجي. خيال رهي ته دنياوي نقصان کان بچڻ جي لاءِ موت جي تمنا ڪرڻ ناجائز آهي ۽ ديني نقصان جي خوف کان جائز. (ص 85، 87) ﴿6﴾ بنا شرعي ضرورت جي ڪنهن جي مرڻ ۽ بربادي جي دعا نه ڪرڻ گُهرجي، پر جيڪڏهن ڪنهن ڪافر جي ايمان نه آڻڻ تي يقين ۽ غالب گمان هجي ۽ (**ان جي**) جيئڻ سان دين جو نقصان ٿئي يا ڪنهن ظالم کان توبهه ۽ ظلم ڇڏڻ جي اميد نه هجي ۽ ان جو مرڻ، برباد ٿيڻ مخلوق جي حق ۾ فائديمند هجي ته اهڙي شخص جي لاءِ بد دعا ڪرڻ صحيح آهي. (ص87) ﴿7﴾ ڪنهن مسلمان کي هيءَ بد دعا نه ڏجي ته "تون ڪافر ٿي وڃين" ڇوته ڪجهه علماء جي ويجهو (**اهڙي دعا ڪرڻ**) ڪفر آهي ۽ تَحقيق هي آهي ته جيڪڏهن ڪفر کي سٺو يا اسلام کي بُرو ڄاڻي ڪري چيائين ته بيشڪ ڪفر آهي نه ته وڏو گناهه آهي جو مسلمان جو بُرو چاهڻ حرام آهي خصوصًا اهو بُرو چاهڻ (**ته فلاڻي جو ايمان برباد ٿي وڃي**) ته سڀني بد خواهين کان بدتر آهي، (ص 90) ﴿8﴾ ڪنهن مسلمان تي لعنت نه ڪجي ۽ ان کي مردود ۽ ملعون نه چوي ۽ جنهن ڪافر جو ڪفر تي مرڻ يقيني ناهي ان تي به نالو وٺي لعنت نه ڪجي. (ص 90) ﴿9﴾ ڪنهن مسلمان کي هيءَ

بد دعا نہ ڏجي تہ "توتي خدا عَزَّوَجَلَّ جو غضب نازل ٿئي ۽ تون (ڇُلهي ۽) باھہ يا دوزخ ۾ داخل ٿين"، جو حديث پاڪ ۾ ان ڪان روڪيو ويو آهي، (ص 100) ﴿10﴾ جيڪو ڪافر تي مُئو ان جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪرڻ حرام ۽ ڪفر آهي. (ص 100) ﴿11﴾ هي دعا ڪرڻ، "خدايا! سڀني مسلمانن جا سڀ گناھہ بخشي ڇڏ." جائز ناهي جو ان مان انهن احاديثِ مبارڪہ کي ڪوڙو سمجهڻ معلوم ٿئي ٿو جن ۾ ڪجھہ مسلمانن جي دوزخ ۾ وڃڻ جو ذڪر آهي.(ص 106) پر هيئن دعا ڪرڻ "سڄي امتِ محمّد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مغفرت (**يعني بخشش**) ٿئي" يا سمورن مسلمانن جي مغفرت ٿئي جائز آهي. (ص 103) ﴿12﴾ پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي دوستن لاءِ (پنهنجي) اهل ۽ مال ۽ اولاد جي لاءِ بد دعا نہ ڪجي، ڪهڙي خبر جو اهو قبوليت جو وقت هجي ۽ بد دعا جو اثر ظاهر ٿيڻ تي ندامت ٿئي. (ص107) ﴿13﴾ جيڪا شيءِ اڳ ۾ پاڻ وٽ موجود هجي ان جي دعا نہ ڪجي مثلاً مرد هيئن نہ چوي تہ "يا الله عَزَّوَجَلَّ مونکي مرد ڪر" جو اهو استهزاءَ (**يعني مذاق اڏائڻ**) آهي، پر اهڙي دعا جنهن ۾ شريعت جي حڪم جي پوئِيواري يا عاجزي ۽ بندگيءَ جو اظهار يا پروردگار ۽ مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان محبت يا دين يا ديندارن ڏانهن رغبت يا ڪفر ۽ ڪافرن سان نفرت وغيره جا فائدا نڪرندا هجن اها جائز آهي، جيتوڻيڪ ان ڳالھہ جو حاصل ٿيڻ يقيني هجي، جيئن درود شريف پڙهڻ، وسيلي جي، صراط مسقيم جي، الله عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دشمنن تي غضب ۽ لعنت جي دعا ڪرڻ. (ص 108) ﴿14﴾ دعا ۾ تنگي نہ ڪجي مثال طور هيئن نہ گهرجي تہ يا الله عَزَّوَجَلَّ صرف مون تي رحم فرماءِ يا صرف مون کي ۽ منهنجي فلاڻي فلاڻي دوست کي نعمت بخش (ص 109) بهتر هي آهي تہ سڀني مسلمانن کي دعا ۾

شامل ڪجي ان جو هڪ فائدو هي بہ ٿيندو تہ جيڪڏهن پاڻ ان نيڪ ڳالهہ جو حقدار نہ بہ هوندو تہ سنن مسلمانن جي طفيل حاصل ڪري وٺندو. ﴿15﴾ **حجة الاسلام حضرت سيّدُنا امام محمّد غزالي** رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا، ”مضبوط عقيدي سان دعا گهرجي ۽ قبوليت جو يقين رکجي.“ (احياءُ العلوم، ج. 1، ص. 770)

## 15 قرآني دعائون

(1) رَبَّنَاۤ اٰتِنَا فِی الدُّنۡیَا حَسَنَۃً وَّ فِی الۡاٰخِرَۃِ حَسَنَۃً وَّ قِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿۲۰۱﴾

ترجمو ڪنزالايمان: اي اسان جا پالڻهار اسان کي دنيا ۾ ڀلائي ڏي ۽ اسان کي آخرت ۾ ڀلائي ڏي ۽ اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ. (پ 2 البقره 201)

(2) رَبَّنَا لَا تُؤَاخِذۡنَاۤ اِنۡ نَّسِیۡنَاۤ اَوۡ اَخۡطَاۡنَا ۚ

ترجمو ڪنز الايمان: اي اسان جا ربّ اسان جي پڪڙ نہ فرماءِ جيڪڏهن اسان وساريون يا غلطي ڪري ويهون. (پ 3 البقره 286)

(3) رَبَّنَا وَ لَا تَحۡمِلۡ عَلَیۡنَاۤ اِصۡرًا کَمَا حَمَلۡتَہٗ عَلَی الَّذِیۡنَ مِنۡ قَبۡلِنَا ۚ

ترجمو ڪنزالايمان: اي اسان جا ربّ اسان تي ڳرو بار نہ رک جهڙو (يا جيئن) تو اسان کان اڳين تي رکيو هو. (پ 3 البقره 286)

(4) رَبَّنَا لَا تُزِغۡ قُلُوۡبَنَا بَعۡدَ اِذۡ هَدَیۡتَنَا وَ هَبۡ لَنَا مِنۡ لَّدُنۡکَ رَحۡمَۃً ۚ اِنَّکَ اَنۡتَ الۡوَهَّابُ ﴿۸﴾

ترجمو ڪنز الايمان: اي اسان جا ربّ اسان جون دليون ڪوٽيون نہ ڪر هن ڪانپوءِ جو تو اسان کي هدايت ڏني ۽ اسان کي پاڻ وٽان رحمت عطا ڪر بيشڪ تون ئي وڏو عطا ڪندڙ آهين. (پ 3 ال عمران 8)

(5) رَبَّنَآ اِنَّنَآ اٰمَنَّا فَاغْفِرْ لَنَا ذُنُوْبَنَا وَقِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿۱۶﴾

ترجمو ڪنز الايمان: اي اسان جا ربّ اسان ايمان آندو تون اسان جا گناهہ معاف فرماءِ ۽ اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ. (پ 3 ال عمران 16)

(6) رَبَّنَا فَاغْفِرْ لَنَا ذُنُوْبَنَا وَكَفِّرْ عَنَّا سَيِّاٰتِنَا وَتَوَفَّنَا مَعَ الْاَبْرَارِ ﴿۱۹۳﴾

**ترجمو ڪنز الايمان:** اي اسان جا پالڻهار تون اسان جا گناهہ بخش ۽ اسان جون برايون ميٽ ۽ پلارن سان اسان جو موت ڪر. (پ 4 ال عمران 193 )

(7) رَبَّنَا لَا تَجْعَلْنَا مَعَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۴۷﴾

**ترجمو ڪنز الايمان:** اي اسان جا ربّ اسان کي ظالمن سان گڏ نہ ڪر. (پ 8 ال الاعراف 47)

(8) رَبَّنَآ اَفْرِغْ عَلَيْنَا صَبْرًا وَّتَوَفَّنَا مُسْلِمِيْنَ ﴿۱۲۶﴾

**ترجمو ڪنز الايمان:** اي اسان جا ربّ اسان تي صبر پلٽ ۽ اسان کي مسلمان ڪري اٿار. (پ 9 الاعراف126)

(9) رَبِّ اجْعَلْنِيْ مُقِيْمَ الصَّلٰوةِ وَمِنْ ذُرِّيَّتِيْ ۖ رَبَّنَا وَتَقَبَّلْ دُعَآءِ ﴿۴۰﴾

**ترجمو ڪنز الايمان:** اي منهنجا ربّ، مون کي نماز قائم ڪندڙ رک ۽ ڪجهہ منهنجي اولاد کي اي اسان جا رب ۽ اسان جي دعا قبول فرماءِ. (پ 13 ابراهيم 41)

(10) رَبَّنَا اغْفِرْ لِيْ وَلِوَالِدَيَّ وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ يَوْمَ يَقُوْمُ الْحِسَابُ ﴿۴۱﴾

**ترجمو ڪنز الايمان:** اي اسان جا ربّ مونکي بخش ۽ منهنجي ماءُ پيءُ ۽ سمورن مسلمانن کي جنهن ڏينهن حساب قائم ٿيندو. (پ 13 ابراهيم 41)

(11) رَبَّنَآ اٰمَنَّا فَاغْفِرْ لَنَا وَارْحَمْنَا وَاَنْتَ خَيْرُ الرّٰحِمِيْنَ ﴿۱۰۹﴾

**ترجمو ڪنز الايمان:** اي اسان جا ربّ اسان ايمان آندو تون اسان کي معاف فرماءِ ۽ اسان تي رحم ڪر ۽ تون سيني کان بهتر رحم ڪندڙ آهين. (پ 18 المومنون 109)

(12) رَبَّنَا هَبْ لَنَا مِنْ اَزْوَاجِنَا وَذُرِّيّٰتِنَا قُرَّةَ اَعْيُنٍ وَّ اجْعَلْنَا لِلْمُتَّقِيْنَ اِمَامًا ﴿۷۴﴾

**ترجمو ڪنز الايمان:** اي اسان جا رب اسان کي ڏي اسان جي زالن ۽ اسان جي اولاد مان اکين جي ٿڌاڻ ۽ اسان کي پرهيزگارن جو اڳواڻ بناءِ. (پ 19 الفرقان 74)

(13) رَبَّنَا اغْفِرْ لَنَا وَ لِاِخْوَانِنَا الَّذِيْنَ سَبَقُوْنَا بِالْاِيْمَانِ وَ لَا تَجْعَلْ فِيْ قُلُوْبِنَا غِلًّا لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا رَبَّنَآ اِنَّكَ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۰﴾

**ترجمو ڪنز الايمان :** اي اسان جا ربّ اسان کي معاف فرماءِ ۽ اسان جي ڀائرن کي جن اسان کان اڳي ايمان آندو ۽ اسان جي دلين ۾ ايمان وارن جي لاءِ ڪينو نہ رک اي اسان جا ربّ بيشڪ تون ئي نهايت مهربان رحم وارو آهين. (پ 28 الحشر 10)

(14) رَبِّ اَعُوْذُ بِكَ مِنْ هَمَزٰتِ الشَّيٰطِيْنِ ﴿۹۷﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** اي منهنجا رب تنهنجي پناهہ گهران ٿو شيطانن جي وسوسن کان. (پ 18 المؤمنون 97)

(15) رَبِّ ارْحَمْهُمَا كَمَا رَبَّيٰنِيْ صَغِيْرًا ﴿۲۴﴾

**ترجمو ڪنز الايمان:** اي منهنجا رب تون انهن ٻنهي تي رحمت ڪر جيئن انهن ٻنهي مون کي ننڍپڻ ۾ پاليو. (پ15 بني اسرائيل 24)

# دين ۽ دنيا جي ڀلاين واريون 49 دعائون

## (1) دعاءِ مصطفيٰ ﷺ

الله عَزَّوَجَلَّ جا پيارا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اڪثر هيءَ دعا بہ گهرندا رهندا هئا:

يَا مُقَلِّبَ الْقُلُوْبِ ثَبِّتْ قَلْبِيْ عَلٰى دِيْنِكَ

يعني اي دلين کي ڦيرڻ وارا! منهنجي دل کي پنهنجي دين تي قائم رک.

(مسند امام احمد بن حنبل، ج. 4، ص. 511، حديث 13697)

هيءَ دعا امت جي تعليم لاءِ آهي تہ جيئن ماڻهو ٻڌي ڪري سکي وٺن.
(مراٰة ج1ص109)

## (2) سمهڻ مهل جي دعا

اَللّٰهُمَّ بِاسْمِكَ اَمُوْتُ وَ اَحْيَا

**ترجمو**: اي الله عَزَّوَجَلَّ مان تنهنجي نالي سان ئي مران ۽ جيئان ٿو. (يعني سمهان ۽ جاڳان ٿو). (صحيح البخاري، ج. 4، ص. 193، حديث 6314)

## (3) ننڊ کان سجاڳ ٿيڻ کان پوءِ جي دعا

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْٓ اَحْيَانَا بَعْدَ مَآ اَمَاتَنَا وَ اِلَيْهِ النُّشُوْرُ

**ترجمو**؛ تمام خوبيون الله عَزَّوَجَلَّ لاءِ جنهن اسان کي موت (ننڊ) کانپوءِ حيات (سجاڳي) عطا فرمائي ۽ اسان کي انهيءَ ڏانهن موٽڻو آهي. (صحيح البخاري، ج. 4، ص. 193، حديث 6314)

## (4) بيت الخلاء ۾ داخل ٿيڻ کان پهريان جي دعا

اَللّٰهُمَّ اِنِّيْٓ اَعُوْذُبِكَ مِنَ الْخُبُثِ وَ الْخَبَآئِثِ

**ترجمو**; اي الله عَزَّوَجَلَّ مان ناپاڪ جنّن ۽ جنڙين جي شر کان تنهنجي پناهہ گهران ٿو. (صحيح البخاري، ج. 4، ص. 195، حديث 6322)

ڄاڻڻ تہ بيت الخلاء ۾ گندا جِن رهندا آهن، تنهنڪري اها دعا پڙهڻ گهرجي.
(مراة المناجيح، ج. 1، ص. 259)

## (5) بيت الخلاء کان ٻاهر نڪرڻ کانپوءِ جي دعا

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْٓ اَذْهَبَ عَنِّي الْاَذٰى وَ عَافَانِيْ

**ترجمو**; **الله** تعالي جو شڪر آهي جنهن مونکان اذيت دور ڪئي ۽ مونکي عافيت ڏني. (مصنف ابن ابي شيبه، ج. 7، ص. 149، حديث 2)

## (6) گهر ۾ داخل ٿيڻ مهل جي دعا

اَللّٰهُمَّ اِنِّیۡۤ اَسۡئَلُكَ خَیۡرَ الۡمَوۡلَجِ وَ خَیۡرَ الۡمَخۡرَجِ بِسۡمِ اللّٰهِ

وَلَجۡنَا وَبِسۡمِ اللّٰهِ خَرَجۡنَا وَعَلَی اللّٰهِ رَبِّنَا تَوَكَّلۡنَا

**ترجمو:** اي الله عَزَّوَجَلَّ! مان توکان داخل ٿيڻ ۽ نڪرڻ جي جاين جي ڀلائي طلب ڪريان ٿو، الله عَزَّوَجَلَّ جي نالي سان اسين اندر آياسون ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي نالي سان ٻاهر نڪتاسون ۽ اسان پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ تي ڀروسو ڪيو. (سنن ابي داؤد، ج. 4، ص. 421، حديث 5096)

## (7) گهر کان نڪرڻ مهل جي دعا

بِسۡمِ اللّٰهِ تَوَكَّلۡتُ عَلَی اللّٰهِ لَا حَوۡلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ

**ترجمو:** الله عَزَّوَجَلَّ جي نالي سان، مون الله عَزَّوَجَلَّ تي ڀروسو ڪيو، گناهه کان بچڻ جي قوت ۽ نيڪي ڪرڻ جي طاقت الله عَزَّوَجَلَّ جي ئي طرفان آهي.

(سنن ابي داؤد، ج. 4، ص. 420، حديث 5095)

هن دعا جي پڙهڻ تي غيبي فرشتو پڙهڻ واري کي چوندو آهي تہ تو بسم الله جي برڪت سان هدايت ماڻي ۽ تَوَكَّلْتُ عَلَى الله جي وسيلي سان ڪفايت ۽ لاحول جي وسيلي حفاظت. (مراة المناجيح، ج. 4، ص. 48)

## (8) ڪاڻو ڪائڻ کان اڳ جي دعا

بِسۡمِ اللّٰهِ وَ بِاللّٰهِ الَّذِیۡ لَا یَضُرُّ مَعَ اسۡمِهٖ

شَیۡءٌ فِی الۡاَرۡضِ وَلَا فِی السَّمَآءِ یَا حَیُّ یَا قَیُّوۡمُ

**ترجمو:** **اللّٰه** تعالي جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جنهن جي نالي جي برڪت سان زمين ۽ آسمان جي ڪابہ شيءِ نقصان پهچائي نٿي سگهي، اي هميشہ زنده ۽ قائم رهڻ وارا. (ڪنز العمال، ج. 15، ص. 109، حديث 40792)

شروع ڪرڻ ڪان پهريان هيءَ دعا پڙهي ڇڏجي، جيڪڏهن ڪاڏي پيتي ۾ زهر بہ هوندو تہ اِنْ شَآءَاللّٰه اثر ڪونہ ڪندو. (ڪنزالعمال، ج. 15، ص. 109، حديث 40792)

## (9) کاڌو کائڻ کانپوءِ جي دعا

اَلْحَمْدُلِلّٰهِ الَّذِيْٓ اَطْعَمَنَا وَ سَقَانَا وَ جَعَلَنَا مُسْلِمِيْنَ

**ترجمو:** **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جو شڪر آهي جنهن اسان کي کارايو، پياريو ۽ اسان کي مسلمان بڻايو. (سنن ابي داؤد، ج. 3، ص. 513، حديث 3850)

## (10) کير پيئڻ کانپوءِ جي دعا

اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِيْهِ وَ زِدْنَا مِنْهُ

**ترجمو:** **اي اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ! اسان جي لاءِ هن ۾ برڪت ڏي ۽ اسان کي ان کان وڌيڪ عنايت فرماءِ.

## (11) آئينو ڏسڻ وقت جي دعا

اَللّٰهُمَّ اَنْتَ حَسَّنْتَ خَلْقِيْ فَحَسِّنْ خُلُقِيْ

**ترجمو:** يا اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! تو منهنجي صورت تہ ڀلي بڻائي آهي منهنجا اخلاق بہ ڀلا ڪر.

## (12) ڪنهن مسلمان کي مرڪندو ڏسي پڙهڻ جي دعا

اَضْحَكَ اللّٰهُ سِنَّكَ

**ترجمو:** **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ اوهان کي سدائين مُرڪندو رکي.

(صحيح البخاري، ج. 2، ص. 403، حديث 3294)

www.dawateislami.net

## (13) شُڪريو ادا ڪرڻ جي دعا

جَزَاكَ اللّٰهُ خَيْرًا

**ترجمو**: الله تعالي تو کي ڀلو بدلو ڏئي.

(سنن الترمذي، ج. 3، ص. 417، حديث 2042)

هن مختصر جملي ۾ ان جي نعمت جو اقرار به ٿي ويو پنهنجي عاجزيءَ جو اظهار به ٿي ويو ۽ ان جي حق ۾ دعاءِ خير به، شُڪر جو مقصد به اهوئي هوندو آهي. (مرات المناجيح ج 4 ص 357)

حديث پاڪ ۾ آهي جيڪو ماڻهن جو شڪريو ادا نہ ڪري اهو الله عَزَّوَجَلَّ جو به شُڪريو ادا نہ ڪندو. (مشكاة المصابيح، ج. 2، ص. 557، حديث 3025)

## (14) قرض جي ادائيگي جي دعا

اَللّٰهُمَّ اكْفِنِيْ بِحَلَالِكَ عَنْ

حَرَامِكَ وَ اَغْنِنِيْ بِفَضْلِكَ عَمَّنْ سِوَاكَ

**ترجمو**: اي الله عَزَّوَجَلَّ! مونکي حلال رزق عطا فرمائي ڪري حرام کان بچاءِ ۽ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان پاڻ کان سواءِ غيرن کان بي نياز ڪري ڇڏ (يعني ٻين جو محتاج نہ ڪر.) (المستدرک للحاکم ج 2 ص 230 حديث 2016)

## (15) ڪاوڙ اچڻ مهل جي دعا

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

**ترجمو**: مان شيطان مردود (جي شر) کان الله عَزَّوَجَلَّ جي پناهہ گهران ٿو.

(صحيح البخاري، ج. 4، ص. 131، حديث 6115)

## (16) علم ۾ اضافي جي دعا

رَبِّ زِدۡنِیۡ عِلۡمًا ﴿۱۱۴﴾

**ترجمو ڪنزالايمان: اي منھنجا رب عَزَّوَجَلَّ! مونکي علم زياده ڏي.**

(پ 16 طه : 114)

## (17) ڪافرن جي طور طريقن کي ڏسجي يا آواز ٻڌجي تہ ھيءَ دعا پڙھجي

اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ اِلٰهًا وَّاحِدًا لَّا نَعْبُدُ اِلَّآ اِيَّاهُ

**ترجمو**: مان گواهي ڏيان ٿو تہ الله عَزَّوَجَلَّ ڪانسواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي، هو اڪيلو آهي، سندس ڪوبہ شريڪ ڪونهي، هو اڪيلو معبود آهي. اسين رڳو انهيءَ جي ئي عبادت ڪندا آهيون،“

ملفوظات اعليٰ حضرت ۾ آهي تہ مندرن جي گھنڊن (**چِڙن**) ۽ سنک (جيڪو هندو بُتن جي پوڄا مهل وات سان لڳائي ٿو تاري وانگر وڄائيندا آهن.) جو آواز ۽ (عيسائين جي) گرجا وغيره جي عمارت کي ڏسي ڪري اها دُعا پڙھجي. (الملفوظ حصو ٻيون ص 235)

## (18) مصيبت ورتل کي ڏسي پڙهڻ جي دعا

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ عَافَانِیْ مِمَّا ابْتَلَاكَ بِهٖ وَ فَضَّلَنِیْ عَلٰی كَثِیْرٍ مِّمَّنْ خَلَقَ تَفْضِیْلاً

www.dawateislami.net

**ترجمو**: ”الله تعالي جو شڪر آهي جنهن مونکي ان مصيبت کان عافيت ڏني جنهن ۾ توکي مبتلا ڪيائين ۽ مونکي پنهنجي ڪوڙ ساري مخلوق تي فضيلت ڏنائين. (سنن الترمذي ج5 ص 272 حديث 3442)

جيڪو شخص ڪنهن **مصيبت ۾ ورتل** کي ڏسي هيءَ دعا پڙهي وٺندو اِنۡ شَآءَالله ان آفت (**مصيبت**) کان محفوظ رهندو. هر طرح جي امراض ۽ بلائن ۾ ورتلن کي ڏسي هيءَ دعا پڙهي سگهو ٿا. پر ٽن قسمن جي بيمارين ۾ مبتلا کي ڏسي هيءَ دعا نہ پڙهجي ڇو تہ منقول آهي تہ ٽن بيمارين کي مڪروهہ نہ ڄاڻيو.

﴿1﴾ **زڪام**: جو ان جي ڪري ڪوڙسارين بيمارين جي پاڙ پٽجي ويندي آهي.

﴿2﴾ **خارش**: جو هن سان چمڙي جي مرضن ۽ ڪوڙهہ وغيره کان روڪتام ٿي ويندي آهي.

﴿3﴾ **آشوب چشم**: اکيون اٿڻ نابينائي کي روڪيندو آهي.

(ملفوظات اعلي حضرت حصو پهريون ص 78 ملخصا)

(هن دعا کي پڙهڻ مهل هن ڳالهہ جو خيال رکندا تہ مصيبت ۾ ورتل ماڻهوءَ تائين آواز نہ پهچي ڇو تہ ان سان سندس دل شڪني ٿي سگهي ٿي.)

## (19) ڪُڪڙ جي بانگ ٻڌي پڙهڻ جي دعا

اَللّٰهُمَّ اِنِّیۡ اَسۡـئَـلُكَ مِنۡ فَـضۡـلِكَ

**ترجمو: ياالٰهي عَزَّوَجَلَّ! مان توکان تنهنجي فضل جو سوال ڪريان ٿو.**

ڪڪڙ رحمت جو فرشتو ڏسي ٻانگ ڏيندو آهي، ان وقت جي دعا تي فرشتي جي آمين چوڻ جي اميد آهي. (مراة المناجيح ج۔ 4 ص 32)

## (20) برسات جي گهٽائيءَ جي وقت جي دعا

اَللّٰھُمَّ حَوَالَيْنَا وَلَا عَلَيْنَا اَللّٰھُمَّ عَلَى الْاٰكَامِ وَالظِّرَابِ وَبُطُوْنِ الْاَوْدِيَةِ وَمَنَابِتِ الشَّجَرِ

**ترجمو**: اي الله عَزَّوَجَلَّ! اسان جي آس پاس وساءِ ۽ اسان تي نہ وساءِ، اي الله عَزَّوَجَلَّ! دڙن تي ۽ جبلن تي ۽ ميدانن تي ۽ وڻ پيدا ٿيڻ جي جاين تي وساءِ (يعني جتي جاني ۽ مالي نقصان ٿيڻ جو انديشو نہ هجي.) (صحيح البخاري، ج. 1، ص. 348، حديث 1014)

## (21) آنڌي جي وقت جي دعا

اَللّٰھُمَّ اِنِّيْٓ اَسْأَلُكَ خَيْرَھَا وَ خَيْرَ مَا فِيْھَا وَخَيْرَ مَا اُرْسِلَتْ بِهٖ وَاَعُوْذُبِكَ مِنْ شَرِّھَا وَشَرِّ مَا فِيْھَا وَ شَرِّ مَا اُرْسِلَتْ بِهٖ

**ترجمو**: ياالهي عَزَّوَجَلَّ! مان توکان هن (يعني آنڌي) جي ۽ جيڪو ڪجهہ انهيءَ منجهہ آهي ۽ جنهن ساڻ هيءَ موڪلي وئي آهي، ان جي ڀلائيءَ جو سوال ڪريان ٿو ۽ مان تنهنجي پناهہ گهران ٿو هن (آنڌي) جي شر کان ۽ ان شيءِ جي شر کان جيڪا هن ۾ آهي ۽ ان جي شر کان جنهن ساڻ هي موڪلي وئي آهي. (صحيح مسلم، ص. 446، حديث 899)

## (22) ستارو ٽُٽندو ڏسڻ وقت جي دعا

مَاشَآءَاللّٰهُ لَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ

**ترجمو:** جيئن الله عَزَّوَجَلَّ چاهي، ڪابہ قوت ناهي پر الله عَزَّوَجَلَّ جي مدد سان.

(عمل اليوم و الليلةِ، ص. 198، حديث 653)

## (23) بازار ۾ داخل ٿيڻ وقت جي دعا

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَاشَرِيْكَ لَهٗ لَهُ الْمُلْكُ وَ لَهُ الْحَمْدُ يُحْيِیْ وَيُمِيْتُ وَهُوَ حَیٌّ لَّا يَمُوْتُ بِيَدِهِ الْخَيْرُ وَ هُوَ عَلٰى كُلِّ شَیْءٍ قَدِيْرٌ

**ترجمو: الله** عَزَّوَجَلَّ کانسواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي، هو اڪيلو آهي، سندس ڪوبہ شريڪ ناهي، انهيءَ لاءِ ئي بادشاهي آهي ۽ انهيءَ لاءِ واکاڻ آهي، اهوئي جيارينڊو ۽ مارينڊو آهي، هو زنده آهي ڪيس هرگز موت ڪانہ اينڊي، سموريون ڀلايون سندس دستِ قدرت ۾ آهن ۽ هو هر شيءِ تي قادر آهي.

(سنن الترمذي، ج. 5، ص. 271، حديث 3439)

الله تعالي هن **(دعا جي پڙهڻ واري)** جي لاءِ ڏهہ لک نيڪيون لکندو آهي. ۽ سندس ڏهہ لک گناهہ مٽائيندو آهي ۽ ان جا ڏهہ لک درجا بلند فرمائيندو آهي ۽ ان جي لاءِ جنّت ۾ گهر ٺاهيندو آهي.

(مراة المناجيح ج 4 ص 39)

## (24) بازار ۾ نقصان نہ ٿئي بلڪ فائدو ٿئي

بازار وڃو تہ هيءَ دعا پڙهو:

بِسْمِ اللّٰهِ اَللّٰهُمَّ اِنِّیٓ اَسْئَلُكَ خَيْرَ هٰذِهِ السُّوْقِ وَخَيْرَ مَا فِيْهَا وَاَعُوْذُبِكَ مِنْ شَرِّهَا وَشَرِّمَا فِيْهَا اَللّٰهُمَّ اِنِّیٓ اَعُوْذُبِكَ اَنْ اُصِيْبَ فِيْهَا يَمِيْنًا فَاجِرَةً اَوْصَفْقَةً خَاسِرَةً

هن دعا جي برڪت سان اِنْ شَآءَالله بازار ۾ خوب نفعو ڏيندو ۽ ڪو گهاٽو (نقصان) نہ ڏيندو، هن دعا کي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پڙهيو آهي.
(جنتي زيور ص 580)

## (25) شب قدر جي دعا

ام المؤمنين حضرت سيدتنا عائشہ صديقہ رَضِىَ اللهُ عَنْهَا روايت فرمائن ٿيون : مون پنهنجي سرتاج ، صاحبِ معراج صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت بابرڪت ۾ عرض ڪيو "يارسول الله! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪڏهن مونکي شب قدر جو علم ٿي وڃي تہ ڇا پڙهان؟" سرڪار ابدقرار، شفيع روز شمار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: "**هيءَ دعا ڪهرو:**"

اَللّٰهُمَّ اِنَّكَ عَفُوٌّ كَرِيْمٌ تُحِبُّ الْعَفْوَ فَاعْفُ عَنِّىْ

**ترجمو**: اي الله عَزَّوَجَلَّ! بيشڪ تون معاف فرمائڻ وارو، درگذر فرمائڻ وارو آهين ۽ معاف ڪرڻ کي پسند فرمائيندو آهين تنهنڪري مونکي **معاف فرماءِ**.

(سنن الترمذي، ج. 5، ص. 306، حديث 3524)

## (26) افطار جي وقت جي دعا

اَللّٰهُمَّ لَكَ صُمْتُ وَعَلٰى رِزْقِكَ اَفْطَرْتُ

**ترجمو**: اي الله عَزَّوَجَلَّ! مون تنهنجي لاءِ روزو رکيو ۽ تنهنجي ڏنل عطا ڪيل رزق سان افطار ڪيم. (يعني روزو کوليم) (سنن ابي داؤد، ج. 2، ص. 447، حديث 2358)

## (27) آبِ زم زم پيئڻ وقت جي دعا

اَللّٰهُمَّ اَسْأَلُكَ عِلْمًا نَّافِعًا وَّ رِزْقًا وَّاسِعًا وَّ شِفَآءً مِّنْ كُلِّ دَآءٍ

**ترجمو**: اي الله عَزَّوَجَلَّ! مان توکان نفعي واري علم جو، رزق جي ڪشادگي جو ۽ هر بيماريءَ کان شفا يابي جو سوال ڪريان ٿو. (المستدرک للحاکم، ج. 2، ص. 132، حديث 1782)

سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: آب زم زم جنهن ڪم لاءِ پيتو وڃي (فائديمند آهي) اوهان هن کي پيئڻ مهل شفاءَ طلب ڪريو تہ الله عَزَّوَجَلَّ شفاء عطا فرمائيندو ۽ جيڪڏهن پناهہ گهرندو تہ الله عَزَّوَجَلَّ پناهہ عطا فرمائيندو. (المستدرک للحاکم، ج. 2، ص. 132، حديث 1782)

## (28-29) نئون لباس پهرڻ مهل جون بہ دعائون

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ كَسَانِيْ مَآ اُوَارِيْ بِهٖ عَوْرَتِيْ وَاَتَجَمَّلُ بِهٖ فِيْ حَيَاتِيْ

**ترجمو**: الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر آهي جنهن مونکي اهو لباس پهرايو جنهن سان آءُ پنهنجي اوگهڙ ڍڪيان ٿو ۽ زندگيءَ ۾ ان سان زينت حاصل ڪريان ٿو.

(سنن الترمذي، ج. 5، ص. 327، حديث 3571)

اَللّٰهُمَّ لَكَ الْحَمْدُ اَنْتَ كَسَوْتَنِيْهِ اَسْأَلُكَ خَيْرَهٗ وَخَيْرَ مَا صُنِعَ لَهٗ وَاَعُوْذُبِكَ مِنْ شَرِّهٖ وَشَرِّ مَا صُنِعَ لَهٗ

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ! تنهنجو شڪر آهي تو مونکي هي ڪپڙو پهرايو مان توکان ان جي ڀلائي ۽ جنهن غرض ڪارڻ هي ٺاهيو ويو آهي ان جي ڀلائي گهران ٿو ۽ هن جي برائي ۽ جنهن غرض ڪارڻ هي ٺاهيو ويو آهي ان جي برائيءَ کان تنهنجي پناهہ گهران ٿو. (سنن الترمذي، ج. 3، ص. 297، حديث 1773)

## (30) نيل لڳائڻ مهل جي دعا

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

www.dawateislami.net

**ترجمو: الله نهايت مهربان ٻاجهاري جي نالي سان (شروع)**

سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: جيڪو بغير بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ پڙهي تيل لڳائي ته ان سان گڏ ستر شيطان تيل لڳائيندا آهن.
(عمل اليوم و اليلةِ، ص. 62، حديث 174)

## (31) ٻار جي عقيقي جي دعا

اَللّٰهُمَّ هٰذِهٖ عَقِيْقَةُ اِبْنِيْ (هتي ٻار جو نالو ورتو وڃي) دَمُهَا بِدَمِهٖ وَلَحْمُهَا بِلَحْمِهٖ وَعَظْمُهَا بِعَظْمِهٖ وَجِلْدُهَا بِجِلْدِهٖ وَشَعْرُهَا بِشَعْرِهٖ اَللّٰهُمَّ اجْعَلْهَا فِدَآءً لِّاِبْنِيْ مِنَ النَّارِ بِسْمِ اللّٰهِ اَللّٰهُ اَكْبَرُ

(دعا ختم ڪري فوراً ذبح ڪجي) (فتاوي رضويه ج 20 ص 585)

**ترجمو:** اي الله عَزَّوَجَلَّ! هي منهنجي فلاڻي پٽ جو عقيقو آهي، هن جو رت ان جي رت، هن جو گوشت ان جي گوشت، هن جو هڏو ان جي هڏي، هن جو چمڙو ان جي چمڙي ۽ هن جا وار ان جي وارن جي عيوض آهن، اي الله عَزَّوَجَلَّ! هن کي منهنجي پٽ جي لاءِ جهنم جي باهه کان فديو (عيوض) بڻاءِ. الله عَزَّوَجَلَّ جي نالي سان، الله عَزَّوَجَلَّ سڀ کان وڏو آهي.

## (32) ڇوڪريءَ جي عقيقي جي دعا

اَللّٰهُمَّ هٰذِهٖ عَقِيْقَةُ بِنْتِيْ (هتي نينگريءَ جو نالو ورتو وڃي) دَمُهَا بِدَمِهَا وَلَحْمُهَا بِلَحْمِهَا وَعَظْمُهَا بِعَظْمِهَا وَجِلْدُهَا بِجِلْدِهَا وَشَعْرُهَا بِشَعْرِهَا اَللّٰهُمَّ اجْعَلْهَا فِدَآءً لِّبِنْتِيْ مِنَ النَّارِ بِسْمِ اللّٰهِ اَللّٰهُ اَكْبَرُ. (دعا ختم ڪري يڪدم جانور ذبح ڪجي) (فتاوي رضويه ج 20 ص 585 )

**ترجمو:** **اي الله** عَزَّوَجَلَّ! هي منهنجي فلاڻي ذيءَ جو عقيقو آهي، هن جو رت ان جي رت، هن جو گوشت ان جي گوشت، هن جو هڏو ان جي هڏي، هن جو چمڙو ان جي چمڙي ۽ هن جا وار ان جي وارن جي عيوض آهن. اي الله عَزَّوَجَلَّ! هن کي منهنجي ذيءَ جي لاءِ جهنم جي باهہ کان فديو (عيوض) بڻاءِ. **الله** عَزَّوَجَلَّ جي نالي سان الله عَزَّوَجَلَّ سڀ کان وڏو آهي.

## (33) سواريءَ تي اطمينان سان ويهڻ وقت جي دعا

اَلۡحَمۡدُلِلّٰهِ سُبۡحٰنَ الَّذِیۡ سَخَّرَلَنَا هٰذَا وَمَا کُنَّا لَهٗ مُقۡرِنِیۡنَ وَاِنَّآ اِلٰی رَبِّنَا لَمُنۡقَلِبُوۡنَ

**ترجمو:** **الله** تعاليٰ جو شڪر آهي، پاڪائي آهي ان جي جنهن هن سواريءَ کي اسان جي وس ۾ ڪري ڇڏيو ۽ هيءَ اسان جي سگهہ (طاقت) ۾ نہ هئي ۽ بيشڪ اسان کي پنهنجي رب ڏانهن موٽڻو آهي. (سنن ابي داؤد، ج. 3، ص. 49، حديث 2602)

## (34) جڏهن دل ۾ ڪو کٽڪو ٿئي ان وقت جي دعا

اَللّٰهُمَّ لَا يَأۡتِیۡ بِالۡحَسَنَاتِ اِلَّا اَنۡتَ وَلَا يَدۡفَعُ السَّيِّئَاتِ اِلَّا اَنۡتَ وَلَا حَوۡلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِكَ

**ترجمو:** اي الله عَزَّوَجَلَّ! تون ئي ڀلائي عطا فرمائيندو آهين ۽ تون ئي برائي ٽاريندو آهين ۽ گناهہ کان بچڻ جي طاقت ۽ نيڪي ڪرڻ جي قوت تنهنجي مدد سان ئي آهي. (سنن ابي داؤد، ج. 4، ص. 25، حديث 3919)

بد شگوني **(وهم يا کُٽڪي)** جي اسلام ۾ ڪا بہ حقيقت ڪونهي. مثال طور ڪجهہ ماڻهن کي ڏنو ويو آهي تہ جيڪڏهن انهن آڏو ڪاري ٻلي رستو ڪاٽي گذري وڃي تڏهن چوندا آهن تہ اسان لاءِ برو ٿيو، اسين جنهن مقصد لاءِ وڃي رهيا هئاسين اهو پورو نہ ٿيندو

تنهنڪري گهر موٽي ويندا آهن ۽ ٻيهر جنهن مقصد لاءِ نڪتا هئا ان ڪم لاءِ روانا ٿيندا آهن. ياد رکندا اسلام ۾ اهڙي وهمن جي ڪابہ حقيقت ڪونهي. انهن کان بچڻ ضروروي آهي، جيڪڏهن دل ۾ ڪڏهن اهڙو کٽڪو ٿئي تہ هيءَ دعا پڙهجي جو هن دعا ۾ مسلمانن کي تعليم ڏني وئي آهي تہ حقيقيت ۾ موثر ذات **اللّٰه** پاڪ جي آهي. هو جيئن چاهيندو آهي تئين ئي ٿيندو آهي اها ئي ڳالهہ جيڪڏهن مؤمن ٻانهو سدائين نظرن آڏو رکي تہ سمورن وهمن ۽ بدشگونين کان ڇوٽڪارو ٿي وجي. اِنْ شَآءَ اللّٰه

## (35-36) نظر بد لٿڻ ني پڙهجڻ واريون دعائون

وَاِنۡ یَّکَادُ الَّذِیۡنَ کَفَرُوۡا لَیُزۡلِقُوۡنَکَ بِاَبۡصَارِہِمۡ

لَمَّا سَمِعُوا الذِّکۡرَ وَ یَقُوۡلُوۡنَ اِنَّہٗ لَمَجۡنُوۡنٌ ﴿۵۱﴾

**ترجمو ڪنزالايمان**; ۽ ضرور ڪافر تہ ائين لڳن ٿا ڄڻ پنهنجي بد نظر لڳائي توکي ڪيرائي وجهندا، جڏهن قرآن ٻڌن ٿا ۽ چون ٿا تہ هي ضرور عقل کان پري آهي. (پ 29: القلم : 52)

هيءَ آيت بدنظر کان بچڻ لاءِ آزمايل آهي. (نورالعرفان ص971)

**حضرت سيدنا** حسن رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جن فرمايو: جنهن کي نظر لڳي مٿس هيءَ آيت پڙهي دم ڪيو وجي. (خزائن العرفان، ص. 1019)

اَللّٰھُمَّ اَذْھِبْ عَنْہُ حَرَّھَا وَ بَرْدَھَا وَ وَصَبَھَا

**ترجمو**; **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ هن (نظرِ بد) جي گرمي، سردي ۽ مصيبت هن کان پري ڪري. (المستدرڪ للحاڪم، ج. 5، ص. 305، حديث 7575)

## (37) سڙيءِ پوڻ تي پڙهڻ جي دعا

اَذْهِبِ الْبَاْسَ رَبَّ النَّاسِ اِشْفِ اَنْتَ الشَّافِیْ لَا شَافِیْ اِلَّا اَنْتَ

**ترجمو**: اي سمورن ماڻهن جا رب عَزَّوَجَلَّ! تڪليف ختم فرماءِ، شفا ڏي تون ئي شِفا ڏيڻ وارو آهين، توکان سواءِ ڪو بہ شِفا ڏيڻ وارو ڪونهي.

(سنن الکبریٰ للنسائي، ج. 6، ص. 254، حديث 10864)

## (38) زهريلي جانورن کان محفوظ رهڻ جي دعا

فجر (صبح) جي نماز ۽ مغرب (سج لٿي) جي نماز کانپوءِ روزانو ٽي ڀيرا هيءَ دعا پڙهجي، اول ۽ آخر ٽي ٽي ڀيرا درود پاڪ پڙهجي:

اَعُوْذُ بِكَلِمَاتِ اللّٰهِ التَّآمَّاتِ مِنْ شَرِّ مَا خَلَقَ

**ترجمو**; مان الله عَزَّوَجَلَّ جي سموري ۽ ڪامل ڪلمات ساڻ مخلوق جي شر کان پناهہ وٺان ٿو. (هتي مخلوق مان مراد اها مخلوق آهي جنهن کان شر ٿي سگهي) **پوءِ هيءَ دعا پڙهجي.**

هيءَ دعا سفر حضر ۾ هميشہ ئي صبح ۽ شام پڙهندا ڪريو، زهريلي شين کان محفوظ رهندؤ، مجرب (يعني آزمايل) آهي.

(مراة ج 4 ص 35)

سَلٰمٌ عَلٰی نُوْحٍ فِی الْعٰلَمِیْنَ ﴿۷۹﴾

**ترجمو ڪنزالايمان: نوح تي سلام هجي جهان وارن ۾.** (پ 23 الصفت :79)

خدا عَزَّوَجَلَّ چاهيو تہ زهريلي جانورن نانگ وڇون وغيره کان محفوظ رهندو. مجرب (يعني آزمايل) آهي. (اسلامي زندگي ص 128)

## (39) ڪنهن قوم تان خطري جي وقت جي دعا

اَللّٰهُمَّ اِنَّا نَجْعَلُكَ فِيْ نُحُوْرِهِمْ وَ نَعُوْذُبِكَ مِنْ شُرُوْرِهِمْ

**ترجمو:** اي الله عَزَّوَجَلَّ! اسين توکي دشمن جي آڏو ڪريون ٿا ۽ سندن شرارتن کان تنهنجي پناهہ گهرون ٿا. (سنن ابي داؤد، ج. 2، ص. 127، حديث 1537)

## (40) سخت خطري جي وقت جي دعا

اَللّٰهُمَّ اسْتُرْ عَوْرَاتِنَا وَ آمِنْ رَوْعَاتِنَا

**ترجمو:** اِلاهي عَزَّوَجَلَّ! اسان جي پردي داري فرماءِ ۽ اسان جي گهٻراهٽ کي بي خوفي ۽ اطمينان ۾ بدلاءِ. (مسند امام احمد بن حنبل، ج. 4، ص. 8، حديث 10996)

## (41) زبان جي هيڪ (ٻاتاڻ) جي دعا

رَبِّ اشْرَحْ لِيْ صَدْرِيْ ﴿۲۵﴾ وَ يَسِّرْ لِيْۤ اَمْرِيْ ﴿۲۶﴾ وَ احْلُلْ عُقْدَةً مِّنْ لِّسَانِيْ ﴿۲۷﴾ يَفْقَهُوْا قَوْلِيْ ﴿۲۸﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** اي منهنجا رب! منهنجي واسطي منهنجو سينو کولي ڇڏ ۽ منهنجي واسطي منهنجو ڪم سولو ڪر ۽ منهنجي زبان جي ڳنڍ کول تہ جيئن اهي منهنجي ڳالهہ سمجهن. (پ16 طه : 25 کان 28)

## (42) ڪفر ۽ فقر (محتاجيءَ) کان پناهہ جي دعا

اَللّٰهُمَّ اِنِّیۡۤ اَعُوۡذُبِكَ مِنَ الۡكُفۡرِ وَالۡفَقۡرِ وَعَذَابِ الۡقَبۡرِ

**ترجمو**: اي الله عَزَّوَجَلَّ مان ڪفر، محتاجي ۽ قبر جي عذاب کان تنهنجي پناهہ گهران ٿو. (سنن النسائي، ص. 231، حديث 1344)

## (43-44) عيادت ڪرڻ مهل جون بہ دعائون

لَا بَاۡسَ طَهُوۡرٌ اِنۡ شَآءَاللّٰهُ

**ترجمو**: ڪا تڪليف جي ڳالهہ ڪونهي، اِنۡ شَآءَاللّٰه هي مرض گناهن کان پاڪ ڪرڻ وارو آهي. (صحيح البخاري، ج. 2، ص. 505، حديث 3616)

اَسۡأَلُ اللّٰهَ الۡعَظِيۡمَ رَبَّ الۡعَرۡشِ الۡعَظِيۡمِ اَنۡ يَّشۡفِيَكَ

**ترجمو**: مان عظمت واري الله عَزَّوَجَلَّ کان سوال ڪريان ٿو جيڪو عظيم عرش جو مالڪ آهي تہ هو توکي شفا ڏئي. (سنن ابي داؤد، ج. 3، ص. 251، حديث 3106)

## (45) مصيبت جي وقت جي دعا

اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّاۤ اِلَيۡهِ رَاجِعُوۡنَ ؕ

اَللّٰهُمَّ اْجِرۡنِیۡ فِیۡ مُصِيۡبَتِیۡ وَاَخۡلِفۡ لِیۡ خَيۡرًا مِّنۡهَا

**ترجمو**: بيشڪ اسين الله عَزَّوَجَلَّ جا آهيون ۽ بيشڪ اسين انهيءَ ڏانهن موٽڻ وارا آهيون، اي الله عَزَّوَجَلَّ! منهنجي مصيبت ۾ مونکي اجر ڏي ۽ مونکي ان کان بهتر عطا فرماءِ.

## (46) تعزيت (عُذر خواهي) ڪرڻ وقت جي دعا

اِنَّ لِلّٰهِ مَا اَخَذَ وَلَهُ مَا اَعْطٰى وَكُلٌّ
عِنْدَهٗ بِاَجَلٍ مُّسَمًّى فَلْتَصْبِرْ وَلْتَحْتَسِبْ

**ترجمو**: بيشڪ الله تعاليٰ جو ئي آهي جيڪو هن ورتي ڇڏيو ۽ جيڪو هن ڏنو آهي ۽ هر شيءِ جو سندس بارگاهہ ۾ مدو مقرر آهي سو توکي گهرجي تہ تون صبر ڪرين ۽ ثواب جي اميد رکين. (صحيح البخاري، ج. 1، ص. 434، حديث 1284)

## (47) ڪفن تي لکڻ جون دعائون

**جيڪڏهن** ڪو هي دعا ميت جي ڪفن تي لکي تہ **الله** تعاليٰ قيامت تائين مٿس عذاب ڪٽي ورتي دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ اِنِّيْٓ اَسْأَلُكَ يَا عَالِمَ السِّرِّ يَا عَظِيْمَ الْخَطَرِ يَا خَالِقَ الْبَشَرِ يَا مُوْقِعَ الظَّفَرِ يَا مَعْرُوْفَ الْاَثَرِ يَا ذَاالطَّوْلِ وَالْمَنِّ يَا كَاشِفَ الضُّرِّ وَالْمِحَنِ يَا اِلٰهَ الْاَوَّلِيْنَ وَالْاٰخِرِيْنَ فَرِّجْ عَنِّيْ هُمُوْمِيْ وَاكْشِفْ عَنِّيْ غُمُوْمِيْ وَصَلِّ اَللّٰهُمَّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّسَلِّمْ

**جيڪڏهن** ڪو هيءَ دعا ڪنهن پرچي تي لکي ميت جي سيني تي ڪفن جي هيٺان رکي ڇڏي تہ کيس قبر جو عذاب ڪونہ ٿيندو نہ ئي مُنڪر نَڪِير نظر ايندا. **دعا هي آهي:**

لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاللّٰهُ اَكْبَرُ لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَلَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ

**مدني گل**: بهتر هيئن آهي ته اهو پرچو (بلڪ عهدنامو ۽ شجرو وغيره) ميت جي چهري جي آڏو قبلي طرف (**قبر جي اندرين پٽ ۾**) جارو ناهي منجهس رکو. (بهار شريعت ج1 حصو 4 ص 848) (فتاوي رضويه مخرجه ج9 ص 108،110)

**مدني مشورو**: ڪجهه پرچا پاڻ وٽ رکي ڇڏيو ۽ مسلمانن جي فوتگي جي موقعن تي پيش ڪري ثواب ڪمايو ۽ پڻ ڪفن فروشن تَجْهِيز وَتَكْفِين (**ڪفن دفن**) ڪرڻ وارن سماجي ادارن کي به پيش ڪريو ته هو هر مسلمان لاءِ ڪفن سان گڏ هڪ پرچو **في سبيل الله** ڏيندا رهن.

## (48) اکين جي روشنيءَ جي لاءِ دعا

**آية الڪرسي**: هر نماز کانپوءِ هڪ ڀيرو پڙهي وجي ۽ پنج وقت نماز جي پابندي ڪجي، جن ڏينهن ۾ عورت کي نماز جو حڪم ناهي انهن ۾ به پنجن ئي نمازن جي وقت **آية الڪرسي** هن نيّت سان ته الله عَزَّوَجَلَّ جي واکاڻ آهي نه کي ان نيت سان ته **الله** پاڪ جو ڪلام آهي پڙهجي ۽ جڏهن هن ڪلمي تي پهچجي، وَلَا يَـئُوْدُهٗ حِفْظُهُمَا تڏهن ٻنهي هٿن جي آڱرين جا ڇيڙا اکين تي رکي انهيءَ ڪلمي کي يارهن ڀيرا ورجائجي تنهن کانپوءِ ٻنهي هٿن جي آڱرين تي دم ڪري اکين تي گهمائجي.

## (49) فرض نمازن کان پوءِ جون دعائون

هر نماز کانپوءِ پيشاني يعني مٿي جي اڳئين حصي تي هٿ رکي پڙهجي

بِسۡمِ اللهِ الَّذِیۡ لَا اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الرَّحۡمٰنُ الرَّحِیۡمُ اَللّٰهُمَّ اَذۡهِبۡ عَنِّی الۡهَمَّ وَالۡحُزۡنَ

(مجمع الزوائد، ج. 10، ص. 144، حديث 16971) ۽ **هٿ ڇڪي مٿي تائين آڻجي.** (بهارشريعت ج اول حصو 3 ص 539 )

**ترجمو:** **الله** عَزَّوَجَلَّ جي نالي سان، جنهن کانسواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي، هو نهايت مهربان ۽ ٻاجهارو آهي، اي الله عَزَّوَجَلَّ! مون کان غم ۽ رنج کي پري ڪر.

اَللّٰهُمَّ اَعِنِّیۡ عَلٰی ذِکۡرِكَ وَشُکۡرِكَ وَحُسۡنِ عِبَادَتِكَ

**ترجمو:** اي الله عَزَّوَجَلَّ! تون پنهنجي ذڪر، شڪر ۽ ڀلي عبادت تي منهنجي مدد فرماءِ. (سنن ابي داؤد، ج. 2، ص. 123، حديث 1522)

اَللّٰهُمَّ اَنۡتَ السَّلَامُ وَمِنۡكَ السَّلَامُ

تَبَارَکۡتَ يَا ذَاالۡجَلَالِ وَالۡاِکۡرَامِ

**ترجمو:** اي الله عَزَّوَجَلَّ! تون سلامتي ڏيڻ وارو آهين ۽ تنهنجي طرفان سلامتي آهي تون برڪت وارو آهين، اي جلال ۽ بزرگيءَ وارا! (صحيح مسلم، ص. 298، حديث 592)

## عهدنامو

**جيڪو** هر نماز (**يعني فرض ۽ سنتون وغيره پڙهڻ**) کان پوءِ عهد نامو پڙهي، فرشتو ان کي لکي ڪري مهر لڳائي قيامت لاءِ کڻي ڇڏيندو، جڏهن **الله** عَزَّوَجَلَّ ان ٻانهي کي قبر منجهان اٿاريندو تڏهن فرشتو اها لکت (**دستاويز**) ساڻ آڻيندو. ۽ سڏيو ويندو تہ عهد وارا ڪٿي آهن؟ ڪين اهو عهد نامو ڏنو ويجي. امام حڪيم ترمذي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جن ان کي

روايت ڪندي فرمائن ٿا: امام طائوس رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي وصيت مطابق هي عهدنامو سندن جي ڪفن ۾ لکيو ويو. (الدر المنثور، ج. 5، ص. 542)

## عهد نامو هي آهي؛

اَللّٰهُمَّ فَاطِرَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ عَالِمَ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ الرَّحْمٰنَ الرَّحِيْمَ اِنِّيْۤ اَعْهَدُ اِلَيْكَ فِيْ هٰذِهِ الْحَيَاةِ الدُّنْيَا بِاَنَّكَ اَنْتَ اللّٰهُ الَّذِيْ لَا اِلٰهَ اِلَّا اَنْتَ وَحْدَكَ لَا شَرِيْكَ لَكَ وَاَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُكَ وَرَسُوْلُكَ فَلَا تَكِلْنِيْ اِلٰى نَفْسِيْ فَاِنَّكَ اِنْ تَكِلْنِيْ اِلٰى نَفْسِيْ تُقَرِّبْنِيْ مِنَ الشَّرِّ وَتُبَاعِدْنِيْ مِنَ الْخَيْرِ وَاِنِّيْ لَا اَثِقُ اِلَّا بِرَحْمَتِكَ فَاجْعَلْ رَحْمَتَكَ لِيْ عَهْدًا عِنْدَكَ تُؤَدِّيْهِ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ اِنَّكَ لَا تُخْلِفُ الْمِيْعَادَ

**مدني گل**: بهتر هي آهي ته عهد نامو (**بلڪ شجرو وغيره**) ميت جي چهري جي آڏو قبلي طرف (**قبر جي اندروني پٽ ۾**) جارو ٺاهي منجهس رکو. (بهار شريعت ج اول حصو 4 ص 848)

### مدني مشورو

**روزانو** سمهڻ کان پهريان احتياطي توبهه ۽ تجديدِ ايمان ڪري وٺڻ گهرجي، ياد رکندا! **معاذ الله** (الله عَزَّوَجَلَّ جي پناهه) جنهن جو ڪفر تي خاتمو ٿيو اهو هميشه هميشه جي لاءِ جهنم جي باهه ۾ سڙندو ۽ ڪين عذاب ٿيندو رهندو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# فيضانِ اوراد

## رحمتن جي برسات

حضرت سيدنا ابوهريره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ نور جي پيڪر، تمام نبين جي سَروَر، ٻنهي جهانن جي تاجوَر، سلطانِ بَحروبَر صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جَن جو فرمان رحمت نشان آهي: ”مون تي درود شريف پڙهو، الله تعالي توهان تي رحمت موڪليندو.“ (الكامل في ضعفاءِ الرجال ج5 ص 505 حديث 1141 )

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## بزرگن کان نقل ٿيل 38 مدني وظيفا

### ﴿1﴾ ڊيڄارڻ وارن خوابن کان نجات

”يَا مُتَكَبِّرُ“ 21 ڀيرا، اوّل ۽ آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف سمهڻ مهل پڙهي وننداتہ اِنْ شَآءَالله ڊيڄاريندڙ خواب ڪونہ ايندا. (فيضان سنت باب آداب طعام ج1 ص 242 )

### ﴿2﴾ جانور جي چڪ (يا ڏنگ) جو عمل

هيءَ آيت ڪريمہ هر جانور جي چڪ (يا ڏنگ) لاءِ آزمايل آهي، يارهن ڀيرا پڙهي ڪري ڏنگيل جاءِ تي دم ڪجي.

اَمْ اَبْرَمُوْۤا اَمْرًا فَاِنَّا مُبْرِمُوْنَ ﴿۷۹﴾

(پ 25 الزخرف : 79)

### ﴿3﴾ خوني ۽ بادي بواسير جي خاتمي لاءِ

هر قسم جي خوني يا بادي بواسير جي لاءِ ٻہ رڪعتون نماز پڙهو پهرين رڪعت ۾ **الحمد شريف** کانپوءِ سوره **الم نشرح**، ٻئي رڪعت ۾ **سوره فيل** ۽ سلام ورائڻ کانپوءِ سٺ ڀيرا هي پڙهو

اَسۡتَغۡفِرُاللّٰهَ رَبِّیۡ مِنۡ کُلِّ ذَنۡۢبٍ

وَّ اَتُوۡبُ اِلَیۡهِ سُبۡحٰنَ اللّٰهِ وَبِحَمۡدِهٖ

ڪجهہ ڏينهن ائين ڪجي اِنۡ شَآءَاللّٰه بواسير جو خاتمو ٿي ويندو.

### ﴿4﴾ فالج (اڌ رنگو) ۽ لقوو (وات ۽ چهرو ڦري وڃڻ جي بيماري)

**لقوو ۽ فالج**: **سوره زلزال** لوهہ (STEEL) جي ٿانوَ تي لکي ڌوئي پياري وڃي.

**ٻي ترڪيب**: **سوره زلزال** لوهہ (STEEL) جي ٿانوَ تي لکي ڪري ڏيو جو مريض ان تي ڏسي اِنۡ شَآءَاللّٰه ڪيس صحت ملندي .

### ﴿5﴾ قوت حافظہ (ياد داشت جي سگهہ) لاءِ

**ديني ڪتاب** يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ونو. (**اول ۽ آخر درود شريف**) اِنۡ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهہ پڙهندؤ ياد رهندو:

اَللّٰهُمَّ افۡتَحۡ عَلَیۡنَا حِکۡمَتَكَ وَانۡشُرۡ عَلَیۡنَا

رَحۡمَتَكَ یَا ذَا الۡجَلَالِ وَالۡاِکۡرَامِ

**ترجمو: اي الله** عَزَّوَجَلَّ! **اسان تي علم ۽ حڪمت (دانائيءَ) جا دروازا کول ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ، اي عظمت ۽ بزرگيءَ وارا!** (المستطرف، ج. 1، ص. 40 دار الفكر)

## ﴿6﴾ ذهن کولڻ لاءِ

**هر روز سبق** کان پهريان **ايڪيتاليهہ** پيرا پڙهي ڪري سبق شروع ڪندا.

اِلٰهِیْ اَنْتَ اِلٰهٌ عَالِمٌ وَّاَنَا عَبْدُكَ جَاهِلٌ اَسْئَلُكَ اَنْ تَرْزُقَنِیْ عِلْمًا نَّافِعًا وَّفَهْمًا كَامِلًا وَّطَبْعًا زَكِيًّا وَّقَلْبًا صَفِيًّا حَتّٰى اَعْبُدَكَ وَلَا تُهْلِكْنِیْ بِالْجَهَالَةِ بِرَحْمَتِكَ يَآ اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ

## ﴿7﴾ ڪوڙهہ ۽ سائي

سوره بَيِّنة پڙهي ڪري برص ويرقان (**يعني ڪوڙهہ ۽ سائي**) واري تي دم ڪريو ۽ لکي ڪري ٻچيءَ ۾ وجهو. ڪاڏي تي بئي وقت هيءَ سورة صحيح خوان (**يعني درست پڙهندڙ**) کان پڙهائي دم ڪري ڪارايو، **الله تعاليٰ چاهيو تہ** گهڻو فائدو ٿيندو.

## ﴿8﴾ رزق ۾ برڪت

يَا مُسَبِّبَ الْاَسْبَابِ: پنج سؤ پيرا، اوّل ۽ آخر درود پاڪ 11،11 پيرا، **سومهڻيءَ** جي نماز کانپوءِ قبلي جي طرف منهن ڪري باوضو، اگهاڙي مٿي اهڙي جاءِ تي جتي مٿي آسمان جي وچ ۾ ڪا بہ شيءِ رڪاوٽ نہ هجي، ايسيتائين جو مٿي تي ٽوپي بہ نہ هجي، پڙهندا رهو.

## ﴿9﴾ روزگار جي ڳولا

**روزگار** جي ڳولا لاءِ **سورة اخلاص** کي **بسم الله** شريف سان گڏ هڪ هزار هڪ (1001) ڀيرو اول ۽ آخر سؤ سؤ ڀيرا درود شريف، **عروج ماهه (يعني چنڊ جي پهرين تاريخ کان چوڏهين تائين)** ۾ پڙهڻ نهايت اثرائتو عمل آهي.

## ﴿10﴾ ڪڏهن محتاج نه ٿيو

**جيڪو شخص** هر رات **سورهءِ واقعه** پڙهندو ڪڏهن به بکيو نه **رهندو.** اِنْ شَآءَالله. (مشكاة المصابيح، ج. 1، ص. 409، حديث 2181)

**حضرت خواجه ڪليم الله** صاحب رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: قرض جي ادائيگي ۽ محتاجي ختم ڪرڻ لاءِ هن کي مغرب (سج لٿي) جي نماز کانپوءِ پڙهو. (جنتي زيور، ص. 597)

## ﴿11﴾ چوريءَ کان محفوظ رهندو

**سورة توبه** کي پنهنجي**سامان** ۾ رکي اِنْ شَآءَالله **چوري** کان محفوظ رهندو.

## ﴿12﴾ گم ٿيل شيءِ ملڻ جو عمل

چاليهه ڀيرا سوره يٰسين شريف ست ڏينهن تائين پڙهو.

## ﴿13﴾ مُرادون پُوريون ٿيڻ لاءِ

**حديث شريف** ۾ آهي حضور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمائن ٿا ته مونکي هڪ اهڙي آيت معلوم آهي جو جيڪڏهن ماڻهو ان تي عامل هُجن ته سندن مرادون پوريون ٿيڻ لاءِ ڪافي آهي پوءِ هي آيت ڪريمه ارشاد فرمايائون. (قرض جي ادائيگي،روزگار ۽ رزق ۾ فراخيءَ لاءِ هن جي ڪثرت مُفِيد ۽ مُجَرب آهي)

وَمَنْ يَّتَّقِ اللّٰهَ يَجْعَلْ لَّهٗ مَخْرَجًا ﴿۲﴾ وَّيَرْزُقْهُ مِنْ حَيْثُ لَا يَحْتَسِبُ ؕ وَمَنْ يَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ فَهُوَ حَسْبُهٗ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بَالِغُ اَمْرِهٖ ؕ قَدْ جَعَلَ اللّٰهُ لِكُلِّ شَیْءٍ قَدْرًا ﴿۳﴾ (پ 28 الطلاق 2،3)

## ﴿14﴾ هر حاجت ۽ مراد پوري ٿيندي

**هزار ڀيرا** "يَا شَيْخ عَبْدَالْقَادِرِ شَيْئًا لِّلّٰهِ" پڙهي اوّل ۽ آخر10، 10 ڀيرا درود شريف پڙهي ڪري ساڄي هٿ تي دم ڪري رُخسار (**يعني ڳل**) هيٺان رکي سمهي پئجي ته هر حاجت ۽ مُراد پوري ٿيندي. اِنْ شَآءَاللّٰه

## ﴿15﴾ برف باري روڪڻ لاءِ

**لوهه جي تَـئَي** تي ڪاراڻ واري پاسي (**يعني ماني پچائڻ واري تئي جي هيٺين پاسي**) هن دعا کي آگر سان لکي آسمان جي هيٺان رکو، اِنْ شَآءَاللّٰه برف باري بند ٿي ويندي. يَا حَافِظُ يَا خَافِضُ

## ﴿16﴾ غائب يا ڀڳل شخص کي گهرائڻ لاءِ

**(الف)** ڪنهن بزرگ جي مزار ويجهو ۽ اهو ممڪن نه هجي ته گهر جي ڪُنڊ ۾ ويهي:

وَوَجَدَكَ ضَآلًّا فَهَدٰى ﴿۷﴾ وَوَجَدَكَ عَآئِلًا فَاَغْنٰى ﴿۸﴾

(پ30 وَالضحٰی7،8)

نوَسؤ نوي ڀيرا پڙهجي پوءِ هڪ ڀيرو پوري سوره الضحٰي پڙهي دعا ڪجي اِنْ شَآءَالله اهو واپس ايندو.

**(ب)** عشاء (سومهڻي) جي نماز کانپوءِ ايڪيتاليهہ ڀيرا سوره الضحٰي **بسم الله** سميت پڙهي ڪري اُٺي بيهي گهر جي ٻن **ڪنڊن ۾ آذان** ۽ ٻن ڪنڊن ۾ **تڪبير چئي** ڪري واپسيءَ جي لاءِ دعا ڪري تہ هڪ هفتي جي اندر اِنْ شَآءَالله واپس اچي ويندو.

## ﴿17﴾ زهر جو اثر نہ ٿئي

بِسْمِ اللهِ الَّذِیْ لَا یَضُرُّ مَعَ اسْمِهٖ شَیْءٌ

فِی الْاَرْضِ وَلَا فِی السَّمَآءِ وَهُوَ السَّمِیْعُ الْعَلِیْمُ

**هميشہ** هيءَ دعا پڙهي ڪري کاڌو کائو ۽ پاڻي وغيره پيئو تہ اِنْ شَآءَالله **زهر** جو اثر ختم ٿي ويندو ۽ زهر ڪوبہ نقصان نہ ڏيندو.(جنتي زيور، ص. 579)

## ﴿18﴾ بخار کان شفاءَ

**جنهن کي بخار هجي تہ ست ڀيرا هي دعا پڙهي:**

بِسْمِ اللهِ الْکَبِیْرِ اَعُوْذُ بِاللهِ الْعَظِیْمِ مِنْ شَرِّ عِرْقٍ

نَّعَّارٍ وَّمِنْ شَرِّ حَرِّ النَّارِ

**جيڪڏهن** مريض پاڻ نہ پڙهي سگهي تہ ڪو ٻيو نمازي ماڻهو ست ڀيرا پڙهي ڪري دم ڪري يا پاڻي تي دم ڪري ڪيس پيئاري

اِنْ شَآءَاللّٰہ **بخار لهي ويندو**. هڪ دفعي سان بخار نہ لهي تہ هر هر اهو عمل ڪريو. (جنتي زيور ص 580)

## ﴿19﴾ ظالم ۽ شيطان جي شر کان پناهہ جي لاءِ

**محقق علي الاطلاق** حضرت سيدنا شيخ عبدالحق محدث دهلوي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ پنهنجي هڪ مڪتوب (خط) ۾ لکن ٿا:

**امام** جلال الدين سيوطي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ "**جمع الجوامع**" ۾ محدث ابوالشيخ جي **ڪتاب الثواب** ۽ تاريخ ابن عساڪر کان نقل ڪن ٿا تہ هڪ ڏينهن ظالم گورنر حجاج بن يوسف ثقفي حضرت سيدنا انس رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کي مختلف قسمن جا چار سؤ گهوڙا ڏيکاري ڪري چيو تہ اي انس! ڇا تون پنهنجي صاحب (**يعني رسول الله** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) وٽ بہ ايڏا گهوڙا ۽ هيءُ شان ۽ شوڪت ڏٺو هيو؟ حضرت سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جن فرمايو خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! مون جناب رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وٽ هن کان بہ بهتر شيون ڏٺيون آهن ۽ مون حضور اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان ٻڌو آهي تہ گهوڙا ٽن قسم جا آهن، هڪ اهو گهوڙو جيڪو جهاد جي لاءِ رکيو وڃي پوءِ ان جي رکڻ جو ثواب ارشاد فرمايائون (**اهو ثواب عام طور تي حديث جي ڪتابن ۾ موجود آهي**) ٻيو اُهو گهوڙو جيڪو پنهنجي سواري لاءِ رکيو وڃي، ٽيون اهو گهوڙو جيڪو شهرت جي لاءِ رکيو ويندو آهي. انهيءَ جي رکڻ سان ماڻهو جهنم ۾ ويندو. اي حجاج! تنهنجا گهوڙا اهڙا ئي آهن.

اهو ٻڌي **حجاج** کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي ۽ وراڻيائين، اي انس! جيڪڏهن مونکي اِن جو خيال نہ هجي ها تہ تون رسول ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ڪئي آهي. ۽ امير المؤمنين (**عبدالملڪ بن مروان**)

توسان رعايت ڪرڻ (**لحاظ رکڻ**) جي هدايت ڪئي آهي. تہ مان توسان ڏاڍو برو ورتاءُ ڪيان ها. **حضرت سيدنا انس** رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمايو: اي حجاج! خدا جو قسم! تون مون سان برو ورتاءُ نٿو ڪري سگهين ڇو تہ مون جناب **رسول الله** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ڪجهہ ڪلمات ٻڌا آهن جن جي برڪت سان آءُ سدائين الله تعاليٰ جي پناهہ ۾ رهندو آهيان. ۽ ان ڪلمات جي بدولت ڪنهن ظالم جي سختي ۽ ڪنهن شيطان جي شر کان ناهيان ڊڄندو. حجاج ان گفتگو جي دهشت ڪارڻ **بلڪل مات** ٿي ويو ۽ ڪنڌ جهڪايائين، ٿورڙي دير ڪانپوءِ ڪنڌ ڪڍي ڪري چيائين اي ابوحمزه! (**اها سَيِدُنا انس** رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ **جي ڪنيت آهي**) اهي ڪلمات مونکي بہ ٻڌايو. انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمايو تہ مان هرگز توکي نہ ٻڌائيندس هن لاءِ جو تون انهيءَ جي لائق ناهي. راوي جو بيان آهي تہ جڏهن **حضرت** انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جو آخري وقت آيو تہ سندن جو خادم اَبان رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ سندن جي سيرانديءَ وٽ روئڻ لڳا. حضرت انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمايو: ڇا چاهيو ٿا! **حضرت سيدنا ابان** رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ عرض ڪيو تہ اهي ڪلمات اسانکي سيکاريو جن جي ٻڌائڻ جي حجاج درخواست ڪئي هئي ۽ توهان انڪار ڪيو هو. حضرت انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمايو اچو سکي وٺو انهن کي صبح ۽ شام پڙهجو. اهي ڪلمات هي آهن.

## دعاءِ سَيِدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ

بِسْمِ اللّٰهِ عَلٰى نَفْسِىْ وَدِيْنِىْ بِسْمِ اللّٰهِ عَلٰى اَهْلِىْ وَمَالِىْ وَوَلَدِىْ بِسْمِ اللّٰهِ عَلٰى مَا اَعْطَانِىَ اللّٰهُ اَللّٰهُ رَبِّىْ لَا اُشْرِكُ بِهٖ شَيْـًٔا اَللّٰهُ اَكْبَرُ

اَللّٰہُ اَکْبَرُ اَللّٰہُ اَکْبَرُ وَاَعَزُّ وَاَجَلُّ وَاَعْظَمُ مِمَّا اَخَافُ وَاَحْذَرُ عَزَّجَارُكَ وَجَلَّ ثَنَآؤُكَ وَلَآ اِلٰهَ غَيْرُكَ ط اَللّٰھُمَّ اِنِّيٓ اَعُوْذُبِكَ مِنْ شَرِّ نَفْسِيْ وَمِنْ شَرِّ كُلِّ شَيْطَانٍ مَّرِيْدٍ وَمِنْ شَرِّ كُلِّ جَبَّارٍ عَنِيْدٍ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَقُلْ حَسْبِيَ اللّٰہُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا ھُوَ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ وَھُوَ رَبُّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ اِنَّ وَلِيِّۦَ اللّٰہُ الَّذِيْ نَزَّلَ الْكِتٰبَ وَھُوَ يَتَوَلَّى الصّٰلِحِيْنَ

هن دعا کي ٽي ڀيرا صبح ۽ ٽي ڀيرا شام جو پڙهڻ بزرگن جو معمول آهي. (جنتي زيور، ص. 583، اخبار الاخيار، ص. 292)

**صبح ۽ شام جي وضاحت:** اڌ رات کانپوءِ کان وٺي سج جو پهريون ڪرڻو چمڪڻ تائين صبح (انهيءَ سڄي وقفي ۾ جيڪو ڪجھ پڙهيو وڃي ان کي صبح جو پڙهڻ چئبو) ۽ ظهر (ٻيپهريءَ) جي شروعات کان سج لٿي تائين شام چورائيندي آهي. (انهيءَ سموري وقفي ۾ جيڪو ڪجھ پڙهيو وڃي ان کي شام جو پڙهڻ چئبو.)

## ﴿20﴾ حافظي (يادگيريءَ) جي قوت لاءِ

**پنجن ئي** نمازن کانپوءِ مٿي تي ساڄو هٿ رکي **يارهن ڀيرا** يَا قَوِيُّ پڙهو. (جنتي زيور، ص. 605)

## ﴿21﴾ نظر جي حفاظت لاءِ

**پنجن ئي** نمازن کانپوءِ يارهن ڀيرا يَـا نُـوۡرُ پڙهي ٻنهي هٿن جي آڱرين تي دم ڪري اکين تي ڦيري ڇڏيو. (جنتي زيور، ص. 606)

## ﴿22﴾ زبان ۾ هٻڪ

فجر (**صبح**) جي نماز پڙهي ڪري هڪ پاڪ پٿري وات ۾ رکي ڪري هي **آيت**21 **ڀيرا** پڙهو. (ايضًا)

رَبِّ اشۡرَحۡ لِيۡ صَدۡرِيۡ ﴿۲۵﴾ وَيَسِّرۡلِيۡٓ اَمۡرِيۡ ﴿۲۶﴾

وَاحۡلُلۡ عُقۡدَةً مِّنۡ لِّسَانِيۡ ﴿۲۷﴾ يَفۡقَهُوۡا قَوۡلِيۡ ﴿۲۸﴾

## ﴿23﴾ پيٽ جي سور لاءِ

**هي آيت سٻوري پاڻي** وغيره تي ٽي ڀيرا پڙهي ڪري پياريو يا لکي ڪري پيٽ تي ٻڌي ڇڏيو. (جنتي زيور، ص. 606)

لَا فِيۡهَا غَوۡلٌ وَّلَا هُمۡ عَنۡهَا يُنۡزَفُوۡنَ ﴿۴۷﴾

(پ 23 الصّٰفّٰت 47 )

## ﴿24﴾ ترڻ وقت ٻڏي وڃڻ

**هن آيت** کي لکي ترڻ جي جڳهه تي ٻڌي ڇڏيو:

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

ذٰلِكَ تَخۡفِيۡفٌ مِّنۡ رَّبِّكُمۡ وَرَحۡمَةٌ ؕ

(پ 2 البقره 178)

## ﴿25﴾ ڇڪي (ڇـڻُ) پوڻ (ڏُن جي بيماري)

**(الف) هن آيت** سڳوري کي لکي ڏن جي جڳهہ تي ٻڌي ڇڏيو.
(جنتي زيور، ص. 606)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ﴿﴾

اِنَّ اللّٰهَ يُمۡسِكُ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضَ اَنۡ تَزُوۡلَا ۚ وَ لَئِنۡ زَالَتَاۤ اِنۡ اَمۡسَكَهُمَا مِنۡ
اَحَدٍ مِّنۡۢ بَعۡدِهٖ ؕ اِنَّهٗ كَانَ حَلِيۡمًا غَفُوۡرًا ﴿۴۱﴾ (پ 22 فاطر : 41)

**(ب) شفا حاصل ٿيڻ تائين** روزانو هڪ ڀيرو ڏُن تي هٿ رکي اوّل آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف سان گڏ هينيون آيتون ست ڀيرا پڙهي ڪري دم ڪجي. **(هي عمل سڳ مدينہ جو آزمايل آهي)**

هُوَ الَّذِيۡۤ اَنۡزَلَ عَلَيۡكَ الۡكِتٰبَ مِنۡهُ اٰيٰتٌ مُّحۡكَمٰتٌ هُنَّ اُمُّ الۡكِتٰبِ وَ اُخَرُ
مُتَشٰبِهٰتٌ ؕ فَاَمَّا الَّذِيۡنَ فِيۡ قُلُوۡبِهِمۡ زَيۡغٌ فَيَتَّبِعُوۡنَ مَا تَشَابَهَ مِنۡهُ ابۡتِغَآءَ
الۡفِتۡنَةِ وَ ابۡتِغَآءَ تَاۡوِيۡلِهٖ ۚ وَ مَا يَعۡلَمُ تَاۡوِيۡلَهٗۤ اِلَّا اللّٰهُ ۘ وَ الرّٰسِخُوۡنَ فِي الۡعِلۡمِ يَقُوۡلُوۡنَ
اٰمَنَّا بِهٖ ۙ كُلٌّ مِّنۡ عِنۡدِ رَبِّنَا ۚ وَ مَا يَذَّكَّرُ اِلَّاۤ اُولُوا الۡاَلۡبَابِ ﴿۷﴾ رَبَّنَا لَا تُزِغۡ قُلُوۡبَنَا
بَعۡدَ اِذۡ هَدَيۡتَنَا وَ هَبۡ لَنَا مِنۡ لَّدُنۡكَ رَحۡمَةً ۚ اِنَّكَ اَنۡتَ الۡوَهَّابُ ﴿۸﴾ (پ 3 ال عمران : 7،8)

## ﴿26﴾ بـخـار

**(الف)** جيڪڏهن "بغير سيءَ جي" بخار هجي تہ هي آيت لکي ڪري ٻچيءَ ۾ ٻڌو ۽ انهيءَ کي پڙهي دم ڪريو. (جنتي زيور، ص. 606)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

قُلۡنَا يٰنَارُ كُوۡنِىۡ بَرۡدًا وَّسَلٰمًا عَلٰٓى اِبۡرٰهِيۡمَ ۝٦٩

(پ 17، الانبياء: 69)

**(ب)** جيڪڏهن "**سِيءُ بخار**" هجي تہ هي آيت لکي ڪري ڳچيءَ ۾ ٻڌو. (جنتي زيور، ص. 606)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

بِسۡمِ اللّٰهِ مَجۡرٖىهَا وَمُرۡسٰىهَا ؕ اِنَّ رَبِّىۡ لَغَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ۝٤١

(پ 12، هود ، 41)

## ﴿27﴾ ڦَٽ ڦُرڙي

**پاڪ صاف پٿر** پيهي (پورا پورا ڪري) ان تي هيءَ دعا ٽي پيرا پڙهي ڪري ٺُڪجي ۽ انهيءَ مٿي تي ٿورو پاڻي ڇَٽي اها مٽي تڪليف جي جڳهہ تي ڏينهن ۾ بہ چار پيرا مليندا (**مَتندا**) ڪريو چاهيو تہ ڦرڙي وغيره تي اها مٽي لڳائي پٽي ٻڌي ڇڏيو. (جنتي زيور، ص. 607)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

اِنَّهُمۡ يَكِيۡدُوۡنَ كَيۡدًا ۝١٥ وَّاَكِيۡدُ كَيۡدًا ۝١٦ فَمَهِّلِ الۡكٰفِرِيۡنَ اَمۡهِلۡهُمۡ رُوَيۡدًا ۝١٧ (پ 30 الطارق ( 15_ 17)

## ﴿28﴾ چِتي ڪِني جو چڪ

**مٿيون چاڻايل آيت ڪريمہ** ڪي ماني يا بسڪٽ جي چاليھہ ٽڪرن تي لکي هڪ ٽڪرو روزانو ان شخص کي کارايو، اِنْ شَآءَاللّٰہ اهو پاڳل ۽ چِتو ڪونہ ٿيندو. (جنتي زيور 607)

## ﴿29﴾ بي اولادڻ

**چاليھہ داڻا لونگ** کڻي هر داڻي تي ست ست پيرا هن آيت کي پڙهجي ۽ جنهن ڏينهن عورت حيض (ماهواريءَ) کان پاڪ ٿي غسل ڪري ان ڏينهن کان هڪ داڻو **لونگ** روزانو سمهڻ مهل کائڻ شروع ڪري ۽ ان مٿان پاڻي نہ پيئي ۽ انهيءَ وچ ۾ مڙس کان ضرور پري رهي. (جنتي زيور، ص. 607)

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

اَوْ كَظُلُمٰتٍ فِيْ بَحْرٍ لُّجِّيٍّ يَّغْشٰهُ مَوْجٌ مِّنْ فَوْقِهٖ مَوْجٌ مِّنْ فَوْقِهٖ سَحَابٌ ؕ ظُلُمٰتٌۢ بَعْضُهَا فَوْقَ بَعْضٍ ؕ اِذَاۤ اَخْرَجَ يَدَهٗ لَمْ يَكَدْ يَرٰىهَا ؕ وَمَنْ لَّمْ يَجْعَلِ اللّٰهُ لَهٗ نُوْرًا فَمَا لَهٗ مِنْ نُّوْرٍ ۝۴۰ (پ18 النور 40) اِنْ شَآءَاللّٰہ اولاد ملندو.

## ﴿30﴾ جيڪڏهن پيٽ ۾ ٻار ٽيڙو ٿي ويو تہ.....

سورة الانشقاق جون شروعاتي پنج آيتون ٽي پيرا پڙهي (اول آخر درود شريف پڙهي) آيتن جي شروع ۾ هر پيري بسم الله پڙهي وٺي، پوءِ پاڻي تي دم ڪري پي ڇڏي، روزانو هي عمل ڪندي رهي، وقت بہ وقت انهن آيتن جو ورد ڪندي رهي، ٻيو ڪوبہ دم

ڪري ڏئي سگھي ٿو، اِنْ شَآءَاللّٰه بار سڌو ٿي ويندو، ويم جي سور لاءِ بہ هي عمل فائديمند آهي.

## ﴿31﴾ هيضو (يعني دستن ۽ الٽين جي بيماري)

**هر ٽاڻي** ۽ پيتي جي شيءِ تي ”سُورهءِ اِنَّآ اَنْزَلْنٰه“ پڙهي دم ڪري ڇڏيندا ڪريو تہ اِنْ شَآءَاللّٰه **حفاظت** رهندي ۽ جنهن کي مرض ٿي وڃي تہ ان کي بہ ڪنهن شيءِ تي دم ڪري ڪارايو ۽ پياريو، اِنْ شَآءَاللّٰه شفا حاصل ٿيندي. (جنتي زيور، ص. 609)

## ﴿32﴾ الٽي، سور ۽ پيٽ جي سور لاءِ

**هن آيتِ ڪريمہ تي لٽي ڪري پياريو**

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

اَوَلَمْ يَرَ الْاِنْسَانُ اَنَّا خَلَقْنٰهُ مِنْ نُّطْفَةٍ فَاِذَا هُوَ خَصِيْمٌ مُّبِيْنٌ ۝٧٧

(پ23 يس : 77)

## ﴿33﴾ عضون جي سور لاءِ

**نماز ٽانپوءِ سڻ پيرا هيءَ آيتِ ڪريمہ**

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

لَوْ اَنْزَلْنَا هٰذَا الْقُرْاٰنَ عَلٰى جَبَلٍ لَّرَاَيْتَهٗ خَاشِعًا مُّتَصَدِّعًا مِّنْ خَشْيَةِ

اللّٰهِ ؕ وَتِلْكَ الْاَمْثَالُ نَضْرِبُهَا لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَتَفَكَّرُوْنَ ۝٢١

پڙهي ڪري بنهي هٿن تي دم ڪري سُور واري جاءِ تي هٿ گھمايو تہ اِنْ شَآءَاللّٰه سور ختم ٿي ويندو.

## ﴿34﴾ احتلام کان حفاظت

**احتلام** (ننڊ ۾ ٽڙُ پوڻ) کان بچڻ جي لاءِ **سوره نوح** سُمهڻ وقت هڪ ڀيرو پڙهي پاڻ تي دم ڪري ڇڏيو.

## ﴿35﴾ اکيون ڪڏهن به نه اٿن

مَرْحَبًا بِحَبِيْبِيْ وَ قُرَّةِ عَيْنِيْ مُحَمَّدِ بْنِ عَبْدِاللّٰهِ

امام حسن رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کان روايت آهي ته: جيڪو شخص مؤذن کي "اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰهِ" چوندو ٻُڌي ڪري هي چوي ۽ پنهنجي آڱوٺن (جي ننهن) کي چُمي ڪري اکين سان لڳائي ته، نه ڪڏهن انڌو ٿيندو ۽ نه ئي ان جون اکيون ڪڏهن اٿنديون. (المقاصدُ الحسنه، ص. 391)

## ﴿36﴾ گهر ۾ مدني ماحول بڻائڻ جو نسخو

رَبَّنَا هَبْ لَنَا مِنْ اَزْوَاجِنَا وَ ذُرِّيّٰتِنَا قُرَّةَ اَعْيُنٍ وَّ اجْعَلْنَا لِلْمُتَّقِيْنَ اِمَامًا ﴿۷۴﴾

**ترجمو ڪنزالايمان**; اي اسان جا رب اسانکي ڏي اسانجي زالن ۽ اسانجي اولاد مان اکين جي ٿڌائي ۽ اسان کي پرهيزگارن جو اڳواڻ بڻاءِ. (پ 19 الفرقان 74)

**هر نماز کانپوءِ** هي دعا اول و آخر **درود شريف** سان هڪ ڀيرو پڙهي ونجي ته اِنۡ شَآءَاللّٰہ بار ٻچا سنتن جا پابند بڻبا ۽ گهر ۾ مدني ماحول قائم ٿيندو. (مسائل القرآن ص 290)

## ﴿37﴾ شوگر جو علاج

رَبِّ اَدۡخِلۡنِیۡ مُدۡخَلَ صِدۡقٍ وَّ اَخۡرِجۡنِیۡ مُخۡرَجَ صِدۡقٍ وَّ اجۡعَلۡ لِّیۡ مِنۡ لَّدُنۡكَ سُلۡطٰنًا نَّصِیۡرًا ﴿۸۰﴾

**ترجمو ڪنزالايمان**: اي منهنجا رب مون کي سچي طرح داخل ڪر ۽ سچي طرح باهر وٺي هل. ۽ مون کي پنهنجي طرف کان مددگار قوّت عطا ڪر. (15 سوره بني اسرائيل : 80)

**هيءَ** قرآني دعا روزانو صبح ۽ شام ٽي ٽي ڀيرا (**اول ۽ آخر ٽي ٽي ڀيرا درود پاڪ**) پڙهي ڪري پاڻيءَ تي دم ڪري پيئو. (**علاج جي مدت**: **شفاء ملڻ تائين**)

## ﴿38﴾ قرض لاهڻ جو وظيفو

اَللّٰهُمَّ اكْفِنِىْ بِحَلَالِكَ عَنْ حَرَامِكَ وَاَغْنِنِىْ بِفَضْلِكَ عَمَّنْ سِوَاكَ

**ترجمو**: "**يا الله** عَزَّوَجَلَّ! **مونکي حلال رزق عطا فرمائي ڪري حرام کان بچاءِ ۽ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان پاڻ کان سواءِ ٻين کان بي نياز ڪري ڇڏ**". مراد حاصل ٿيڻ تائين هر نماز کانپوءِ 11،11 ڀيرا ۽ پڻ صبح ۽ شام سؤ سؤ ڀيرا روزانو (**اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف**) پڙهو.

**چون ٿا** ته هڪ **مڪاتَب** (مڪاتَب ان غلام کي چئبو آهي جنهن پنهنجي مالڪ سان مال جي ادائيگيءَ جي عيوض آزاديءَ جو معاهدو ڪيو هجي. (مختصر-القدوري ص 171") **حضرت مشڪل ڪشاء علي المرتضيٰ شير خدا** رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي بارگاهه ۾ عرض ڪيو: "آءُ پنهنجي ڪتابت (**يعني آزاديءَ جي قيمت**) ادا ڪرڻ کان عاجز (**لاچار**) آهيان، منهنجي مدد فرمايو، **پاڻ** رَضِی

رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمايو: آءُ توکي ڪجهه ڪلمات نه سيکاريان جيڪي **جناب رسول الله** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن مونکي سيکاريا آهن، جيڪڏهن توهان** تي جبل صير (**صير هڪ جبل جو نالو آهي**. (النهايه ج3 ص 61) **جيڏو ڏين (يعني قرض)** هوندو ته به **الله** عَزَّوَجَلَّ توهان جي طرفان ادا ڪري ڇڏيندو. توهين هيئن چوندا ڪريو:

اَللّٰهُمَّ اكْفِنِيْ بِحَلَالِكَ عَنْ حَرَامِكَ وَاَغْنِنِيْ بِفَضْلِكَ عَمَّنْ سِوَاكَ

(سنن الترمذي، ج. 5، ص. 329، حديث 3574)

## 99 اَسماءِ حُسنٰي ۽ انهن جا فضائل

**هر** ورد جي اوّل ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي وٺو، فائدو ظاهر نه ٿيڻ جي صورت ۾ ڏوراپو ڏيڻ جي بدران پنهنجي ڪوتاهين جي شامت تصور ڪندا ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي مصلحت تي نظر رکندا.

(1) يَـا اَللّٰهُ: جيڪو هر نماز کان پوءِ 100 ڀيرا پڙهي اِنْ شَآءَاللّٰه **سندس** باطن ڪشادو (**اندر اُجرو**) ٿيندو.

(2) هُوَ اللّٰهُ الرَّحِيْمُ: جيڪو هر نماز کانپوءِ 7 ڀيرا پڙهندو. اِنْ شَآءَاللّٰه شيطان جي شر کان محفوظ رهندو. ۽ سندس خاتمو ايمان تي ٿيندو.

(3) يَـا قُدُّوْسُ: جيڪو به سفر جي دؤران ورد ڪندو رهي، اِنْ شَآءَاللّٰه ٿڪاوٽ کان محفوظ رهندو.

(4) يَا رَحْمٰنُ: جيڪو صبح جي نماز ڪانپوءِ 298 ڀيرا پڙهندو خدا عَزَّوَجَلَّ ان تي گهڻو رحم ڪندو. اِنْ شَآءَالله

(5) يَا رَحِيْمُ: جيڪو ٻه هر روز 500 ڀيرا پڙهندو اِنْ شَآءَالله دولت ماڻيندو ۽ مخلوق مٿس مهربان ۽ شفيق ٿيندي.

(6) يَا مَلِكُ: 90 ڀيرا جيڪو غريب ۽ نادار روزانو پڙهندو، اِنْ شَآءَالله ڪيس غربت ڪان ڇوٽڪارو ملندو.

(7) يَا سَلَامُ: 111 ڀيرا پڙهي ڪري بيمار تي دم ڪرڻ سان اِنْ شَآءَالله شفا حاصل ٿيندي.

(8) يَا مُؤْمِنُ: جيڪو 115 ڀيرا پڙهي ڪري پاڻ تي دم ڪري اِنْ شَآءَالله تندرستي ماڻيندو.

(9) يَا مُهَيْمِنُ: 29 ڀيرا روزانو پڙهڻ وارو اِنْ شَآءَالله هر آفت ۽ بلا ڪان محفوظ رهندو.

(10) يَا عَزِيْزُ: 41 ڀيرا حاڪم يا آفيسر وغيره وٽ وڃڻ ڪان پهريان پڙهي اِنْ شَآءَالله حاڪم يا افيسر مهربان ٿي ويندو.

(11) يَا جَبَّارُ: جيڪو ان جو مسلسل ورد رکندو پنهنجي غيبت ڪان اِنْ شَآءَالله بچيل رهندو.

(12) يَـا مُـتَـكَـبِّرُ: 21 ڀيرا روزانو پڙهي وڻو ڀوائتا (**ڊيڄاريندڙ**) خواب ايندا هوندا ته اِنْ شَآءَالله خواب ۾ نه ڏڄندؤ. (**علاج جي مدت: شفاءَ ملڻ تائين**)

يَـا مُـتَـكَـبِّرُ: زال (**گهرواريءَ**) سان ”ميلاپ“ کان اڳ ۾ 10 ڀيرا پڙهڻ وارو اِنْ شَآءَالله نيڪ پٽ جو پيءُ بڻبو.

(13) يَـا خَالِقُ: جيڪو 300 ڀيرا پڙهي اِنْ شَآءَالله ان جو دشمن هِيسيَل (**مغلوب**) ٿيندو.

(14) يَـا بَـارِئُ: 10 ڀيرا جيڪو هر جمعي تي پڙهي وٺندو اِنْ شَآءَالله ان کي پٽ عطا ٿيندو.

(15) يَـا مُـصَوِّرُ: جيڪا **سُنڍ** عورت ست روزا رکي ۽ افطار مهل 21 ڀيرا اَلْمُصَوِّرُ پڙهي پاڻيءَ تي دم ڪري پيئي ڇڏي الله عَزَّوَجَلَّ کيس نيڪ پٽ عطا ڪندو. اِنْ شَآءَالله

(16) يَـا غَـفَّـارُ: جيڪو هن کي سدائين پڙهندو اِنْ شَآءَالله نفس جي بري خواهشن کان ڇوٽڪارو ماڻيندو

(17) يَـا قَـهَّـارُ: جيڪڏهن ڪا مصيبت اچي ته 100 ڀيرا پڙهو. اِنْ شَآءَالله مشڪل آسان ٿي ويندي

(18) يَـا وَهَّـابُ: جيڪو روزانو 7 ڀيرا پڙهندو اِنْ شَآءَالله **مُستَجَابُ الدعوات** ٿيندو( **يعني سندس هر دعا قبول ٿيندي.**)

(19) يَا رَزَّاقُ: جيڪو فجر جي فرض ۽ سنت جي وچ ۾ 41 ڏينهن تائين 550 ڀيرا پڙهندو ته اِنۡ شَآءَالله دولتمند ٿيندو.

(20) يَا فَتَّاحُ: جيڪو روزانو فجر (صبح) جي نماز کانپوءِ 70 ڀيرا ٻئي هٿ سيني (ڇاتيءَ) تي رکي ڪري پڙهي. اِنۡ شَآءَالله ان جي دل جو ڪَٽُ ۽ مير لهي ويندو.

يَا فَتَّاحُ: جيڪو روزانو ست ڀيرا (پوري ڏينهن ۾ جهڙيءَ مهل به) پڙهندو اِنۡ شَآءَالله سندس دل روشن ٿيندي.

(21) يَا عَلِيْمُ: جيڪو هن اسم شريف کي گهڻو پڙهندو الله تعاليٰ کيس دين ۽ دنيا جي معرفت عطا فرمائيندو. اِنۡ شَآءَالله

(22) يَا قَابِضُ، يَا بَاسِطُ: جيڪو روزانو 30 ڀيرا پڙهندو اِنۡ شَآءَالله اهو دشمن تي سوڀ ماڻيندو.

(23) يَا بَاسِطُ: جيڪو 40 ڀيرا پڙهي اِنۡ شَآءَالله خلق کان بي پرواهه ٿيندو.

(24) يَا خَافِضُ: جيڪو 500 ڀيرا پڙهندو اِنۡ شَآءَالله دشمن کان اَمان ۾ رهندو.

(25) يَا رَافِعُ: 20 ڀيرا جيڪو روزانو پڙهندو اِنۡ شَآءَالله سندس مراد پوري ٿيندي.

www.dawateislami.net

(26) يَا مُعِزُّ: جيڪو هن ڪي جمعي جي رات سومهڻي (**عشاءَ**) جي نماز ڪانپوءِ 140 ڀيرا پڙهي تہ مخلوق جي نظر ۾ سندس عزت، حرمت ۽ هَيبَت وڌندي. اِنْ شَآءَاللہ

(27) يَا حَكَمُ: جيڪو پنج ئي وقت هر نماز ڪانپوءِ 80 ڀيرا پڙهي وٺندو تہ ڪنهن جو محتاج نہ ٿيندو. اِنْ شَآءَاللہ

(28) يَا بَصِيْرُ: جيڪو روزانو7 ڀيرا عصر جي وقت (**يعني ٽيپهريءَ جو وقت شروع ٿيڻ کان سج لٿي تائين جهڙي مهل بہ**) پڙهي وٺندو تہ اِنْ شَآءَاللہ اوچتو موت کان محفوظ رهندو.

(29) يَا سَمِيْعُ: جيڪو 100 ڀيرا روزانو پڙهي ۽ انهيءَ وچ ۾ ڪنهن سان بہ نہ ڳالهائي ۽ پڙهي ڪري دعا گهري تہ اِنْ شَآءَاللہ جيڪو ڪجهہ گهرندو سو ماڻيندو.

(30) يَا مُذِلُّ، يَا مُعِزُّ: جيڪڏهن ڪو 75 ڀيرا پڙهي ڪري سجدو ڪري ۽ چوي "ياالهي عَزَّوَجَلَّ! فلاڻي ظالم جي شر کان مونکي محفوظ رک" **الله** عَزَّوَجَلَّ ڪيس امان ڏيندو ۽ پنهنجي حفاظت ۾ رکندو. اِنْ شَآءَاللہ

(31) يَا عَدْلُ: جيڪو مغرب (**سج لٿي**) جي نماز ڪانپوءِ (**هزار**) 1000 ڀيرا پڙهندو اِنْ شَآءَاللہ آسماني آفتن کان نجات ماڻيندو.

(32) يَا لَطِيْفُ: ڏيئرن (**نياڻين**) جا نصيب کلڻ ۽ مرضن کان صحت ۽ مشڪلن کان نجات جي لاءِ هر روز تحية الوضو (**يعني تازو وضو ڪري ٻه رڪعتون ادا ڪرڻ**) کان پوءِ 100 ڀيرا پڙهي وٺندا ڪريو.

(33) يَا خَبِيْرُ: جيڪو نفسِ اَمَّارَه (**يعني برائيءَ ڏانهن مائل ڪندڙ نفس**) جي هٿان گرفتار هجي تہ هر روز وظيفو ڪندو رهي اِنْ شَآءَاللّٰه ڇوٽڪارو ماڻيندو.

(34) يَا حَلِيْمُ: جيڪڏهن ڪو هن اسم شريف کي ڪاغذ تي لکي ۽ پوءِ ان کي ڌوئي ڪري اهو پاڻي پنهنجي فصل ۾ ڇَٽي ڇڏي، اِنْ شَآءَاللّٰه پوک هر آفت کان حفاظت ۾ رهندي.

(35) يَا عَظِيْمُ: جيڪو 7 ڀيرا پاڻيءَ تي دم ڪري پيئي اِنْ شَآءَاللّٰه سندس پيٽ ۾ سور نہ ٿيندو.

(36) يَا غَفُوْرُ: جنهن کي مٿي جو سور يا ڪا بيماري يا غم پيش اچي تہ 3 ٽي ڀيرا يا غفور جي مقطعات لکي ڪري (**يعني هن اسم پاڪ کي ڪاغذ تي لکي ان جي آلي مَس تي ماني جو ٽڪرو لڳائي مانيءَ ۾ جذب ڪري وٺجيءِ**) کائي ڇڏي. اِنْ شَآءَاللّٰه شفاء ماڻيندو.

(37) يَا شَكُوْرُ: جيڪو 5000 (**پنج هزار**) ڀيرا روزانو پڙهندو رهندو تہ اِنْ شَآءَاللّٰه قيامت جي ڏهاڙي عزت ماڻيندو.

www.dawateislami.net

(38) يَا عَلِيُّ: جيڪو ورم (يعني سوڄ) تي ٽي ڀيرا پڙهي دم ڪري ته اِنْ شَآءَالله صحت ماڻيندو.

(39) يَا كَبِيْرُ: جيڪو 9 ڀيرا ڪنهن بيمار تي پڙهي دم ڪري ته اِنْ شَآءَالله صحت ياب ٿيندو.

(40) يَا حَفِيْظُ: جيڪو 16 ڀيرا روزانو پڙهي اِنْ شَآءَالله هر طرح کان بهادر رهندو.

(41) يَا مُقِيْتُ: جنهن جي اک ڳاڙهي ٿي پوي ۽ سور پوي ته 10 ڀيرا پڙهي دم ڪري ڇڏي.

(42) يَا حَسِيْبُ: جيڪو هر روز 70 (ستر) ڀيرا پڙهي اِنْ شَآءَالله هر آفت کان محفوظ رهندو.

(43) يَا جَلِيْلُ: 10 ڀيرا پڙهي ڪري جيڪو پنهنجي مال ۽ سامان ۽ رقم وغيره تي دم ڪري ته اِنْ شَآءَالله چوري کان محفوظ رهندو.

(44) يَا كَرِيْمُ: جيڪڏهن ڪو پنهنجي بستري ۾ هن کي پڙهندي پڙهندي سمهي پوي ته فرشتا هن جي لاءِ دعا ڪندا. اِنْ شَآءَالله

(45) يَا رَقِيْبُ: جيڪو ٽي ڀيرا پڙهي ڦٽ ڦرڙي تي دم ڪري ته اِنْ شَآءَالله شفا حاصل ٿيندي .

(46) يَا مُجِيْبُ: جيڪو ٽي ڀيرا پڙهي ڪري ڪنهن تي دم ڪندو ته اِنْ شَآءَالله سندس مٿي جو سور ختم ٿي ويندو.

(47) يَا وَاسِعُ: جنهن کي وڇون ڏنگي 70 ڀيرا پڙهي ڪري دم ڪري ته اِنْ شَآءَالله ڪيس زهر اثر ڪونه ڪندو.

(48) يَا حَكِيْمُ: 80 ڀيرا روزانو پنجن ئي نمازن کان پوءِ پڙهندو رهي ته اِنْ شَآءَالله ڪنهن جو محتاج نه ٿيندو.

(49) يَا وَدُوْدُ: هن اسم کي 1000 (هزار) ڀيرا پڙهي ڪاڌي تي دم ڪري جنهن سان ناراضگي هجي ان کي کارائي ڇڏجي ته اِنْ شَآءَالله دشمني ختم ٿي ويندي.

(50) يَا مَجِيْدُ: جيڪو گرمين ۾ هن کي پڙهندو ته اِنْ شَآءَالله اُڃ کان محفوظ رهندو.

(51) يَا بَاعِثُ: جيڪو ست ڀيرا پڙهي پاڻ تي دم ڪري ڪنهن حاڪم آڏو وڃي ته اِنْ شَآءَالله حاڪم مٿس مهربان ٿيندو.

(52) يَا شَهِيْدُ: 21 ڀيرا صبح جو (سج اڀرڻ کان اڳ ۾) نافرمان ٻار يا ٻارڙيءَ جي پيشانيءَ تي هٿ رکي آسمان ڏانهن منهن ڪري جيڪو پڙهي ته اِنْ شَآءَالله سندس اهو ٻار يا ٻارڙي نيڪ ۽ فرمانبردار بڻبا.

(53) يَـا حَـقُّ: جيكڏهن قيدي اڌ رات جو اگهاڙي مٿي 108 (هڪ سؤ اٺ ) ڀيرا پڙهي تہ اِنْ شَآءَاللّٰه قيد کان آزادي ماڻيندو.

(54) يَـا وَكِـيْلُ: جيڪو 7 ڀيرا روزانو ٽيپهريءَ مهل پڙهي وٺي تہ اِنْ شَآءَاللّٰه آفتن کان پناهہ ۾ رهندو.

(55) يَـا قَـوِيُّ: جيكڏهن جمعي جي ٻِي ساعت ۾(يعني جمعي جي ڏينهن سج ايرڻ کان وٺي هڪ ڪلاڪ تائين پهرين ساعت هوندي آهي سو ٻئي ڪلاڪ ۾) گهڻو پڙهندو تہ اِنْ شَآءَاللّٰه نِسيان (يعني ويسر) جو مرض ختم ٿي ويندو.

(56) يَـا مَـتِيْنُ: جنهن ٻار کان ٿڃ ڇڏائي وئي هجي ان کي ڪاغذ تي لکي پياريو، تسڪين ملندس ۽ جيڪڏهن ماءُ کي کير گهٽ هجي تہ انهيءَ اسم شريف کي لکي پياريو تہ سندس کير وڌندو.

(57) يَـا وَلِـيُّ: جيڪو هن اسم پاڪ کي گهڻو پڙهندو تہ اِنْ شَآءَاللّٰه سندس زال (گهرواري) فرمانبردار ٿي ويندي.

(58) يَـا حَـمِيْدُ: جنهن مان گندين ڳالهين جي عادت نہ ويندي هجي تہ اهو 90 (نوي) ڀيرا پڙهي ڪنهن خالي پيالي يا گلاس ۾ دم ڪري ڇڏي. ضرورت موجب انهيءَ سان پاڻي پيئندو ڪري تہ اِنْ شَآءَاللّٰه ان مان فحش گوئي (بيهوده ۽ گارگند) جي عادت نڪري ويندي. (هڪ ڀيرو دم ڪيل گلاس ورهين تائين هلائي سگهو ٿا.)

(59) يَـا مُـحۡيِیُ: 7 ڀيرا پڙهي پاڻ تي دم ڪريو، گيس هجي يا پيٽ يا ڪنهن جڳهہ تي سور هجي يا ڪو عضوو ضايع ٿيڻ جو خوف هجي تہ اِنۡ شَـآءَالله فائدو ٿيندو. (علاج جي مدت: شفا ملڻ تائين روزانو گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو)

(60) يَـا مُـحۡيِیُ، يَـا مُـمِيۡتُ: روزانو 7 ڀيرا پڙهي پاڻ تي دم ڪري ڇڏيندا ڪريو اِنۡ شَـآءَالله جادو اثر ڪونہ ڪندو.

(61) يَـا حَیُّ: جيڪو بيمار هن اسم کي 1000 (هڪ هزار) ڀيرا پڙهي اِنۡ شَـآءَالله صحت ماڻيندو.

(62) يَـا قَـيُّوۡمُ: صبح جي وقت جيڪو هن کي ڪثرت سان پڙهندو اِنۡ شَـآءَالله ان جو تَصرُّف دلين تي ظاهر ٿيندو. يعني ماڻهو کيس دوست رکندا.

(63) يَـا وَاجِـدُ: جيڪو کاڌو کائڻ مهل هر گِرَهہ (لُقمي) تي پڙهندو اِنۡ شَـآءَالله اُهو کاڌو سندس پيٽ ۾ نُور ٿيندو ۽ بيماري دُور ٿيندي.

(64) يَـا مَـاجِدُ: 10 ڀيرا پڙهي ڪري شربت وغيره تي دم ڪري پي ڇڏي اِنۡ شَـآءَالله بيمار نہ ٿيندو.

www.dawateislami.net

(65) يَا وَاحِدُ: جنهن کي اڪيلائيءَ ۾ ڀؤُ ٿيندو هجي اهو 1001 (**هڪ هزار هڪ**) ڀيرا اڪيلائيءَ ۾ پڙهي ڇڏي تہ سندس دل منجهان خوف ختم ٿي ويندو.

(66) يَا اَحَدُ: جيڪو هن اسم شريف کي 9 (**نوَ**) ڀيرا پڙهي ڪنهن حاڪم وٽ وڃي تہ اِنْ شَآءَاللّٰه عزت ۽ ڪاميابي ماڻيندو جيڪو اڪيلائيءَ ۾ هن کي 1000 (**هڪ هزار**) ڀيرا پڙهي نيڪ بڻجي ويندو.

(67) يَا صَمَدُ: جيڪو هن کي 1000 (**هڪ هزار**) ڀيرا پڙهي اِنْ شَآءَاللّٰه دشمن تي فتح ماڻيندو.

(68) يَا قَادِرُ: جيڪو وضو ڪرڻ دوران هر عضوو ڌوئڻ مهل هي پڙهڻ جو معمول بڻائي اِنْ شَآءَاللّٰه دشمن ڪيس اغواءَ ڪونہ ڪري سگهندو.

يَا قَادِرُ: ڪابہ مشڪل اچي پوي تہ 41 ڀيرا پڙهي وٺو اِنْ شَآءَاللّٰه آساني ٿي ويندي.

(69) يَا مُقْتَدِرُ: روزانو جيڪو 20 (**ويهہ**) ڀيرا پڙهي وٺندو ڪري اِنْ شَآءَاللّٰه رحمتن جي ڇانوَ ۾ رهندو.

يَا مُقْتَدِرُ: جيڪو ننڊ کان سجاڳ ٿيڻ مهل 20 (**ويهہ**) ڀيرا پڙهي وٺندو سندس هر ڪم ۾ مدد الاهي عَزَّوَجَلَّ شامل ٿي ويندي.

(70) يَـا مُـقَدِّمُ: جيڪو جنگ يا ڪنهن خوف جي جڳهہ تي بيچينيءَ جي حالت ۾ هجي تہ اُهو هن اسم شريف جي ڪثرت ڪري.

(71) يَـا مُـؤَخِّـرُ: هر روز 100 (سؤ) ڀيرا پڙهڻ واري جا سڀ ڪم پورا ٿيندا. اِنْ شَآءَاللّٰه

(72) يَـــا اَوَّلُ: 100 (سؤ) ڀيـرا روزانـو پڙهنـدو تـہ سنـدس گھـرواري (**يعني زال**) ساڻس محبت ڪندي. اِنْ شَآءَاللّٰه

(73) يَـا آخِـرُ: جيڪو ڪنهن جڳهہ تي وجي ۽ هن اسم پاڪ کي پڙهي تہ اِنْ شَآءَاللّٰه اُتي عزت ۽ توقير (مَانُ) ماڻيندو.

(74) يَـا ظَــاهِرُ: گھر جي ڇت تي لکي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه اها ڇت سلامت رهندي.

(75) يَـا بَـاطِنُ: جيڪو ڪنهن کي امانت سونپي يا زمين منجهہ دفن ڪري تہ اَلبَاطِنُ لکي ڪري انهيءَ شيء سان گڏ رکي ڇڏي. اِنْ شَآءَاللّٰه ان ۾ ڪو خيانت ڪو نہ ڪري سگھندو.

(76) يَـا وَالِيْ: جيڪو ڪنهن ڪوري (**اڻ استعمال ٿيل**) پيالي تي لکي ان ۾ پاڻي ڀري گھر (**جڳهہ**) جي در ۽ ديوار تي لڳائي اِنْ شَآءَاللّٰه اهو گھر آفتن کان محفوظ رهندو.

(77) يَا مُتَعَالِيُ: مشڪل ترين ڪمن لاءِ هن جي ڪثرت بيحد فائديمند آهي.

(78) يَا بَرُّ: جيڪو شخص 7 (ست) ڀيرا پڙهي ٻار تي دم ڪري **الله** عَزَّوَجَلَّ جي سپردگيءَ ۾ ڏيئي ڇڏي (حوالي ڪري ڇڏي) تہ اِنْ شَآءَاللہ اُهو ٻار بالغ ٿيڻ تائين آفتن کان محفوظ رهندو.

(79) يَا تَوَّابُ: جيڪو چاشت جي نماز کانپوءِ 360 (ٽي سؤ سٺ) ڀيرا هن کي پڙهندو تہ **الله** تعالي کيس تَوبَةُ النَّصوُح (سچي پڪي توبهہ) نصيب فرمائيندو. اِنْ شَآءَاللہ

(80) يَا مُنْتَقِمُ، يَا عَفُوُّ: دشمن کي دوست بنائڻ لاءِ ٽن جُمعن تائين هن کي ڪثرت سان پڙهو.

(81) يَا عَفُوُّ: جنهن جا گناهہ گهڻا هجن اهو هن اسم پاڪ جي ڪثرت ڪري **الله** تعاليٰ پنهنجي فضل سان سندس سيئي گناهہ بخشي ڇڏيندو.

(82) يَا رَءُوْفُ: جيڪو ڪنهن ظالم کان ڪنهن مظلوم جي جان ڇڏائڻ چاهي تہ اُهو 10 (ڏهہ) ڀيرا پڙهي پوءِ ان ظالم سان ڳالهائي اِنْ شَآءَاللہ اهو ظالم سندس سفارش قبول ڪندو.

(83) يَا مَالِكَ الْمُلْكِ: جيڪو هن جي ڪثرت ڪندو تہ اِنْ شَآءَاللہ خوشحال رهندو.

www.dawateislami.net

(84) يَـا ذَالْجَلَالِ وَالْاِكْـرَامِ: هن جي ڪثرت سان خوشحالي نصيب ٿيندي هن ساڻ دعا گهرڻ سان دعا مقبول ٿيندي. اِنْ شَآءَاللّٰه

(85) يَـا مُـقْسِطُ: شيطاني وسوسن کان بچڻ لاءِ 100 (سؤ) ڀيرا پڙهڻ گهڻو فائديمند آهي. اِنْ شَآءَاللّٰه

(86) يَـا جَـامِعُ: جنهن جا مٽ مائٽ جُدا ٿي ويا هُجن چاشت جي وقت غُسل ڪري آسمان ڏانهن مُنهن ڪري 10 (ڏهه) ڀيرا هن اسم شريف کي پڙهي. ۽ هر ڀيري هڪ آڱر بند ڪندو وڃي پوءِ پنهنجي چهري تي هٿ ڦيري اِنْ شَآءَاللّٰه ٿورڙي عرصي ۾ سڀئي گڏنا ٿي ويندا.

(87) يَـا غَـنِيُّ: ڪِرنگهي جي هڏي، گوڏن، سَنڌن يا جِسمَ ۾ ڪٿي به سُور هُجي، گهمندي ڦرندي پڙهندا رهو اِنْ شَآءَاللّٰه سور ختم ٿي ويندو.

(88) يَـا مُـغْنِيْ: هڪ ڀيرو پڙهي هٿن تي دم ڪري سُور جي جڳهه تي هٿ گهمائڻ سان اِنْ شَآءَاللّٰه سُڪونُ ملندو.

(89) يَـا مَـانِعُ، يَـا مُعْطِيْ: زال ناراض هجي ته مڙس ۽ جيڪڏهن مڙس ناراض هجي ته زال سمهڻ کان اڳ ۾ بستري تي ويهي 20 (ويهه) ڀيرا پڙهي اِنْ شَآءَاللّٰه صلح ٿي ويندي. (مراد پوري ٿيڻ تائين اهو عمل جاري رکندا)

(90) يَـا ضَـآرُّ، يَـا نَـافِعُ: جنهن کي کو منصب ملي ۽ اُهو انهيءَ تي قائم رهڻ گهري تہ هُو هر جُمعي جي رات ۽ اَيَّام بيض (**يعني اسلامي مهيني جي** 13_14_ ۽ 15 **تاريخ**) ۾ (100) سؤ ڀيرا پڙهي.

(91) يَـا نَـافِعُ: جيڪو ڪنهن ڪم شروع ڪرڻ کان اڳ 20 (**ويهہ**) ڀيرا پڙهي وٺي اِنْ شَآءَالله اهو ڪم سندس مرضيءَ مطابق پورو ٿيندو.

(92) يَـا نُـوْرُ: جيڪو7 (**سَت**) ڀيرا سورة نور ۽ 1001 (**هڪ هزار هڪ**) ڀيرا "يَـانُورُ" پڙهي اِنْ شَآءَالله سندس دل روشن ٿي ويندي .

(93) يَـا هَـادِئ: جيڪو آسمان ڏانهن مُنهن ڪري هٿ کڻي هن اسم مبارڪ کي ڪثرت سان پڙهي ۽ اُهي هٿ پنهنجي وات ۽ اکيُن سان لڳائي تہ اِنْ شَآءَالله اهلِ معرفت جو مرتبو ماڻيندو

(94) يَـا بَـدِيْعُ: جنهن کي کو سخت ڏکيو ڪم (**يا مسئلو**) درپيش هجي تہ اهو 70،000 (**ستر هزار**) ڀيرا پڙهي اِنْ شَآءَالله ڪاميابي ماڻيندو.

(95) يَـا بَـاقِيُ: جيڪو سج اُيرڻ کان اڳ ۾ 100 (سؤ) ڀيرا روز پڙهي اِنْ شَآءَالله ڏک کان محفوظ رهندو.

(96) يَـا وَارِثُ: جيڪو هن جو ورد ڪري اِنْ شَآءَالله سندس جمار ڊگهي ٿيندي.

(97) يَــا رَشِــيْدُ: جيڪو شخص ڪنهن ڪم جي تدبير (حڪمت عملي) نہ ڄاڻيندو هجي تہ اهو مغرب (سج لٿي) ۽ عشاءَ (سومهڻيءَ) جي وچ ۾ 1000 (هڪ هزار) ڀيرا پڙهي اِنْ شَآءَاللّٰہ صحيح تدبير سندس دل ۾ اچي ويندي.

(98) يَــا صَــبُوْرُ: جنهن کي ڏک، سُور، يا مُصيبت پيش اچي 33 (ٽيٽيهہ) ڀيرا پڙهي اِنْ شَآءَاللّٰہ سُڪون ملي ويندو.

(99) يَـا مُـؤَخِّرُ: جيڪو هن اسم شريف کي ڪنهن بہ نماز کانپوءِ 100 (سؤ) ڀيرا پڙهندو تہ اِنْ شَآءَاللّٰہ سندس دل **اللّٰہ** تعاليٰ جي محبت ۽ ان جي ياد ۾ رهندي.

## ختم قادريہ

## (1) درود غوثيہ 111 ڀيرا پڙهو

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ مَّعْدِنِ الْجُوْدِ وَالْكَرَمِ وَ اٰلِهٖ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ

## (2) ٽيون ڪلمو 111 ڀيرا پڙهو

سُبْحٰنَ اللّٰهِ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ وَلَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَ اللّٰهُ اَكْبَرُ وَلَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلاَّ بِاللّٰهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ

## (3) سوره الم نشرح 111 ڀيرا پڙهو

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

اَلَمْ نَشْرَحْ لَكَ صَدْرَكَ ﴿١﴾ وَوَضَعْنَا عَنْكَ وِزْرَكَ ﴿٢﴾ الَّذِيْٓ اَنْقَضَ ظَهْرَكَ ﴿٣﴾
وَرَفَعْنَا لَكَ ذِكْرَكَ ﴿٤﴾ فَاِنَّ مَعَ الْعُسْرِ يُسْرًا ﴿٥﴾ اِنَّ مَعَ الْعُسْرِ يُسْرًا ﴿٦﴾ فَاِذَا
فَرَغْتَ فَانْصَبْ ﴿٧﴾ وَاِلٰى رَبِّكَ فَارْغَبْ ﴿٨﴾

**(4) سورہ اخلاص 111 پیرا پڑھو**

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ﴿١﴾ اَللّٰهُ الصَّمَدُ ﴿٢﴾ لَمْ يَلِدْ ۙ وَلَمْ يُوْلَدْ ﴿٣﴾ وَلَمْ يَكُنْ
لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ ﴿٤﴾

(5) 111 پیرا — يَا بَاقِيْ اَنْتَ الْبَاقِيْ

111 پیرا — يَا شَافِيْ اَنْتَ الشَّافِيْ

111 پیرا — يَا كَافِيْ اَنْتَ الْكَافِيْ

**(6) 111 پیرا**

يَا رَسُوْلَ اللهِ اُنْظُرْ حَالَنَا — يَا حَبِيْبَ اللهِ اِسْمَعْ قَالَنَا

اِنَّنِيْ فِيْ بَحْرِ هَمٍّ مُّغْرَقٌ — خُذْ يَدِيْ سَهِّلْ لَنَا اَشْكَالَنَا

**(7) 111 پیرا**

يَا حَبِيْبَ الْاِلٰهِ خُذْ بِيَدِيْ — مَالِعَجْزِيْ سِوَاكَ مُسْتَنَدِيْ

(8) 111 **پیرا**

فَسَہِّلْ یَا اِلٰہِیْ کُلَّ صَعْبٍ　　　بِحُرْمَةِ سَیِّدِ الْاَبْرَارِ سَہِّلْ

(9) 111 **پیرا**

یَا صِدِّیْق یَا عُمَر یَا عُثْمَان یَا حَیْدَر

دَفعِ شَرْکُنْ خَیر آوَر یَا شَبِّیْرُ یَا شَبَّر

(10) 111 **پیرا**

یَا حَضْرَتْ سُلْطَانْ شَیْخ سَیِّد شَاہ عَبْدَ الْقَادِرْ جِیْلَانِیْ شَیْئًا لِّلّٰہِ اَلْمَدَدْ

(11) 111 **پیرا**

مَا ہَمَہ مُحْتَاجْ تو حَاجَتْ رَوَا　　　اَلْمَدَدْ یَاغَوْثِ اَعْظَمْ سَیِّدَا

(12) 111 **پیرا**

مُشْکِلَاتِ بے عَدَدْ دَارِیْم مَا　　　اَلْمَدَدْ یَا غَوْثِ اَعْظَمْ پِیْرِ مَا

(13) 111 **پیرا**

یَا حَضْرَتْ شَیْخ مُحْیُ الدِّیْن مُشْکِلْ کُشَا بِالْخَیْر

(14) 111 **پیرا**

www.dawateislami.net

اِمْدَادْ کُنْ اِمْدَادْ کُنْ اَزْ بَنْدِ غَمْ آزَادْ کُنْ دَرْدِیْن وَدُنْیَا شَادْ کُنْ یَا غَوْثِ اَعْظَم دَسْتُگِیْر

**(15) 111 پیرا**

یَا حَضْرَتْ غَوْث اَغِثْنَا بِاِذْنِ اللّٰہِ تَعَالٰی

**(16) 111 پیرا**

خُذْیَدِیْ یَا شَاہِ جِیْلَانْ خُذْیَدِیْ شَیْئًا لِّلّٰہِ اَنْتَ نُوْرُ اَحْمَدِیْ

**(17) 111 پیرا**

طُفَیْلِ حَضْرَتْ دَسْتُگِیْر دُشْمَنْ ہوے زَیْر

(18) سورہ یٰسین (19) قصیدہ غوثیہ (20) درود غوثیہ

## قصیدہ غوثیہ

سَقَانِی الْحُبُّ کَاْسَاتِ الْوِصَالِ فَقُلْتُ لِخَمْرَتِیْ نَحْوِیْ تَعَالِیْ

سَعَتْ وَمَشَتْ لِنَحْوِیْ فِیْ کُئُوْسٍ فَہِمْتُ بِسُکْرَتِیْ بَیْنَ الْمَوَالِیْ

فَقُلْتُ لِسَآئِرِ الْاَقْطَابِ لُمُّوْا بِحَالِیْ وَادْخُلُوْا اَنْتُمْ رِجَالِیْ

وَہُمُّوْا وَاشْرَبُوْا اَنْتُمْ جُنُوْدِیْ فَسَاقِی الْقَوْمِ بِالْوَافِیْ مَلَالِیْ

شَرِبْتُمْ فُضْلَتِیْ مِنْ بَعْدِ سُکْرِیْ وَلَا نِلْتُمْ عُلُوِّیْ وَاتِّصَالِیْ

مَقَامُکُمُ الْعُلٰی جَمْعًا وَّلٰکِنْ مَقَامِیْ فَوْقَکُمْ مَّازَالَ عَالِیْ

اَنَا فِیْ حَضْرَةِ التَّقْرِیْبِ وَحْدِیْ یُصَرِّفُنِیْ وَحَسْبِیْ ذُوالْجَلَالِ

اَنَـا الْبَـازِیُّ اَشْـهَبُ کُـلِّ شَـیْخٍ    وَمَنْ ذَا فِی الرِّجَالِ اُعْطِیَ مِثَالِیْ

کَسَـانِیْ خِلْعَـةً بِطِـرَازِ عَـزْمٍ    وَتَـوَّجَنِیْ بِتِیْجَـانِ الْکَمَـالِ

وَاَطْلَعَـنِیْ عَـلٰی سِـرٍّ قَـدِیْمٍ    وَقَـلَّدَنِیْ وَاَعْطَـانِیْ سُـؤَالِیْ

وَوَلَّانِیْ عَـلَی الْاَقْطَـابِ جَمْعًـا    فَحُکْمِـیْ نَافِـذٌ فِیْ کُـلِّ حَـالِ

فَلَـوْ اَلْقَیْـتُ سِـرِّیْ فِیْ بِحَـارٍ    لَصَـارَ الْکُـلُّ غَـوْرًا فِی الـزَّوَالِ

وَلَوْ اَلْقَیْـتُ سِـرِّیْ فِیْ جِبَـالٍ    لَدُکَّـتْ وَاخْتَفَـتْ بَـیْنَ الرِّمَـالِ

وَلَـوْ اَلْقَیْـتُ سِـرِّیْ فَـوْقَ نَـارٍ    لَخَمِدَتْ وَانْطَفَتْ مِنْ سِرِّ حَالِیْ

وَلَـوْ اَلْقَیْـتُ سِرِّیْ فَـوْقَ مَیْـتٍ    لَقَـامَ بِقُـدْرَةِ الْمَـوْلٰی تَعَـالِیْ

وَمَـا مِنْهَـا شُـهُوْرٌ اَوْ دُهُـوْرٌ    تَمُـرُّ وَتَنْقَضِـیْ اِلَّا اَتَـالِیْ

وَتُخْـبِرُنِیْ بِمَـا یَـاْتِیْ وَیَجْـرِیْ    وَتُعْلِمُـنِیْ فَاَقْصِـرْ عَـنْ جِـدَالِیْ

مُرِیْدِیْ هِمْ وَطِبْ وَاشْطَحْ وَغَنِّ    وَافْعَـلْ مَـا تَشَـاءُ فَالْاِسْـمُ عَـالِ

مُرِیْـدِیْ لَا تَخَـفْ اَللّٰهُ رَبِّیْ    عَطَـانِیْ رِفْعَـةً نِلْـتُ الْمَنَـالِیْ

طُبُوْلِیْ فِی السَّمَاءِ وَالْاَرْضِ دُقَّتْ    وَشَـاءُوْسُ السَّـعَادَةِ قَـدْ بَـدَا لِیْ

بِـلَادُ اللّٰهِ مُلْکِـیْ تَحْتَ حُکْمِـیْ    وَوَقْـتِیْ قَبْـلَ قَلْـبِیْ قَـدْ صَـفَا لِیْ

نَظَـرْتُ اِلٰی بِـلَادِ اللّٰهِ جَمْعًـا    کَخَـرْدَلَةٍ عَـلٰی حُکْـمِ اتِّصَـالِ

دَرَسْتُ الْعِلْمَ حَتّٰی صِـرْتُ قُطْبًـا    وَنِلْتُ السَّعْدَ مِنْ مَّوْلَی الْمَوَالِیْ

فَمَنْ فِیْ اَوْلِیَاءِ اللہِ مِثْلِیْ وَمَنْ فِی الْعِلْمِ وَالتَّصْرِیْفِ حَالِیْ
رِجَالِیْ فِیْ ھَوَاجِرِھِمْ صِیَامٌ وَفِیْ ظُلَمِ اللَّیَالِیْ کَاللَّاٰلِیْ
وَکُلُّ وَلِیٍّ لَّہٗ قَدَمٌ وَّاِنِّیْ عَلٰی قَدَمِ النَّبِیِّ بَدْرِ الْکَمَالِ
نَبِیٌّ ھَاشِمِیٌّ مَکِّیٌّ حِجَازِیٌّ ھُوَجَدِّیْ بِہٖ نِلْتُ الْمَوَالِیْ
مُرِیْدِیْ لَا تَخَفْ وَاشٍ فَاِنِّیْ عَزُوْمٌ قَاتِلٌ عِنْدَ الْقِتَالِ
اَنَا الْجِیْلِیُّ مُحْیِ الدِّیْنِ لَقَبِیْ وَاَعْلَامِیْ عَلٰی رَأْسِ الْجِبَالِ
اَنَا الْحَسَنِیُّ وَالْمُخْدَعُ مَقَامِیْ وَاَقْدَامِیْ عَلٰی عُنُقِ الرِّجَالِ
وَعَبْدُ الْقَادِرِ الْمَشْھُوْرُ اِسْمِیْ وَجَدِّیْ صَاحِبُ الْعَیْنِ الْکَمَالِ
تَقَبَّلْنِیْ وَلَا تَرْدُدْ سُؤَالِیْ اَغِثْنِیْ سَیِّدِیْ اُنْظُرْ بِحَالِیْ

## فضائل قصيده غوثيہ متبرڪ

**هي قصيدو** مبارڪ حضور سَيِّدُنا **غوث الاعظم، محبوب سبحاني، قطب رباني، شيخ عبدالقادر جيلاني** رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جي زبان فيضِ ترجمان مان ادا ٿيو آهي ۽ اسانجي **سلسلي عاليہ قادريہ** ۾ هن جو ورد ظاهري ۽ باطني دولت جي حصول جو سبب آهي. هن جا **اٺاويهہ اشعار** آهن. هن قصيدي شريف جو روزانو ورد تمام گهڻو مفيد آهي: ۽

﴿1﴾ **(تسخير خلائق يعني مخلوق کي قابو ڪرڻ) جي لاءِ** تمام گهڻو ڪارآمد آهي. ۽ قربِ خداوندي جي حصول جو ذريعو آهي.

﴿2﴾ هن قصيده مبارڪ جو ورد قوت حافظ کي وڌائيندو آهي.

﴿3﴾ هن قصيده شريف جي پڙهندڙ کي عربي پڙهڻ ۾ بصيرت حاصل ٿيندي آهي

﴿4﴾ هر مشڪل ۽ سخت ڪم جي لاءِ چاليهہ ڏينهن روزانو پڙهجي اِنْ شَآءَاللّٰه ڪاميابي ملندي.

﴿5﴾ جيڪو شخص هن قصيده شريف کي پنهنجي سامهون رکي ٽي ڀيرا پڙهي مقبول بارگاهِ غوثيت ٿيندو. ۽ حضور سَيِّدُنا غوث پاڪ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جي زيارت سان مشرف ٿيندو. اِنْ شَآءَاللّٰه

﴿6﴾ هر مرض ۽ تڪليف جي لاءِ ٽي يا پنج ڀيرا پڙهڻ مفيد آهي.

﴿7﴾ سنڍ (يعني جنهن کي اولاد نہ ٿيندو هجي) عورت هن قصيدي کي صحيح پڙهندڙ کان 41 يا 21 ڀيرا پڙهائي ڪري پاڻي تي دم ڪري چاليهہ ڏينهن پيئي تہ حاملہ ٿي ويندي ۽ حضور غوث پاڪ جي برڪت سان پٽ عطا ٿيندو.

﴿8﴾ (آسيب زده) ۽ جن واري مريض جي لاءِ روغن (يعني تيل) تي دم ڪري ان جي جسم تي مليو تہ جِن ختم ٿي ويندو. اِنْ شَآءَاللّٰه

﴿9 - 10﴾ ظالم کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جي لاءِ هر روز پڙهجي ڇوٽڪارو نصيب ٿيندو. ائين ئي دشمن ختم ٿي ويندا. اِنْ شَآءَاللّٰه

## ختم خواجگان

﴿1﴾ 7 ڀيرا سورة الفاتحہ

﴿2﴾ 100 ڀيرا درود شريف

﴿3﴾ 79 ڀيرا سوره الم نشرح

﴿4﴾ 100 ڀيرا سوره الاخلاص

www.dawateislami.net

﴿5﴾ 7 پيرا سوره الفاتحہ

﴿6﴾ 100 پيرا درود خضري

**درود خضري:** صَلَّى اللهُ عَلٰى حَبِيْبِهٖ مُحَمَّدٍ وَّاٰلِهٖ وَبَارَكْ وَسَلَّمْ ان کانپوءِ سيِ ڪڏجي ڪري هيٺ ڏنل هر هر ڪلمي کي 111 پيرا پڙهو:

| | |
|---|---|
| اَللّٰهُمَّ يَا قَاضِيَ الْحَاجَاتِ | اَللّٰهُمَّ يَا كَافِيَ الْمُهِمَّاتِ |
| اَللّٰهُمَّ يَا حَلَّ الْمُشْكِلَاتِ | اَللّٰهُمَّ يَا دَافِعَ الْبَلِيَّاتِ |
| اَللّٰهُمَّ يَا رَافِعَ الدَّرَجَاتِ | اَللّٰهُمَّ يَا مُنَزِّلَ الْبَرَكَاتِ |
| اَللّٰهُمَّ يَا شَافِيَ الْاَمْرَاضِ | اَللّٰهُمَّ يَا رَازِقَ الْعِبَادِ |
| اَللّٰهُمَّ يَا مُعْطِيَ الْخَيْرَاتِ وَالْحَسَنَاتِ | اَللّٰهُمَّ يَا مُجِيْبَ الدَّعْوَاتِ |
| اَللّٰهُمَّ يَا مُسَبِّبَ الْاَسْبَابِ | اَللّٰهُمَّ يَا مُفَتِّحَ الْاَبْوَابِ |
| اَللّٰهُمَّ يَا خَيْرَ النَّاصِرِيْنَ | اَللّٰهُمَّ يَا خَيْرَ الْحَافِظِيْنَ |
| اَللّٰهُمَّ يَا خَيْرَ الرَّازِقِيْنَ | اَللّٰهُمَّ يَا غِيَاثَ الْمُسْتَغِيْثِيْنَ |

اَغِثْنِيْ يَا رَسُوْلَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْكَ وَسَلَّمَ

اَلْمَدَدْ خَوَاهَمْ زِتو اے شَاهِ نَقْشْبَنْدْ

اَلْمَدَدْ خَوَاهَمْ زِتو اے غَرِيْب نَوَاز

اَلْمَدَدْ خَوَاهَمْ زِتو يَا شَهَابَ الدِّيْن سُهروَرْدِیْ

بِرَحْمَتِك يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# فيضانِ نوافل

## درود شريف جي فضيلت

**خاتم المرسلين** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان مَغفِرت نشان آهي: جڏهن خميس جو ڏينهن ايندو آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ فرشتن کي موڪليندو آهي جن وٽ چاندي جا ڪاغذ ۽ سون جا قلم هوندا آهن اُهي لکندا آهن، ڪير **خميس جي ڏينهن ۽ جمعي جي رات** مون تي وڌيڪ دورد شريف پڙهندو آهي. (ڪنز العمال، ج. 1،ص. 250، حديث 2174)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## الله عَزَّوَجَلَّ جو پيارو بڻجڻ جو نسخو

**حضرت سيدنا** ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان مروي آهي، حضور پاڪ صاحبِ لَولَاڪ، سَيَّاحِ اَفلَاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا تہ الله عَزَّوَجَلَّ فرمايو: ”جيڪو منهنجي ڪنهن **وليءَ** سان دشمني ڪري، ان کي مون اعلانِ جنگ ڏئي ڇڏيو. ۽ منهنجو ٻانهو جنهن شين جي ذريعي منهنجو قرب چاهي ٿو انهن مان مون کي سڀ کان وڌيڪ **فرائض** محبوب آهن ۽ **نفلن** جي ذريعي قرب حاصل ڪندو رهندو آهي ايستائين جو مان ان کي پنهنجو محبوب بڻائي وٺندو آهيان. جيڪڏهن اهو مون کان سوال ڪري تہ مان هُن کي ضرور ڏيندس ۽ پناهہ گهري تہ مان ان کي ضرور پناهہ ڏيندس. (صحيح البخاري، ج. 4، ص. 248، حديث 6502)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## صلوٰة الليل

**رات ۾ بعد نماز** عشاء جيڪي **نفل** پڙهيا وڃن انهن کي **صلوٰة الليل** چيو وڃي ٿو رات جا نفل ڏينهن جي **نفلن** کان بهتر آهن. صحيح مسلم شريف ۾ آهي: سَيِّدُ المُبلغِين، رَحمَة لِلعٰلَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: فرضن کان پوءِ افضل نماز رات جي نماز آهي.

(صحيح مسلم، ص. 591، حديث 1163)

## تهجد ۽ رات ۾ نماز پڙهڻ جو ثواب

**الله تبارڪ وتعالي** 21 **سيپاري سورة السجده آيت نمبر** 16، 17، **۾ ارشاد فرمائي ٿو.**

تَتَجَافٰى جُنُوْبُهُمْ عَنِ الْمَضَاجِعِ يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ خَوْفًا وَّطَمَعًا ۫ وَّمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ﴿۱۶﴾ فَلَا تَعْلَمُ نَفْسٌ مَّاۤ اُخْفِيَ لَهُمْ مِّنْ قُرَّةِ اَعْيُنٍ ۚ جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۷﴾

**ترجمو ڪنزالايمان**: انهن جا پاسا جدا هوندا آهن سمهڻ جي جاين کان ۽ پنهنجي رب کي پڪاريندا آهن. ڊڄندي ۽ اميد ڪندي ۽ اسانجي ڏني مان ڪجهه خيرات ڪندا آهن. پوءِ ڪنهن به ساهه کي معلوم نه آهي جيڪي اکيون ٺاريندڙ (نعمتون) انهن جي لاءِ لڪائي رکيون ويون آهن. سندن عملن جي انعام ۾."

صلوٰة الليل جو هڪ قسم **تهجد** آهي ته عشاء کانپوءِ رات ۾ سمهي ڪري اُٿجي پوءِ **نفل** پڙهجن. سمهڻ کان پهريان جيڪو ڪجهه پڙهبو اهو تهجد ناهي. گهٽ ۾ گهٽ تهجد جون به رڪعتون آهن ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان اٺن رڪعتن تائين ثابت آهن. (بهار شريعت، حصه 4 ص 26-27) هن ۾ قراءت جو اختيار آهي جيڪو وڻي سو پڙهي، بهتر هي آهي جيترو قرآن ياد آهي اهو سڀ پڙهي ونو نه ته هيئن به ٿي سگهي ٿو ته هر رڪعت ۾ **سورة فاتحه** کانپوءِ ٽي ٽي ڀيرا **سورة اخلاص** پڙهي ونو ڇو جو اهڙيءَ طرح هر رڪعت ۾ قرآن ڪريم ختم ڪرڻ جو ثواب

ملندو، ائين ڪرڻ بهتر آهي بهرحال **سورة فاتحہ** ڪانپوءِ ڪابہ **سورة** پڙهي سگهو ٿا. (ملخص از فتاويٰ رضويه مخرجه ج 7 ص 447 )

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب          صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## تهجد گذار جي لاءِ جنت جا عاليشان بالاخانا (يعني محلات)

**اَمِيرُا لمُومِنِين** حضرت سيدنا علي المرتضيٰ رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ سيّدالمبلغين، **رَحمَةٌ لِلْعٰلَمِيْن** صلى الله عليه واله وسلم جو فرمان دلنشين آهي: جنّت ۾ اهڙا (**بالاخانا يعني محلات**) آهن جن جو ٻاهر اندر ڪان ۽ اندر ٻاهرڪان ڏٺو ويندو آهي. هڪ **اعرابي** اُٿي عرض ڪيو: يارسول الله صلى الله عليه واله وسلم! اهي ڪنهن جي لاءِ آهن؟ پاڻ صلى الله عليه واله وسلم جن ارشاد فرمايو: هي ان جي لاءِ آهن جيڪو نرم گفتگو ڪري، ڪاڌو ڪارائي، لڳاتار روزا رکي ۽ رات جو اٿي ڪري الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ نماز پڙهي جڏهن ماڻهو ستا پيا هجن. (سنن الترمذي، ج. 4، ص. 237، حديث 2535، شعب الايمان، ج. 3، ص. 404، حديث 3892)

**مفسر شهير** حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان رحمة الله عليه **مراة المناجيح** جلد 2 صفحو 260 تي هن حديث جي حصي 'وَتَابَعَ الصِّيَامَ' "**يعني لڳاتار روزا رکي**" جي شرح ڪندي فرمائن ٿا تہ هميشہ روزا رکن سواءِ انهن پنج ڏينهن جي جنهن ۾ روزو رکڻ حرام آهي. يعني شوال جي پهرين ۽ **ذي الحج** جي ڏهين کان تيرهين تائين هيءَ حديث انهن ماڻهن جي دليل آهي جيڪي هميشہ روزو رکندا آهن. بعض فرمائن ٿا هن جي معنيٰ آهي هر مهيني ۾ مسلسل ٽي روزا رکن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب          صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ”تهجد گذار“ جي اٺ اٺن جي نسبت سان نيڪ ٻانهي ۽ ٻانهين جون 8 حڪايتون

### ﴿1﴾ سڄي رات نماز پڙهندا رهندا هئا

حضرت سيدنا عبد العزيز بن رواد رحمۃ اللہ علیہ رات جو سمهڻ لاءِ پنهنجي بستر تي ايندا هئا ۽ ان تي هٿ ڦيري ڪري چوندا هئا: ”تون نرم آهين پر الله عزوجل جو قسم! جنّت ۾ تو کان وڌيڪ نرم بسترو ملندو پوءِ سڄي رات نماز پڙهندا رهندا هئا.“ (احياءُ العلوم، ج. 1، ص. 467)

**الله رب العزت** عزوجل **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.** اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

بالیقین ایسے مسلمان ہیں بے حد نادان
جو کہ رنگینی دنیا پہ مرا کرتے ہیں

### ﴿2﴾ ماکي جي مک جي ڀُڻڪار جيئان آواز

**مشهور** صحابي **حضرت سيدنا** عبدالله بن مسعود رضی اللہ عنہ جڏهن ماڻهن جي سمهڻ ڪانپوءِ اٿي ڪري قيام (**يعني عبادت**) فرمائيندا هئا ته ان کان صبح تائين ماکي جي پوڙي جيئان آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هو. (احياءُ العلوم، ج. 1، ص. 467)

**الله رب العزت** عزوجل **جي انهن تي رحمت هجيءِ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.** اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

محبت میں اپنی گما یا الٰہی
نہ پاؤں میں اپنا پتا یا الٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب
صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿3﴾ مان جنت کيئن گھران!

**حضرت سيدنا** ناصِلَه بن اَشْيَم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سڄي رات نماز پڙهندا هئا جڏهن سحري جو وقت ٿيندو هو تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪندا هئا تہ **اِلٰهي** مون جهڙو ٻانهو جنّت نٿو گهري سگهي پر تون پنهنجي رحمت سان مونکي جهنّم کان پناهہ عطا فرماءِ. (احياءُ العلوم، ج. 1، ص. 467)

**الله رَب العزت** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.** اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

*تيرے خوف سے تيرے ڈر سے ہميشہ*
*ميں تھر تھر رہوں کانپتا يا الٰہی*

## ﴿4﴾ توهان جو والد اوچتو عذاب کان ڊڄندو آهي

**حضرت سيدنا** رَبِيع بِن خُثَيم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي نياڻي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي عرض ڪيو: بابا سائين! ڇا ڳالهہ آهي جو ماڻهو سمهي پوندا آهن ۽ توهان نہ سمهندا آهيو؟ تہ ارشاد فرمايائون ”نياڻي! تنهنجو پيءُ اوچتي عذاب کان ڊڄندو آهي جيڪو اوچتو رات جو اچي وڃي.“

**الله رب العزت** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.** اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

*گر تو ناراض ہوا میری ہلاکت ہوگی ہائے! میں نارِ جہنم میں جلوں گا یا رب!*

## ﴿5﴾ عبادت جي لاءِ جاڳڻ جو عجيب انداز

**حضرت سيدنا** صَفوان بن سُلَيم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جون پنيون نماز ۾ گهڻي دير ويهڻ جي ڪري سُڄي ويون هيون. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ايتري قدر ڪثرت سان عبادت ڪندا هئا جو جيڪڏهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي چيو وڃي

ها تہ سياڻي قيامت آهي تڏهن بہ پنهنجي عبادت ۾ اضافو نہ ڪري سگهن ها (**يعني ان وقت عبادت ۾ اضافي ڪرڻ جي لاءِ وقت جي گنجائش بہ نہ هئي**) جڏهن **سِياري جو موسم** ايندو هيو تہ پاڻ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه گهر جي ڇت تي سمهندا هئا تہ جيئن **سيءُ** پاڻ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه کي بيدار رکي ۽ جڏهن **گرمين جو موسم** ايندو هيو تہ پاڻ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه ڪمري جي اندر سمهندا هئا تہ جيئن گرمي ۽ تڪليف جي ڪري سمهي نہ سگهن (**ڇو تہ A.C تہ پري جي ڳالهہ آهي انهن ڏينهن ۾ بجلي وارو پکو بہ نہ هوندو هو**) سجدي جي حالت ۾ ئي پاڻ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جو انتقال ٿيو. پاڻ دعا ڪندا هئا تہ: اي الله عَزَّوَجَلَّ مان تنهنجي ملاقات کي پسند ڪندو آهيان تون بہ منهنجي ملاقات کي پسند فرماءِ.

(اتحاف السادة المتقين بشرح احياء العلوم الدين، ج۔ ۱۳، ص۔ ۲۳۷-۲۳۸)

**الله رب العزت** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.** اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

عفو کر اور سدا کے لئے راضی ہو جا

گر کرم کر دے تو جنت میں رہوں گا یارب!

## ﴿6﴾ روئندي روئندي نابينا ٿي وڃڻ واري خاتون

**حضرت سيدنا خواص** رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ اسان رحلہ عابده وٽ وياسين اها ڪثرت سان روزا رکندي هئي ۽ ايترو روئندي هئي جو ڪين جي نظر هلي وئي. ايترو ڪثرت سان نماز پڙهندي هئي جو بيهي نہ سگهندي هئي. تنهنڪري ويهي ڪري ئي نماز پڙهندي هئي اسان ان کي سلام ڪيوسين پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي عفو ۽ ڪرم جو تذڪرو ڪيوسين تہ جيئن ان تي معاملو آسان ٿي وڃي. انهيءَ اها ڳالهہ ٻڌي هڪ دانهن ڪئي ۽ فرمايائين، منهنجي نفس جو حال مونکي معلوم

www.dawateislami.net

آهي هن منهنجي دل کي زخمي ڪري ڇڏيو آهي ۽ جگر ٽڪڙا ٽڪڙا ٿي ويو آهي خدا جو قسم! مان چاهيان ٿي ته ڪاش! الله عَزَّوَجَلَّ مون کي پيدا ئي نه ڪيو هجي ها ۽ مان ڪا قابل ذڪر شيءِ نه هجان ها.“ اهو چئي وري نماز ۾ مصروف ٿي وئي. (احياءُ العلوم، ج. 5، ص. 152)

**الله رب العزت** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.** اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

آه سلب ایماں کا خوف کھائے جاتا ہے
کاش! میری ماں نے ہی مجھ کو نہ جنا ہوتا

## ﴿7﴾ موت جي ياد ۾ بيٺي رهڻ واري خاتون

**حضرت سيدتنا معاذه** عَدَوِيَّه، رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا روزانو صبح جي وقت فرمائيندي هئي ”**شايد**“ هي اهو ڏينهن آهي جنهن ۾ مونکي مرڻو آهي.“ پوءِ شام تائين ڪجهه نه کائيندي هئي پوءِ جڏهن رات ٿيندي هئي ته چوندي، (**شايد**) هي اها رات آهي جنهن ۾ مون کي مرڻو آهي“پوءِ صبح تائين نماز پڙهندي رهندي هئي. (ايضا ص 151)

**الله رب العزت** عَزَّوَجَلَّ **جي هن تي رحمت هجي انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.** اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مرا دل کانپ اٹھتا ہے کلیجہ منہ کو آتا ہے
کرم یا رب اندھیرا قبر کا جب یاد آتا ہے

## ﴿8﴾ آهه ۽ زاري ڪرڻ وارو خاندان

**حضرت سيدنا قاسم** بن راشد شيباني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه چون ٿا ته **حضرت سيدنا** زمعه رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **مُحَصَّب** (ڄڀهه جو نالو) ۾ رڪيل هئا پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

جي گھرواري ۾ نياڻيون بہ ساڻ هيون. پاڻ رَحْمَۃُاللهِ عَلَيْه رات جو اٿيا گھڻي دير تائين نماز پڙهندا رهيا جڏهن سحري جو وقت ٿيو تہ بلند آواز سان پُڪارڻ لڳا: ”اي رات جو (پڙاءُ) ڪرڻ واري قافلي جا مسافرو! ڇا سڄي رات سمهندا رهندؤ؟ ڇا اُٿي ڪري سفر نہ ڪندؤ؟ تہ اهي ماڻهو جلدي جاڳي پيا ۽ ڪٿان روئڻ جو آواز اچڻ لڳو ۽ ڪٿان دعا گھرڻ جو، هڪ طرف کان قرآن پاڪ پڙهڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو ۽ ٻئي پاسي ڪو وضو ڪري رهيو آهي. پوءِ جڏهن صبح ٿيو تہ پاڻ رَحْمَۃُاللهِ عَلَيْه بلند آواز سان پڪاريو. ”ماڻهو صبح جي وقت هلڻ کي سنو سمجهن ٿا.

**الله ربّ العزت** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.** اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

میرے غوث کا وسیلہ رہے شاد سب قبیلہ
انہیں خلد میں بسانا مدنی مدینے والے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نمازِ اشراق

**بہ فرامينِ مصطفٰي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ﴿1﴾ جيڪو نماز فجر باجماعت ادا ڪري ذڪر الله ڪندو رهي ايستائين جوسج بلند ٿي وڃي پوءِ بہ رڪعتون پڙهي تہ ان کي پوري حج ۽ عمري جو ثواب ملندو. (سنن الترمذي ج2 ص 100 حديث 586) ﴿2﴾ جيڪو شخص نماز فجر کان فارغ ٿيڻ کانپوءِ پنهنجي مصلي تي (**يعني جتي نماز پڙهي آهي**) ويٺو رهي ايستائين جو اشراق جا نفل پڙهي صرف خير ئي ڳالهائي تہ ان جا گناهہ بخشيا ويندا جيتوڻيڪ سمنڊ جي جهڳ کان بہ وڌيڪ هجن.

(سنن الترمذي، ج. 2، ص. 100، حديث 586)

**حديث پاڪ** جي هن حصي ”**پنهنجي مصلي تي ويٺو رهي**“ جي وضاحت ڪندي حضرت سَيِّدُنا ملا علي قاري رَحۡمَۃُاللہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا. يعني مسجد يا گهر ۾ هن حال ۾ رهي ته ذڪر يا غور ۽ فڪر ڪرڻ يا علم دين سکڻ سيکارڻ يا ”**بيت الله شريف** جي طواف ڪرڻ ۾ مشغول رهي“. نيز ”صرف خير ئي ڳالهائي“ جي باري ۾ فرمائن ٿا: ”يعني فجر ۽ اشراق جي وچ ۾ خير يعني ڀلائي ڪانسواءِ ٻي ڪابه گفتگو نه ڪري ڇو ته هي اها ڳالهه آهي جنهن تي ثواب مرتب ٿئي ٿو. (**يعني ملندو آهي**) (مرقاة، ج. 3، ص 396، تحت الحديث 1317)

**نماز اشراق جو وقت**: سج اڀرڻ کان پوءِ گهٽ ۾ گهٽ 20 يا 25 منٽ بعد کان وٺي ضحوة الڪبريٰ تائين نماز اشراق جو وقت رهندو آهي.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## نماز چاشت جي فضيلت

**حضرت سيدنا** ابوهريره رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي ته حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاحِ افلاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”جيڪو شخص چاشت جون ٻه رڪعتون پابندي سان ادا ڪندو رهي ان جا گناهه بخشيا ويندا آهن توڙي جو سمنڊ جي جهڳ جي برابر هجن. (سنن ابن ماجه، ج. 2، ص. 153-154، حديث 1382)

**نماز چاشت جو وقت**: هن جو وقت سج بلند ٿيڻ کان وٺي **زوال** يعني **نصف النهار شرعي** تائين آهي ۽ بهتر هي آهي ته چوٿائي ڏينهن چڙهڻ کان پوءِ پڙهي. (بهارشريعت، حصو 4، ص 25)

**نمازِ اشراق کان فورا بعد به چاهي ته پڙهي سگهجي ٿي.**

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

# صلوٰة التسبيح

**هن نماز** جو تمام گهڻو ثواب آهي، شهنشاهِ خوشخصال، پيڪرِ حسن وجمال، دافعِ رنج و ملال، صاحبِ جودو نوال، رسولِ بي مثال، بي بي آمنہ جي لال صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي چاچا جان **حضرت سيدنا** عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي ارشاد فرمايو تہ اي منهنجا چاچا: جيڪڏهن تي سگهي تہ **صلوٰة التسبيح** هر روز هڪ ڀيرو پڙهندو ڪر ۽ جيڪڏهن نہ تي سگهي تہ هر جمعي تي هڪ ڀيرو پڙهو، ۽ هي بہ نہ تي سگهي تہ هر مهيني ۾ هڪ ڀيرو ۽ هي بہ نہ سگهي تہ سال ۾ هڪ ڀيرو ۽ اهو بہ نہ تي سگهي تہ عمر ۾ هڪ ڀيرو. (سنن ابي داؤد، ج. 2، ص. 44-45، حديث 1297)

# صلوٰة التسبيح جو طريقو

هن نماز جو طريقو هي آهي تہ **تڪبير تحريمہ** کانپوءِ **ثناءَ** پڙهي پوءِ **پندرهن** ڀيرا هي تسبيح پڙهي:

سُبْحٰنَ اللهِ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ وَلَا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَاللهُ اَكْبَرُ

پوءِ اَعُوْذُ بِاللهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ۽ بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۽ سُورہ فَاتِحَه ۽ بي ڪا بہ سورة پڙهي ڪري رڪوع کان پهرين ڏهہ ڀيرا اها ئي تسبيح پڙهجي پوءِ رڪوع ڪجي ۽ رڪوع ۾ سُبْحٰنَ رَبِّيَ الْعَظِيْمِ تي ڀيرا پڙهي ڪري وري ڏهہ ڀيرا اها ئي تسبيح پڙهجي پوءِ رڪوع کان مٿي اُٿي سَمِعَ اللهُ لِمَنْ حَمِدَه ۽ اَللّٰهُمَّ رَبَّنَا وَلَكَ الْحَمْد پڙهي ڪري پوءِ بيٺي بيٺي اهائي تسبيح ڏهہ ڀيرا پڙهي پوءِ سجدي ۾ وڃي ۽ ٽي ڀيرا سُبْحٰنَ رَبِّيَ الْاَعْلٰى پڙهي پوءِ سجدي مان اٿي ۽ ٻنهي سجدن جي وچ ۾ ويهي ڪري ڏهہ ڀيرا اها تسبيح پڙهي پوءِ ٻئي سجدي ۾ وڃي سُبْحٰنَ رَبِّيَ الْاَعْلٰى ٽي ڀيرا پڙهي

پوءِ ان کانپوءِ اهائي تسبيح ڏهه ڀيرا پڙهي. اهڙيءَ طرح چار رڪعتون پڙهي ۽ ياد رهي ته قيام جي حالت ۾ سُورةفَاتِحَه کان پهريان پندرهن ڀيرا ۽ باقي هر جڳهه ڏهه ڏهه ڀيرا پڙهي ائين هر رڪعت ۾ 75 ڀيرا تسبيح پڙهي ويندي ۽ چئن رڪعتن ۾ تسبيح جي ڳڻپ 300 ڀيرا ٿيندي. (بهار شريعت حصو 4 ص 32) تسبيح آڱرين تي نه ڳڻي ائين به ٿي سگهي ٿو ڳڻپ ياد رکڻ لاءِ آڱرين کي زور ڏيندو وڃي. (ايضا ص 33)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## استخاره

**حضرت سيدنا** جابر بن **عبد الله** رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کان روايت آهي ته رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي سمورن ڪمن ۾ استخاري بابت فرمائيندا هئا جيئن قرآن جي سورت تعليم فرمائيندا هئا، فرمائن ٿا: ”جڏهن ڪو ڪنهن ڪم جو ارادو ڪري ته ٻه رڪعتون نفل پڙهي پوءِ چوي:

اَللّٰهُمَّ اِنِّیۡ اَسۡتَخِیۡرُكَ بِعِلۡمِكَ وَاَسۡتَقۡدِرُكَ بِقُدۡرَتِكَ وَاَسۡأَلُكَ مِنۡ فَضۡلِكَ الۡعَظِیۡمِ فَاِنَّكَ تَقۡدِرُ وَلَا اَقۡدِرُ وتَعۡلَمُ وَلَا اَعۡلَمُ وَ اَنۡتَ عَلَّامُ الۡغُیُوۡبِ اَللّٰهُمَّ اِنۡ كُنۡتَ تَعۡلَمُ اَنَّ هٰذَا الۡاَمۡرَ خَیۡرٌ لِّیۡ فِیۡ دِیۡنِیۡ وَمَعَاشِیۡ وَعَاقِبَةِ اَمۡرِیۡ اَوۡ قَالَ عَاجِلِ اَمۡرِیۡ وَاٰجِلِهٖ فَاقۡدِرۡهُ لِیۡ وَیَسِّرۡهُ لِیۡ ثُمَّ بَارِكۡ لِیۡ فِیۡهِ وَاِنۡ كُنۡتَ تَعۡلَمُ اَنَّ هٰذَا الۡاَمۡرَ شَرٌّ لِّیۡ فِیۡ دِیۡنِیۡ وَمَعَاشِیۡ

وَعَاقِبَةِ اَمْرِیْ اَوْ قَالَ فِیْ عَاجِلِ اَمْرِیْ وَاٰجِلِهٖ فَاصْرِفْهُ عَنِّیْ وَاصْرِفْنِیْ عَنْهُ وَاقْدِرْ لِیَ الْخَیْرَ حَیْثُ کَانَ ثُمَّ رَضِّنِیْ بِهٖ

**اي الله** عَزَّوَجَلَّ مان تنهنجي علم سان توکان خير (ڀلائي) گهران ٿو / ٿي ۽ توکان تنهنجو عظيم فضل گهران ٿو/ ٿي ڇو تہ تون قدرت رکين ٿو ۽ مان قدرت نٿو / نٿي رکان، تون سڀ ڪجهہ ڄاڻين ٿو ۽ مان نٿو / نٿي ڄاڻان ۽ تون تمام ڳجهين ڳالهين کي خوب ڄاڻين ٿو. **اي الله** عَزَّوَجَلَّ! جيڪڏهن تنهنجي علم ۾ هيءُ ڪم (جنهن جو مان ارادو رکان ٿو / ٿي) منهنجي دين ۽ ايمان ۽ منهنجي زندگي ۽ منهنجي پڇاڙي دنيا ۽ آخرت ۾ منهنجي لاءِ بهتر آهي تہ ان کي منهنجو نصيب ڪري ڇڏ ۽ مون لاءِ سولو ڪري ڇڏ پوءِ ان ۾ مون لاءِ برڪت ڪري ڇڏ. **اي الله** عَزَّوَجَلَّ جيڪڏهن تنهنجي علم ۾ اهو ڪم مون لاءِ برو آهي منهنجي دين ۽ ايمان ۽ منهنجي زندگي ۽ منهنجي پڇاڙي دنيا ۽ آخرت ۾ تہ ان کي مون کان ۽ مونکي ان کان ڦيري ڇڏ ۽ جتي بہ مون لاءِ بهتري هجي اهو منهنجو نصيب ڪري ڇڏ پوءِ ان سان مون کي راضي ڪري ڇڏ. (صحيح البخاري، ج. 1، ص. 393، حديث 1162، رد المحتار، ج. 2، ص. 569)

اَوْ قَالَ عَاجِلِ اَمْرِیْ ۾ اَوْ **شڪِ راوِي** (روايت ڪندڙ) جو شڪ آهي، فقهاء فرمائين ٿا تہ گڏ ڪجي يعني هيئن چئجي. وَعَاقِبَةِ اَمْرِیْ وَعَاجِلِ اَمْرِیْ وَاٰجِلِهٖ. (غنيه، ص. 431)

**مسئلو:** حج ۽ جهاد ۽ ٻين نيڪ ڪمن جي ڪرڻ يا نہ ڪرڻ لاءِ اِستِخارو نٿو ڪري سگهجي، ها وقت مقرر ڪرڻ لاءِ ڪري سگهجي ٿو. (غنيہ، ص 431)

## اِستِخاري جي نماز ۾ ڪهڙيون سورتون پڙهجن؟

**مستحب** (يعني پسنديده يا بهتر) هي آهي تہ هن دعا جي اول آخر اَلْحَمْدُ لله ۽ درود شريف پڙهي ۽ پهرين رڪعت ۾ قُلْ یٰۤاَیُّهَا الْکٰفِرُوْنَ

(سوره ڪافرون) ۾ ٻئي ۾ قُلۡ هُوَ اللّٰهُ (سوره اخلاص) پڙهجي ۾ ڪجهه مشائخ ڪرام فرمائين ٿا تہ پهرينءَ ۾

وَرَبُّكَ يَخۡلُقُ مَا يَشَآءُ وَيَخۡتَارُ ؕ مَا كَانَ لَهُمُ الۡخِيَرَةُ ؕ سُبۡحٰنَ اللّٰهِ وَتَعٰلٰى عَمَّا يُشۡرِكُوۡنَ ﴿۶۸﴾

وَرَبُّكَ يَعۡلَمُ مَا تُكِنُّ صُدُوۡرُهُمۡ وَمَا يُعۡلِنُوۡنَ ﴿۶۹﴾ (پ 20 القصص: 68،69)

۽ ٻئي ۾ وَمَا كَانَ لِمُؤۡمِنٍ وَّلَا مُؤۡمِنَةٍ اِذَا قَضَى اللّٰهُ وَرَسُوۡلُهٗۤ اَمۡرًا اَنۡ يَّكُوۡنَ لَهُمُ الۡخِيَرَةُ مِنۡ اَمۡرِهِمۡ ؕ وَمَنۡ يَّعۡصِ اللّٰهَ وَرَسُوۡلَهٗ فَقَدۡ ضَلَّ ضَلٰلًا مُّبِيۡنًا ﴿ؕ۳۶﴾ (پ 22 الاحزاب : 36) پڙهجي.

(رد المحتار، ج. 2، ص. 570)

**بهتر هيءَ آهي** تہ ست ڀيرا استخارو ڪجي جو هڪ حديث ۾ آهي ”اي اَنس! جڏهن توهان ڪنهن ڪم جو ارادو ڪريو تہ پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ ڪان ان بابت ست ڀيرا استخارو ڪريو ۽ ڏيان ڪر تہ تنهنجي دل ۾ ڇا ظاهر ٿيو ڇو تہ بيشڪ انهيءَ ۾ ڀلائي آهي.“ ( رد المحتار ج2 ص 570)

۽ **ڪجهہ** مشائخ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ ڪان نقل ٿيل آهي تہ ڄاڻايل دعا پڙهي پاڪائيءَ ۽ وضوءَ سان قبلي رخ سمهجي، جيڪڏهن خواب ۾ اڇاڻ يا ساوڪ ڏسجي تہ اهو ڪم بهتر آهي ڪاراڻ يا ڳاڙهاڻ ڏسجي تہ برو آهي ان ڪان بچجي.

**استخاري** جو وقت انهيءَ مهل تائين آهي جيستائين هڪ طرف خيال پوريءَ ريت پڪو نہ ٿي چڪو هجي. (بهار شريعت حصو 4 ص 32)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب    صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## صلوٰة الاوابين جي فضيلت

**حضرت سيدنا** ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ ڪان روايت آهي تہ تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوت، مخزن جود وسخاوت، پيڪرِ عظمت و شرافت،

محبوبِ ربُّ العزت، محسنِ انسانيت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو، ”جيڪو مغرب (**سج لٿي جي نماز**) ڪانپوءِ ڇهه رڪعتون هن ريت ادا ڪري جو انهيءَ وچ ۾ ڪوبه **برو لفظ** نه ڳالهائي ته اهي ڇهه رڪعتون **ٻارهن سالن** جي عبادت جي برابر هونديون.“ (سنن ابن ماجه، ج. 2، ص. 45، حديث 1167)

## اَوابِين جي نماز جو طريقو

**مغرب (سج لٿي)** جون ٽي رڪعتون فرض پڙهڻ ڪانپوءِ ڇهه رڪعتون هڪ ئي نيّت سان پڙهو، هر ٻن رڪعتن تي قعدو ڪجي ۽ ان ۾ اَلتَّحيات، دُرُودِ اِبْرَاهِيْمِیْ ۽ دُعا پڙهو، پهرين، ٽئين ۽ پنجين رڪعتن جي شروع ۾ ثناءَ ۽ تَعُوذ (**يعني اعوذ ۽ بسم اللّٰه**) به پڙهجي. ڇهين رڪعت جي قعدي کان پوءِ سلام ڦيرجي. پهريون ٻه رڪعتون سنّت مُؤَڪَّدَه ٿيون ۽ باقي چار نفل، اِها آهي اَوَّابِين (**يعني توبهه ڪرڻ وارن**) جي نماز. (الوظيفة الكريمة، ص. 24) چاهيو ته ٻه ٻه به پڙهي سگهو ٿا. **بهار شريعت حصو** 4 **صفحه** 15 ۽ 16 تي آهي: بعدِ مغرب ڇهه رڪعتون مستحب آهن جنهن کي **صلوة الاوَابِين** چئبو آهي، چاهي هڪ سلام سان سڀ پڙهجن يا ٻن سان يا ٽن سان ۽ ٽن سلامن سان يعني هر ٻن رڪعتن تي سلام ڦيرڻ افضل آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب          صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## تحية الوضو

**وضوءَ** ڪانپوءِ عضوا خشڪ ٿيڻ ڪان اڳ ٻه رڪعتون نماز پڙهڻ مستحب آهي. (در مختار، ج. 2، ص. 563) **حضرت سيدنا عُقبه** بِن عَامِر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي، فرمائن ٿا ته نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”جيڪو

شخص وضو ڪري“ ۽ پلو وضو ڪري ۽ ظاهر ۽ باطن جي ڌيان سان ٻه رڪعتون پڙهي، ان لاءِ جنّت واجب ٿي ويندي آهي. (صحيح مسلم، ص. 144، حديث 234)

غُسَل ڪان پوءِ ٻه ٻه رڪعتون نماز مُستَحَبّ آهي وَضُوءَ ڪانپوءِ فرض وغيره پڙهي ته اِهي تحية الوضو جي قائم مقام ٿي ويندا. (رد المحتار، ج. 2، ص. 563) مڪروهه وقت ۾ تحية الوضو ۽ غسل ڪان پوءِ واريون ٻه رڪعتون نه ٿا پڙهي سگهو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## صلوٰة الاسرار

**دُعَائُن** جي قَبولجڻ ۽ مُرادون پُوريون ٿيڻ لاءِ هڪ مُجرب (**يعني آزمايل**) نَماز صلٰوة الاسرار ٻه آهي جنهن کي اِمَام اَبُوالْحَسَن نُورُالدِّين عَلي بِن جَرِير لَخمِي شَطّنُوفِي جن بَهجَةُ الْاَسَرَار ۾ ۽ **حضرت** مُلا عَلي قَاري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ۽ شيخ عبدُالحَق مُحَدِث دهلوي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جن حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کان روايت ڪندي لکيو آهي. ان جي تَرڪِيب هيءَ آهي ته مَغرِب جي نماز ڪانپوءِ سُنّتون پڙهي ٻه رڪعتون نفلي نماز پڙهجي ۽ بهتر هي آهي ته اَلحَمۡدُ ڪان پوءِ هر رڪعت ۾ يارهن يارهن ڀيرا قُلۡ هُوَاللهُ پڙهجي سلام ڪانپوءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي **حمد و ثناءَ** ڪري، (**مثال طور**: واڪاڻ ۽ ثنا جي نيت سان سُورهٔ فَاتِحَه پڙهجي) پوءِ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي يارهن ڀيرا درود ۽ سلام عرض ڪجي ۽ يارهن ڀيرا هي چئجي:

يَا رَسُوۡلَ اللّٰهِ يَا نَبِيَّ اللّٰهِ اَغِثۡنِيۡ وَامۡدُدۡنِيۡ فِيۡ قَضَاءِ حَاجَتِيۡ يَا قَاضِيَ الۡحَاجَاتِ

**ترجمو** : **اي الله** عَزَّوَجَلَّ جا رسول! **اي الله** عَزَّوَجَلَّ جا نبي! منهنجي فرياد تي پهچو ۽ منهنجي مراد پوري ٿيڻ ۾ منهنجي مدد ڪريو، اي سموريون مرادون پوريون ڪرڻ وارا پوءِ عراق ڏانهن يارهن قدم هلجي ۽ هر قدم تي هيئن چئجي:

يَا غَوْثَ الثَّقَلَيْنِ يَا كَرِيْمَ الطَّرَفَيْنِ اَغِثْنِيْ وَامْدُدْنِيْ فِيْ قَضَاءِ حَاجَتِيْ يَا قَاضِيَ الْحَاجَاتِ

**ترجمو** اي انسانن ۽ جنّن جا فرياد رَس ! (**يعني دانهون ٻڌندڙ** ) ۽ اي ٻنهي طرفن (**يعني**: پيءُ ۽ ماءُ ٻنهي جي طرف کان) بزرگ! منهنجي فرياد لاءِ پهچو ۽ منهنجي مراد پوري ٿيڻ لاءِ منهنجي مدد ڪريو، اي سموريون مُرادون پوريون ڪرڻ وارا) پوءِ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي وسيلو بڻائي الله تعاليٰ کان پنهنجي مراد لاءِ دعا گهرجي. (**ترجمو پڙهڻ ضروري ناهي**)
(بهار شريعت، حصو 4، ص. 35، بهجة الاسرار، ص. 197)

حسنِ نيت ہو، خطا پھر کبھی کرتا ہی نہیں
آزمایا ہے یگانہ ہے دوگانہ تیرا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# صَلٰوةُ الحَاجَات

**حضرت سيدنا حذيفہ** رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ "جڏهن حضورِ پاڪ، نُورِ مُجَسّم، شَاهِ بَنِي آدَم، رَسُولِ مُحتَشَم، شَافِعِ اُمَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڪو اهم ڪم پيش ايندو هو تہ نماز پڙهندا هئا." (سنن ابي داؤد، ج. 2، ص. 52، حديث 1319)

ان جي لاءِ ٻہ يا چار رڪعتون پڙهجن. **حديث پاڪ ۾ آهي**: "پهرئين رڪعت ۾ سُوْرَهٔ فَاتِحَه ۽ ٽي ڀيرا **آيتُ الڪرسي** پڙهجي ۽ باقي ٽن رڪعتن ۾ سورة فاتحہ ۽ قُلْ هُوَاللهُ ۽ قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ الْفَلَقِ ۽ قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ النَّاسِ هڪ

هڪ پيرو پڙهجي ته اهي اهڙيون آهن جنهن شب قدر ۾ چار رڪعتون پڙهيون. (بهار شريعت حصو 4 ص 34 )

**مشائخ ڪرام** رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام فرمائين ٿا: اسان اها نماز پڙهي ۽ اسان جون مرادون پوريون ٿيون. (بهار شريعت حصو 4 ص 34 )

**حضرت سيدنا عبد الله بن اوفيٰ** رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا، جنهن جي ڪا چاهه (**مراد) الله** عَزَّوَجَلَّ جي طرف هجي يا ڪنهن بي آدم (**يعني انسان**) جي طرف ته چڱيءَ ريت وضو ڪري پوءِ ٻه رڪعتون نماز پڙهي الله عَزَّوَجَلَّ جي حمد ڪري ۽ نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود موڪلي پوءِ هي دعا پڙهي:

لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ سُبْحَانَ اللّٰهِ رَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ اَسْأَلُكَ مُوْجِبَاتِ رَحْمَتِكَ وَعَزَائِمَ مَغْفِرَتِكَ وَالْغَنِيْمَةَ مِنْ كُلِّ بِرٍّ وَّالسَّلَامَةَ مِنْ كُلِّ اِثْمٍ لَاتَدَعْ لِيْ ذَنْبًا اِلَّا غَفَرْتَهٗ وَلَا هَمًّا اِلَّا فَرَّجْتَهٗ وَلَا حَاجَةً هِيَ لَكَ رِضًا اِلَّا قَضَيْتَهَا يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ (سنن الترمذي، ج. 2، ص. 21، حديث 478)

**ترجمو**: الله عَزَّوَجَلَّ کانسواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي جيڪو حليم ۽ ڪريم آهي، پاڪ آهي الله عَزَّوَجَلَّ مالڪ آهي عظيم عرش جو، واکاڻ آهي الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ جيڪو پالڻهار آهي سموري جهان جو، مان توکان تنهنجي رحمت جا سبب گهران ٿو/ ٿي ۽ طلب ڪريان ٿو/ ٿي تنهنجي بخشش جا ذريعا ۽ هر نيڪيءَ جي غنيمت ۽ هر گناهه کان سلامتي ڪي، مون لاءِ ڪوبہ گناهه بغير مغفرت جي نہ ڇڏ ۽ هر غم کي ختم

فرماءِ ۽ جيڪا مراد تنهنجي راضپي جي مطابق آهي انکي پورو ڪر اي سمورن مهربانن کان وڏيڪ مهربان.

## انڌي کي اکيون ملي ويون

**حضرت سيدنا عثمان بن حنيف** رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي تہ هڪ نابين صحابيءَ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ بارگاهہ رسالت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو: **الله** عَزَّوَجَلَّ کان دعا گهرو تہ مونکي عافيت ڏئي. ارشاد فرمايائون: "جيڪڏهن تون چاهين تہ دعا ڪيان جيڪڏهن چاهين تہ صبر ڪر ۽ اهو تنهنجي لاءِ بهتر آهي." انهن عرض ڪيو: حضور! دعا فرمايو: تنهن تي ڪين حڪم فرمايائون تہ وُضو ڪريو ۽ چڱيءَ طرح وُضو ڪريو ۽ ٻہ رڪعتون نماز پڙهي ڪري هيءَ دعا پڙهو:

اَللّٰھُمَّ اِنِّیۡ اَسۡئَلُکَ وَاَتَوَسَّلُ وَاَتَوَجَّہُ اِلَیۡکَ بِنَبِیِّکَ مُحَمَّدٍ نَّبِیِّ الرَّحۡمَۃِ یَا رَسُوۡلَ اللہِ اِنِّیۡ تَوَجَّھۡتُ بِکَ اِلٰی رَبِّیۡ فِیۡ حَاجَتِیۡ ھٰذِہٖ لِتُقۡضٰی لِیۡ اَللّٰھُمَّ فَشَفِّعۡہُ فِیَّ

**ترجمو**: **اي الله** عَزَّوَجَلَّ! مان توکان سوال ٿو ڪريان ۽ وسيلو ونان ٿو ۽ تو ڏانهن ڌيان ڌريان ٿو تنهنجي نبي محمّد صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي ذريعي سان جيڪي رحمت ڀريا نبي آهن. **يارسول الله** صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مان اوهان جي ذريعي سان پنهنجي پالڻهار عَزَّوَجَلَّ ڏانهن هن مراد بابت ڌيان ڌريان ٿو، تہ جيئن منهنجي مراد پوري ٿئي. "**اِلاهي** عَزَّوَجَلَّ! سندن شفاعت منهنجي حق ۾ قبول فرماءِ"

---

(1) حديث پاڪ ۾ ان جڳهہ "يا محمد " (صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) آهي . پر مجدد اعظم، اعلي حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ "يا محمد (صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) چوڻ جي بجاءِ يا رسول الله (صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) چوڻ جي تعليم ڏني آهي .

www.dawateislami.net

**حضرت سيدنا عثمان بن حنيف** رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: ”**خدا** عَزَّوَجَلَّ **جو قسم**! اسان اجان اٿيا ئي ڪونہ هئاسين، ڳالهيون ئي ڪري رهيا هئاسين تہ هو اسان وٽ آيا، ڄڻ تہ هو ڪڏهن نابين هئا ئي ڪونہ.“

(سنن ابن ماجه، ج. 2، ص. 156، حديث 1385، سنن الترمذي، ج. 5، ص. 336، حديث 3579، المعجم الكبير، ج. 9، ص. 30، حديث 8311، بهارِ شريعت، حصو 4، ص. 34)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** شيطان جيڪو هي وسوسو وجهندو آهي تہ رڳو ”يا الله“ چوڻ گهرجي ”**يارسول الله**“ نہ چوڻ گهرجي، اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ ان حديث مبارڪ ۾ شيطان جي هن انتهائي خطرناڪ وسوسي ڪي بہ پاڙ کان پٽي ڇڏيو تہ جيڪڏهن ”**يارسول الله**“ جائز نہ هجي ها تہ پاڻ اسان جا پيارا آقا، مديني وارا مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اهو چوڻ جي تعليم ڇو ڏين ها؟ تنهن ڪري جهومي جهومي **يا رسول الله**“ جا نعرا لڳائيندا رهو.

يا رسول اللہ کے نعرے سے ہم کو پیار ہے
جس نے یہ نعرہ لگایا اس کا بیڑا پار ہے

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڪرهڻ جي نماز

**حضرت سيدنا ابو موسيٰ اشعري** رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ شهنشاهِ خوش خصال، پيڪرِ حسن وجمال، دافعِ رنج وملال، صاحبِ جود نوال، رسولِ بي مثال، بيبي آمنہ جي لال صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جن جي مبارڪ دور** ۾ هڪ ڀيري سج کي گرهڻ لڳو، پاڻ سڳورا صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **مسجد** تشريف وٺي ويا تمام ڊگهي قيام، رڪوع ۽ سجدن سان نماز پڑهيائون جو مون ڪڏهن بہ ڪين ائين ڪندي ڪونہ ڏٺو هو ۽ هي فرمايائون، تہ الله عَزَّوَجَلَّ ڪنهن جي موت ۽ حيات جي ڪارڻ پنهنجون اهي نشانيون

ظاهر ناهي فرمائيندو، بلڪ انهن سان پنهنجي ٻانهن کي ڊيڄاريندو آهي، تنهنڪري جڏهن انهن مان ڪجهہ ڏسو تہ گهٻرائي ڪري ذڪر، دعا ۽ استغفار (**توبهہ**) ڏانهن وڌو. (صحيح البخاري، ج. 1، ص. 363، حديث 1059)

**سج گرهڻ**: جي نماز سنّت مُؤَڪَدَه ۽ **چنڊ گرهڻ** جي نماز **مستحب** آهي. (در مختار، ج. 3، ص. 80)

## گرهڻ جي نماز پڙهڻ جو طريقو

**هيءَ** نماز ٻين نفلن وانگر ٻہ رڪعتون پڙهو يعني هر رڪعت ۾ هڪ رڪوع ۽ ٻہ سجدا ڪريو، نہ هن ۾ اذان آهي، نہ اقامت، نہ بلند آواز سان قراءَت ۽ نماز ڪانپوءِ دعا گهرندا رهو ايستائين جو سج نڪري وڃي ۽ ٻن رڪعتن کان وڌيڪ بہ پڙهي سگهو ٿا چاهي ٻہ ٻہ رڪعتن تي سلام ڦيريو يا چئن تي. (بهارشريعت حصو 4 ص 136)

**اهڙي وقت** گرهڻ لڳو جو ان وقت نماز پڙهڻ منع ٿيل آهي تہ نماز نہ پڙهو، بلڪ دعا ۾ مشغول رهو ۽ انهيءَ ئي حالت ۾ سج لهي وڃي تہ دعا ختم ڪري ڇڏيو ۽ مغرب جي نماز پڙهو. (الجوهرة النيرة، ص. 124، رد المحتار، ج. 3، ص. 78)

**نيز** انڌاري اچي يا ڏينهن جو سخت اونداهي ڇانئجي وڃي يا رات مهل خوفناڪ روشني ٿيڻ يا لاڳيتو ڪثرت سان مينهن وسي يا ڪثرت سان برف جا ڳڙا ڪرن يا **آسمان ڳاڙهو** ٿي وڃي يا **وِڄ ڪري** يا ڪثرت سان تارا ٽُٽن يا **طاعون** وغيره جي **وبا ڦهلجي** يا **زلزلا** اچن يا **دشمن جو ڀَؤُ** هجي ۽ ڪو **هيبانڪ** ڏارينڊڙ معاملو ٿي پوي تہ انهن سيني لاءِ ٻہ رڪعت نماز مستحب آهي. (عالمگيري، ج. 1، ص. 153، در مختار، ج. 3، ص. 80)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## توبہ جي نماز

**حضرت سيدنا** ابوبکر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ سياحِ افلاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمائن ٿا: "جڏهن ڪو بانهو گناهہ ڪري پوءِ وضو ڪري نماز پڙهي پوءِ استغفار (**توبهہ**) ڪري، الله تعالیٰ سندس گناهہ بخشي ڇڏيندو. **پوءِ هيءَ آيت پڙهيائون**

وَالَّذِيۡنَ اِذَا فَعَلُوۡا فَاحِشَةً اَوۡ ظَلَمُوۡۤا اَنۡفُسَهُمۡ ذَكَرُوا اللّٰهَ فَاسۡتَغۡفَرُوۡا لِذُنُوۡبِهِمۡ ۚ

وَمَنۡ يَّغۡفِرُ الذُّنُوۡبَ اِلَّا اللّٰهُ ۖ وَلَمۡ يُصِرُّوۡا عَلٰى مَا فَعَلُوۡا وَهُمۡ يَعۡلَمُوۡنَ ﴿۱۳۵﴾

**ترجمو ڪنزالايمان**: ۽ اهي جڏهن ڪا بي حيائي يا پاڻ تي ظلم ڪري ويهندا آهن تہ الله کي ياد ڪري پنهنجن گناهن جي معافي گهرندا آهن ۽ الله ڪانسواءِ ڪير گناهہ معاف ڪندو ۽ جيڪي ڪيائون تنهن تي ڄاڻي واڻي اصرار نہ ڪندا آهن.

(پ 4 ال عمران، آيت 135) (سنن الترمذي، ج. 1، ص. 415، حديث 406)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## عشاءَ (سومهڻي) ڪانپوءِ ٻن نفلن جو ثواب

حضرت سَيِّدُنا **عَبدُالله بِن عَباس** رَضِیَ اللہُ عَنۡہُمَا کان روايت آهي، پاڻ فرمايائون جيڪو عشاءَ ڪانپوءِ ٻہ رڪعتون پڙهندو ۽ هر رڪعت ۾ سُوۡرَہ فَاتِحَہ ڪانپوءِ پندرهن ڀيرا قُلۡ ھُوَاللہُ پڙهندو، الله تعالیٰ ان لاءِ جنّت ۾ ٻہ اهڙا محل تعمير ڪندو جنهن کي اهل جنّت ڏسندا. (تفسير در منثور ج8 ص 681)

### عصر جي سنتن بابت پياري مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جا ٻہ فرمان؛

﴿1﴾ جيڪو عصر (**ٽيپهريءَ جي فرض**) کان اڳ چار رڪعتون پڙهي، الله تعالیٰ سندس بدن کي باهہ تي حرام فرمائيندو.

(المعجم الكبير للطبراني ج23 ص 281 حديث 611)

﴿2﴾ جيڪو عصر (**ٽيپهريءَ جي فرض**) کان اڳ چار رڪعتون پڙهي تنهن کي باهه نه ڇُهندي. (المعجم الاسط للطبراني ج2 ص 77 حديث 2580)

## ظهر (ٻيپهريءَ) جي آخري ٻه نفلن جي ٻه چا ٻالهه ڪجي!

**ظهر** (**ٻيپهريءَ**) کانپوءِ چار رڪعتون پڙهڻ مستحب آهي جو حديث پاڪ ۾ فرمايو ويو: جنهن ظهر (**جي فرض**) کان اوّل چار ۽ بعد ۾ چار رڪعتن جي پابندي رکي، اللّٰه پاڪ مٿس باهه حرام فرمائي ڇڏيندو. (سنن النسائي ص 310 حديث 1813) **علام سيّد طحطاوي** رَحۡمَۃُاللہِعَلَیۡہ **فرمائين ٿا**: شروع کان ئي باهه ۾ داخل ڪونه ٿيندو ۽ سندس گناهه ميٽيا ويندا ۽ مٿس (**حقوق العباد يعني ٻانهن جي حق تلفين جا**) جيڪي مطالبا آهن اللّٰه تعاليٰ ان جي فريق (**فريادي**) کي راضي ڪري ڇڏيندو يا هي مطلب آهي ته اهڙي ڪمن جي توفيق ڏيندو جن تي سزا نه هجي. (حاشية الطحطاوي علي الدر ج1ص284) ۽ **علامه شامي** رَحۡمَۃُاللہِعَلَیۡہ **فرمائن ٿا**: ان جي لاءِ بشارت (**خوشخبري**) هيءَ آهي ته سعادت تي سندس خاتمو ٿيندو ۽ دوزخ ۾ ڪونه ويندو. (رد المحتار ج2 ص 547)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اَلۡحَمۡدُلِلّٰہ جتي ظهر جون ڏهه رڪعتون پڙهي وٺندا آهيو، اتي آخر ۾ وڌيڪ ٻه رڪعتون نفل پڙهي ٻارهين شريف جي نسبت سان ٻارهن رڪعتون ڪرڻ ۾ دير ئي ڪيتري لڳندي آهي ! استقامت سان (**آخري**) ٻه نفل پڙهڻ جي نيت فرمائي ڇڏيو.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# فيضانِ روزه

## درود شريف جي فضيلت

**رسولِ اکرم،** نُورِ مُجَسّم، رَحۡمَتِ عَالَم، شَاهِ بَنِي آدَم، رَسُولِ مُحۡتَشَم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمت نشان آهي: **قيامت جي ڏينهن الله** عَزَّوَجَلَّ جي عرش ڪانسواءِ ڪا ڇانوَ نه هوندي، ٿي شخص **الله** عَزَّوَجَلَّ جي عرش جي ڇانوَ ۾ هوندا. عرض ڪيو ويو: يا رسول **الله** صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهي ڪهڙا ماڻهو هوندا؟ ارشاد فرمايائون (1) اهو شخص جيڪو منهنجي امتيءَ جي پريشاني دور ڪري (2) منهنجي سنّت کي زنده ڪرڻ وارو (3) مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهڻ وارو.

(البدور السافرة في امورالاخرة للسيوطي رحمه الله، حديث 366 ص 131)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب          صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نفل روزن جا ديني ۽ دنياوي فائدا

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** فرض روزن کان علاوه **نفل روزن** جي به عادت بڻائڻ گهرجي ڇوته هن ۾ بيشمار ديني ۽ دنياوي فائدا آهن ۽ ثواب ته ايترو آهي جو دل چاهي ٿي ته بس روزا رکندا ئي رهون. وڏيڪ **ديني فائدن** ۾ ايمان جي حفاظت، جهنّم کان آزادي ۽ جنّت جي ملڻ جي بشارت آهي ۽ جيتري تائين دنياوي فائدن جو تعلق آهي ته روزي ۾ ڏينهن جو کائڻ پيئڻ ۾ خرچ ٿيڻ واري وقت ۽ اخراجات جي بچت، پيٽ جي اصلاح ۽ تمام گهڻين بيمارين کان حفاظت جو

سامان آهي ۽ تمام فائدن جو بنياد هي آهي تہ ان سان الله عَزَّوَجَلَّ راضي ٿيندو آهي.

## ”پيارا غوث پاڪ“ جي يارهن اکرن جي نسبت سان نفلي روزن جون 11 روايتون

## ﴿1﴾ جنت جو نرالو وڻ

**حضرت سيدنا** قيس بن زيد جُهني رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي. الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّه عَنِ الْعُيُوب صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي! ”جنهن **هڪ نفلي روزو** رکيو، الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ **جنت** ۾ هڪ وڻ لڳائيندو جنهن جو ميوو **ڏاڙهون**ءَ کان ننيو ۽ صوف کان وڏو هوندو. اهو (ميڻ کان الڳ نہ کيل) ماکيءَ جهڙو منو ۽ (ميڻ کان الڳ کيل خالص ماکيءَ وانگر) خوش ذائقہ هوندو. الله عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينهن روزيدار کي ان وڻ جو ميوو کارائيندو. (المعجم الکبير، ج. 18، ص. 366، حديث 935)

## ﴿2﴾ 40 ورهين جو فاصلو دوزخ کان دوري

**تاجدارِ مدينہ**، راحتِ قلب وسينہ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان خوشبودار آهي. ”جنهن ثواب جي اميد رکندي **هڪ نفلي روزو** رکيو الله عَزَّوَجَلَّ ان کي دوزخ کان **چاليهہ ورهين (جي فاصلي تائين)** پري فرمائيندو“. (کنز العُمال ج 8 ص 255 حديث 24148)

## ﴿3﴾ دوزخ کان 50 سال مسافت دوري

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي پياري نبي**، مکي مدني صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عافيّت نشان آهي، ”جنهن رِضاءِ اِلاهي عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ هڪ ڏينهن جو **نفلي** روزو رکيو تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي ۽ دوزخ جي وچ ۾ هڪ تيز

رفتار سوار جي پنجاهه سالن جي سفر جيترو فاصلو فرمائي ڇڏيندو“. (كنز العمال، ج. 8، ص. 255، حديث 24149)

## ﴿4﴾ زمين جيتري سون کان به وڌيڪ ثواب

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي پياري حبيب، حبيبِ لبيب،** اسان گناهن جي مريضن جي طبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رغبت نشان آهي ”جيڪڏهن ڪنهن هڪ ڏينهن جو **نفلي** روزو رکيو ۽ زمين جيترو **سون** ان کي ڏنو وڃي تڏهن به سندس ثواب پورو نه ٿيندو ان جو ثواب ته قيامت جي ڏينهن ئي ملندو“. (المسند ابي يعلي، ج. 5، ص. 353، حديث 6104)

## ﴿5﴾ جهنم کان تمام گهڻي دوري

**حضرت سيدنا عُتبه** بن عبد سُلمي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان مروي آهي ته **الله** عَزَّوَجَلَّ جي پياري رسول، رسولِ مقبول، سيّده آمنه جي باغ جي مهڪندڙ گل صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ رحمت نشان آهي: ”جنهن **الله** عَزَّوَجَلَّ جي راهه ۾ **هڪ ڏينهن جو فرض روزو رکيو الله** عَزَّوَجَلَّ ان کي جهنّم کان ايترو پري ڪري ڇڏيندو جيترو ستن زمينن ۽ آسمانن جي وچ وارو فاصلو آهي ۽ جنهن **هڪ ڏينهن جو نفلي** روزو رکيو **الله** عَزَّوَجَلَّ ان کي جهنّم کان ايترو پري ڪري ڇڏيندو جيترو **زمين** ۽ **آسمان** جو وچ وارو مفاصلو آهي. (المعجم الكبير، ج. 17، ص. 120، حديث 295)

## ﴿6﴾ هڪ روزو رکڻ جي فضيلت

**حضرت سيدنا ابوهريره** رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته نبي ڪريم، رؤفٌ رَّحيم، محبوبِ ربّ عظيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمت نشان آهي: ”جيڪو **الله** عَزَّوَجَلَّ **جي رضامندي جي لاءِ هڪ ڏينهن جو روزو** رکندو آهي **الله** عَزَّوَجَلَّ ان کي جهنّم کان ايترو پري ڪري ڇڏيندو آهي جيترو مفاصلو

هڪ ڪانءُ ننڍپڻ کان پوڙهو ٿي ڪري مرڻ تائين مسلسل اڏامندي طئي ڪري سگهي ٿو. (مُسند امام احمد بن حنبل ج3 ص 619 حديث 10810)

## ﴿7﴾ بهترين عمل

**حضرت سيدنا ابو اُمامہ** رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ فرمائن ٿا مون عرض ڪيو، يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مون کي ڪو عمل ٻُڌايو، "ارشاد فرمايائون: **روزا رکندا ڪريو** ڇو تہ ان جهڙو ڪو عمل ناهي". مون وري عرض ڪيو، مون کي ڪو عمل ٻُڌايو، "فرمايائون: روزا رکندا ڪريو ڇو تہ ان جهڙو ڪو عمل ناهي". مون وري عرض ڪيو، "مون کي ڪو عمل ٻُڌايو، "فرمايائون: روزا رکندا ڪريو ڇو تہ ان جو ڪو مثل ناهي.
(سنن النسائي، ج. 4، ص. 166)

## ﴿8﴾ روزا رکو صحت مند ٿي ويندؤ

**حضرت سيدنا ابوهريره** رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ راحتِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جهاد ڪندا ڪريو **خود ڪفيل** ٿي ويندؤ. روزا رکو **تندرست** ٿي ويندؤ ۽ سفر ڪريو **غني (يعني مالدار)** ٿي ويندؤ. (المعجم الاوسط ج6 ص 146 حديث 8312 )

## ﴿9﴾ سون جا دستر خوان

**حضرت سيدنا ابودرداء** رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ فرمايو: روزيدار جو هر وار ان جي لاءِ تسبيح ڪندوآهي، قيامت جي ڏينهن عرش جي هيٺان روزيدارن جي لاءِ موتين ۽ جواهر سان جڙيل سون جو اهڙو دستر خوان وڇايو ويندو جيڪو دنيا جي احاطي جي برابر هوندو، ان تي طرحين طرحين جا جنّتي کاڌا، شربت ۽ ميوا هوندا اُهي کائيندا پيئندا ۽ عيش و عشرت ۾ هوندا جڏهن تہ ماڻهو سخت حساب ۾ هوندا.
(الفردوس بما ثور الخطاب، ج 5 ص 490 حديث 8853)

## ﴿10﴾ هڏيون تسبيح ڪنديون آهن

**حضرت سيدنا بريده** رضی اللہ عنہ کان مروي آهي نبيءِ رَحمت، شفيعِ امت، مالڪِ جنّت، محبوبِ ربّ العزّت صلی اللہ علیہ والہٖ وسلم **(حضرتِ سَيِّدُنا) بِلال** رضی اللہ عنہ کي فرمايو، "اي بلال رضی اللہ عنہ! اچو ناشتو ڪريو"، تہ **(حضرتِ سَيِّدُنا) بِلال** رضی اللہ عنہ عرض ڪيو، "مان روزي سان آهيان". تہ رسول الله صلی اللہ علیہ والہٖ وسلم فرمايو: "اسان پنهنجو رزق ڪائي رهيا آهيون ۽ بِلال رضی اللہ عنہ جو رزق جنّت ۾ وڌي رهيو آهي". پوءِ فرمايائون، اي بِلال! ڇا توهان کي معلوم آهي تہ جيتري دير تائين ڪاڏو روزيدار جي سامهون ڪاڌو ويندو آهي تہ ان جون هڏيون تسبيح ڪنديون آهن ۽ فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا آهن." (سنن ابن ماجه ج2 ص348 حديث1749)

## ﴿11﴾ روزي جي حالت ۾ مرڻ جي فضيلت

**اُمُّ المومنين حضرتِ سيدتُنا عائشہ** صديقہ رضی اللہ عنہا کان روايت آهي سرڪارِ مدينہءِ منوره، سردارِ مڪہءِ مڪرمہ صلی اللہ علیہ والہٖ وسلم فرمايو، "جيڪو روزي جي حالت ۾ **مُئو،** الله تعالیٰ ان جي حساب ۾ قيامت تائين جا روزا لکي ڇڏيندو." (الفردوس بما ثور الخطاب ج3 ص 504 حديث5557)

## نيڪ ڪم جي دوران موت جي سعادت

سُبحٰنَ اللہ! خوش نصيب آهي اهو مسلمان جنهن کي روزي جي حالت ۾ موت اچي. بلڪ ڪنهن بہ نيڪ ڪم جي دوران موت اچڻ نهايت ئي چڱي علامت آهي. مثال طور باوضو يا نماز جي دوران مرڻ، **سفرِ مدينہ** جي دوران بلڪ مدينہءِ منوره ۾ روح قبض ٿيڻ، دورانِ حج مڪہءِ مڪرمہ، منيٰ، مزدلفه يا عرفات شريف ۾ فوتگي، دعوتِ اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي **مدني قافلي** ۾ **عاشقانِ رسول** سان

گڏ **سنتن ڀري سفر** جي دوران دنيا مان رخصت ٿيڻ، اهي سڀ اهڙيون عظيم سعادتون آهن جو اهي برڪتون خوشنصيبن کي ئي حاصل ٿينديون آهن ان سلسلي ۾ صحابهءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان **جون نيڪ** تمنائون بيان ڪندي حضرتِ سَيِّدُنا خَيْثَمَه رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ **فرمائن ٿا:** صحابهءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان **هن** ڳالهه کي پسند ڪندا هئا تہ انتقال ڪنهن چڱي ڪم مثال طور:حج، عمرو، غزوه (جهاد)، رمضان جي روزن وغيره کان پوءِ ٿئي.

## ڪالو چاچا جي ايمان افروز وفات

**چڱي ڪم جي** دوران موت اچي وڃڻ جي سعادت مقدر وارن جو ئي حصو آهي انهيءَ ضمن ۾ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ، دعوتِ اسلاميءَ جي **اجتماعي اعتڪاف** جي هڪ مدني بهار ملاحظہ فرمايو ۽ سڄي زندگي جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستہ رهڻ جو پڪو عزم ڪري ڇڏيو. جيئن تہ مدينة الاولياء احمد آباد شريف (**گجرات، الهند**) جا ڪالو چاچا (**عمر تقريبا 60 سال**) رمضان المبارڪ (1425هہ بمطابق 2004ع) جي آخري ڏهاڪي ۾ شاهي مسجد (**شاهہ عالم، احمد آباد شريف**) ۾ ٿيڻ واري عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جي اجتماعي اعتڪاف ۾ معتڪف ٿي ويا. هونئن تہ هي پهريان کان ئي **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستہ هئا پر **عاشقانِ رسول** سان گڏ اجتماعي اعتڪاف ۾ شرڪت ڪين پهريون ڀيرو نصيب ٿي هئي. ڪين اعتڪاف ۾گهڻو ڪجهہ سکڻ جو موقعو مليو ۽ گڏوگڏ دعوتِ اسلامي جي 72 مدني انعامات مان پهرين صف ۾ نماز پڙهڻ جي ترغيب واري ٻئي مدني انعام جو خوب جذبو مليو تنهنڪري انهن پهرين صف ۾ نماز پڙهڻ

جي عادت ٻڌائي ڇڏي. 2 شوال المکرم يعني **عيد الفطر** جي ٻئي ڏينهن ٿن ڏينهن جي مدني قافلي ۾عاشقانِ رسول سان گڏ سفر ڪيائون. مدني قافلي مان واپسيءَ جي پنجن ڇهن ڏينهن کان پوءِ يعني **11 شوال المکرم** (سن 1425هه، 2004ع) تي سندن جو ڪنهن ڪم سان بازار وڃڻ ٿيو. مصروفيّت ٻه هئي پر ڪين دير ٿيڻ جي صورت ۾ پهرين صف رهجي وڃڻ جو خدشو هو. تنهنڪري سڄو ڪم ڇڏي ڪري مسجد جو رخ ڪيائون ۽ اذان کان پهريان ئي مسجد ۾ پهچي ويا، وضوڪري جيئن ئي بيٺا ته ڪِري پيا، ڪلمو شريف ۽ درود پاڪ پڙهندي ئي سندس روح جسم کان جدا ٿي ويو.

اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّاۤ اِلَيۡهِ رٰجِعُوۡنَ

اَلۡحَمۡدُلِلّٰه **اجتماعي اعتڪاف جي برڪت سان مدني انعامات مان ٻيو نمبر مدني انعام يعني پهرين صف ۾ نماز پڙهڻ جي ملندڙ جذبي ڪالو چاچا کي انتقال جي وقت بازار جي غفلت ڀري فضائن کان ڪٽي مسجد جي رحمت ڀرين فضائن ۾ پهچائي ڇڏيو ۽ ڪيتري خوش نصيبي جو آخري وقت ڪين ڪلمو ۽ درود شريف نصيب ٿي ويو.** سُبۡحٰنَ اللّٰه**! جنهن کي مرڻ گهڙي ڪلموشريف نصيب ٿي وڃي ان جو قبر ۽ حشر ۾ ٻيڙو پار آهي. جيئن ته نبيءِ رحمت، شفيعِ امت، مالڪِ جنّت، محبوبِ ربّ العزّت** عَزَّوَجَلَّ **جن جو فرمانِ جنّت نشان آهي. جنهن جو آخري ڪلام:** لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ **هجي، اهو جنّت ۾ داخل ٿيندو.** (ابوداود شريف ج3 ص 132 حديث 3116) وڏيڪ دعوتِ اسلامي جي **مدني ماحول جي برڪت** ٻُڌو: جيئن ته انتقال کان ڪجهه ڏينهن پوءِ سندن پٽ خواب ۾ ڏٺو ته (سندس والد مرحوم) يعني ڪالو چاچا **سفيد لباس** پهريل مٿي تي **سبز سبز عمامي شريف** جو تاج سجائي مُسڪرائيندي چئي رهيا آهن: پٽ!

**دعوتِ اسلامي** جي مدني ڪمن ۾ لڳل رهو ڇوته انهيءَ مدني ماحول جي برڪت سان مون تي ڪرم ٿيو آهي.

موت فضل خدا سے ہو ایماں پر، مدنی ماحول میں کر لو اعتکاف
رب کی رحمت سے پاؤ گے جنت میں گھر، مدنی ماحول میں کر لو اعتکاف

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هر مهيني ٽي روزا رکڻ جو ثواب

**هر مدني مهيني (يعني سن هجري جي مهينن)** ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽي روزا هر اسلامي ڀاءُ ۽ اسلامي ڀيڻ کي رکڻ ئي گهرجن. ان جا بيشمار دنياوي ۽ اخروي فائدا ۽ فضائل آهن. بهتر هي آهي ته هي روزا "**ايام بِيض**" يعني چنڊ جي 13، 14 ۽ 15 تاريخ تي رکيا وڃن.

## "يارب محمد" جي اٺ اکرن جي نسبت سان ايام بِيض جي روزن جي متعلق 8 روايتون

﴿1﴾ **اُمُّ المومنين سيّدتنا حَفصَه** رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا کان روايت آهي، **الله** عَزَّوَجَلَّ جا پيارا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **چئن شين کي نه ڇڏيندا هئا.** ﴿1﴾ **عاشورا (ڏهين محرم)** ۽ ﴿2﴾ **عَشَرهِ ذُوالْحَجَّه** ۽ ﴿3﴾ **هر مهيني ۾ ٽن ڏينهن جا روزا** ۽ ﴿4﴾ **فجر** (جي فرض) **کان پهريان ٻه رکعتون (يعني ٻه سنّتون)**. (سنن النسائي، ج. 4، ص. 220)

﴿2﴾ **حضرت سيدنا ابنِ عباس** رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ **کان روايت آهي ته طبيبن جا طبيب، الله جا حبيب** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **ايام بِيض ۾ روزي جي بغير نه هوندا هئا نه سفر ۾ نه حضر ۾.** (سنن نسائي ج 4ص 198)

﴿3﴾ اُمُّ الْمؤمنين **حضرتِ سيدتنا** عائشه صديقہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا روايت فرمائن ٿيون: "منهنجا سرتاج صاحبِ معراج صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **هڪ** مهيني ۾ **ڇنڇر،** آچر ۽ سومر جو جڏهن تہ ٻئي مهيني **اڱارو، اربع** ۽ **خميس** جو روزو رکندا هئا." (سنن ترمذي ج2 ص186حديث746)

﴿4﴾ **حضرت سيدنا** عثمان بن ابوعاص رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: مان سرڪارِ دو عالم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم، رسولِ **محتشم** صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻُڌو، "جهڙي طرح توهان مان ڪنهن وٽ جنگ ۾ بچاءَ جي لاءِ ڍال هوندي آهي اهڙيءَ طرح روزو جهنّم کان توهان جي ڍال آهي ۽ هر مهيني ٽي ڏينهن روزا رکڻ بهترين روزا آهن." (صحيح ابنِ خزيمه ج 3 ص 301 حديث 2125)

﴿5﴾ هر مهيني ۾ ٽن ڏينهن جا روزا اهڙا آهن جيئن دهر (يعني هميشہ ) جو روزو. (صحيح بخاري ج1 ص 649 حديث1975)

﴿6﴾ **رمضان** جا روزا ۽ هر مهيني ۾ ٽن ڏينهن جا روزا **سيني جي خرابيءَ** کي ختم ڪندا آهن. (مُسند امام احمد ج9 ص 36 حديث 23132)

﴿7﴾ **جنهن** کان ٿي سگهي هر مهيني ۾ **ٽي روزا** رکي جو هر روزو ڏهہ گناهہ مٽائيندو آهي ۽ گناهن کان ائين پاڪ ڪري ڇڏيندو آهي جيئن پاڻي ڪپڙي کي. (طبراني في المعجم الكبير ج 25 ص35 حديث 60)

﴿8﴾ **جڏهن** بہ مهيني ۾ **ٽي روزا** رکڻا هجن تہ تيرهين، چوڏهين ۽ پندرهين جو رکو. (سنن النسائي ج4 ص 221)

## ”مصطفيٰ“ جي پنجن اکرن جي نسبت سان سومر شريف ۽ خميس جي روزن جي متعلق 5 احاديث مبارڪ

﴿1﴾ **حضرت سيدنا** ابوهريره رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان مروي آهي. رسول الله عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمائن ٿا. سومر ۽ خميس تي اعمال پيش ٿيندا آهن تہ مان پسند ڪريان ٿو تہ منهنجو عمل ان وقت پيش ٿئي جو مان روزيدار هجان. (سنن ترمذي ج2 ص 747)

﴿2﴾ الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **سومر** شريف ۽ **خميس** جا روزا رکندا هئا انهيءَ جي باري ۾ عرض ڪيو ويو تہ فرمايائون، هنن ٻنهي ڏينهن ۾ الله تعالىٰ هر مسلمان جي مغفرت فرمائيندو آهي پر اهي ٻہ شخص جن پاڻ ۾ جُدائي ڪري ڇڏي آهي انهن جي متعلق ملائڪن کي فرمائيندو آهي انهن کي ڇڏي ڏيو ايتري تائين جو صلح ڪري وٺن. (ابن ماجہ ج 2 ص 344 حديث1740)

﴿3﴾ **اُمُّ الْمُومنين حضرتِ سيدتنا** عائشه صديقہ رَضِیَ اللہُ عَنۡہَا فرمائن ٿيون، منهنجا سرتاج صاحبِ معراج صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **سومر** ۽ **خميس** جو خاص خيال ڪري روزا رکندا هئا. (سنن ترمذي ج2 ص186 حديث745)

﴿4﴾ **حضرت سيدنا** اَبُو قَتَاده رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ فرمائن ٿا، سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار، رسولن جي سالار، نبين جي سردار صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان **سومر شريف** جي روزي جو سبب پُڇيو ويو تہ فرمايائون، انهيءَ ۾ منهنجي ولادت ٿي، انهيءَ ڏينهن ۾مون تي (پهرين) وحي نازل ٿي. (صحيح مسلم ص 591 حديث1162)

﴿5﴾ **حضرت سيدنا** اسامه بن زيد رَضِیَ اللہُ عَنۡہُمَا جي غلام رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان مروي آهي، فرمائن ٿا تہ سَيِّدُنا اسامه بن زيد رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ سفر ۾ بہ **سومر** ۽ **خميس** جا روزا ترڪ نہ فرمائيندا هئا. مون سندن جي بارگاهہ ۾ عرض

ڪيو تہ ڇا سبب آهي جو اوهان هن وڏي عمر ۾ بہ **سومر** ۽ **خميس** جا روزا رکندا آهيو؟ فرمايائون، رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **سومر** ۽ **خميس** جا روزا رکندا هئا. تہ مون عرض ڪيو، يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڇا سبب آهي جو اوهان **سومر** ۽ **خميس** جا روزا رکندا آهيو؟ تہ ارشاد فرمايائون ماڻهن جا اعمال **سومر** ۽ **خميس** جو پيش ڪيا ويندا آهن.

(شعب الايمان، ج۔ 2، ص۔ 392، حديث 3859)

## ”ڪيني“ جي تعريف

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هنن احاديثِ مبارڪ مان معلوم ٿيو تہ **سومر شريف** ۽ **خميس** جو بارگاهِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ ٻانهن جا اعمال پيش ڪيا ويندا آهن ۽ هنن ٻنهي ڏينهن ۾ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي رحمت سان مسلمانن جي مغفرت فرمائي ڇڏيندو آهي. پر پاڻ ۾ ڪنهن دنياوي سبب جي ڪري جدائي ڪرڻ وارن کي ناهي بخشيو ويندو. واقعي هي تمام ڳڻتيءَ جوڳي ڳالهہ آهي. اڄ جي دور ۾ شايد ئي ڪو **ڪيني** کان محفوظ هجي. دل جي لڪيل دشمنيءَ کي ڪينو چوندا آهن. انهيءَ ڪري اسان غور ڪريون جنهن جنهن مسلمان جي لاءِ دل ۾حسد ويهجي ويو هجي ان کي ختم ڪرڻ گهرجي. خاص طور تي خانداني جهيڙا هجن تہ پاڻ اڳتي وڌي صلح جي ترڪيب ٺاهڻ گهرجي، **اخلاص** سان مڪمل ڪوشش جي باوجود بہ جيڪڏهن جُدائي ختم ڪرڻ ۾ ناڪامي ٿئي تہ اڳيرائي ڪرڻ وارو اِنْ شَآءَ الله آزاد ٿي ويندو. بهرحال **سومر شريف** ۽ **خميس** تي اسان جا مٺا مٺا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم روزو رکندا هئا. سومر شريف جي روزي جو هڪ سبب پنهنجي ولادت بہ ٻُڌايائون جڻ سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هر سومر شريف جو روزو رکي پنهنجي ولادت جو ڏينهن ملهائيندا هئا.

## ”جنت“ جي ٺن اٺن جي نسبت سان اربع ۽ خميس جي روزن جا 3 فضائل

(1) **حضرت سيدنا** عبد الله ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کان روايت آهي. الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري رسول، سيده آمنہ جي گلشن جي مهڪندڙ گل صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ بشارت نشان آهي، جيڪو **اربع** ۽ **خميس** جا روزا رکي ان جي لاءِ جهنّم کان آزادي لکي ويندي آهي.
(مسند ابي يعلي، ج. 5، ص. 115، حديث 5610)

(2) **حضرت سيدنا** مُسلم بن عُبيد الله قَرَشي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ پنهنجي والدِ مڪرّم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت ڪن ٿا تہ انهن بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ يا تہ پاڻ عرض ڪيو يا ڪنهن ٻئي دريافت ڪيو، يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آءُ **هميشہ روزو** رکان؟ سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن خاموش** رهيا. پوءِ ٻئي ڀيري عرض ڪيو، وري خاموشي اختيار فرمايائون. ٽئين ڀيري پُڇڻ تي وراڻيائون تہ روزي جي متعلق ڪنهن سوال ڪيو؟ عرض ڪيم، مون يا نبي الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تہ جواب ۾ ارشاد فرمايائون، بيشڪ توهان تي توهان جي گهر وارن جو حق آهي توهان **رمضان** ۽ ان جي ملندڙ مهيني (**شوال**) ۽ هر **اربع** ۽ **خميس** جو روزو رکو پوءِ جيڪڏهن توهان ائين ڪندؤ تہ ڄڻ توهان هميشہ جا روزا رکيا. (شعب الايمان ج3 ص395 حديث3868)

**(3)** ”جنهن **رمضان، شوال، اربع** ۽ **خميس** جو روزو رکيو تہ اهو جنّت ۾ **داخل ٿيندو**“. (السنن الڪبرٰي للنسائي، ج. 3، ص. 395، حديث 3868)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب      صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ”ڪـــرم“ جي ٽن اکرن جي نسبت سان
## اربع، خميس ۽ جمعي جي روزن جا 3 فضائل

(1) حضرت سيدنا عبدالله ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کان روايت آهي، ٻنهي جهانن جي سردار، رحمة للعالمين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي، جنهن **اربع، خميس** ۽ **جمعي** جا روزا رکيا الله تعالیٰ ان جي لاءِ جنّت ۾ هڪ گهر ٺاهيندو جنهن جا ٻاهريان حصا اندر کان ڏسڻ ۾ ايندا ۽ اندريان ٻاهر کان. (مجمع الزوائد ج3 ص، 452، حديث 5204)

(2) **حضرت سيدنا** انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ (يعني **اربع، خميس ۽ جمعي جا روزا رکڻ واري جي لاءِ جنت ۾**) موتي ۽ ياقوت ۽ زمرد جو **محل** ٺاهيندو ۽ ان جي لاءِ دوزخ کان براءَت (يعني آزادي) لکي ويندي. (شعب الايمان ج3 ص 397 حديث3873)

(3) **حضرت سيدنا** عبدالله ابنِ عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا جي روايت ۾ آهي، جيڪو هنن ٽن ڏينهن جا روزا رکي پوءِ جمعي جو ٿورو يا گهڻو تصدق (**يعني خيرات**) ڪري تہ جيڪي گناهہ ڪيا آهن، بخشيا ويندا ۽ اهڙو ٿي ويندو جيئن ان ڏينهن پنهنجي ماءُ جي پيٽ مان پيدا ٿيو.
(المعجم الڪبير ج12 ص266 حديث13308)

## ”يا نُــور“ جي پنج اکرن جي نسبت سان
## جمعي جي روزن جي متعلق 5 فضائل

(1) **سرڪارِ مدينہ**، قرارِ قلب و سينہ، فيضِ گنجينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مبارڪ آهي ”جنهن جمعي جو روزو رکيو تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان کي آخرت جي ڏهن ڏينهن جي برابر اجر عطا فرمائيندو ۽ انهن (ڏينهن) جو تعداد دنيا جي ڏينهن جهڙو ناهي“. (شعب الايمان ج 3 ص393 حديث3862)

صرف **جمعي** جو روزو نہ رکو ان سان گڏ **خميس** يا **ڇنڇر** ملائي ڇڏيو.
(اڪيلو جمعي جو روزو رکڻ جي ممانعت واري حديثِ پاڪ اڳتي اچي رهي آهي).

**(2) حضرت سيدنا** ابو امامه رضی اللہ عنہ کان مروي آهي تہ مديني جي تاجوَر، شفيع روزِ محشر، محبوبِ ربِّ اڪبر صلی اللہ علیہ والہ وسلم جو فرمانِ روح پرور آهي، ”جنهن **جمعو** ادا ڪيو (**يعني جمعي جي نماز ادا ڪئي**) ۽ ان ڏينهن جو **روزو** رکيو ۽ مريض جي عيادت ڪئي ۽ جنازي سان گڏ ويو ۽ نڪاح جي گواهي ڏني تہ ان جي لاءِ جنّت واجب ٿي وئي“. (المعجم الکبیر، ج 8، ص97، حديث 7484)

**(3) حضرت سيدنا** ابو هريره رضی اللہ عنہ کان مروي آهي، رسول الله صلی اللہ علیہ والہ وسلم ارشاد فرمايو. ”جنهن روزي جي حالت ۾ **جمعي** جي ڏينهن جو صبح ڪيو ۽ مريض جي عيادت ڪئي ۽ جنازي سان گڏ ويو ۽ صدقو ڪيو تہ ان پنهنجي لاءِ جنّت واجب ڪري ڇڏي“. (شعب الایمان، ج. 3، ص. 394، حديث 3864)

**(4) حضرت سيدنا** جابر بن عبدالله رضی اللہ عنہ کان مروي آهي تہ رسول الله صلی اللہ علیہ والہ وسلم فرمايو: ”جنهن جمعي جي ڏينهن **روزو** رکيو ۽ مريض جي **عيادت** ڪئي ۽ مسڪين کي **ڪاڌو** کارايو ۽ جنازي سان گڏ هليو تہ ان کي چاليهن سالن جا گناهہ لاحِق (**يعني ساڻ**) نہ هوندا.

(شعب الایمان، ج. 3، ص. 394، حديث 3865)

**(5) حضرت سيدنا** عبد الله بن مسعود رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا، سرڪارِ مدينه صلی اللہ علیہ والہ وسلم **جن** تمام گهٽ **جمعي** جو روزو ترڪ فرمائيندا **هئا**. (شعب الایمان، ج. 3، ص. 394، حديث 3865)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جهڙي طرح **عاشوري** جي روزي کان پهريان يا بعد ۾ هڪ روزو رکڻو آهي اهڙيءَ طرح **جمعي** ۾ بہ ڪرڻو آهي، ڇو تہ

خصوصيّت سان اڪيلي **جمعي** يا ڇنڇر جو روزو رکڻ مڪروهِ تنزيهي (**يعني ناپسند**) آهي. ها جيڪڏهن ڪنهن مخصوص تاريخ جو **جمعو** يا ڇنڇر اچي ويو تہ رُڳو **جمعو** يا **ڇنڇر** جو روزو رکڻ ۾ ڪراهت ناهي. مثال طور 15 شعبان المعظم، 27 رجب المرجب وغيره.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## "فضل" جي ڏينهن جي نسبت سان صرف جمعي جو روزو رکڻ جي ممانعت ۾ ٽي روايتون

**(1) حضرت سيدنا** ابوهريره رضي الله عنه روايت ڪن ٿا، مون تاجدارِ مدينهٴ منوره، سردارِ مڪهٴ مڪرمه صلّى الله عليه واله وسلّم کي فرمائيندي ٻُڌو، "توهان مان ڪو هرگز **جمعي** جو روزو نہ رکي پر هي تہ ان کان پهريان يا بعد ۾ هڪ ڏينهن ملائي ڇڏي." (صحيح البخاري، ج. 1، ص. 653، حديث 1985)

**(2) حضرت سيدنا** ابوهريره رضي الله عنه نبي ڪريم، رؤف رحيم عليه افضل الصلاة والتسليم کان روايت ڪندي فرمائن ٿا تہ پاڻ سڳورن صلّى الله عليه واله وسلّم ارشاد فرمايو: راتين مان **جمعي** جي رات کي قيام جي لاءِ خاص نہ ڪريو ۽ نہ ئي ڏينهن جي دوران **جمعي جي ڏينهن** کي روزي سان خاص ڪريو پر هي جو توهان اهڙي روزي ۾هجو جيڪو توهان کي رکڻو هجي. (صحيح مسلم ص 576 حديث 1144)

**(3) حضرت سيدنا** عامر بن لُدَين اشعري رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون رسول الله صلّى الله عليه واله وسلّم کي فرمائيندي ٻڌو، "**جمعي** جو ڏينهن توهان جي لاءِ **عيد** آهي هن ڏينهن روزو نہ رکو پر هي جو ان کان پهريان يا بعد ۾ بہ روزو رکو. (الترغيب و الترهيب ج2 ص81 حديث1592)

**هنن ٻنهي حديثن مان** معلوم ٿيو ته صرف **جمعي** جو روزو نه رکڻ گهرجي. ها جيڪڏهن ڪو خاص سبب هجي مثال طور 27 ستاوهين رجب المرجب **جمعي** جو ٿي وئي ته هاڻي رکڻ ۾ حرج ناهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڇنڇر ۽ آچر جي روزن جي فضائل تي مشتمل 2 روايتون

**حضرت** سيّدتنا ام سلمه رضی اللہ عنہا کان مروي آهي ته رسول الله صلَّى الله عليه واله وسلَّم **ڇنڇر** ۽ **آچر** جو روزو رکندا هئا ۽ فرمائيندا هئا، "هي ٻئي (**ڇنڇر** ۽ **آچر**) مشرڪن جي عيد جا ڏينهن آهن ۽ مان چاهيان ٿو ته انهن جي مخالفت ڪريان". (ابن خزيمه ج3 ص318 حديث2167)

**رکو ڇنڇر** جو روزو رکڻ منع آهي. تنهنڪري حضرتِ سَيِّدُنا عبد الله بن بُسر رضی اللہ عنہ پنهنجي ڀيڻ رضی اللہ عنہا کان روايت ڪن ٿا ته رسول الله صلَّى الله عليه واله وسلَّم ارشاد فرمايو: "ڇنڇر جي ڏينهن جو روزو فرض روزن کان علاوه نه رکو. حضرتِ سَيِّدُنا امام ابوعيسیٰ ترمذي رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا ته هي حديث حَسَن آهي ۽ هتي **ممانعت** مان مراد ڪنهن شخص جو ڇنڇر جي روزي کي خاص ڪري ڇڏڻ آهي ڇوته يهودي ان ڏينهن جي **تعظيم** ڪندا آهن". (جامع ترمذي ج2 ص186 حديث744)

## "يا سلطانِ مدينه" جي ٻارهن اکرن جي نسبت سان نفلي روزن جا 12 مدني ڦل

**(1)** ماءُ پيءُ جيڪڏهن اولاد کي **نفل** روزي کان ان لاءِ منع ڪن جو بيماريءَ جو انديشو آهي ته ماءُ پيءُ جي اطاعت ڪري. (رد المحتار ج3 ص478)

**(2)** **مڙس** جي اجازت کان بغير گهر وارِي **نفلي** روزو نہ ٿي رکي سگهي. (درمختار رد المحتار، ج 3، ص477)

**(3)** **نفلي** روزو ڄاڻي واڻي شروع ڪرڻ سان پورو ڪرڻ واجب ٿي ويندو آهي جيڪڏهن ٽوڙيندو تہ قضا واجب ٿيندي. (درمختار ج3 ص473)

**(4)** **نفلي** روزو ڄاڻي واڻي نہ ٽوڙيائين بلڪہ بي اختيار ٽُٽي پيو مثال طور عورت کي روزي جي دوران حيض اچي ويو تہ روزو ٽُٽي پيو پر قضا واجب آهي. (ايضا 374)

**(5)** **نفلي** روزو بنا عذر جي ٽوڙڻ ناجائز آهي. مهمان سان گڏ جيڪڏهن ميزبان نہ کائيندو تہ ان کي يعني مهمان کي سُنو نہ لڳندو. يا مهمان جيڪڏهن کاڌو نہ کائي تہ ميزبان کي اذيت ٿيندي تہ **نفلي** روزو ٽوڙڻ جي لاءِ هي عذر آهي پر شرط هي آهي تہ يقين هجي تہ ان جي قضا رکي سگهندو ۽ هي بہ شرط آهي تہ ضحوهٔ ڪبرىٰ (زوال) کان پهريان ٽوڙي **بعد** ۾ نہ. (درمختار، رد المحتار ج3 ص475)

**(6)** **والدين** جي ناراضگيءَ جي سبب ٽيپهريءَ کان پهريان تائين **نفلي** روزو ٽوڙي سگهي ٿو. ٽيپهريءَ **کان بعد** نہ. (درمختار، رد المحتار ج3 ص477)

**(7)** **جيڪڏهن** ڪنهن اسلامي ڀاءَ دعوت ڪئي تہ ضحوهٔ ڪبرىٰ (زوال) کان پهريان **نفلي** روزو ٽوڙي سگهي ٿو. پر قضا واجب آهي. (درمختار ج3 ص477)

**(8)** **هن** طرح نِيَّت ڪئي تہ "ڪٿي دعوت ٿي تہ روزو ناهي ۽ نہ ٿي تہ آهي". هي نيّت صحيح ناهي. بهرحال روزيدار ناهي. (عالمگيري ج1 ص195)

**(9) ملازم** يا مزدور جيڪڏهن نفلي روزو رکن ۽ ڪم پورو نہ ٿا ڪري سگهن تہ ”سيٺ“ (يعني جنهن ملازمت يا مزدوري تي رکيو آهي) جي اجازت ضروري آهي ۽ جيڪڏهن ڪم پورو ڪري سگهن ٿا تہ اجازت جي ضرورت ناهي. (درمختار ج3 ص478)

**(10)** حضرت سيدنا داؤد عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام هڪ ڏينهن ڇڏي هڪ ڏينهن روزو رکندا هئا. اهڙيءَ طرح روزا رکڻ کي ”صومِ داؤدي“ چئبو آهي ۽ اسان جي لاءِ هي افضل آهي. جيئن تہ رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: افضل روزو منهنجي ڀاءُ داؤد (عَلَیْہِ السَّلَام) جو روزو آهي جو اهي هڪ ڏينهن روزو رکندا هئا ۽ هڪ ڏينهن نہ رکندا هئا ۽ دشمن جي مقابلي کان فرار نہ ٿيندا هئا.“ (جامع ترمذي ج2 ص197 حديث770)

**(11)** حضرت سيدنا سليمان عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ٽي ڏينهن مهيني جي شروع ۾، ٽي ڏينهن وچ ۾ ۽ ٽي ڏينهن آخر ۾ روزا رکندا هئا ۽ اهڙيءَ طرح مهيني جي شروعات، وچ ۽ آخر ۾ روزيدار رهندا هئا. (ڪنزالعمال، ج 8 ص304 حديث24624)

**(12) سڄو** سال روزا رکڻ مڪروهِ تنزيهي آهي. (در مختار ج 3 ص 3337)

**يا ربِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اسان کي زندگي، صحت ۽ فرصت (واندڪائي) کي غنيمت ڄاڻيندي خوب خوب **نفلي روزا** رکڻ جي سعادت عطا فرماءِ، انهن کي قبول بہ ڪر ۽ اسان جي مٺي مٺي محبوب صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سڄي امت جي مغفرت فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# مبارڪ مهينا

## درود شريف جي فضيلت

حضرت سيدنا ابودرده رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي ته شفيع المذنبين، رحمة للعالمين صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ارشاد دلنشين آهي:

مَنْ صَلّٰى عَلَيَّ حِيْنَ يُصْبِحُ عَشْرًا وَحِيْنَ

يُمْسِيْ عَشْرًا اَدْرَكَتْهُ شَفَاعَتِيْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

**ترجمو:** جن مون تي صبح ۽ شام ڏهه ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو اهو قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت حاصل ڪندو. (مجمع الزوائد ج10 ص 163 حديث (17022

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب          صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## محرم الحرام

**اسلامي** سال محرم الحرام جي مهيني کان شروع ٿيندو آهي. اهو تمام گهڻو عظمت ۽ برڪت وارو مهينو آهي، جيڪو اسان کي صبر ۽ ايثار جو درس ڏيندو آهي. ان مبارڪ مهيني ۾ عبادت ڪرڻ ۽ روزو رکڻ جي باري ۾ گهڻا فضائل لکيا پيا آهن، ۽ پڻ هن ئي مهيني ۾ يوم عاشوره پنهنجي خصوصِيات جي ڪري ممتاز آهي.

## رمضان کان پوءِ افضل روزا

**حضرت سيدنا** ابوهريره رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي رسولِ اکرم، نورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم، شافعِ امم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جن فرمائن** ٿا: "رمضان کان پوءِ محرم جو روزو افضل آهي ۽ فرض کان پوءِ افضل نماز **صلوٰة الليل (يعني رات جا نوافل)** آهي. (صحيح مسلم، ص. 591، حديث 1163)

## هڪ مهيني جي روزن جو ثواب

**طبيبن جي طبيب،** الله جي حبيب، حبيبِ لبيب صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمت نشان آهي، "محرم جي هر ڏينهن جو روزو هڪ مهيني جي روزن جي برابر آهي." (المعجم الصغير للطبراني ج2 ص71)

## "اُن حسين ابن حيدر تي لک هزار سلام" جي پنجويهه اکرن جي نسبت سان يوم عاشوره تي واقع ٿيڻ وارا 25 اهم واقعا

﴿1﴾ 10 محرم الحرام عاشورا جي ڏينهن **حضرت سيدنا** آدم صفي الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي توبهه قبول ڪئي وئي. ﴿2﴾ انهيءَ ڏينهن کين پيدا ڪيو ويو. ﴿3﴾ انهيءَ ڏينهن کين جنّت ۾ داخل ڪيو ويو. ﴿4﴾ انهيءَ ڏينهن عرش ﴿5﴾ ڪرسي ﴿6﴾ آسمان ﴿7﴾ زمين ﴿8﴾ سج ﴿9﴾ چنڊ ﴿10﴾ ستارا ۽ ﴿11﴾ جنّت پيدا ڪيا ويا ﴿12﴾ انهيءَ ڏينهن **حضرت سيدنا** ابراهيم خليل الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام پيدا ٿيا ﴿13﴾ انهيءَ ڏينهن کين باهه کان نجات ملي ﴿14﴾ انهيءَ ڏينهن **حضرت سيدنا** موسيٰ ڪليم الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ۽ سندن امت کي نجات ملي ۽ فرعون پنهنجي قوم سميت غرق ٿيو. ﴿15﴾ **حضرت سيدنا** عيسیٰ روح الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام پيدا ڪيا ويا ﴿16﴾ انهيءَ ڏينهن آسمان ڏانهن کين کنيو ويو ﴿17﴾ انهيءَ ڏينهن **حضرت سيدنا** نوح عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي ٻيڙي جُودي پهاڙ تي بيني. ﴿18﴾ انهيءَ ڏينهن **حضرت سيدنا** سليمان عَلٰی

نَبِيِّنَا وَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي مُلڪِ عظيم عطا ڪيو ويو ﴿19﴾ انهيءَ ڏينهن **حضرت سيدنا** يونس عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام مڇيءَ جي پيٽ مان ڪڍيا ويا ﴿20﴾ انهيءَ ڏينهن **حضرت سيدنا** يعقوب عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي نظر جو ضعف ختم ٿيو ﴿21﴾ انهيءَ ڏينهن **حضرت سيدنا** يوسف عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام اونهي کوھ مان ڪڍيا ويا ﴿22﴾ انهيءَ ڏينهن **حضرت سيدنا** ايوب عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي تڪليف ختم ڪئي وئي ﴿23﴾ آسمان کان زمين تي سڀ کان پهرين برسات انهيءَ ڏينهن تي نازل ٿي ۽ ﴿24﴾ انهيءَ ڏينهن جو روزو امتن ۾ مشهور رهيو ايتري تائين جو اهو به چيو ويو ته ان ڏينهن جو روزو رمضان المبارڪ کان پهريان فرض هو پوءِ منسوخ ڪيو ويو. (مڪاشفة القلوب، ص. 650) ﴿25﴾ امام الهُمام، امامِ عالي مقام، امامِ عرش مقام، امام تشنه ڪام، سَيِّدُنا امام حسين رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ کي شهزادن ۽ رفيقن سميت ٽي ڏينهن بُکيو رکڻ کانپوءِ انهيءَ عاشوره جي ڏينهن ڪربلا جي ميدان ۾ انتهائي بيدرديءَ سان شهيد ڪيو ويو.

## عاشوره جي ڏينهن گهر وارن تي خرچ ڪرڻ جون برڪتون

**حضرت** سَيِّدُنا عبد الله بن مسعود صحابي رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا ته نور جي پيڪر، سيني نبين جي سرور، **سلطان بحروبر** صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو آهي ته جيڪو شخص عاشوره جي ڏينهن پنهنجي گهر وارن جي کاڌي ۾ اضافو ڪندو يعني پيٽ ڀري ماني کارائيندو ته الله تعاليٰ سڄو سال ان جي رزق ۾ زيادتي ۽ **خير** و برڪت عطا فرمائيندو. (ما ثبت من السنة، شهر الحرام، ص. 17)

## سڄو سال بيمار نه ٿئي

**مفسرِ** شهير حڪيم الامت حضرتِ مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا، جيڪو محرم جي **نائين** ۽ **ڏهين** جو روزو رکي ته تمام

گھڻو ثواب ماڻيندو. ٻارن ٻچن جي لاءِ **ڏهين محرم** جو خوب سنا سنا کاڌا پچائي تہ اِنْ شَآءَاللّٰہ سڄي سال تائين گهر ۾ برڪت رهندي. بهتر آهي تہ کِچڙو پچائي حضرت شهيد ڪربلا سَيِّدُنا امام حسين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي فاتحه ڪري تمام گهڻو مُجرّب (**يعني موثر ۽ آزمايل**) آهي. انهيءَ تاريخ يعني **10** محرم الحرام تي **غسل** ڪري تہ سڄو سال اِنْ شَآءَاللّٰہ بيمارين کان امن ۾ رهندو ڇو تہ انهيءَ ڏينهن **آبِ زم زم** سيني پاڻين ۾ پهچي ويندو آهي. (اسلامي زندگي، ص، 131 مکتبة المدينه، روح البيان ج4 ص142 ڪوئٽه) سَرورِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّى اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، جيڪو شخص عاشوره جي ڏينهن اِثْمد سرمو اکين ۾ لڳائي تہ اکيون ڪڏهن بہ نہ اٿنديون. (شعب الايمان ج3 ص367 حديث3797)

## عاشوره جي خيرات جي برڪت

**عاشورا** جي ڏينهن ملڪ "**ري**" ۾ قاضي صاحب وٽ هڪ سوالي اچي عرض گذار ٿيو: مان هڪ تمام گهڻو غريب ۽ ٻارن ٻچن وارو ماڻهو آهيان توهان ڪي عاشوره جي ڏينهن جو واسطو! منهنجي لاءِ بہ سير مانيءِ، پنج سير گوشت ۽ ڏهہ درهمن جو انتظام فرمائي ڇڏيو، الله تعاليٰ توهان جي عزت ۾ برڪت ڏئي. قاضي صاحب وراڻيو: ٻيپهريءَ کان پوءِ اچجاءِ. فقير ظهر (**ٻيپهريءَ**) کان پوءِ آيو تہ چيائين: عصر (**ٽيپهريءَ**) کان پوءِ اچجاءِ. اهو ٽيپهريءَ کان پوءِ آيو تڏهن بہ ڪجهہ نہ ڏنائين خالي هٿين موڪلي ڇڏيائين. فقير جو دل ٽٽي پيو. اهو نااميد ۽ اداس (**رنجيده**) ٿي هڪ نصرانيءَ (**عيسائي**) وٽ پهتو ۽ هن کي چيائين: اڄ جي مقدس ڏينهن جي صدقي مونکي ڪجهہ ڏي. هن پڇيو: اڄ ڪهڙو ڏينهن آهي؟ جواب ڏنائين: اڄ يوم عاشوره (**يعني عاشوره جو ڏينهن**) آهي. اهو چوڻ کان پوءِ عاشوره جا ڪجهہ فضائل بيان ڪيائين. هن ٻڌي ڪري چيو توهان وڏي

عظمت واري ڏينهن جو واسطو ڏنو، پنهنجي ضرورت بيان ڪر. سائل (يعني سوال ڪرڻ واري) اها ئي ضرورت بيان ڪئي. هن شخص ڏهه پوريون ڪڻڪ، سؤ سير گوشت ۽ ويهه درهم ڏيندي چيائين: اهو توهان جي اهل و عيال (گهر وارن) جي لاءِ سڄي زندگي هر مهيني هن ڏينهن جي فضيلت ۽ حرمت جي صدقي مقرر آهي. رات جو قاضي صاحب خواب ڏٺو ته ڪو چئي رهيو آهي نظر ڪٽي ڏس! جڏهن نظر ڪيائين ته ٻه عاليشان محل ڏسڻ ۾ آيا، هڪ چاندي ۽ سون جي سِرن جو ۽ ٻيو ڳاڙهي ياقوت جو هيو. قاضيءَ پڇيو: اهي ٻئي محل ڪنهن جا آهن؟ جواب مليو، جيڪڏهن تون سائل (سوال ڪرڻ واري) جي ضرورت پوري ڪري ڇڏين ها ته اهي توکي ملن ها پر جيئن ته تو هن کي ڌِڪا کارائڻ کان پوءِ به ڪجهه نه ڏنو ان جي لاءِ هاڻي اهي ٻئي محل فلاڻي نصرانيءَ (عيسائي) جي لاءِ آهن. قاضي صاحب بيدار ٿيو ته تمام گهڻو پريشان هيو. صبح ٿيندي ئي نصراني (عيسائيءَ) وٽ ويو ۽ ان کان پڇيائين ته ڪلهه تو ڪهڙي ”نيڪي“ ڪئي آهي؟ هن پڇيو، توهان کي ڪيئن خبر پئي؟ قاضي صاحب پنهنجو خواب ٻڌايو، ۽ پيشڪش ڪيائين ته مون کان هڪ لک درهم وٺ ۽ ڪلهه جي ”نيڪي“ مون کي وڪڻي ڇڏ! نصرانيءَ چيو: مان سڄي زمين جي دولت وٺي به ان کي ڪونه وڪڻندس، رب العزت عَزَّوَجَلَّ جي رحمت به خوب آهي، ٻڌي ڇڏ مان مسلمان ٿيان ٿو اهو چئي هن پڙهيو: اَشۡهَدُ اَنۡ لَّا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَشۡهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبۡدُهٗ وَرَسُوۡلُهٗ مان گواهي ڏيان ٿو ته الله عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪو به عبادت جي لائق ناهي ۽ گواهي ڏيان ٿو ته محمد صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جو خاص ٻانهو ۽ رسول آهي. (روض الرياحين ص 152)

www.dawateislami.net

## ”حسين“ جي چار اکرن جي نسبت سان عاشوره جي روزي جون 4 فضيلتون

(1) **حضرت سيدنا** عبد الله ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا جن جو ارشاد گرامي آهي: رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جڏهن مدينهءِ منوره** زَادَہَا اللّٰہُ شَرَفًا وَّتَعْظِیْمًا ۾ تشريف وٺي آيا يهودين کي عاشوري (**ڏهين محرم**) جي ڏينهن روزيدار ڏٺائون تہ ارشاد فرمايائون، هي ڪهڙو ڏينهن آهي جو توهان روزو رکو ٿا؟ انهن عرض ڪيو، هي عظمت وارو ڏينهن آهي جو هن ۾ موسىٰ عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ۽ ان جي قوم کي الله تعالىٰ نجات ڏني ۽ فرعون ۽ ان جي قوم کي ٻوڙي ڇڏيو. انهيءَ ڪري موسىٰ عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام شڪراني جي طور تي ان ڏينهن جو روزو رکيو تہ اسين بہ روزو رکون ٿا. ارشاد فرمايائون، موسىٰ (عَلَیْہِ السَّلَام) جي مطابقت ڪرڻ ۾ بنسبت توهان جي اسان وڌيڪ حقدار ۽ وڌيڪ ويجها آهيون تہ سرڪارِ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن پاڻ بہ روزو رکيو ۽ ان جو حڪم بہ فرمايائون. (صَحِيحُ البُخَارِي ج 1 ص 657 حديث 2006 )

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن حديثِ پاڪ مان معلوم ٿيو تہ جنهن ڏينهن الله پاڪ ڪا خاص نعمت عطا فرمائي ان جي يادگار قائم ڪرڻ درست ۽ سنو عمل آهي جو هن طرح ان نعمتِ عظمٰي جي ياد تازه ٿيندي ۽ ان جو شڪر ادا ڪرڻ جو سبب بہ ٿيندو.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن حديثِ پاڪ مان معلوم ٿيو تہ جنهن ڏينهن الله پاڪ ڪا خاص نعمت عطا فرمائي تہ ان جي يادگار قائم ڪرڻ درست ۽ محبوب آهي جو اهڙي طرح اُن نعمتِ عظمىٰ جي ياد تازه ٿيندي ۽ ان جو شڪر ادا ڪرڻ جو سبب بہ ٿيندو.

www.dawateislami.net

(2) **حضرت سيدنا** ابن عباس رَضِیَ اللہُ عَنۡہُمَا فرمائن ٿا، ”مون ٻنهي جهانن جي سلطان، شهنشاهِ ڪون ومڪان، رحمت عالميان صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي ڪنهن ڏينهن جي روزي کي ٻئي ڏينهن تي فضيلت ڏيندي جستجو فرمائيندي ڪونہ ڏٺو پر هڪ عاشوره جو ڏينهن ۽ ٻيو رمضان جو مهينو“.
(صحيح البخاري، ج. 1، ص. 657، حديث 2006)

(3) **نبيِ رحمت**، شفيعِ امت، شهنشاهِ نُبُوَّت، تاجدارِ رسالت صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: **يوم عاشوره** جو روزو رکو ۽ ان ۾ يهودين جي مخالفت ڪريو، ان کان پهريان يا بعد ۾ بہ هڪ ڏينهن جو روزو رکو.
(مُسند امام احمدج1 ص518 حديث 2154)

**يعني: عاشورا** جو روزو جڏهن بہ رکو تہ گڏ ئي **نائين** يا **يارهين محرم الحرام** جو روزو بہ رکي ڇڏڻ بهتر آهي.

(4) **حضرت سيدنا** ابو قتاده رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي، رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: مون کي رب تي گمان (**اميد**) آهي تہ عاشوره جو روزو هڪ سال پهريان جا گناهہ مٽائي ڇڏيندو آهي. (صحيح مسلم ص 590 حديث 1162)

## دعاءِ عاشوره

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ۝

يَا قَابِلَ تَوۡبَةِ اٰدَمَ يَوۡمَ عَاشُوۡرَآءَ

يَا فَارِجَ كَرۡبِ ذِی النُّوۡنِ يَوۡمَ عَاشُوۡرَآءَ

يَا جَامِعَ شَمۡلِ يَعۡقُوۡبَ يَوۡمَ عَاشُوۡرَآءَ

يَا سَامِعَ دَعْوَةِ مُوْسٰى وَ هٰرُوْنَ يَوْمَ عَاشُوْرَآءَ

يَا مُغِيْثَ اِبْرَاهِيْمَ مِنَ النَّارِ يَوْمَ عَاشُوْرَآءَ

يَا رَافِعَ اِدْرِيْسَ اِلَى السَّمَآءِ يَوْمَ عَاشُوْرَآءَ

يَا مُجِيْبَ دَعْوَةِ صَالِحٍ فِى النَّاقَةِ يَوْمَ عَاشُوْرَآءَ

يَا نَاصِرَ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

يَوْمَ عَاشُوْرَآءَ يَا رَحْمٰنَ الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ

وَرَحِيْمَهُمَا صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰٓى اٰلِ

سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّصَلِّ عَلٰى جَمِيْعِ الْاَنْبِيَآءِ وَالْمُرْسَلِيْنَ

وَاقْضِ حَاجَاتِنَا فِى الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ وَاَطِلْ عُمْرَنَا

فِىْ طَاعَتِكَ وَمَحَبَّتِكَ وَرِضَاكَ وَاَحْيِنَا حَيٰوةً طَيِّبَةً

وَّتَوَفَّنَا عَلَى الْاِيْمَانِ وَالْاِسْلَامِ بِرَحْمَتِكَ يَآ اَرْحَمَ

الرَّاحِمِيْنَ ط اَللّٰهُمَّ بِعِزِّ الْحَسَنِ وَاَخِيْهِ وَاُمِّهٖ وَاَبِيْهِ وَجَدِّهٖ

وَبَنِيْهِ فَرِّجْ عَنَّا مَا نَحْنُ فِيْهِ ط

## پوءِ سنت پيرا پڙهو

سُبْحَانَ اللّٰهِ مِلْءَ الْمِيْزَانِ وَمُنْتَهَى الْعِلْمِ وَمَبْلَغَ الرِّضٰى وَزِنَةَ الْعَرْشِ لَامَلْجَأَ وَلَا مَنْجَأَ مِنَ اللّٰهِ اِلَّا اِلَيْهِ ط سُبْحٰنَ اللّٰهِ عَدَدَ الشَّفْعِ وَالْوَتْرِ وَعَدَدَ كَلِمَاتِ اللّٰهِ التَّآمَّاتِ كُلِّهَا نَسْئَلُكَ السَّلَامَةَ بِرَحْمَتِكَ يَآ اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ ط وَهُوَ حَسْبُنَا وَنِعْمَ الْوَكِيْلُ ط نِعْمَ الْمَوْلٰى وَنِعْمَ النَّصِيْرُ ط وَلَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ ط وَصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَعَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنَاتِ وَالْمُسْلِمِيْنَ وَالْمُسْلِمَاتِ عَدَدَ ذَرَّاتِ الْوُجُوْدِ وَعَدَدَ مَعْلُوْمَاتِ اللّٰهِ وَالْحَمْدُلِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ط

# ربيع النور شريف

## درود شريف جي فضيلت

”**جنهن مون تي** ڏهہ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون نازل فرمائيندو آهي.“ (الترغيب و الترهيب ج 2 ص 323)

**ربيع النور شريف** جو مهينو تہ ڇا ايندو آهي هر طرف بهار جي موسم اچي ويندي آهي. مني مني مَڪي مَدني مُصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جي ديـوانن ۾ خوشيءَ جي لهر اچي ويندي آهي، پوڙهو هجي يا جوان هـر حـقيقي مسلمان جڻ دل جي زبان سان پڪاري اٿندو آهي.

نثار تیری چہل پہل پر ہزار عیدیں ربیع الاول
سوائے ابلیس کے جہاں میں سبھی تو خوشیاں منا رہے ہیں

**جڏهن** ڪائنات ۾ ڪفر، شرڪ ۽ وحشت بربريت جي تمام گهٽي اونداهي ڇانئيل هئي، ٻارهين **ربيع النور شريف** تي مڪي شريف ۾ حضرت سيّدتنا آمنہ رَضِیَ اللہُ عَنۡہَا جي مبارڪ گهر مان هڪ اهڙو نور چمڪيو جنهن سڄيءَ دنيا کي چمڪائي ڇڏيو. سڏڪندڙ انسانيت جي اک جن جي منتظر هئي اهي تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت، مخزنِ جُودو سخاوت، پيڪرِعظمت ۽ شرافت، محبوبِ ربُّ العِزَّت، مُحسنِ اِنسانيت صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سيني جهانن جي لاءِ رحمت بڻجي ڌرتيءَ تي جلوه گر ٿيا.

مبارک ہو کہ ختم المرسلین تشریف لے آئے
جنابِ رحمۃ للعٰلمین تشریف لے آئے

## صبح بهاران

**خاتم المرسلين، رحمة للعٰلمين** صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هر ڏکايل دل جو قرار بڻجي 12 ربيع النور شريف جو صبح صادق جي وقت دنيا ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ اچي بي سهارن، غمگينن، ڏکايلن، ٽٽل دل وارن ۽ در در جا ڌڪا کائيندڙ ويچارن جي شامِ غريبان کي ”**صبح بهاران**“ بڻائي ڇڏيائون.

مسلمانو! صبح بہاراں مبارک    وہ برساتے انوار سرکار آئے

## معجزات

12 **ربيع النور شريف** جو **الله** تعاليٰ جي نور ﷺ جي دنيا ۾ جلوه گري ٿيندي ئي ڪفر ۽ گمراهيءَ جا ڪکر هٽي ويا، ايران جي بادشاهه جي محل ڪسريٰ تي زلزلو اچي ويو، چوڏهن ڪنگرا ڪري پيا، ايران جو آتشڪدو (**باهه جي پوڄارين جو عبادت خانو**) جيڪو هڪ هزار سال کان ٻري رهيو هو اهو وسامي ويو، ساوه درياهه خشڪ ٿي ويو، ڪعبي کي وجد اچي ويو، بت منهن ڀر ڪِري پيا.

*تیری آمد تھی کہ بیت اللہ مجرے کو جھکا*
*تیری ہیبت تھی کہ ہر بت تھر تھرا کر گر گیا*

**تاجدار** رسالت ﷺ **دنيا ۾ فضل ۽ رحمت بڻجي تشريف کڻي آيا ۽ يقيناً الله** عَزَّوَجَلَّ **جي رحمت نازل ٿيڻ جو ڏينهن خوشي ۽ مسرت جو ڏينهن هوندو آهي، جيئن**

**الله تبارڪ و تعاليٰ** ارشاد فرمائي ٿو:

قُلْ بِفَضْلِ اللّٰهِ وَبِرَحْمَتِهٖ فَبِذٰلِكَ فَلْيَفْرَحُوْا ؕ هُوَ خَيْرٌ مِّمَّا يَجْمَعُوْنَ ﴿۵۸﴾

**ترجمو ڪنزالايمان**: ”تون فرماءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل ۽ سندس رحمت تي جڳائي ته خوشي ڪن، اهو انهن جي سموري ڌن دولت کان بهتر آهي.“ (پ۔ ۱۱، سوره يونس، آيت ۵۷)

**الله اڪبر! خدا جي رَحمت تي خوشي ملهائڻ جو قرآن مجيد حڪم ڏئي رهيو آهي ۽ ڇا اسان جي پياري آقا** ﷺ **کان وڌيڪ به ڪا الله** عَزَّوَجَلَّ **جي رَحمت آهي؟**

ڏسو، مقدس قرآن ۾ صاف صاف اعلان آهي.

وَمَآ اَرۡسَلۡنٰكَ اِلَّا رَحۡمَةً لِّلۡعٰلَمِيۡنَ ﴿۱۰۷﴾

**ترجمو كنزالايمان**: ”۽ اسان تو کي نہ موڪليو پر رحمت سموري جهان جي واسطي.“ (پ. 17، سوره الانبياء، آيت 107)

## شبِ قدر کان بہ افضل رات

**حضرت سيدنا** شيخ عبدالحق محدث دهلوي رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا ”بيشڪ سرورِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت واري رات شب قدر کان بہ افضل آهي، ڇو تہ ولادت واري رات سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن دنيا ۾ جلوه گر ٿيڻ جي رات آهي، جڏهن تہ شبِ قدر سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي عطا ڪيل رات آهي ۽ جيڪا رات ذات مقدس صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظهور جي ڪري مشرف ٿئي اها رات ان رات کان وڌيڪ شرف ۽ عزت واري آهي جيڪا ملائڪن جي نازل ٿيڻ سبب مشرف آهي. (ماثبت با السنته ص 73 باب المدينه)

## جشن ولادت ملهائڻ جو ثواب

**شيخ عبدالحق** محدث دهلوي رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا، ”سرڪارِمدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ولادت جي رات خوشي ملهائڻ وارن جي جزا هي آهي تہ الله تعاليٰ انهن کي فضل ۽ ڪرم سان **جنَاتُ النَعِيم** ۾ داخل فرمائيندو، مسلمان هميشہ کان **محفل ميلاد** منعقد ڪندا آيا آهن ۽ ولادت جي خوشيءَ ۾ دعوت ڏيندا، کاڌا پچائيندا ۽ خوب صدقا ۽ خيراتون ڪندا آيا آهن خوب خوشيءَ جو اظهار ڪندا آهن ۽ دل کولي خرچ ڪندا آهن ۽ سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت باسعادت جي ذڪر جو اهتمام ڪندا آهن ۽ پنهنجن گهرن کي سينگاريندا آهن ۽ انهن

تمام سنن ڪمن جي برڪت سان انهن ماڻهن تي الله تعالٰي جون برڪتون نازل ٿينديون آهن. (ماثبت بالسنة، ص. 74)

محبوبِ ربِ اکبر تشریف لا رہے ہیں
آج انبیا کے سرور تشریف لا رہے ہیں

کیوں ہے فضا معطّر! کیوں روشنی ہے گھر گھر
اچھا! حبیب داور تشریف لا رہے ہیں

عیدوں کی عید آئی رحمت خدا کی لائی
جود و سخا کے پیکر تشریف لا رہے ہیں

حوریں لگیں ترانے نعتوں کے گنگنانے
حور و ملک کے افسر تشریف لا رہے ہیں

اے بے نواؤ آؤ، آؤ گدا آؤ
وہ آمنہ کے گھر پر تشریف لا رہے ہیں

عطار اب خوشی سے پھولے نہیں سماتے
دنیا میں ان کے سرور تشریف لا رہے ہیں

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** **ربيع النور شريف** جي مهيني ۾ خوب **اجتماع ذڪر ونعت** ڪيو. ان مهيني ۾ **درود پاڪ** جي خوب ڪثرت فرمايو. گهٽي ڪان گهٽ **نفل** پڙهي ۽ ٻيا نيڪ عمل ڪري **آقاءِ مدينہ، قرار قلب وسينہ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهِ بيڪس پناھ ۾ **ايصال ثواب** ڪريو.

# رجب المرجب

## جنتي نهر

**حضرت سيدنا** اَنَس بن مالِک رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي تہ الله تعالىٰ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الۡعُيُوب صَلَّى اللہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ غَيب نشان آهي: ”بيشک جنّت ۾ هک نَهر آهي جنهن جو نالو رَجَب آهي، ان جو پاڻي کير کان وڌيک اڇو ۽ ماکيءَ کان وڌيک مِٺو آهي، جيکو رَجَب جي مهيني ۾ هک روزو رکندو الله تعالىٰ ان کي انهيءَ نهر مان سيراب فرمائيندو.“ (شعب الايمان ج 3 ص 367 حديث 3800)

## جنتي محل

**حضرت سيدنا** ابو قِلابہ فرمائن ٿا، ”رَجَب جي روزيدارن جي لاءِ جنّت ۾ هک عظيم الشّان مَحل آهي. (شعب الايمان ج 3 ص 368 حديث 3802)

## سناويهين رات جي فضيلت

**رَجَب** ۾ هک رات آهي جو ان ۾ نيک عمل ڪرڻ واري جي لاءِ سؤ سالن جي نيڪين جو ثواب آهي ۽ اها رجب جي **سناويهين رات** آهي. جيڪو ان ۾ 12 رڪعتون پڙهي، هر رڪعت ۾ سورةُ الفاتحہ ۽ ڪابہ هک سورت ۽ هر ٻن رڪعتن تي اَلتَّحِيّات پڙهي ۽ 12 رڪعتون پوريون ٿيڻ تي سلام ورائي، ان ڪانپوءِ سؤ ڀيرا هي پڙهي:

سُبۡحَانَ اللهِ وَالۡحَمۡدُ لِلّٰهِ وَ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَاللهُ اَكۡبَر

۽ پوءِ استغفار سؤ ڀيرا، درود شريف سؤ ڀيرا پڙهي ۽ پنهنجي دنيا ۽ آخرت مان جنهن شيءِ جي چاهي دعا گهري ۽ صبح جو **روزو** رکي تہ

الله تعالي ان جون سڀ دعائون قبول فرمائيندو سواءِ ان دعا جي جيڪا گناهہ جي لاءِ هجي.“ (شعب الايمان ج 3 ص 374 حديث 3812 )

## ستاويهين رجب جي روزي جي فضيلت

**منهنجا** آقا اعلي حضرت، **امام اهلسنت، ولي نعمت، عظيم البرڪت، عظيم المرتبت**، پروانۂ شمع رسالت، مجددِ دين وملت، حاميءِ سنت، ماحي بدعت، عالمِ شريعت، پيرِ طريقت، باعثِ خيروبرڪت، حضرت علامہ مولانا الحاج الحافظ القاري شاہ امام احمد رضا خان رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا تہ ”**فَوائِد نِهاد**“ ۾ **حضرت سيدنا اَنَس** رضی اللہ عنہ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم، رؤف رَّحِيْم صلی اللہ علیہ والہٖ وسلم جن ارشاد فرمايو تہ، ”**ستاويهين رَجَب** تي مون کي نُبُوَّت عطا ٿي جيڪو ان ڏينهن جو روزو رکندو ۽ افطار جي وقت دعا گهرندو تہ ڏهن سالن جي گناهن جو ڪفارو ٿي ويندو.“ (فتاويٰ رضويه مخرجه ج 10 ص 864 )

**حضرت سيدنا** سلمان فارسي رضی اللہ عنہ کان روايت آهي تہ الله جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صلی اللہ علیہ والہٖ وسلم جن جو فرمانِ ذِيشان آهي تہ ”**رجَب ۾ هڪ ڏينهن ۽ رات آهي** جيڪو ان ڏينهن روزو رکندو ۽ رات جو قِيام (**يعني عبادت**) ڪندو تہ ڄڻ ان سؤ سال جا روزا رکيا ۽ اها **رَجَب جي ستاويهين تاريخ** آهي انهيءَ ڏينهن **محمد** صلی اللہ علیہ والہٖ وسلم کي الله عزوجل مَبۡعُوث (مَبۡ - عُوۡ - ث) فرمايو.“ (شعب الايمان ج 3ص 374 حديث 3811)

# شعبان المعظم

## آقا جو مهينو

**رسولِ اڪرم**، نُورِ مُجَسَّم، شاهِ بَني آدم، شافِعِ اُمَم، صلی اللہ علیہ والہٖ وسلم جن جو شعبانُ المعظّم جي باري ۾ فرمانِ مُڪَرَّم آهي: ”**شعبان منهنجو مهينو آهي ۽ رمضان الله جو مهينو آهي**.“ (الجامع الصغير ص 301 حديث 4889)

## رمضان کان پوءِ ڪھڙو مھينو افضل آھي؟

**حضرت سيدنا** انس رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، مڪي مدني سرڪار، محبوب پروردگار صلی اللہ علیہ والہ وسلم **جي بارگاھ بيڪس پناھ** ۾ عرض ڪيو ويو تہ رمضان کان پوءِ ڪھڙو روزو افضل آھي؟ ارشاد فرمايائون: ”**رمضان جي تعظيم جي لاءِ شعبان جو**“ پوءِ عرض ڪيو ويو، ڪھڙو صدقو افضل آھي؟ فرمايائون: رمضان جي مهيني ۾ صدقو ڪرڻ. (سنن الترمذي ج2 ص 146 حديث 663)

## پندرهين رات ۾ تجلي

**اُمُّ المُؤمِنِين** حَضرتِ سَيِّدَتُنا عائشہ صديقہ رضی اللہ عنہا کان روايت آھي تہ تاجدارِ رسالت، سراپا رحمت، محبوبِ رب العزت صلی اللہ علیہ والہ وسلم جن ارشاد فرمايو: ”اللہ عزوجل **شعبان جي پندرهين** رات ۾ تجلي فرمائيندو آھي. استغفار (**توبھ**) ڪرڻ وارن کي بخشيندو آھي ۽ رحمت جي طلبگارن تي رحم فرمائيندو ۽ عداوت (**دشمني**) وارا جنهن حال تي هوندا آھن انهيءَ تي ڇڏي ڏيندو آھي.“ (شعب الايمان ج 3 ص 383 حديث 3835)

## ڀلائيءَ واريون راتيون

**ام المؤمنين** حضرتِ سَيِّدَتُنا عائشہ صديقہ رضی اللہ عنہا فرمائن ٿيون، ”مون نبي ڪريم، رؤفُ رَّحيم صلی اللہ علیہ والہ وسلم کي فرمائيندي ٻُڌو اللہ عزوجل (**خاص طور تي**) چئن راتين ۾ ڀلائين جا دروازا کولي ڇڏيندو آھي ﴿1﴾ عيدالاضحيٰ جي رات ﴿2﴾ عيدالفطر جي رات ﴿3﴾ شعبان جي پندرهين رات جو ان رات ۾ مرڻ وارن جا نالا ۽ ماڻهن جو رِزق ۽ (**ان سال**) حج ڪرڻ وارن جا نالا لکيا ويندا آھن. ﴿4﴾ عرفہ (**نائين ذوالحجہ**) جي رات (**فجر جي**) اذان تائين. (الدر المنثور ج 7 ص 402)

## مغرب کان پوءِ ڇهه نفلَ

**مغرب** جي فرض ۽ سنّت وغيره کان پوءِ **ڇهه رکعتون** خصوصي نفل ادا ڪرڻ اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰه جي معمولات مان آهن. مغرب جو فرض ۽ سنّتون وغيره ادا ڪري ڇهه رڪعتون **نفل** به ڪري ادا ڪريو. پهرين ٻن رڪعتن کان پهريان هي عرض ڪريو ته ”يا الله عَزَّوَجَلَّ هنن **ٻن رڪعتن** جي بَرَڪت سان **عمر درازيِ بالخير** (يعني عمر ۾ برڪت) عطا فرماءِ.“ ٻين ٻن رڪعتن جي شروع ڪرڻ کان پهريان عرض ڪريو ”يا الله عَزَّوَجَلَّ هنن ٻن رڪعتن جي بَرَڪت سان **مصيبتن کان منهنجي حفاظت** فرماءِ.“ ۽ ٽين ٻن رڪعتن جي شروع ڪرڻ کان پهريان هن طرح نيّت ڪريو، ”يا الله عَزَّوَجَلَّ هنن ٻن رڪعتن جي برڪت سان مون کي **پاڻ کان سواءِ ڪنهن جو محتاج نه ڪر**“ هر ٻن رڪعتن کان پوءِ ايڪيهه ڀيرا قُلْ هُوَ الله يا هڪ ڀيرو **سورهءِ يٰسين** شريف پڙهو پر ٿي سگهي ته ٻئي پڙهي ڇڏيو. هي به ٿي سگهي ٿو ته هڪ اسلامي ڀاءُ يٰسين شريف وڏي آواز سان پڙهي ۽ ٻيا خاموشيءَ سان ٻُڌن، هن ۾ اهو خيال رکو ته ٻيو هن دوران زبان سان يٰسين شريف نه پڙهي.

**رات شروع ٿيندي ئي** ثواب جا ڍير لڳي ويندا. هر ڀيري يٰسين شريف کان پوءِ دعاءِ **نصفِ شعبان** به پڙهو:

## دعاءِ نصف شعبان

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَللّٰهُمَّ يَا ذَا الْمَنِّ وَلَا يُمَنُّ عَلَيْهِ ط يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَامِ ط

يَا ذَا الطَّوْلِ وَالْاِنْعَامِ ط لَآ اِلٰهَ اِلَّا اَنْتَ ظَهْرُ اللَّاجِيْنَ ط

وَجَارُ الْمُسْتَجِيْرِيْنَ وَ اَمَانُ الْخَآئِفِيْنَ ؕ اَللّٰهُمَّ اِنْ كُنْتَ كَتَبْتَنِيْ عِنْدَكَ فِيْٓ اُمِّ الْكِتٰبِ شَقِيًّا اَوْ مَحْرُوْمًا اَوْ مَطْرُوْدًا اَوْ مُقَتَّرًا عَلَيَّ فِى الرِّزْقِ فَامْحُ اللّٰهُمَّ بِفَضْلِكَ شَقَاوَتِيْ وَحِرْمَانِيْ وَطَرْدِيْ وَ اقْتِتَارَ رِزْقِيْ ؕ وَ اَثْبِتْنِيْ عِنْدَكَ فِيْ اُمِّ الْكِتٰبِ سَعِيْدًا مَّرْزُوْقًا مُّوَفَّقًا لِّلْخَيْرَاتِ ؕ فَاِنَّكَ قُلْتَ وَقَوْلُكَ الْحَقُّ فِيْ كِتَابِكَ الْمُنَزَّلِ ؕ عَلٰى لِسَانِ نَبِيِّكَ الْمُرْسَلِ ﴿يَمْحُو اللّٰهُ مَا يَشَآءُ وَ يُثْبِتُ وَعِنْدَهٗٓ اُمُّ الْكِتٰبِ ۝﴾ اِلٰهِيْ بِالتَّجَلِّى الْاَعْظَمِ ؕ فِيْ لَيْلَةِ النِّصْفِ مِنْ شَهْرِ شَعْبَانَ الْمُكَرَّمِ ؕ اَلَّتِيْ يُفْرَقُ فِيْهَا كُلُّ اَمْرٍ حَكِيْمٍ وَّيُبْرَمُ ؕ اَنْ تَكْشِفَ عَنَّا مِنَ الْبَلَآءِ وَالْبَلْوَآءِ مَا نَعْلَمُ وَمَا لَا نَعْلَمُ ؕ وَاَنْتَ بِهٖ اَعْلَمُ اِنَّكَ اَنْتَ الْاَعَزُّ الْاَكْرَمُ ؕ وَصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰٓى اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمْ ؕ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۝

**ترجمو: اي الله** عَزَّوَجَلَّ! اي احسان ڪرڻ وارا جو جنهن تي احسان ناهي ڪيو ويندو! اي وڏي شان ۽ شوڪت وارا! اي فضل ۽ انعام وارا! توڪان سواءِ ڪو معبود ناهي تون پريشان حالن جو مددگار، پناهه گهرڻ وارن کي پناهه ۽ خوفزده تيڻ وارن کي امان ڏيڻ وارو آهين، اي الله عَزَّوَجَلَّ! جيڪڏهن تون پاڻ وٽ **اُمُّ الكِتاب** (يعني لوح محفوظ) ۾ مون کي شقي (**يعني بد بخت**)، **محروم**، ڌڪاريل ۽ رزق ۾ تنگي ڏنل لکي چڪو آهين تہ اي الله

عَزَّوَجَلَّ! پنهنجي فضل سان منهنجي بد بختي، محرومي، ذلت ۽ رزق جي تنگيءَ کي مٽائي ڇڏ ۽ پاڻ وٽ **ام الڪتاب** ۾ مون کي خوش بخت، رزق ڏنل، ۽ ڀلائيءَ جي توفيق ڏنل درج فرمائي ڇڏ. جو تون ئي پنهنجي نازل ڪيل ڪتاب ۾ پنهنجي ئي موڪليل نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زبان تي فرمايو ۽ تنهنجو فرمان حق آهي. "الله عَزَّوَجَلَّ **جيڪو چاهي مٽائيندو آهي ۽ ثابت ڪندو (يعني لکندو) آهي ۽ اصل لکيل تہ انهيءَ وٽ ئي آهي.**" (ڪنزالايمان سيپارو13،الرعد:39) يا الله عَزَّوَجَلَّ! تجلي اعظم جي وسيلي سان جيڪا **نصفِ شعبان المڪرم** جي (پندرهين) رات ۾ آهي جو جنهن ۾ ورهايو ويندو آهي جيڪو حڪمت وارو ڪم ۽ اٽل ڪيو ويندو آهي. (يا الله عَزَّوَجَلَّ!) **مصيبتن** ۽ **رنجشن** کي اسان کان دور فرماءِ جن کي اسين ڄاڻون ٿا ۽ نہ ٿا ڄاڻون بہ جڏهن تہ تون انهن کي سڀ کان **وڌيڪ ڄاڻڻ وارو** آهين، بيشڪ تون سڀ کان وڌيڪ عزيز ۽ عزّت وارو آهين. الله تعاليٰ **اسان جي سردار محمد** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ۽ سندن جي آل و اصحاب رَضِیَ اللهُ عَنْهُم تي **دُرود و سلام** موڪلي. سڀ خوبيون سڀني جهانن جي پالڻهار الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ آهن.

## قبر تي اگر بتيون ٻارڻ

**شبِ بَرَاءَت** (بَ – را – ءَ ت) ۾ اسلامي ڀائرن جو قبرستان وڃڻ سنّت آهي. (اسلامي ڀينرن کي شرعي طور تي اجازت ناهي) قبرن تي **اگر بتيون** نہ ٿا ٻاري سگهو، ها جيڪڏهن **تلاوت** وغيره ڪرڻي هجي تہ ضرورت موجب روشني حاصل ڪرڻ جي لاءِ قبر کان هٽي ڪري اگر بتي ٻاري سگهو ٿا. اهڙيءَ طرح حاضرين کي **خوشبوءِ** پهچائڻ جي نيّت سان قبر کان هٽي ڪري **اگربتيون** ٻارڻ ۾ بہ حرج ناهي. اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ جي مزارن تي **چادر** چاڙهڻ ۽ انهن وٽ ڏيئو ٻارڻ جائز آهي، جو اهڙيءَ ريت ماڻهو متوجهہ ٿيندا ۽ انهن جي دلين ۾ عظمت پيدا ٿيندي آهي ۽ اهي حاضر ٿي فيض حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. جيڪڏهن

اولياءِ عوام جون قبرون برابر رکيون وڃن تہ گهٽا ديني فائدا ختم ٿي ويندا.

## ڦٽاڪا پارڻ حرام آهي

افسوس! ڦٽاڪن جي ناپاڪ رسم هاڻي مسلمانن ۾ وڌندي پئي وڃي، مسلمانن جا ڪروڙين روپيا هر سال آتش بازي (**يعني ڦٽاڪن**) جي نذر ٿي وڃن ٿا ۽ اهڙي طرح هر روز اهي خبرون اينديون آهن تہ فلاڻي جاءِ تي **ڦٽاڪن** جي ڪري هيترا گهر سڙي ويا ۽ هيترا ماڻهو سڙي مري ويا وغيره وغيره. هن ۾ **جان جو خطرو**، مال جي بربادي ۽ گهر ۾ باهہ لڳڻ جو انديشو آهي. ان ڪان علاوه اهو ڪم الله عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني بہ آهي. حضرت مفتي احمد يارخان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا، "**ڦٽاڪا ٺاهڻ، وڪرو ڪرڻ، خريد ڪرڻ ۽ خريد ڪرائڻ، پارڻ، پارائڻ سڀ حرام آهي.**" (اسلامي زندگي ص 78)

*تجھ کو شعبانِ معظّم کا خدایا واسطہ بخش دے ربِ محمد تو مری ہر اک خطا*

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# رمضان المبارڪ

## درود شريف جي فضيلت

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو** فرمانِ تَقَرُّب نِشان آهي، "بيشڪ قيامت جي ڏينهن ماڻهن مان منهنجي گهڻو ويجهو اُهو هوندو جيڪو مون تي سيني کان وڌيڪ دُرود موڪلي." (سنن ترمذي ج 2 ص 27 حديث 484)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** خداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جا ڪروڙين احسان جو ان اسان کي **ماهِ رمضان** جهڙي عظيم الشان نعمت سان سرفراز فرمايو. رمضان جي مهيني جي فضيلتن جو ڇا چئجي! هن جي تہ هر گهڙي رحمت ڀري آهي. هن مهيني ۾ اجر ۽ ثواب تمام گهڻو وڌي ويندو آهي. نفل جو ثواب فرض جي برابر ۽ فرض جو ثواب ستر ڀيرا ڪيو ويندو آهي. بلڪہ هن مهيني ۾ تہ روزيدارن جو سمهڻ بہ عبادت ۾ شمار ڪيو ويندو آهي. عرش کڻڻ وارا فرشتا روزيدارن جي دعا تي آمين چوندا آهن ۽ هڪ حديث پاڪ جي مطابق **"رمضان جي روزيدار جي لاءِ درياءَ جون مڇيون افطار تائين مغفرت جي دعا ڪنديون رهنديون آهن".** (الترغيب والترهيب ج2 ص 55 حديث 6)

## سون جي دروازي وارو محل

**حضرت سيدنا** ابو سعيد خُدري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي، مڪي مدني سلطان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمت نشان آهي: "جڏهن رمضان جي مهيني جي پهرين رات ايندي آهي تہ آسمانن جا دروازا کوليا ويندا آهن ۽ آخري رات تائين بند ناهن ٿيندا. جيڪو بہ ٻانهو هن مبارڪ مهيني جي ڪنهن بہ رات ۾ نماز پڙهي ٿو تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي هر سجدي جي عيوض (**يعني بدلي ۾**) ان جي لاءِ پندرهن سؤ نيڪيون لکندو آهي ۽ ان جي لاءِ جنّت ۾ **ڳاڙهي ياقوت** جو گهر ٺهرائيندو آهي. جنهن ۾ سٺ هزار دروازا هوندا، ۽ هر دروازي جا تاڪ سون جا ٺهيل هوندا جن ۾ ڳاڙها ياقوت جڙيل هوندا. پوءِ جيڪو رمضان جي مهيني جو پهريون روزو رکي ٿو تہ الله عَزَّوَجَلَّ مهيني جي آخري ڏينهن تائين ان جا گناهہ مُعاف فرمائي ڇڏي ٿو، ۽ ان جي لاءِ صبح کان شام تائين **ستر هزار فرشتا** مغفرت جي دعا ڪندا رهن ٿا. رات ۽ ڏينهن ۾ جڏهن بہ هُو سجدو ڪري ٿو ان جي هر سجدي جي عيوض (**يعني بدلي ۾**) ڪيس (**جنت ۾**)

هڪ هڪ اهڙو وڻ عطا ڪيو ويجي ٿو جو ان جي ڇانوَ ۾ گهوڙي سوار **پنج سؤ سالن** تائين هلندو رهي.“ (شعب الايمان ج 3 ص 314 حديث 3635)

سُبْحٰنَ اللّٰہ! **مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** خداءِ حَنَّان و مَنَّان عَزَّوَجَلَّ جو ڪيتريقدر عظيم احسان آهي جو ان اسان کي پنهنجي حبيبِ ذيشان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وسيلي اهڙو رمضان جو مهينو عطا فرمايو جو انهيءَ مڪرم مهيني ۾ جنّت جا تمام دروازا کلي ويندا آهن ۽ نيڪين جو اجر تمام گهڻو وڌي ويندو آهي. بيان ڪيل حديث جي مطابق رمضان المبارڪ جي راتين ۾ نماز ادا ڪرڻ واري کي هر هڪ سجدي جي بدلي ۾ پندرهن سؤ نيڪيون عطا ڪيون وينديون آهن ۽ جنّت جو عظيم الشّان محل ان کان علاوه . هن حديثِ مبارڪ ۾ روزيدارن جي لاءِ هي بشارتِ عُظميٰ (**يعني تمام وڏي خوشخبري**) بہ موجود آهي تہ صبح کان شام تائين ستر هزار فرشتا انهن جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪندا رهندا آهن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اَلْحَمْدُلِلّٰه عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جي **مدني ماحول** سان وابستہ عاشقانِ رسول جي صحبت حاصل ٿيڻ جي صورت ۾ رمضان المبارڪ جي مهيني جون برڪتون حاصل ڪرڻ جو تمام گهڻو ذهن نهندو آهي، نہ تہ بُري صحبتن ۾ رهي ڪري هن مبارڪ مهيني ۾ بہ اڪثر ماڻهو گناهن ۾ مشغول رهـندا آهن. اچو! گناهن ۾ ڦاٿل هڪ **فنڪار** جو واقعو پڙهو جنهن کي دعوتِ اسلامي جي **مدني ماحول ملڻ سان** مدني رنگ لڳي ويو. **جيئن تہ**

## مان فنڪار هئس

**اورنگي** ٽاؤن (**ڪراچي**) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي:

افسوس صد ڪروڙ افسوس! مان **هڪ فنڪار** هُئس، ميوزيڪل پروگرامز ۽ فنڪشنز ڪندي زندگيءَ جون انمول گهڙيون برباد ٿي رهيون هيون، دل ۽ دماغ تي غفلت جا ڪجهه اهڙا پردا پيل هئا جو نه نماز جي توفيق هئي نه ئي گناهن جو احساس. صحراءِ مدينه ٽول پلازه سپر هاءِ وي باب المدينه ڪراچي ۾ بابُ الاسلام سنڌ سطح تي ٿيڻ واري **ٽن ڏينهن واري سنتن ڀري اجتماع** (سن 1424هه، 2003ء) ۾ حاضريءَ جي لاءِ هڪ ذميدار اسلامي ڀاءُ انفرادي ڪوشش ڪندي ترغيب ڏياري. خوش قسمتي! ان ۾ شرڪت جي سعادت ملي وئي. ٽن ڏينهن واري اجتماع جي پُڄاڻيءَ تي **رقت انگيز دعا** ۾ مون کي پنهنجي گناهن تي تمام گهڻي شرمساري ٿي، مان پنهنجي جذبات کي قابو ۾ نه آڻي سگهيس ۽ اوچنگارون ڏئي روئڻ لڳس، بس روئڻ ڪم ڏيکاريو! اَلْحَمْدُلِلّٰه مون کي **دعوتِ اسلاميءَ** جو مدني ماحول ملي ويو ۽ مون نچڻ ڳائڻ جي محفلن کان **توبهه** ڪئي ۽ **مدني قافلن** ۾ سفر کي پنهنجو معمول بڻائي ورتو. 25 ڊسمبر 2004ء تي مان جڏهن **مدني قافلي** ۾ سفر تي روانو ٿي رهيو هُيس ته نندي ڀيڻ جي فون آئي، روئڻهارڪي آواز ۾ ان پاڻ وٽ ٿيڻ واري **نابينا ڌيءُ** جي ولادت جي خبر ٻُڌائي ۽ گڏوگڏ چيائين، ڊاڪٽرن چئي ڇڏيو آهي ته هن جون اکيون روشن نه ٿيون ٿي سگهن. ايترو چوڻ کان پوءِ سندس سيني ۾ غم جو دٻيل طوفان اکين منجهان ڳوڙهن ذريعي وهي نڪتو ۽ هوءَ سڏڪا ڀري روئڻ لڳي. مون هي چئي ڪري کيس دلاسو ڏنو ته اِنْ شَآءَاللّٰه مدني قافلي ۾ دعا ڪندس. مون **مدني قافلي** ۾ پاڻ به گهڻيون دعائون ڪيون ۽ مدني قافلي وارن **عاشقانِ رسول** کان به دعائون ڪرايون. جڏهن مدني قافلي مان موٽيس ته ٻئي ڏينهن ئي نندي ڀيڻ جي مُرڪندي فون آئي ۽ ان هي خوشيءَ واري خبر ٻُڌائي ته اَلْحَمْدُلِلّٰه **منهنجي نابينا ڌيءُ ”مهڪ“ جون اکيون روشن ٿي ويون آهن ۽ ڊاڪٽر تعجب ڪري رهيا آهن ته اهو ڪيئن ٿي ويو! ڇو ته**

**اسان جي ڊاڪٽريءَ ۾ انهيءَ جو ڪو علاج ئي ڪو نہ هو.** هي بيان ڏيڻ وقت اَلحَمدُلِلّٰه مون ڪي بابُ المدينه ڪراچي ۾ علائقائي مُشاورت جي هڪ رڪن جي حيثيت سان دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن جي لاءِ ڪوششون ڪرڻ جون سعادتون حاصل آهن.

آفتوں سے نہ ڈر، رکھ کرم پر نظر — روشن آنکھیں ملیں، قافلے میں چلو
آپ کو ڈاکٹر، نے گو مایوس کر — بھی دیا مت ڈریں، قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب — صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول ڪيڏو نہ پيارو آهي جو هن جي دامن ۾ اچي ڪري مُعاشريجا نہ ڄاڻ ڪيترائي بگڙيل ماڻهو باڪردار بڻجي سنّتن ڀري باعزت زندگي گذارڻ لڳا گڏوگڏ مدني قافلن جون بهارون بہ توهان جي آڏو آهن. جهڙيءَ طرح مدني قافلن ۾ سفر جي برڪت سان ڪيترن جي ئي دنياوي مصيبت ٽري ويندي آهي. تهڙيءَ طرح تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، سراپا رحمت، شفيعِ امت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شفاعت سان آخرت جي آفت بہ راحت ۾ تبديل ٿي ويندي.

ٹوٹ جائیں گے گنہگاروں کے فورًا قید و بند
حشر کو کھل جائے گی طاقت رسول اللہ کی

## پنج خصوصي ڪرم

**حضرت سيدنا** جابر بن عبدالله رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ رحمتِ عالميان، سلطانِ دو جهان، شهنشاهِ ڪون و مڪان، حبيبِ رحمٰن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ ذيشان آهي: ”منهنجي امت کي رمضان جي مهيني ۾

**پنج شيون** اهڙيون عطا ڪيون ويون جيڪي مون کان پهريان ڪنهن نبي عَلَيۡهِ السَّلَام کي نہ مليون .

﴿1﴾ جڏهن **رمضان المبارڪ** جي پهرين رات ايندي آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ انهن ڏانهن رحمت جي نظر فرمائيندو آهي ۽ جنهن ڏانهن الله عَزَّوَجَلَّ رحمت جي نظر فرمائي تہ ان کي ڪڏهن بہ عذاب نہ ڏيندو.

﴿2﴾ شام جي وقت ان جي وات جي بوءِ (**جيڪا بُک جي ڪري ٿيندي آهي**) الله تعالٰي جي ويجهو مُشڪ جي خوشبوءِ کان بہ بهتر آهي.

﴿3﴾ فرشتا هر رات ۽ ڏينهن ان جي لاءِ مغفرت جون دعائون ڪندا رهندا آهن.

﴿4﴾ الله تعالٰي جنّت کي حڪم ڏيندي ارشاد فرمائي ٿو. ”منهنجي (**نيڪ**) ٻانهن جي لاءِ مُزَيَّن (**يعني سينگارجي**) وڃ عنقريب اهي دنيا جي مشقت کان منهنجي گهر ۽ ڪرم ۾ راحت ماڻيندا.

﴿5﴾ جڏهن رمضان المبارڪ جي آخري رات ايندي آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ سيني جي مغفرت فرمائي ڇڏيندو آهي. قوم مان هڪ شخص اٿي بيٺو ۽ عرض ڪيائين يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڇا هي ليلة القدر آهي؟ ارشاد فرمايائون نہ، ڇا توهان نہ ٿا ڏسو تہ مزدور جڏهن پنهنجي ڪمن مان فارغ ٿيندا آهن تہ انهن کي مزدوري ڏني ويندي آهي“. (الترغيب والترهيب ج 2 ص 56 حديث 7)

## صَغِيرَه گُناهن جو ڪفارو

**حضرت سيدنا** ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ کان مروي آهي، حضورِ پُرنُور، شافعِ يومِ النُّشُور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ پُرسُرور آهي ”پنج نمازون، ۽ جمعو ايندڙ جمعي تائين ۽ رمضان جو مهينو ايندڙ **ماهِ رمضان** تائين

گناهن جو ڪفارو آهن جڏهن ته ڪبيره گناهن کان بچيو وڃي.“ (صحيح مسلم ج 1 ص 144حديث 233)

## توبهہ جو طريقو

سُبْحٰنَ اللّٰہ رمضان المبارڪ ۾ رحمتن جون ڇماڇم برساتون ۽ صغيره گناهن جي ڪفاري جو سامان ٿي ويندو آهي، گناهہِ ڪبيره توبهہ سان مُعاف ٿيندا آهن. **توبهہ ڪرڻ جو طريقو** هي آهي ته جيڪو گناهہ ٿيو خاص ان گناهہ جو نالو وٺي دل ۾ بيزاري ۽ بيهر ان کان بچڻ جو پڪو پهہ ڪري توبهہ ڪرڻي پوندي. مثال طور: ڪوڙ ڳالهايو ته بارگاهہِ خُداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ عرض ڪري يا الله عَزَّوَجَلَّ مون جيڪو هي ڪوڙ ڳالهايو، ان کان توبهہ ڪريان ٿو ۽ بيهر نہ ڳالهائيندس. توبهہ جي دوران دل ۾ ڪوڙ کان نفرت هجي ۽ ”**بيهر نہ ڳالهائيندس**“ چوڻ وقت دل ۾ هي ارادو بہ هجي تہ جيڪو ڪجهہ چئي رهيو آهيان ائين ئي ڪندس تڏهن اها **توبهہ** آهي. جيڪڏهن ٻانهي جي حق تلفي ڪئي آهي تہ توبهہ سان گڏوگڏ ان ماڻهوءَ کان مُعاف ڪرائڻ بہ ضروري آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هر رات سَٺ هزار جي بخشش

**حضرت سيدنا** عبدالله ابنِ مسعود رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ شهنشاهِ ذيشان، مڪي مدني سلطان، رحمتِ عالميان، محبوبِ رحمٰن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان رحمتِ نشان آهي، ”رمضان شريف جي هر رات آسمانن ۾ صبح صادق (**پرهہ ڦٽيءَ**) تائين هڪ مُنادي (**يعني اعلان ڪرڻ وارو**) هي نِدا ڪندو آهي، ”اي سُنائي گهرڻ وارا! مڪمل ڪر (**يعني الله تعالىٰ جي فرمانبرداري ڏانهن اڳتي وڌ**) ۽ خوش ٿي وڃ ۽ اي شرير! شر کان رڪجي وڃ ۽ عبرت حاصل ڪر. **آهي ڪو مغفرت جو طالب**! جو ان جي طلب پوري ڪئي

وڃي. **آهي ڪو توبهہ ڪرڻ وارو!** جو ان جي توبهہ قبول ڪئي وڃي. **آهي ڪو دعا گهرڻ وارو!** جو ان جي دعا قبول ڪئي وڃي. **آهي ڪو سائل** جو ان جو سوال پورو ڪيو وڃي. **الله تعاليٰ رمضان المبارڪ جي هر رات ۾ افطار جي وقت سٺ هزار گناهگارن کي دوزخ مان آزاد فرمائي ڇڏيندو آهي، ۽ عيد جي ڏينهن سڄي مهيني جي برابر گناهگارن جي بخشش ڪئي ويندي آهي.**" (الدرالمنثور ج 1 ص 446)

**مديني جا ديوانؤ!** رمضان المبارڪ جي جلوه گري تہ ڇا ٿيندي آهي، اسان غريبن جا ڀاڳ ڀلا ٿي ويندا آهن. اللّٰہ تعالیٰ جي فضل ۽ ڪرم سان **رحمت جا** دروازا کوليا ويندا آهن ۽ خوب **مغفرت** جون سَنَدُون ورهايون وينديون آهن. ڪاش! اسان گناهگارن کي **ماهہ رمضان** جي صدقي، سرورِ ڪون و مڪان، مڪي مدني سلطان، رحمتِ عالميان، محبوبِ رحمٰن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رحمت ڀري هٿن سان **جهنم** کان آزاديءَ جي چِٺي ملي وڃي. امامِ اهلسنّت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ عرض ڪن ٿا.

تمنّا ہے فرمایئے روزِ محشر  یہ تیری رہائی کی چٹھی ملی ہے

## روزانو ڏهہ لک گناهگارن جي دوزخ کان آزادي

**الله** تعاليٰ جي عنايتن، رحمتن ۽ بخشش جو تذڪرو ڪندي هڪ موقعي تي تاجدارِ مدينه، سُرورِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: "جڏهن رمضان جي پهرين رات ٿيندي آهي تہ اللّٰہ تعالیٰ پنهنجي مخلوق ڏانهن نظر فرمائيندو آهي ۽ جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ ڪنهن ٻانهي ڏانهن نظر فرمائيندو آهي تہ ان کي ڪڏهن بہ عذاب نہ ڏيندو. ۽ **هر ڏينهن، ڏهہ لک (گناهگارن) کي جهنم کان آزاد فرمائيندو آهي ۽ جڏهن اڻٽيهين رات ايندي آهي تہ سڄي مهيني ۾ جيترا آزاد ڪيا انهن جي ڪل تعداد برابر انهيءَ هڪ رات ۾ آزاد فرمائيندو آهي.** پوءِ جڏهن عيدالفطر جي رات ايندي

آهي. ملائڪ خوشيون ملهائيندا آهن ۽ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي نور جي خاص تجلي فرمائيندو آهي. ۽ فرشتن کي فرمائيندو آهي، اي ملائڪو! ان مزدور جو ڇا بدلو آهي جنهن ڪم پورو ڪري ورتو؟" فرشتا عرض ڪندا آهن، "ان کي پورو پورو اجر (**يعني بدلو**) ڏنو وڃي." الله تعالیٰ فرمائيندو آهي، "مان توهان کي گواهه ٿو ڪريان ته مان انهن سڀني کي بخشي ڇڏيو." (ڪنزالعمال ج 8 ص 219 حديث 23702)

## جمعي جي هر هر ڪلاڪ ۾ ڏهه لک جي بخشش

حضرت سيدنا عبدالله ابن عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا کان روايت آهي ته محبوبِ ربُّ العٰلمين، سيّدُ الانبياءِ وَالمُرسَلين، شفيعُ المُذنِبين، جنابِ رحمةٌ للعٰلمين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ دلنشين آهي، "الله عَزَّوَجَلَّ رمضان جي مهيني ۾ روزانو افطار جي وقت ڏهه لک اهڙن گناهگارن کي جهنم کان آزاد فرمائيندو آهي جن تي گناهن جي سبب جهنّم واجب ٿي چُڪو هيو ۽ پڻ جمعرات ۽ جمعي جي ڏينهن (يعني خميس جي ڏينهن سج لهڻ کان وٺي جمعي جو سج لهڻ تائين) **جي هر هر ڪلاڪ ۾ اهڙن ڏهه ڏهه لک گناهگارن کي جهنم مان آزاد ڪيو ويندو آهي جيڪي عذاب جا حقدار ٿي چڪا هوندا آهن.** (ڪنزالعمال ج 8 ص 223 حديث 23716)

عصياں سے کبھی ہم نے کنارہ نہ کیا — پر تو نے دل آزردہ ہمارا نہ کیا
ہم نے تو جہنم کی بہت کی تجویز — لیکن تری رحمت نے گوارا نہ کیا

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڄاڻايل احاديثِ مبارڪ ۾ ربُّ الانام عَزَّوَجَلَّ جي ڪيتريقدر عظيم الشّان انعام ۽ اڪرام جو ذڪر آهي. سُبْحٰنَ اللّٰه! رمضان المبارڪ ۾ روزانو ڏهه لک اهڙن گناهگارن جي بخشش ٿي ويندي آهي جيڪي پنهنجي گناهن جي سبب جهنّم جا حقدار ٿي چُڪا هوندا آهن ۽ پڻ جمعرات ۽ جمعي جي ڏينهن جي ته هر هر گهڙيءَ ۾ ڏهه ڏهه لک گناهگار

جهنّم جي عذاب کان آزاد قرار ڏنا ويندا آهن، ۽ پوءِ رمضان المبارڪ جي آخري رات جي ته ڇا ڳالهه آهي جو سڄي رمضان المبارڪ ۾ جيترا بخشيا ويا هئا انهن جي تعداد برابر گناهگار انهيءَ هڪ رات ۾ عذابِ نار کان نجات حاصل ڪندا آهن. اي ڪاش! الله تعالٰي اسان گناهگارن ۽ بدڪارن کي به انهن مغفرت ماڻيندڙن ۾ شامل ڪري.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جب کہا عصیاں سے میں نے سخت لاچاروں میں ہوں
جن کے پلّے کچھ نہیں ہے ان خریداروں میں ہوں
تیری رحمت کے لئے شامل گنہگاروں میں ہوں
بول اٹھی رحمت نہ گھبرا میں مددگاروں میں ہوں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## خرچ ۾ ڪشادگي ڪريو

**حضرت سيدنا** ضَمُرہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته نبين جي سلطان، سرور ذيشان، رحمتِ عالميان، سردارِ دو جهان، محبوبِ رحمٰن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ برڪت نشان آهي: ”رمضان جي مهيني ۾ گهر وارن جي خرچ ۾ ڪشادگي (**وسعت**) ڪريو ڇوجو رمضان جي مهيني ۾ خرچ ڪرڻ الله تعاليٰ جي راه ۾ خرچ ڪرڻ وانگر آهي.

(الجامع الصغير ص 162 حديث 2716 )

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** رمضان المبارڪ جي مهيني جي فضيلتن سان حديثن جا ڪتاب ڀريا پيا آهن. رمضان المبارڪ ۾ ته ايتريون برڪتون ۽ رحمتون آهن جو اسان جي پياري آقا، مڪي مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ

وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ايتري تائين ارشاد فرمايو، ”جيڪڏهن ماڻهن کي خبر هجي تہ رمضان ڇا آهي تہ منهنجي امت تمنا ڪري ها تہ ڪاش! پورو سال رمضان ئي هجي.“ (صحيح ابن خزيمه ج3 ص 190 حديث 1886)

**مدينہ:** تفصيلي معلومات جي لاءِ فيضان سنّت جو باب فيضان رمضان جو مطالعو فرمايو.

# شوال المڪرم

## ”عيد“ جي ٽن اکرن جي نسبت سان عيد جي ڇهن روزن جا ٽي فضائل

### نئين ڄاول جيان گناهن کان پاڪ

**حضرت سيدنا** عبد الله بن عمر رَضِیَ اللہُ عَنۡہُمَا کان روايت آهي، رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا، ”جنهن رمضان جا روزا رکيا پوءِ **ڇهہ ڏينهن شوال** ۾ رکيا تہ گناهن کان ائين نڪري ويو جيئن اڄ ئي ماءُ جي پيٽ مان پيدا ٿيو آهي.“ (مجمع الزوائد ج3 ص 425 حديث 5102)

### ڄڻ سڄي عمر جو روزو رکيو

**حضرت سيدنا** ابو ايوب رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي، سرڪارِ نامدار مديني جي تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مشڪبار آهي: ”جنهن رمضان جا روزا رکيا وري ان کان پوءِ **ڇهہ شوال** ۾ رکيائين. تہ ائين آهي جيئن دهر جا (**يعني سڄي عمر جا**) روزا رکيا“. (صحيح مسلم، ص. 592، حديث 1164)

## سڇو سال روزا رکيا

**حضرت سيدنا** ثوبان رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ کان روايت آهي، رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: "جنهن عيد الفطر کان پوءِ (شوال ۾) ڇهه روزا رکي ڇڏيا ته ان پوري سال جا روزا رکيا. جو جيڪو هڪ نيڪي آڻيندو ان کي ڏهه ملنديون. (سنن ابن ماجه، ج. 2، ص. 333، حديث 1715)

## ذوالحجة الحرام

## جي شروعاتي ڏهن ڏينهن جا فضائل

**ڪجهه** احاديثِ مبارڪ جي مطابق ذوالحجة الحرام جو پهريون ڏهاڪو (**يعني ابتدائي ڏهه ڏينهن**) رمضان المبارڪ کان پوءِ سيني ڏينهن کان افضل آهي.

## "الله" جي چار اکرن جي نسبت سان ذوالحجة الحرام جي ڏهاڪي متعلق 4 روايتون

## نيڪيون ڪرڻ جا سڀ کان پسنديده ڏينهن

**سرڪارِ نامدار**، مديني جي تاجدار، محبوب ربّ غفار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ نُور بار آهي: "**هنن ڏهن ڏينهن کان وڌيڪ ڪنهن ڏينهن جو نيڪ عمل الله** عَزَّوَجَلَّ **کي محبوب ناهي**". صحابهءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان عرض ڪيو، "يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ۽ نه راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ جهاد؟" فرمايائون "۽ نه راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ جهاد، پر اهو جيڪو پنهنجي جان ۽ مال کڻي نڪري پوءِ ان مان ڪجهه واپس نه آڻي. (**يعني رڳو اهو مجاهد افضل هوندو جيڪو جان ۽ مال قربان ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو**)

(صحيح البخاري، ج. 1، ص. 333، حديث 969)

## شبِ قدر جي برابر فضيلت

**حديثِ پاڪ** ۾ آهي، الله عَزَّوَجَلَّ کي عشرهٔ **ذوالحجه** کان وڌيڪ ڪنهن ڏينهن ۾ پنهنجي عبادت ڪرڻ پسنديده ناهي ان جي هر ڏينهن جو روزو هڪ سال جي روزن ۽ هر رات جو قيام **شبِ قدر** جي برابر آهي.“

(سنن الترمذي، ج. 2، ص. 192، حديث 758)

## عرفہ جو روزو

حضرت سيدنا ابوقتاده رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي سلطانِ مدينه، قرارِ قلب و سينہ، فيضِ گنجينہ، صاحبِ معطر پسينہ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ باقرينہ آهي: ”مون کي الله عَزَّوَجَلَّ تي گمان **(اميد)** آهي تہ **عرفہ (يعني 9 ذوالحجة الحرام)** جو روزو هڪ سال پهريان ۽ هڪ سال بعد جا گناهہ مٽائي ڇڏي ٿو.“ (صحيح مسلم ص 590 حديث 196)

## هڪ روزو هزار روزن جي برابر

اُمُّ المؤمنين حضرتِ سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللہُ عَنۡہَا کان روايت آهي، رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، عرفه (يعني 9 ذوالحجة الحرام) جو روزو هزار روزن جي برابر آهي. (شعب الايمان، ج. 3، ص. 357، حديث 3764) **پر حج** ڪرڻ واري تي جيڪو **عرفات** ۾ آهي ان کي عرفه **(يعني 9 ذوالحجة الحرام)** جي ڏينهن روزو رکڻ مڪروهہ آهي جو حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ خُزيمه رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ ابوهريره رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت ڪن ٿا تہ حضور ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **عرفه (يعني9 ذوالحجة الحرام جي ڏينهن حاجيءَ کي)** عرفات ۾ روزو رکڻ کان منع فرمايو. (صحيح ابن خزيمہ ج3 ص 292 حديث2101)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# مختلف مدني گل

## درود شريف جي فضيلت

**حضرت سيدنا** ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان مروي آهي ته نبي مڪرم، نورِ مجسّم، رسولِ اڪرم، شهنشاهِ بني آدم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان خوشبودار آهي:

مَنْ صَلّٰى عَلَيَّ وَاحِدَةً صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ عَشْرَ صَلَوَاتٍ وَحُطَّتْ عَنْهُ عَشْرُ خَطِيَّاتٍ وَرُفِعَتْ لَهٗ عَشْرُ دَرَجَاتٍ

**يعني**: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو، الله تعالي اُن تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي ۽ اُن جا ڏهه گناهه معاف ڪيا ويندا ۽ اُن جا ڏهه درجا بلند ڪيا ويندا آهن.“ (مشکوة المصابيح ج1 ص 189 حديث 922 )

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب        صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ”مجدد اعظم مولانا امام احمد رضا“ جي پنجويهه الرن جي نسبت سان کارڪن جا 25 مدني گل

﴿1﴾ **طبيبن** جي طبيب، الله عَزَّوَجَلَّ جي حبيب، حبيبِ لبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ صحت نشان آهي، عاليه(**يعني مديني منوره ۾ مسجدِ قباء شريف جي طرف هڪ جڳهه جو نالو**) **جي عجوه** (يعني **مديني منوره جي سڀ کان عظيم کارڪ جو نالو**) ۾ هر بيماريءَ کان شفا آهي. علامه بَدرُالدِّين عَينِي حَنفِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي روايت موجب ”ستن ڏينهن تائين روزانو ست

عدد عَجُوه ڪَارڪ ڪائڻ جُذام (**يعني ڪوڙه**) کي روڪيندو آهي.“ (عمدة القاري ج 14 ص 446)

﴿2﴾ **مٺي مٺي آقا** مڪي مدني مصطفیٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي: ”**عجوه کارڪ** جنّت مان آهي هن ۾ زهر کان شفا آهي.“ (سنن الترمذي، ج. 4، ص. 17، حديث 2073) **بخاري شريف** جي روايت موجب جنهن به نيراني **عجوه کارڪ** جا ست داڻا کائي ڇڏيا ان ڏينهن ان کي جادو ۽ زهر نقصان نه ڏئي سگهندا. (صحيح بخاري شريف ج 6 ص 540 حديث 5445)

## ڇا حديث ۾ ٻڌايل علاج هر ڪو ڪري سگهي ٿو؟

**احاديثِ** مبارڪ ۾ **بيان ڪيل علاج** به پنهنجي مرضيءَ سان نه ڪرڻ گهرجي. بيشڪ سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جا** مبارڪ فرمان **حق، حق** ۽ **حق** ئي آهن. پر جيڪي **علاج** نبين جي سرتاج، صاحبِ معراج صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن** تجويز فرمايا آهن ٿي سگهي ٿو اهي خاص موقعي ۽ موسم جي مُناسبت ۽ مخصوص ماڻهن جي مزاج ۽ طبيعت مطابق هجن جيئن حضرتِ مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث شريف فِی الْحَبَّةِ السَّوْدَاءِ شِفَاءٌ مِّنْ كُلِّ دَاءٍ اِلَّا السَّامَ **يعني** ڪاري داڻي (**ڪلونجي**) ۾ موت کان سواءِ هر بيماريءَ کان **شفا** آهي“ جي حوالي سان فرمائن ٿا: هر بيماريءَ (**۾ شفا**) مان مُراد هر بلغمي ۽ رَطوبت جي بيمارين کان (**شفا آهي**)، ڇوته **ڪلونجي** گرم ۽ خُشڪ هوندي آهي تنهنڪري مَرطُوب (**يعني تر ٿيل**) ۽ سرديءَ جي بيمارين ۾ فائديمند ٿيندي. اڳتي هلي فرمائن ٿا: هتي مُراد **عرب جون عام بيماريون** آهن. (**مرقاة**) يعني **ڪلونجي** عرب جي عام بيمارين ۾ فائديمند آهي. اهو ڌيان ۾ رهي ته احاديثِ مبارڪ ۾ ذڪر ٿيل دوائون ڪنهن حاذِق طبيب (**يعني ماهر طبيب**) جي مشوري سان استعمال ڪرڻ گهرجن (**عربن لاءِ تجويز ڪيل دوائون**) رُڳو (**پنهنجي**) راءِ

سان استعمال نہ ڪريو ڇوتہ اسان جي طبيعت عربن جي طبيعت کان مختلف آهي. (مرآة ج 6 ص 216، 217 ضياءُ القرآن پبلي ڪيشنز مرڪز الاولياء لاهور) ان سان گڏوگڏ اها بہ تاڪيد آهي تہ **هن ڪتاب ۾ ڏنل ڪوبہ نسخو پنهنجي طبيب سان مشورو ڪرڻ ڪان سواءِ استعمال نہ ڪيو وڃي، ٿوڙي جو اهو نسخو انهيءَ بيماريءَ جي لاءِ هجي جنهن ۾ توهان مبتلا آهيو.** ان جو بنيادي سبب اهو آهي تہ ماڻهن جون طَبعي (طَبَ - عِي) ڪيفيّتون مختلف هونديون آهن، هڪ ئي **دوا** ڪنهن جي لاءِ **آبِ حيات** جو ڪم ڏيکاري ٿي تہ ڪنهن جي لاءِ **موت جو پيغام** آڻي ٿي. تنهنڪري توهان جي جسماني ڪيفيّتن کان واقِف توهان جو مخصوص طبيب ئي بهتر طئي ڪري سگهي ٿو تہ توهان جي لاءِ ڪهڙو نُسخو فائديمند ٿي سگهي ٿو ۽ ڪهڙو نہ. ڇو تہ ڪتاب ۾ علاج جا طريقا بيان ڪرڻ هڪ الڳ ڳالهہ آهي جڏهن تہ ڪنهن خاص مريض جو علاج ڪرڻ الڳ.

﴿3﴾ **حضرت سَيِّدُنا ابو هريره** رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي، **ٽارڪ** کائڻ سان قولنج (**يعني وڏي آنڊي جو سور جنهن ٽي انٽريزيءَ ۾ اپينڊڪس APPENDIX چوندا آهن**) ناهي ٿيندو. (ڪنزالعمال ج 10 ص 12 حديث28191)

﴿4﴾ **طبيبن** جي طبيب الله عَزَّوَجَلَّ جي حبيب، حبيبِ لبيب صَلَّی اللہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ شفاءِ نشان آهي: "نيراني **ٽارڪ** کائو ان سان پيٽ جا ڪيڙا مري ويندا آهن." (الجامع الصغير ص 398 حديث6394)

﴿5﴾ **حضرت** سَيِّدُنا ربيع بن خُثيم رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ **فرمائن ٿا:** منهنجي ويجهو حامل (**پيٽ واري عورت**) جي لاءِ **ڪارڪ** کان ۽ مريض جي لاءِ ماکيءَ کان بهتر ڪنهن شيءِ ۾ شفا ناهي." (الدرالمنثور ج 5 ص 505 )

﴿6﴾ **سيدي محمد احمد ذهبي** رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا حامله (**پيٽ واري**) کي **ڇوهارا** کارائڻ سان اِنۡ شَآءَالله ڄڃوکرو پيدا ٿيندو جيڪو خوبصورت، بُردبار ۽ نرم مزاج هوندو.

﴿7﴾ **جيڪو** بُک جي سبب ڪمزور ٿي ويو هجي ان جي لاءِ **ڇوهارا** تمام مفيد آهي ڇو ته هي غذائيّت (**يعني کاڌي جي طاقتور جُزن**) سان ڀرپور آهي هن جي کائڻ سان جلد توانائي بحال ٿي ويندي آهي تنهنڪري **کارڪ** سان افطار ڪرڻ ۾ اها حڪمت به آهي.

﴿8﴾ **روزي** ۾ يڪدم برف جو ٿڌو پاڻي پيئڻ سان گيس، تَبۡخِيۡرِ مِعده (**معدي جي گرمي**) ۽ جگر جي ورم (**يعني سوڄ**) جو سخت خطرو آهي. **ڇوهارا** کائي ٿڌو پاڻي پيئڻ سان نقصان جو خطرو ٽري ويندو آهي. پر تمام ٿڌو پاڻي پيئڻ هر وقت نقصان ڪار آهي.

﴿9﴾ **ڇوهارا** ۽ کيرو (**يعني بادرنگ**) يا ونگي **کارڪ** ۽ هنداڻو گڏ کائڻ سنّت آهي. هن ۾ به حڪمتن جا مدني گل آهن. اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان جي عمل جي لاءِ ته هن جو سنّت هجڻ ئي ڪافي آهي، طبيبن جو چوڻ آهي ته ان سان جنسي ۽ جسماني ڪمزوري ۽ ڏبرائپ ختم ٿيندي آهي. حديثِ پاڪ ۾ سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان صحت نشان آهي "**مکڻ** سان گڏ **ڇوهارا** ملائي کائو، پُراڻيون ۽ تازيون **ڇوهارڪون** ملائي ڪري کائو، ڇو جو جڏهن شيطان ڪنهن کي ائين ڪندي ڏسندو آهي ته افسوس ڪندو آهي ته پراڻي سان گڏ نئين **ڇوهارا** کائي ڪري ماڻهو تنومن (**يعني مضبوط جسم وارو**) ٿي ويو. (سنّن ابنِ ماجه ج4ص39 حديث 3330)

﴿10﴾ **ڇوهارا** کائڻ سان پُراڻو قبض ختم ٿيندو آهي.

﴿11﴾ **اُپساهي (دمو)**، دل، گردي، مثاني، پِتي ۽ آنڊن جي مرضن ۾ **ڳاڙها** مفيد آهي. هيءَ بلغم خارج ڪندي آهي وات جي خشڪيءَ کي ختم ڪندي آهي، قُوّتِ باهه (**مردانه قوت**) وڌائيندي ۽ پيشاب آڻيندڙ آهي.

﴿12﴾ **دل** جي بيماري ۾ ڪاري موتي (**يعني جسم تي ڦرڙيون ٿيڻ**) جي لاءِ **ڪارڪ** کي ککڙيءَ سميت کُٽي کائڻ مفيد آهي.

﴿13﴾ **ڳاڙهڪ** کي پسائي ان جو پاڻي پيئي ڇڏڻ سان جگر جون بيماريون ختم ٿينديون آهن. دستن جي بيماريءَ ۾ به هي پاڻي مفيد آهي. (**رات جو پسائي صبح جو نيرانو ان جو پاڻي پيئو پر پسائڻ جي لاءِ فريزر ۾ نه رکو.**)

﴿14﴾ **ڳاڙهڪ** کي کير ۾ اوٻاري کائڻ بهترين مقوي (**يعني طاقت ڏيڻ واري**) غذا آهي. هيءَ غذا بيماريءَ کان پوءِ جي ڪمزوري ختم ڪرڻ جي لاءِ بيحد مفيد آهي.

﴿15﴾ **ڳاڙهڪ** کائڻ سان زخم جلدي ڀرجي ويندو آهي .

﴿16﴾ **يرقان** (**يعني سائيءَ**) جي لاءِ **ڳاڙهڪ بهترين دوا آهي.**

﴿17﴾ **تازي** پڪل **ڳاڙهڪ** صفرا (**يعني "پِتي" مان الٽيءَ ذريعي نڪرندڙ پيلو ۽ ڪوڙو پاڻي**) ۽ تيزابيّت (**يعني** Acidit) کي ختم ڪندي آهي.

﴿18﴾ **ڳاڙهڪ** جي ککڙين کي باهه ۾ ساڙي ان جو منجن (**يعني ٿوٿ پائوڊر**) ناهيو. هي ڏندن کي چمڪدار ۽ وات جي بدبوءِ کي ختم ڪندو آهي.

﴿19﴾ **ٽارڪ** جي سڙيل ڪڪڙين جي ڪيري (**يعني خاڪ**) لڳائڻ سان زخم جو رت بند ٿي ويندو آهي ۽ زخم پرجي ويندو آهي.

﴿20﴾ **ٽارڪ** جي ڪڪڙين کي باھ ۾ وجهي واس وٺڻ بواسير (**يعني موڪن**) کي خشڪ ڪندو آهي.

﴿21﴾ **ڪجيءَ** جي وڻ جي پاڙن يا پَنن جي خاڪ ڏندن جي سور جي لاءِ مفيد آهي. پاڙن يا پنن کي پاڻي ۾ ڪاڙهي ان سان گرڙيون ڪرڻ ٻـ ڏندن جي سور ۾ فائديمند آهي.

﴿22﴾ **جنهن** کي **ٽارڪ** کائڻ سان ڪنهن قسم جو نقصان (**Side effect**) ٿيندو هجي تہ ڏاڙهون جو رس يا خس خس يا ڪاري مرچ سان گڏ استعمال ڪري اِنْ شَآءَاللّٰه فائدو ٿيندو.

﴿23﴾ **اڌ** پڪل ۽ پُراڻي **ٽارڪ** هڪ ئي وقت کائڻ نقصانڪار آهي اهڙيءَ طرح **ٽارڪ** سان گڏ انگور يا **ڪشمش** يا مُنَقَّا ملائي کائڻ، **ٽارڪ** ۽ انجير هڪ ئي وقت کائڻ، بيماريءَ مان اٿندي ئي ڪمزوريءَ ۾ گهڻي **ٽارڪ** کائڻ ۽ اکين جي بيماريءَ ۾ **ٽارڪ** کائڻ نقصانڪار آهي.

﴿24﴾ **هڪ** وقت ۾ 5 تولا (**يعني تقريبا 60 ٽرام**)کان وڌيڪ **ٽارڪ** نہ کائو. پُراڻي **ٽارڪ** کائڻ وقت کولي اندران ڏسي وٺو ڇو تہ هن ۾ ڪڏهن ڪڏهن (**ننڍا ننڍا ڀاڙها جيت هوندا آهن**) تنهنڪري صاف ڪري کائو. جنهن **ٽارڪ** ۾ ڪيڙا هجڻ جو گمان هجي ان کي صاف ڪرڻ کان سواءِ کائڻ مڪروھ آهي. (عون المعبود ج10 ص246) ڪپائڻ وارا چمڪائڻ جي لاءِ اڪثر سرنهن جو تيل لڳائي ڇڏيندا آهن. تنهن ڪري بهتر هي آهي تہ **ٽارڪ** کي ڪجھ منٽن جي لاءِ پاڻي ۾ پسائي رکو، تہ

جيئن مکين جون وِنيون ۽ کِن ڪچرو صاف ٿي وڃي پوءِ ڏوئي استعمال ڪيو. وڻ جي پڪل **ٽارڪ وڏيڪ مفيد** هوندي آهي.

《25》 **مدينـۀ منوره** زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَتَعۡظِيمًا **جي ڪارڪن** جون ککڙيون هيڏي هوڏي نہ اڇلايو، ڪنهن ادب جي جاءِ تي رکي ڇڏيو يا درياءَ ۾ وجهي ڇڏيو بلڪہ ٿي سگهي تہ ڪنهن شيءِ سان ننڍا ننڍا ٽڪرا ڪري دٻيءَ ۾ وجهي ڪيسي ۾ رکي ڇڏيو ۽ سوپاريءَ جي جاءِ تي استعمال ڪري ان جون برڪتون ماڻيو. مديني مان ٿي آيل هر شيءِ توڙي اها دنيا جي ڪنهن بہ خطي جي هجي اها مديني پاڪ جي فضائن ۾ داخل ٿيندي ئي مديني جي ٿي وئي. تنهنڪري عاشق ان جو ادب ڪندا آهن.
(فيضان سنّت باب فيضان رمضان ج1 ص 1018)

## ”شريعت ۽ سنت جي پابندي ڪرڻ ۾ ئي نجات آهي“ جي ٿيهہ اکرن جي نسبت سان 30 غلطين جي نشاندهي

《1》 **ان** خيال ۾ سدائين مَگن رهڻ تہ جواني ۽ تندرستي هميشہ رهندي.

《2》 **مُصيبتُن** ۾ بي صبر بڻجي رَڙيون ۽ دانهُون ڪرڻ.

《3》 **پنهنجي** عقل کي سڀ کان وڌيڪ سمجهڻ

《4》 **دشمن** کي حقير (**ڪمزور**) سمجهڻ.

《5》 **بيماريءَ** کي معمولي سمجهي شروع ۾ علاج نہ ڪرڻ.

《6》 **پنهنجي** راءِ تي عمل ڪرڻ ۽ ٻين جي مشورن کي ٺُڏي ڇڏڻ.

﴿7﴾ **ڪنهن** بدڪار کي هر هر آزمائڻ جي باوجود سندس چاپلوسيءَ ۾ اچي وڃڻ.

﴿8﴾ **واندڪائيءَ** ۾ خوش رهڻ ۽ روزي تلاش نہ ڪرڻ .

﴿9﴾ پنهنجو راز ڪنهن ٻئي کي ٻُڌائي ان کي ڳُجهو رکڻ جي تاڪيد ڪرڻ.

﴿10﴾ **آمدنيءَ** کان وڌيڪ خرچ ڪرڻ.

﴿11﴾ **ماڻهن** جي تڪليف ۾ شريڪ نہ ٿيڻ ۽ انهن کان مدد جي اُميد رکڻ.

﴿12﴾ **هڪ** يا ٻن ملاقاتن ۾ ئي ڪنهن شخص بابت ڪا چڱي يا بُري راءِ قائم ڪرڻ.

﴿13﴾ **والدين** جي خدمت نہ ڪرڻ ۽ اولاد کان خدمت جي اميد رکڻ.

﴿14﴾ **ڪنهن** ڪم کي انهيءَ خيال سان اَڌورو ڇڏي ڏيڻ جو ڪنهن ٻئي وقت مڪمل ڪري وٺندس .

﴿15﴾ **هر** شخص سان بدي ڪرڻ ۽ ماڻهن کان پنهنجي لاءِ نيڪيءَ جي تَوقُّع رکڻ.

﴿16﴾ **گمراهن** جي صحبت ۾ اُٿڻ ويهڻ.

﴿17﴾ **ڪو** جيڪڏهن عمل صالح (**نيڪيءَ جي ڪم**) جي تلقين ڪري تہ ان تي ڌيان نہ ڏيڻ.

﴿18﴾ **پاڻ** حرام ۽ حلال جو خيال نہ ڪرڻ ۽ ٻين کي ان راھہ تي لڳائڻ .

﴿19﴾ **ڪوڙا** قسم کڻي، ڪُوڙ ڳالهائي، ڌوکو ڏئي ڪري پنهنجي واپار کي وڌائڻ.

﴿20﴾ **علم** دين ۽ ديندار يءَ کي عزت نہ سمجهڻ .

﴿21﴾ **پاڻ** کي ٻين کان بهتر سمجهڻ.

﴿22﴾ **فقيرن** ۽ سوالين کي پنهنجي دروازي تان ڌڪا ڏيئي ڀڄائي ڇڏڻ.

﴿23﴾ **ضرورت** کان وڌيڪ ڳالھہ ٻولھہ ڪرڻ.

﴿24﴾ **پنهنجي** پاڙيسرين سان ڦِتائي رکڻ.

﴿25﴾ **بادشاهن** ۽ اميرن جي دوستيءَ تي اعتبار ڪرڻ.

﴿26﴾ **هرو ڀرو** ڪنهن جي گهريلو معاملن ۾ دخل ڏيڻ.

﴿27﴾ **بنا سوچي** سمجهي ڳالھہ ڪرڻ.

﴿28﴾ **ٽن ڏينهن** کان وڌيڪ ڪنهن جو مهمان ٿئجڻ.

﴿29﴾ **پنهنجي** گهر جو راز ٻين تي ظاهر ڪرڻ.

﴿30﴾ **هر شخص** آڏو پنهنجا ڏک سُور بيان ڪرڻ. (جنتي زيور، ص755)

## 49 انتهائي ڪارائتا مدني ٽل

﴿1﴾ **رات** جو دروازو بند ڪرڻ وقت گهر اندر چڱيءَ طرح سار سنڀال ڪري وٺو ته ڪو ڌاريو شخص، ڪتو، ٻلي اندر ته ناهي رهجي ويو، اها عادت بڻائي ڇڏڻ سان اِنْ شَآءَاللّٰه گهر ۾ ڪو نقصان ڪونه ٿيندو.

﴿2﴾ **ٽل** ۽ گهر جي سمورن سامانن کي صاف سُٿرو رکو ۽ هر شيءِ کي سندس جڳهه تي رکو.

﴿3﴾ **سڀ** گهر وارا پاڻ ۾ طئي ڪري وٺو ته فلاڻي شيءِ، فلاڻي جڳهه تي رهندي پوءِ سمورا گهر جا ڀاتي ان جا پابند ٿي وڃن ته جڏهن ان شيءِ کي اتان کڻن ته استعمال ڪري وري ساڳئي جڳهه تي رکي ڇڏين ته جيئن هر شخص کي بغير پُڇڻ ۽ بغير ڳولڻ جي اها شيءِ ملي وڃي ۽ ضرورت وقت ڳولڻ جي ضرورت نه پوِي،

﴿4﴾ **ٽل** جي سمورن ٿانون کي ڌوئي ڪري ڪنهن ڪٻٽ يا مٿائي جڳهه ۾ اونڌو ڪري رکي ڇڏيو ۽ وري ٻيهر جڏهن انهيءَ ٿانو کي استعمال ڪرڻو هجي ته ان ٿانوَ کي ڌوئڻ بنا استعمال نه ڪريو.

﴿5﴾ **ڪو** کاڌي هاڻو ٿانءُ يا کاڌو يا دوا لڳل ٿانءُ هرگز هرگز نه رکندا ڪريو، اوبر يا کاڌن ۽ دوائون لڳل ٿانون ۾ جراثيم پيدا ٿيندا آهن ۽ قسمين قسمين بيماريون پيدا ٿيڻ جو خطرو رهندو آهي.

﴿6﴾ **اونداهيءَ** ۾ ڏسڻ بنا هرگز هرگز پاڻي نه پيئو نه کاڌو کائو.

﴿7﴾ **ٽل** يا اڱڻ جي رستي تي کٽ يا ڪرسي يا ڪو ٿانءُ يا ڪوبه سامان نه رکندا ڪريو، ائين ڪرڻ سان ڪڏهن ڪڏهن روز جي عادت

موجب بي ڏڙڪ هليو اچڻ واري ڪي ٿابو ايندو ۽ ڪڏهن تہ سخت ڏڪ بہ لڳي سگهي ٿو.

﴿8﴾ **مَٽ يا دِلِي** جي منهن يا ڪوئنري جي ٿونٽي(**ٿُنري**) سان وات لڳائي ڪڏهن بہ پاڻي نہ پيئو ڇاڪاڻ جو اوّل تہ هي تهذيب جي خلاف آهي ٻيو هيءُ خطرو آهي تہ مَٽَ يا دِلِي يا ٿونٽيءَ ۾ ڪو جيت وغيره لڪيل هجي ۽ اهو پاڻيءَ سوڌو پيٽ ۾ هليو وڃي .

﴿9﴾ **هفتي** يا ڏهہ ڏينهن ۾ هڪڙو ڏينهن گهر جي مڪمل صفائيءَ جي لاءِ مقرر ڪري ڇڏيو. انهيءَ ڏينهن سموري گهر جي صفائي ڪري وٺو.

﴿10﴾ **ڏينهن** رات وينو رهڻ يا پلنگ تي سُتل يا ليٽيل رهڻ تندرستيءَ جي لاءِ بيحد نقصانڪار آهي. اسلامي ڀائرن کي صاف ۽ کليل هوا ۾ ڪجهہ گهمي ڦري وٺڻ ۽ اسلامي ڀينرن کي ڪجهہ محنت جا ڪم هٿ سان ڪري وٺڻ تندرست رهڻ جي لاءِ نهايت ضروري آهي.

﴿11﴾ **جنهن** جڳهہ تي ڪجهہ ماڻهو وينا هجن اتي ويهي ڪري ٿڪ نہ اڇلايو نہ کانگهارو ڪڍو، نہ نڪ صاف ڪريو (**ٿورو پرتي وڃي ڪريو**) جو تهذيب جي خلاف آهي. ۽ ٻين لاءِ نفرت پيدا ٿيڻ جو ڪارڻ آهي.

﴿12﴾ **دامن**، پوتيءَ جي پلئہ يا ٻانهن سان نڪ صاف نہ ڪريو نہ ئي هٿ يا چهرو انهن شين سان اگهو ڇاڪاڻ جو اها گندگي آهي ۽ تهذيب جي پڻ خلاف آهي.

﴿13﴾ **جوتا** ۽ ڪپڙا يا بسترو استعمال ڪرڻ کان اڳ چنڊي ونندا ڪريو تي سگهي ٿو تہ ڪو مُوذي جانور وينو هجي جيڪو بي خبري ۾ اوهان کي ڏنگي وٺي.

﴿14﴾ **ننڍڙي** ٻار کي کيڏائيندي يا ريجهائيندي ڪڏهن بہ هرگز هرگز متي اُڇلائي اُڇلائي نہ کيڏايو، الله نہ ڪري هٿ مان ڇڏائجي ويو تہ ٻارڙي جي جان خطري ۾ پئجي ويندي.

﴿15﴾ **وچ** دروازي تي نہ ويهندا (ڪريو سيني اچڻ وڃڻ وارن کي تڪليف ٿيندي ۽ پاڻ اوهان کي بہ تڪليف ٿيندي.)

﴿16﴾ **جيڪڏهن** گُجهيءَ جاءِ تي ڪنهن کي ڦٽ، ڦُرڙي يا سُور يا سوڄ ٿي پوي تہ ڪانئس اهو نہ پُڇو تہ ڪٿي آهي؟ ائين ڪرڻ سان خواهہ مخواهہ ڪيس لڄي ٿيڻو پوندو.

﴿17﴾ **بيت الخلاء** يا غسل خاني منجهان اگهٽ يا گوڏ ٻڌندي يا لباس پائيندي ٻاهر نہ نڪرو بلڪہ اندران ئي پهري ڪري ٻاهر نڪرو.

﴿18﴾ **جڏهن** اوهان کان ڪو شخص ڪا ڳالهہ پڇي تہ پهريان ان جو جواب ڏيو تنهن کان پوءِ ئي ٻيو ڪم ڪريو.

﴿19﴾ **جيڪا** ڳالهہ ڪنهن کي چئو يا ڪنهن ڳالهہ جو جواب ڏيو تہ صاف صاف ڳالهايو ۽ ايڏي آواز سان ڳالهايو جو سامهون وارو چڱيءَ طرح ٻڌي ۽ سمجهي وٺي.

﴿20﴾ **جيڪڏهن** ڪنهن جي بابت ڪا ڳجهي ڳالهه ڪنهن کي چوڻي هجي ۽ اهو شخص ان مجلس ۾ موجود هجي ته اک يا هٿ سان هر هر ان ڏانهن اشارو نه ڪريو جو ناحق ان شخص کي طرحين طرحين جا برا خيال ايندا.

﴿21﴾ **ڪنهن** کي به ڪا شيءِ ڏيڻي هجي ته پنهنجي هٿ سان ان جي هٿ ۾ ڏيو يا ٿانوَ ۾ رکي ڪري سندس آڏو پيش ڪريو، پري کان اُڇلائي ڪنهن کي ڪا شيءِ نه ڏيو جو شايد سندس هٿ تائين نه پهچي سگهي ۽ زمين تي ڪري پئجي ٽُٽي پوي يا خراب ٿي وڃي.

﴿22﴾ **جيڪڏهن** ڪنهن کي پکو (**وڃڻو**) هڻو ته ان ڳالهه جو خيال رکو ته سندس مٿي، ڇهري يا بدن جي ڪنهن حصي تي پکو لڳڻ نه گهرجي ۽ پکي کي ايڏو زور سان به نه هڻو جو پاڻ اوهان يا ٻيا پريشان ٿين.

﴿23﴾ **ميرا** ڪپڙا جيڪي ڌوٻيءَ ڏانهن وڃڻا هجن انهن کي گهر ۾ هيڏانهن هوڏانهن پيل يا زمين تي وکريل رهڻ نه ڏيو بلڪ جڳهه جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ڪاٺ جي هڪ معمولي پيتي رکي ڇڏيو ۽ سمورا ميرا ڪپڙا انهيءَ منجهه جمع ڪندا رهو.

﴿24﴾ **پنهنجي** اوني ڪپڙن کي ڪڍهن اُس ۾ سُڪائيندا ڪريو ۽ ڪتابن کي به ته جيئن جيت وغيره ڪپڙن ۽ ڪتابن کي ڪُتري خراب نه ڪري سگهن.

﴿25﴾ **جتي** کو ماڻهو وينو هجي اتي دَز ڌُوڙ واري شين کي نہ ڇنڊيو.

﴿26﴾ **کنهن** ڏک يا پريشاني يا غم ۽ بيماري وغيره جي خبرن کي هرگز ان وقت تائين نہ ڇوڙ گهرجي جيستائين خوب چڱيءَ طرح تحقيق نہ ٿي وڃي.

﴿27﴾ **تائڻ** پيئڻ جي کابہ شيءِ کليل نہ رکو سدائين ڍڪي رکندا کريو ۽ مکين جي ويهڻ کان بچايو.

﴿28﴾ **ٻڪندي،** منهن مٿي کري نہ گهمڻ گهرجي ان سان ٿابو اچڻ کنهن سان ٽکرائڻ وغيره جا کوڙا سارا خطرا آهن.

﴿29﴾ **هلڻ مهل** پير پورو کڻندا کريو ۽ پورو پير زمين تي رکندا کريو، پٻن يا کُڙين تي هلڻ يا پير گسائيندي هلڻ اهو تهذيب جي خلاف آهي.

﴿30﴾ **کپڙا** پاتل هجڻ جي صورت ۾ نہ سبڻ گهرجن.

﴿31﴾ **هر** کنهن تي انڌو اعتماد نہ کرڻ گهرجي جيستائين کنهن کي هر طرح سان هرهر آزمائي نہ ونو مٿس اعتبار نہ کندا کريو خاص کري اکثر شهرن ۾ کوڙ ساريون عورتون حاجاڻي صاحب ٻڌجي کعبہ مشرفہ جي غلاف آڻيندي، کا تعويذ ڌاڳو جهاڙ ڦوڪ کندي گهرن ۾ گهڙنديون وتنديُون آهن ۽ عورتن جي مجمعي ۾ ويهي الله عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون ڳالهيون کنديون آهن،

خبردار! خبردار اهڙي عورتن کي گھر ۾ اچڻ ئي نہ ڏيو، دروازي کان ئي واپس ڪري ڇڏيو. اهڙي عورتن کوڙ ساري گھرن کي برباد ڪري ڇڏيو آهي. انهن عورتن منجهہ ڪجهہ چورن ۽ ڌاڙيلن جون مخبر (**خبرون ڏيندڙ**) بہ هونديون آهن، جيڪي گھرن منجهہ داخل ٿي سڄو ماحول ڏسي وٺنديون آهن پوءِ چورن ۽ ڌاڙيلن کي سندس گھر جو احوال ڏسينديون آهن.

﴿32﴾ **جيستائين** ٿي سگھي کو سودو سامان اُڌارو نہ گھرائيندا ڪريو ۽ جيڪڏهن مجبوريءَ ۾ گھرائڻو ئي پئجي وڃي تہ اگهہ پُڇي تاريخ سوڌو لکي ڇڏيو ۽ جڏهن رقم اوهان وٽ اچي وڃي تہ يڪدم ادا ڪري ڇڏيو زباني ياد ڪرڻ تي ڀروسو نہ ڪريو.

﴿33﴾ **جيستائين** ٿي سگھي خرچ هلائڻ ۾ تمام گھٽي ڪفايت کان ڪم وٺو ۽ رپيا پيسا گھٽي ئي انتظام (خيال) سان ڪڍو بلڪہ جيترو خرچ لاءِ اوهان کي ملي ان منجهان ڪجهہ نہ ڪجهہ بچائي وٺندا ڪريو.

﴿34﴾ **جيڪي** عورتون هر ڪنهن جي گھرن ۾ ايندڙيون ويندڙيون آهن جيئن ڪٽياڻي (**ڏوبڻ**) ڪم واريون وغيره انهن جي آڏو هرگز پنهنجي گھر جي اختلافن ۽ جهيڙن کي بيان نہ ڪريو ڇاڪاڻ تہ اڪثر اهڙيون عورتون گھرن جون ڳالهيون ڏهہ گھرن ۾ چونديون وتنديون آهن.

﴿35﴾ **ڪو** شخص اوهان جي دروازي تي اچي ڪري اوهان جي گهر جي ڪنهن فرد جو دوست يا رشتيدار هئڻ ظاهر ڪري ته هرگز ڪيس پنهنجي جڳهه اندر نه گهرايو نه ئي سندس ڪو سامان پنهنجي گهر ۾ رکو نه پنهنجو ڪو قيمتي سامان ان جي حوالي ڪريو.

﴿36﴾ **محبت** ۾ پنهنجي ٻارڙن ڪي بنا بڪ لڳڻ جي کاڌو نه کارايو نه ئي اصرار ڪري گهڻو کارايو ڇوته انهن ٻنهي صورتن ۾ ٻارڙا بيمار ٿي پوندا آهن جنهن جي تڪليف اوهان ۽ ٻارڙن ٻنهي کي سهڻي پوندي.

﴿37﴾ **ٻارڙن** لاءِ سياري ۽ اونهاري جي ڪپڙن جو خاص طور تي ڌيان لازمي آهي جو ٻارڙا گرمي يا ٿڌ لڳڻ ڪري بيمار ٿي پوندا آهن.

﴿38﴾ **ٻارڙن** کي ماءُ پيءُ بلڪ ڏاڏي جو نالو پڻ (**بلڪ ڳهر جي ايڊريس به**) ياد ڪرائي ڇڏيو ۽ ڪڏهن ڪڏهن پڇندا ڪريو ته جيئن ياد رهي، ان ۾ اهو فائدو آهي ته جيڪڏهن الله نه ڪري ٻارڙو گم ٿي وڃي ۽ ڪانئس ڪو پُڇي ته تنهنجي پيءُ جو نالو ڇا آهي؟ تنهنجا ماءُ پيءُ ڪير آهن؟ (**توهان جو ڳهر ڪٿي آهي؟**) ته جيڪڏهن ٻار کي نالا ۽ پتو وغيره ياد هوندا ته ٻُڌائيندو، پوءِ ڪونه ڪو ڪيس اوهان تائين پهچائيندو يا اوهان کي گهرائي ٻارڙو اوهان جي حوالي ڪندو ۽ جيڪڏهن ٻارڙي کي ماءُ پيءُ جو نالو (۽ **پتو**) ياد نه هو ته ٻارڙو ائين ئي چوندو ته بابا ۽ امان جو ٻار آهيان ڪا خبر ڪانهي ته ڪير بابا؟ ڪير امان؟

www.dawateislami.net

﴿39﴾ **اسلامي** ڀينرن کي ننڍڙي ٻارن کي اڪيلو ڇڏي گهر کان ٻاهر هليو نہ وڃڻ گهرجي جو ائين بہ ٿيو آهي تہ هڪ عورت ٻار آڏو ڪاڏو رکي ڪري ٻاهر هلي وئي. ڪوڙ ساري ڪانون (**ڪائنٽن**) ٻار آڏو رکيل ڪاڏو کسي ڪائي ڇڏيو ۽ ڇُهنبُون هٽي هٽي ٻار جي اک بہ ڪڍي ڇڏي اهڙيءَ طرح هڪ ٻار کي ٻليءَ اڪيلو ڏسي ايڏا رانيوٽا هنيا جو ٻار مري ويو.

﴿40﴾ **ڪنهن** کي ترسي پوڻ يا ڪاڏو ڪائڻ تي گهڻو اصرار نہ ڪريو ڪڏهن ڪڏهن ان ۾ مهمان کي پريشاني يا تڪليف ٿي پوندي آهي پوءِ سوچيو تہ ڀلا اهڙي محبت جو ڇا فائدو جنهن جو انجام نفرت ۽ بدنامي هُجي.

﴿41﴾ **وزن** يا خطري واري ڪا شيءِ ڪنهن ماڻهوءَ جي مٿان کان ڪٽي نہ ڏيڻ گهرجي خدا نہ ڪري اها شيءِ هٿ مان ڇڏائي ماڻهوءَ جي مٿان ڪري پئي تہ ان جو انجام ڪيڏو خطرناڪ ٿيندو؟

﴿42﴾ **ڪنهن** ٻار يا شاگرد کي سزا ڏيڻي هجي تہ مٿي، لٺ يا لت مُڪ نہ هڻو خدا نہ ڪري ڪنهن نازڪ جاءِ تي ڌڪ لڳي وڃي تہ ڪيڏي وڏي مصيبت مٿان اچي پوندي!

﴿43﴾ **جيڪڏهن** اوهين ڪنهن جي گهر مهمان ٿي وڃو ۽ ڪاڏو ڪائي چُڪا هُجو تہ حال موجب ويندي ئي گهروارن کي چئي ڇڏيو تہ اسين ڪاڏو ڪائي آيا آهيون ڇاڪاڻ تہ گهروارا لحاظ ڪارڻ بنا پڇڻ جي ۽ چُپ چُپائيءَ ۾ ڪاڏو تيار ڪندا ۽ جڏهن ماني سامهون آئي تہ اوهان

چئي ڇڏيو تہ اسان ڪاڏو ڪائي آيا آهيون سوچيو تہ ان مهل گهروارن کي ڪيڏو نہ افسوس ٿيندو؟

﴿44﴾ **جيڪڏهن** جيڪڏهن رقم يا زيور وغيره دفن ڪري رکيا آهن تہ پنهنجي گهرڀاتين منجهان جنهن تي ڀروسو هجي ان کي ٻڌائي ڇڏيو نہ تہ شايد اوهان جو اوچتو انتقال ٿي وڃي تہ اهي زيور يا رقم سدائين زمين منجهہ ئي رهجي ويندا. (**اهڙيءَ طرح ٻڌڻ**) مال ۽ امانتون ۽ دستاويزات جي بابت ڪنهن کي اعتماد ۾ وٺي ڇڏڻ فائديمند آهي.

﴿45﴾ **جڏهن** ۾ ٻرندڙ ڏيئو يا باهہ ڇڏي ڪري ٻاهر نہ هليا وڃو، ڏيئي يا باهہ کي جڳهہ منجهان نڪرڻ مهل وسائي ڇڏڻ گهرجي.

﴿46﴾ **ايڏو** گهڻو نہ کائو جو کُورن جي جاءِ بہ پيٽ ۾ باقي نہ رهي.

﴿47﴾ **جيستائين** ممڪن هُجي رات مهل جڳهہ ۾ اڪيلا نہ رهو، خدا کي خبر تہ رات جو ڇا اتفاق ٿي پوي؟ لاچاري ۽ مجبوريءَ جي تہ ٻي ڳالهہ آهي جيترو ٿي سگهي جڳهہ ۾ رات جو اڪيلو نہ سُمهڻ گهرجي.

﴿48﴾ **پنهنجي** هُنر تي ناز نہ ڪرڻ گهرجي.

﴿49﴾ **بُري** وقت جو ڪوبہ ساٿي ڪونهي هُوندو ان لاءِ رڳو خُدا تي ڀروسو رکو. (جنتي زيور ص 558 ملخصا )

## ”احتياط ۾ سدائين سُک آ“ جي سورهن اکرن جي نسبت سان 16 گهرو علاج ۽ ڪارائتا مدني ګل

﴿1﴾ پلنگ جي پيرانديءَ کان جاڻ (هڪ ديسي دوا) جون ڳوتريون ٻَڌڻ سان اِنْ شَآءَالله ان پلنگ جا مُنگهڻ (يعني کٽمل) ڀڄي ويندا.

﴿2﴾ **جيڪڏهن** مڇرداني مُيسر نہ هجي ۽ گرميءَ جي موسم ۾ مڇر گهڻو تنگ ڪن تہ بستري تي هر هَنڌ تُلسي (**نالي ٻوٽي**) جا پن ڦهلائي ڇڏيو اِنْ شَآءَالله مَڇر ڀَڄي ويندا.

﴿3﴾ **ڪاٺ** منجهہ ڪو ڪو هڻڻ سان ڪاٺ جي چيرجڻ جو پَؤ هجي تہ ان ڪوڪي کي پهريان صابڻ ۾ هڻڻ ڪانپوءِ ڪاٺ ۾ هڻڻ گهرجي اِنْ شَآءَالله اهڙيءَ طرح ڪاٺي ڪانہ ڦاٽندي.

﴿4﴾ **ڪاغذي** ليمي (**سنهي کل واري ليمي**) جو رس جيڪڏهن ڏينهن ۾ ڪجهہ پيرا پي وٺو تہ اِنْ شَآءَالله مليريا جو حملو ڪونہ ٿيندو.

﴿5﴾ **جهولي** (**گرم هوا**) کان بچڻ لاءِ تيز اُس ۾ سفر ڪرڻ مهل کيسي ۾ هڪ بصر رکڻ گهُرجي.

﴿6﴾ **هيضي** جي حملي کان بچڻ لاءِ سرڪو، ليمي ۽ بصر جو ڪثرت سان استعمال ڪرڻ گهرجي.

﴿7﴾ **سبزين** کي جلدي ڳارڻ ۽ اٽي منجهہ خميرو جلد آڻڻ لاءِ ڳِدري جي کل کي خوب سُڪايو ۽ ان کي سَنهو پيهي سفوف (**يعني پاؤڊر** )

تيار ڪري پوءِ انهيءَ سفوف کي سبزين ۾ جلدي ڳارڻ لاءِ وجهو ۽ اٽي منجهہ خميرو جلد آٽڻ لاءِ ٿورو سفوف اٽي ۾ وجهي ڇڏيندا ڪريو.

﴿8﴾ **زيتون** جو تيل (OLIVE OIL) ڏندن تي مَلڻ سان مُهارون ۽ لُڏندڙ ڏند مضبوط ٿي ويندا آهن.

﴿9﴾ **هِڏڪي** اچي رهي هُجي تہ لونگ ڪائي چِڏڻ سان بند ٿي ويندي آهي.

﴿10﴾ **مٽي** ۾ جُوئُون پئجي وڃن تہ ڦُودني جو سَتُ (**عرق**) صابڻ جي پاڻيءَ ۾ ملائي ڪري مٽي ۾ وجهو ۽ خُوب مٽي کي ڌوئو، ٻہ ٽي پيرا ائين ڪرڻ سان اِنْ شَآءَ اللّٰه سموريون جُوئون مري وينديون.

﴿11﴾ **ليمي** جي ڦاڪ (**ٽڪرو**) ڇهري تي ڪجهہ ڏينهن ملڻ ۽ پوءِ صابڻ سان ڌوئي وئڻ سان ڇهري تان موهيڙا ختم ٿي ويندا آهن.

﴿12﴾ **پيادل** گهُمڻ جي ڪري جيڪڏهن پيرن ۾ ٿڪاوٽ محسوس ٿئي تہ لوڻ مليل گرم پاڻيءَ ۾ ڪجهہ دير پير وجهي رکڻ سان ٿڪاوٽ ختم ٿي ويندي آهي.
﴿13﴾ **ليمي** کي جيڪڏهن يُوبل (**يعني گرم واري**) ۾ گرم ڪري يا گرما گرم ديڳڙي منجهہ چانورن مٿان ڪجهہ دير رکڻ کانپوءِ نپوڙيون تہ اِنْ شَآءَ اللّٰه آسانيءَ سان گهڻو رس نڪرندو.

﴿14﴾ **باهہ** ۾ سڙي پئو تہ جسم جي سڙيل جاءِ تي يڪدم مس لڳايو يا چوني جو پاڻي وجهو يا ٻَڙ جي وڻ جو تيل لڳايو يا کنڊ پاڻيءَ ۾ ملائي هڻو.

﴿15﴾ **نانگ** يا ڪو زهريلو جانور ڏنگي وجهي ته ڏنگ جي جاءِ ڪان ٿورو مٿي يڪدم ڪنهن مضبوط ڌاڳي سان چڪي ٻڌي ڇڏيو ۽ مريض کي سُمهڻ نه ڏيو. اها يڪدم ترڪيب ڪري پوءِ ڊاڪٽر ڏانهن رُجوع ڪريو.

﴿16﴾ **جيڪڏهن** ڪو سِنکيو (**نالي خطرناڪ زهر**) يا آفيم يا ڌاتورو (**هڪ ٻوٽو جنهن جو ٻج نشيدار هوندو آهي**) کائي ويهي ته ڪيس يڪدم سُوا (**هڪ خوشبودار ساڳ جو نالو سويا**) جو ٻج ٻه تولا اڌ سير پاڻيءَ ۾ پچائي منجهس پاءُ گيهه هڪ تولو لوڻ ملائي ٿورو گرم ڪري پياريو ۽ اُلٽي ڪرايوس جڏهن خوب الٽي ڪري وٺي ته ڪير پياريوس ۽ جيڪڏهن ڪير سان به اُلٽي ٿي پوي ته ڏاڍو سنو آهي ۽ مريض کي سُمهڻ نه ڏيو. اِنۡ شَآءَاللّٰه مريض صحتياب ٿي ويندو. (جنتي زيور ص 565)

## نانگ، وڇون، سوپيري ۽ ڪِوليُن ٽان ڇوٽڪاري جو طريقو

**نانگ**: هڪ پاءُ نوشادر کي پنج سير پاڻيءَ ۾ ڳاري گهرجي تمام ٻِرڙن، سوراخن ۽ ڪُندن ۾ ڇَٽي ڇڏيو جيڪڏهن گهر ۾ نانگ هوندو ته ڀڄي ويندو ۽ ڪڏهن ڪڏهن اهو پاڻي ڇَٽيندا رهو ته ان جڳهه ۾ نانگ ڪو نه ايندو. اِنۡ شَآءَاللّٰه

**ٻي ترڪيب**: هيءَ آهي ته گهر جي ٻِرڙن ۽ ٻين سمورن سوراخن ۾ آڪُر وجهي ڇڏيو اِنۡ شَآءَاللّٰه نانگ يڪدم مري ويندو ۽ جيڪڏهن پنهنجي پرپاسي ۾ آڪُر ڇَٽي سُمهو ته اِنۡ شَآءَاللّٰه نانگ ويجهو نٿو اچي سگهي.

**وِڇُون**: مُوريءَ جو عَرق جيڪڏهن وِڇُونءَ جي مٿان وڌو وڃي ته اِنْ شَآءَالله وِڇُون مري ويندو ۽ جيڪڏهن وِڇونءَ جي سوراخ ۾ مُوريءَ جا ڪجهه ٽُڪرا وڌا وڃن ته وِڇُون سوراخ منجهان ٻاهر نڪري نه سگهندو بلڪ سوراخ جي اندر ئي اِنْ شَآءَالله **هلاڪ** ٿي ويندو.

**ٻي ترڪيب**: هيءَ آهي ته چِر چِتي گاهه جي پاڙ جيڪڏهن بستري تي رکي وڃي ته وِڇُون بستري تي چڙهي ڪونه سگهندو. جيڪڏهن وِڇُون ڏنگ هڻي وٺي ته **ٻهروزي جو تيل** لڳايو يا چرچِٽا جي پاڙ گسائي لڳايو اِنْ شَآءَالله زهر لهي ويندو.

**سؤپيري**: جيڪڏهن ڪنهن جي بدن تي چنبڙي پوي يا ڪن ۾ گِهڙي وڃي ته مُستي (**ٻَڙ جي سَنهي پيور**) ان جي مٿان وجهو يڪدم سندس پير گل مان ٻاهر نڪري ويندا ۽ جيڪڏهن بصر جو عرق **سؤپيريءَ** جي مٿان وجهي ڇڏيو ته هُوءَ جڳهه ٻه ڇڏي ڏيندي ۽ پوءِ يڪدم مري ٻه ويندي ۽ جيڪڏهن سندس پير چُڀڻ سان زخم ٿي پيو آهي ته بصر ٽئي تي ٻُجي ڪري ان جي زخم تي ٻڌڻ اڪسير آهي.

**پِسُو**: (**پَرَن وارو هڪ زهريلو جيت**) جنهن جي ڏنگڻ سان ڪاڇي (**خارش**) ٿيندي آهي ٿُوهه يا ان جي پاڙ پاڻيءَ ۾ ٻجائي سموري گهر ۾ پاڻي ڇَٽي ڇڏيو اِنْ شَآءَالله ان جڳهه مان **پِسُو** ڀڄي ويندا.

**ڪِوليون**: هِگ (**هڪ وڻ جي بدبودار ڪؤنر جيڪا پَساريءَ ٽان ملي سگهي ٿي**) ڪان ڀڄي وينديون آهن.

**ڪتابن ۾ ڪپڙن جو ڪيڙو:** گوماندر (**نالي دوا**) يا ڦُودنو يا ليمي جي ڪل يا نِم جا پَنَ يا ڪافُور ڪپڙن يا ڪتابن ۾ رکي ڇڏيو تہ اِنْ شَآءَاللهُ ڪپڙا ۽ ڪتاب ڪِيڙن جي کائڻ کان محفوظ رهندا. (جنّتي زيور ص 567)

## ”الله جي رحمت“ جي ڏهہ اکرن جي نسبت سان زمانہ حمل جون 10 احتياطون ۽ تدبيرون

﴿1﴾ **حمل** جي زماني ۾ عورت کي ان جو خيال رکڻ نهايت ضروري آهي تہ اهڙيون ثقيل (**يعني وزني**) غِذائُون نہ کائي جنهن سان قبض پيدا ٿئي ۽ جيڪڏهن ٿورڙو بہ پيٽ ۾ بوجهہ معلوم ٿئي تہ هڪ بہ وقت ماني چانور نہ کائي بلڪ صرف رس (**شوربي**) ۾ ديسي گيهہ وجهي پي وڃي يا بہ ٽي تولا مُنَقّي يا هڪ هريڙ جو مُربّو کائي ڇڏي.

﴿2﴾ **حاملہ** (**پيٽ واري**) عورت هن ڳالهہ جو خيال رکي تہ گهُمڻ ۾ قدم زور سان زمين تي نہ پوي ۽ نہ ڊوڙي، اهڙيءَ طرح چاڙهيءَ کان لاهيءَ ڏانهن يڪدم جهٽڪي سان نہ لهي، ساڳيءَ طرح ڏاڪڻ تي ڊُڪندي نہ چڙهي، بلڪ آهستي آهستي چڙهي مطلب تہ هن ڳالهہ جو خيال رکي تہ پيٽ نہ گهٽو لُڏي ۽ نہ پيٽ کي جهٽڪو لڳڻ ڏئي نہ وزني بار کڻي نہ ڪو سخت محنت جو ڪم ڪري نہ غم ۽ نہ ڪاوڙ ڪري نہ دست آڻڻ واري دوا کائي نہ گهٽي خوشبوء سُونگهي.

﴿3﴾ **حاملہ** (**پيٽ واري**) عورت کي گهمڻ ڦرڻ جي عادت رکڻ گهرجي چاڪاڻ تہ هر وقت ويهڻ ۽ ليٽيل رهڻ سان بادي ۽ سُستي وڌندي آهي، معدو خراب ٿي ويندو آهي ۽ قبضيءَ جي شڪايت پيدا ٿي ويندي آهي.

﴿4﴾ **حامل** (پيٽ واري) عورت کي مڙس وٽ سمهڻ نه گهرجي خاص ڪري چوٿين مهيني کان اڳ ۾ ۽ ستين مهيني کانپوءِ تمام گهڻي احتياط جي ضرورت آهي.

﴿5﴾ **جيڪڏهن** حامل (پيٽ واري) عورت کي اُلٽي اچڻ لڳي ته ڦودني جي چٽني يا ڪاغذي ليمو استعمال ڪري.

﴿6﴾ **جيڪڏهن** حمل جي حالت ۾ رت اچڻ لڳي ته" ڦُرص ڪهربا" (حڪيمي دوا. گودي) کائو ۽ يڪدم ليڊي ڊاڪٽر سان رابطو ڪريو.

﴿7﴾ **جيڪڏهن** حمل ڪري پوڻ جي عادت هجي ته ان عورت کي چئن مهينن تائين ۽ پوءِ ستين مهيني کان پوءِ تمام گهڻو احتياط ڪرڻ جي ضرورت آهي. گرم کاڌن کان بلڪل پرهيز رکي ۽ بهتر آهي ته لنگوٽ ٻڌي ۽ بلڪل ڪو بار نه کڻي ۽ نه محنت جو ڪو ڪم ڪري ۽ جيڪڏهن حمل ڪرڻ جا ڪجهه آثار ظاهر ٿين مثال طور پاڻي جاري ٿي پوي يا رت ڪرڻ لڳي ته يڪدم ليڊي ڊاڪٽر ڏانهن رجوع ڪرڻ گهرجي.

﴿8﴾ **جيڪڏهن** حامل کي ميٽ (ملتاني مٽِي عورتون شوق سان کائينديون آهن ۽ اها نقصانڪار آهي) کائڻ جي عادت هجي ته اها عادت ڇڏائڻ ضروري آهي ۽ جيڪڏهن ميٽ جو گهڻو حرص هجي ته نشاستي جون ٽڪيون يا طباشير (**هڪ اڇي رنگ جي دوا جيڪا بانس جي ٽڪڙن مان**

**نڪرندي آهي**) ڪائيندي ڪري ان سان ميٿ جي عادت ڇڏائجي ويندي آهي.

﴿9﴾ **جيڪڏهن** حامله (**پيٽ واري عورت**) جي بک ختم ٿي وڃي ته ڪانئس مناڻ ۽ مُرغَّن (**يعني تيل ٿيهه واريون**) غذائون ڇڏائجن ۽ ساديون غذائون ڪارائجن ۽ جيڪڏهن پيٽ ۾ سُور ريح (**ٿيس**) معلوم ٿئي ته ڪيس سليماني لوڻ يا جوارش ڪموني" (**حڪيمي معجون**) ڪارايو بَهرحال تيز دوائن جي استعمال ۽ انجيڪشن وغيره کان بچڻ بهتر آهي اهڙيءَ حالت ۾ علاج کان بهتر پرهيز ۽ احتياط آهي.

﴿10﴾ **ڪجهه** حامله عورتن جي پيرن ۾ سوڄ اچي ويندي آهي ۽ اها ڪا خطرناڪ شيءِ ڪونهي ولادت (**پيدائش**) ڪانپوءِ پاڻهي اها سوڄ ختم ٿي ويندي آهي.

﴿11﴾ **حامله** کي جڏهن نائون مهينو شروع ٿي وڃي ته تمام گهڻي احتياط ڪرڻ جي ضرورت آهي ان وقت حامله کي طاقت پهچائڻ جي ضرورت آهي تنهنڪري هيٺ ڄاڻايل تدبيرن جو خاص طور تي خيال رکڻ گهرجي. روزانو يارهن عدد بادام ضرورت موجب مِصريءَ ۾ پيهي ڪري چٽائجي ۽ ٻه عدد ناريل ۽ مُستي (**ٻُڙ جي پور**) ٻنهي کي اُڪريءَ ۾ ڪُٽي سفوف (**يعني پائوڊر**) ناهيو ۽ ٻه تولا روزانو ڪارايوس، ڳئونءَ جو کير جيتري قدر هضم ٿي سگهي پياريوس، مکڻ وغيره به ڪارايوس، انهن سمورين دوائن سبب ٻار آسانيءَ سان پيدا ٿيندو آهي.

﴾12﴿ **جڏهن** ولادت (**پيدائش**) جو وقت اچي وڃي ۽ ويم جا سُور شروع ٿين تہ ڪابي هٿ ۾ مِقناطيس (MAGNET چقمق) وٺڻ سان ۽ ڪابي ران ۾ مونگي جي پاڙ (**ڳاڙهي رنگ جي سَنهين سَنهين شاخن وانگر هڪ پٿر جيڪو سمنڊ مان ڪڍيو ويندو آهي پَساريءَ جي دڪان تان ”شاخِ مرجان“ جي نالي سان ملندي آهي**) ٻَڌڻ سان ٻار پيدا ٿيڻ ۾ آساني ٿيندي آهي.

﴾13﴿ **پيدائش** جي وقت ڪنهن هوشيار دائي يا ليڊي ڊاڪٽر کي ضرور گهرائڻ کپي، اڻ ڄاڻ دائيُن جي غلط تدبيرُن سان اڪثر ويامندڙ عورت ۽ ٻارڙي کي نقصان پُهچندو آهي.

﴾14﴿ **پيدائش** کانپوءِ **ويامَيل** عورت جي بدن تي تيل جي مالش ڏاڍي فائديمند آهي جيئن تہ پراڻو طريقو آهي تہ ولادت کانپوءِ ڪجهہ ڏينهن تائين مالِش ڪرائي ويندي آهي اها ڏاڍي مفيد آهي.

﴾15﴿ **جنهن** عورت کي کير تمام گهٽ ٿيندو هجي جيڪڏهن اها کير آسانيءَ سان هضم ڪري سگهندي هجي تہ کيس روزانو کير پيئڻ گهرجي ۽ ڪڪڙ وغيره جو سٽبو شوربو (**رَس**) ۽ گجرن جو حلوو وغيره عُمده غذائون آهن ۽ پنج ماسہ ڪَلُونجي ۽ پنج ماسہ تودري (**هڪ قسم جو ٻج جيڪو پنساريءَ جي دڪان تان ملي ويندو آهي**) ڳاڙهي کير ۾ پيهي پيارجي. (جنّتي زيور ص 570)

## ”شهيد ڪربلا علي اصغر“ جي سورهن اکرن جي نسبت سان کير پياڪ ٻارن جي لاءِ 16 مدني ٽِل

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ٻارن کي بيمارين کان بچائڻ جي لاءِ اڳواٽ ڪيون ويندڙ احتياطي تدبيرون ڪافي فائديمند ثابت ٿي سگهن ٿيون. ان

سلسلي ۾ 16 **مدني گل** ملاحظ فرمايو: ﴿1﴾ ٻار يا ٻارڙيءَ جي پيدا ٿيڻ کان فوراً بعد يَا بَرُّ ست ڀيرا (**اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف**) پڙهي ڪري جيڪڏهن ٻار تي دم ڪيو وڃي ته اِنْ شَآءَالله **بالغ ٿيڻ تائين آفتن کان حفاظت ۾ رهندو.** ﴿2﴾ پيدائش کان پوءِ ٻار کي پهريان لوڻ مليل هلڪي گرم پاڻيءَ سان وهنجاريو پوءِ سادي پاڻيءَ سان غسل ڏيو ته ٻار ڦٽ ڦرڙيءَ کان محفوظ رهندو﴿3﴾ لوڻ مليل پاڻيءَ سان ٻارڙن کي ڪجھ ڏينهن تائين وهنجاريندا رهو جو هي ٻارڙن جي تندرستيءَ لاءِ بيحد مفيد آهي ۽ پڻ ﴿4﴾ وهنجارڻ کان پوءِ بدن تي سرنهن جي تيل جي مالش ٻارڙن جي صحت جي لاءِ اڪسير آهي﴿5﴾ ٻارڙن کي کير پيارڻ کان پهريان روزانو ٻه ٽي ڀيرا هڪ آڱر ماکي چٽائڻ ڪافي فائديمند آهي﴿6﴾ توڙي پينگهي ۾ لوڏيو يا بستري تي سمهاريو يا هنج ۾ کيڏاريو هر حال ۾ ٻارڙن جو مٿو اوچو رکو، مٿو هيٺ ۽ پير مٿي ٿيڻ نه ڏيو جو نقصان ڏيندڙ آهي﴿7﴾ ولادت کان پوءِ تمام تيز روشنيءَ واري جڳھ تي رکڻ سان ٻار جي نظر ڪمزور ٿي ويندي آهي﴿8﴾ جڏهن ٻار جون مهارون سخت ٿي وڃن ۽ ڏند نڪرندا معلوم ٿين ته مهارن تي ڪڪڙ جي چربي مَليندا ڪريو ۽ ﴿9﴾ روزانو هڪ ٻه ڀيرا مهارن تي ماکي مَليندا رهو ۽ ٻار جي مٿي ۽ ڪنڌ تي تيل جي مالش ڪرڻ مفيد آهي﴿10﴾ جڏهن کير ڇڏائڻ جو وقت اچي ۽ ٻار کائڻ لڳي ته خبردار! خبردار! ان کي ڪا سخت شيءِ چٻاڙڻ نه ڏيو، کيس تمام ٿئي نرم ۽ جلد هضم ٿيڻ واريون غذائون کارايو. ﴿11﴾ ڳئون يا ٻڪريءَ جو کير ٻه پياريندا رهو ﴿12﴾ حيثيت مطابق ٻارن کي ان عمر ۾ چڱي خوراڪ ڏيو جو ان عمر ۾ جيڪا طاقت بدن ۾ اچي ويندي اهو ٻار جيڪڏهن زنده رهيو ته سڄي عمر ڪم ايندي. ﴿13﴾ ٻارڙن کي هر هر غذا نه ڏيڻ گهرجي

جيستائين هڪ غذا هضم نہ ٿئي ٻي غذا هرگز نہ ڏيو. ﴿14﴾ ٽافيون، مٺيون ۽ ڪٽين شين جي عادت کان بچائڻ تمام گهڻو ضروري آهي ڇو تہ هي شيون ٻارن جي صحت جي لاءِ تمام گهڻيون نقصانڪار آهن ﴿15﴾ ٻارڙن کي خُشڪ ميوا ۽ تازا ميوا کارائڻ تمام سٺو آهي. ﴿16﴾ ختنو (طهر) جيتري ننڍي عمر ۾ ٿي وڃي بهتر آهي تڪليف بہ گهٽ ٿيندي ۽ زخم بہ جلدي ڀرجي ويندو آهي.

## مدينـي جـي پـنج اکرن جـي نسبت سـان بـخـار جا 5 مد ني عـلاج

لَا يَرَوْنَ فِيْهَا شَمْسًا وَّ لَا زَمْهَرِيْرًا ﴿۱۳﴾

**ترجمو ڪنزالايمان** : نہ ان ۾ اُس ڏسندا نہ سخت ٿڌ

﴿1﴾ هيءَ آيت سڳوري ست ڀيرا (**اول ۽ آخر هڪ ڀيرو دُرود شريف**) پڙهي دم ڪريو، اِنْ شَآءَاللّٰه **بخار** جي شدت ۾ واضح گهٽتائي محسوس ٿيندي ۽ مريض سُڪون محسوس ڪندو. (**ترجمو پڙهڻ جي ضرورت ناهي**)

﴿2﴾ **حضرت سيدنا** امام جعفر صادق رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا: "**سورة الفاتحہ 40 ڀيرا** (اول ۽ آخرهڪ ڀيرو درود شريف) پـڙهـي پاڻيءَ تي دم ڪري **بخار** واري جي منهن تي ڇنڊا هڻو اِنْ شَآءَاللّٰه بُخار لهي ويندو.

﴿3﴾ **سرڪارِ نامدار**، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي بخار هيو تہ مٿانئن **حضرتِ سَيِّدُنا جبريل امين** عَلَيۡهِ السَّلَام **هيءَ دعا پڙهي** دم ڪيو هيو:

بِسۡمِ اللّٰهِ اَرۡقِيۡكَ مِنۡ كُلِّ شَيۡءٍ يُّؤۡذِيۡكَ مِنۡ شَرِّ كُلِّ نَفۡسٍ اَوۡ عَيۡنِ حَاسِدٍ ط اَللّٰهُ يَشۡفِيۡكَ بِسۡمِ اللّٰهِ اَرۡقِيۡكَ

(**ترجمو**: ”الله عَزَّوَجَلَّ جي نالي سان اوهان تي دم ڪريان ٿو، هر ان بيماريءَ جي لاءِ جيڪا توهان کي اذيت ڏئي ٿي ۽ هر حسد ڪرڻ وارن جي بري نظرن کان الله تعاليٰ توهان کي شفا عطا فرمائي، مان توهان تي الله عَزَّوَجَلَّ جي نالي سان دم ڪيان ٿو.“) (صحيح مسلم ص 1202 رقم الحديث 2186 دار ابن حزم بيروت)

﴿4﴾ **بخار** جي مريض کي بغير ترجمي جي صرف عربيءَ ۾ دعا (**اول آخر هڪ ڀيرو درود پاڪ**) پڙهي دم ڪريو. **بخار وارو ڪثرت سان** بِسۡمِ اللّٰهِ الۡكَبِيۡرِ **پڙهي**.

﴿5﴾ **حديث شريف** ۾ آهي ته جڏهن توهان مان ڪنهن کي بُخار اچي وڃي ته ان کي ٽن ڏينهن تائين صبح جي وقت ٿڌي پاڻي جا ڇنڊا هنيا وڃن. (المستدرڪ للحاڪم ج 5 ص 576 رقم الحديث 8276)

## ”اجميري“ جي ڇهن اکرن جي نسبت سان اک مٿي جي سور جا 6 علاج

﴿1﴾ **جيڪڏهن** ڪنهن کي اڌ مٿي جو سور هجي ته هڪ دفعو **سُوۡرَةُ الاخلاص** (**اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف**) پڙهي دم ڪري ڇڏيو، ضرورت مطابق ٽي ڀيرا، ست ڀيرا يا يارهن ڀيرا اهڙي طرح دم ڪريو، يارهن جو عدد پورو ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي اِنۡ شَآءَ الله اڌ مٿي جو سور نيڪ ٿي ويندو.

﴿2﴾ **جڏهن** سور ٿي رهيو هجي ان وقت سُنڍ (**يعني سڪل ادرڪ جيڪا پنساري جي دڪان تان ملي سگهي ٿي**) کي ٿورو پاڻي ۾ رڳڙي سُنڍ جو

رڳڙيل حصو نرڙ تي مَلڻ سان اِنْ شَآءَاللّٰه اڏ مٿي جو سور ختم ٿي ويندو.

﴿3﴾ **سُڪل** ڏاڻن جا ٿورا داڻا ۽ ٿوري ڪشمش مٿ جي ٿڌي يا سادي پاڻي ۾ ڪجھ ڪلاڪ پچائي ڪري پيئڻ سان اِنْ شَآءَاللّٰه **فائدو** ٿيندو.

﴿4﴾ **ٽرم** کير ۾ ديسي گيھ مِلائي پيئڻ سان بہ فائدو ٿيندو آهي.

﴿5﴾ ناريل جو پاڻي پيئڻ سان اڏ مٿي جو سور ۽ پوري مٿي جي سور ۾ گهٽتائي ايندي آهي.

﴿6﴾ ٿورو گرم (نيم گرم) پاڻي جي وڏي ٿانوَ ۾ لوڻ وجهي ٻئي پير ٻارهن منٽن جي لاءِ ان ۾ وجهي ڇڏيو، اِنْ شَآءَاللّٰه فائدو ٿيندو. **(ضرورتا وقت ۾ گهٽ وڌ ڪري سگهو ٿا.)**

## "مکي شريف"جي سنن آثرن جي نسبت سان مٿي جي سور جا 7 علاج

(1) لَا يُصَدَّعُوْنَ عَنْهَا وَلَا يُنْزِفُوْنَ ﴿۱۹﴾

**ترجموڪنزالايمان:** نہ انهن کي مٿي ۾ سور پوي ۽ نہ ئي هوش ۾ فرق اچي.

(سيپارو 27 الواقعہ 19)

هي آيتِ ڪريمہ تي پيرا (**اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف**) پڙهي **مٿي جي سور** واري تي دم ڪريو اِنْ شَآءَاللّٰه فائدو ٿيندو. (**ترجمو پڙهڻ جي ضرورت ناهي**)

(2) **سورة الناس** ست ڀيرا (**اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف**) پڙهي مٿي تي دم ڪيو ۽ پُڇو جيڪڏهن اڃان سور هجي تہ ٻيو ڀيرو بہ ائين ڪيو.

جيڪڏھن اجان بہ سور ھجي تہ ٽيون ڀيرو بہ ائين ئي دم ڪيو، سڄي مٽي جو سور ھجي يا اڌ مٽي جو، ڪيڏو ئي شديد سُور ھجي ٽن ڀيرن ۾ اِنۡ شَآءَالله ختم ٿي ويندو.

(3) **سڄي** مٿي جو سور ھجي يا **اڌ مٿي جو سور** ٽيپهري جي نماز کان پوءِ **سورة التكاثر** ھڪ ڀيرو (**اول ۽ آخر ھڪ ڀيرو درود شريف**) پڙھي دم ڪريو اِنۡ شَآءَالله سور ۾ فائدو ٿيندو.

(4) **زبان** تي ھڪ چپٽي لوڻ رکي **12** منٽن کان پوءِ ھڪ گلاس پاڻي پي ڇڏيو مٿي ۾ ڪيترو ئي سور چونہ ھجي اِنۡ شَآءَالله فائدو ٿيندو. (**ھاءِ بلڊ پريشر جي مريض جي لاءِ لوڻ جو استعمال نقصان ڪار ھوندو آھي.**)

(5) **ھڪ** پاڻي جي ڪوپ ۾ ھڪ چمچو ھيڊ وجھي اوٻاري پيئڻ يا ٻاڦ وٺڻ سان اِنۡ شَآءَالله مٿي جو سور ختم ٿي ويندو (ڀاڄي وغيره ۾ ھيڊ ضرور استعمال ڪريو، روزانو ھڪ گرام (**يعني چپٽي جيتري**) **ھيڊ کائڻ وارا** اِنۡ شَآءَالله **ڪينسر کان محفوظ رھندو.**

(6) **ديسي گيهہ** ۾ تَريل گرم گرم تازيون **ڄليبيون** سج اڀرڻ کان اڳ ۾ کائڻ سان اِنۡ شَآءَالله مٿي جي سور ۾ آرام اچي ويندو.

(7) **ڪڏھن** اتفاق سان مٿي ۾ سور پئجي وڃي تہ ڪاڌي کائڻ کان پوءِ ڊسپرين (DISPRIN) جون ٻہ ٽڪيون (**يعني گوريون**) پاڻي ۾ وجھي پي ڇڏيو اِنۡ شَآءَالله نيڪ ٿي ويندؤ.

(**ھر قسم جي سور واري ٽڪي (گوري) کاڌي کائڻ کان پوءِ ئي استعمال ڪئي وڃي، نہ تہ نقصان ٿيڻ جو انديشو آھي.**)

**مدني مشورو:** جيڪڏهن دوائن سان مٿي جو سور ٺيڪ نہ ٿيندو هجي تہ اکيون ٽيسٽ ڪرايو جيڪڏهن نظر ڪمزور هجي، تہ عينڪ پائڻ سان اِنْ شَآءَاللّٰہ مٿي جو سور ٺيڪ ٿي ويندو. اجان بہ ٺيڪ نہ ٿئي تہ دماغ جي خصوصي ڊاڪٽر وٽ وڃڻ ضروري آهي. ان ۾ ڪوتاهي ڪڏهن ڪڏهن سخت نقصان ڏيندڙ ثابت ٿيندي آهي.

## بدهضميءَ جا ٻہ مدني علاج

﴿1﴾ جنهن شخص کي **بدهضمي** جي بيماري هجي ۽ اهو هن آيتِ ڪريمہ کي پڙهي پنهنجي هٿ تي دم ڪري ان کي پنهنجي پيٽ تي ڦيريندو ۽ کاڌي وغيره تي دم ڪري کاڌو کائيندو تہ اِنْ شَآءَاللّٰہ بدهضمي جي شڪايت ختم ٿي ويندي. الله تبارک وتعالي 29 سيپاري جي **سورة مرسلات** جي آيت 43، 44 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

كُلُوْا وَاشْرَبُوْا هَنِيْٓـًٔا بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿۴۳﴾ اِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِى الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۴۴﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** کائو ۽ پيئو خوشگوار ٿي پنهنجن عملن جو انعام بيشڪ نيڪن کي ائين ئي بدلو ڏيندا آهيون.

﴿1﴾ **امام ڪمالُ الدين** دَميري رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه ڪجهہ علماءِ ڪرام کان نقل ڪن ٿا تہ جيڪو گهڻو کاڌو کائي وينو ۽ کيس بدهضميءَ جو خوف هجي تہ اهو پنهنجي پيٽ تي هٿ ڦيريندي ٿي ڀيرا هيئن چوي:

اَللَّيْلَةُ لَيْلَةُ عِيْدِىْ يَا كَرِشِىْ وَرَضِىَ اللهُ عَنْ سَيِّدِىْ اَبِىْ عَبْدِ اللهِ الْقَرَشِىْ

**ترجمو:** اي منهنجا معدا! اڄ جي رات منهنجي عيد جي رات آهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ راضي ٿئي اسان جي سردار حضرت ابو عبدالله قرشي کان.

۽ جيڪڏهن ڏينهن جو وقت هجي تہ اَللَّيْلَةُ لَيْلَةُ عِيْدِىْ جي بدران اَلْيَوْمُ يَوْمُ عِيْدِىْ چوي.

## قبض جا طبي علاج

**بدهضمي** جا ڪيئي علاج آهن ڪجهہ پيش ڪجن ٿا (1) جنهن وقت قبضي ٿئي ان ڏينهن هڪ بہ وقت بُڪ ڪاٽيو. اِنْ شَآءَاللّٰہ پيٽ جو بوجهہ گهٽ ٿي ويندو ۽ معدي کي آرام بہ ملندو. (2) مناسب مقدار ۾ پپيتو بہ کائو (3) اسپنگر جي ڏُهي هڪ يا ٽي چمچا پي ڇڏيو، جيڪڏهن ان سان ڪم نہ ٿئي تہ حسب ضرورت گهٽ وڌ ڪري سگهو ٿا. جيڪڏهن اڪثر قبض رهندي هجي تہ هفتي ۾ هڪ بہ پيرا استعمال ڪريو. (4) پسيل هريڙ چانهہ جو اڌ چمچو سمهڻ وقت پاڻيءَ سان استعمال ڪريو ٿي سگهي تہ گهٽ ۾ گهٽ چئن مهينن تائين روزانو استعمال ڪريو اِنْ شَآءَاللّٰہ قبض سان گڏو گڏ تمام گهڻين بيمارين کان بلڪ حافظي جي لاءِ بہ فائديمند ٿيندو.

## قبض جا چار علاج

**قوت القلوب** ج 2 ص 365 تي نقل آهي تہ "ڇهن ڪلاڪن کان اڳ جيڪڏهن ڪاڌو نڪري وڃي تڏهن بہ **معدو** بيمار ۽ جيڪڏهن 24 ڪلاڪن کان وڌيڪ وقت تائين خارج نہ ٿئي تڏهن بہ سمجهي وڃو تہ **معدو** بيمار آهي. **جوڙن** (سَنْدَن) **جو سور** پيٽ جي هوا روڪڻ جو نتيجو آهي. جهڙيءَ طرح نهر جو هلندڙ پاڻي جيڪڏهن روڪيو وڃي تہ نهر جي ڪنارن کي نقصان ٿيندو ۽ ڪنارا ٽُٽي پاڻي وهڻ لڳندو آهي. اهڙيءَ طرح **پيشاب** روڪڻ سان جسم کي نقصان ٿيندو آهي." پنهنجو هاضمو درست رکو، نہ تہ ٿلهائپ جو علاج ڏکيو آهي، سبزيون ۽ ميون جو استعمال ڪريو. جيڪڏهن قبض رهندي هجي تہ ﴿1﴾ چار، پنج عدد ٻج سميت پَڪل زيتون (**امرود**) يا ﴿2﴾ مناسب مقدار ۾ پپيتو کائي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰہ پيٽ صاف ٿي ويندو. ﴿3﴾ هر چوٿين ڏينهن چار چمچا اسپنگر جي ڏهي يا هڪ چمچو ڪا بہ هاضميدار سفوف (يعني

ڦڪي) پاڻيءَ سان پي ڇڏيو. اِنْ شَآءَالله پيٽ جي صفائي ٿيندي رهندي. روز روز جيڪڏهن **اسپغول يا هاضمي جي ڦڪي** استعمال ڪئي وڃي ته گهڻو ڪري بي اثر ٿي ويندي آهي ﴿4﴾ جيڪڏهن اوهان جو ڊاڪٽر اجازت ڏئي ته هر ٻن يا ٽن مهينن ڪانپوءِ پنجن ڏينهن تائين صبح ۽ شام هڪ ٽِڪي گراميڪس **400** ملي گرام(**GRAMEX 400 m.g.**) (**Metronidazole**) استعمال ڪريو. ان سان قبض، بدهاضمي وغيره مرضن ۽ پيٽ جي اصلاح جي لاءِ اِنْ شَآءَالله بهترين دوا ڏسندؤ. پر جڏهن به هي ٽِڪيون وٺڻ شروع ڪريو ته **مسلسل پنج ڏينهن** پورا ڪرڻ ضروري آهن. خالي پيٽ ۾ به استعمال ڪري سگهو ٿا.

## بي وقت ننڊ اچڻ جو علاج

**هڪ** گلاس پاڻي (**ٿورو گرم هجي ته وڌيڪ بهتر**) ۾ هڪ چمچو ماکي ملائي نيراني (**يعني صبح جو ڪجهه کائڻ کان اڳ**) ۽ روزو هجي ته افطار جي وقت بنا وقفي جي هميشه استعمال ڪريو. ٿلهائپ ۽ سيني بيمارين خاص ڪري پيٽ جي بيمارين کان اِنْ شَآءَالله **حفاظت** ٿيندي. بهتر اهو آهي ته ان ۾ هڪ سڄو يا اڌ ليمو به نِپوڙي ڇڏيو ته اِنْ شَآءَالله **فائدا** وڌي ويندا. جيڪڏهن **مطالعو** ڪندي يا اجتماع وغيره ۾ ويٺي ويٺي بي وقت ننڊ ايندي هوندي ته اِنْ شَآءَالله ان کان به ڇوٽڪارو ملي ويندو.

## ٿلهائپ جو سڀ کان بهترين علاج

**سڀ** کان بهترين علاج **الله** عَزَّوَجَلَّ جي حبيب، حبيبِ لبيب، طبيبن جي **طبيب** صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو تجويز فرمايل آهي، "بُک جا ٽي حصا ڪيا وڃن هڪ حصو غذا، هڪ حصو پاڻي ۽ هڪ حصو هوا". جيڪڏهن کائڻ ۾ **اهو طريقو** اختيار ڪيو وڃي ته اِنْ شَآءَالله نه ڪڏهن بدن ٿلهو ٿيندو نه ڪڏهن گيس، بادي، پيٽ ۾ گڙٻڙ، قبض وغيره جو عارضو.

## ڳنڍن جو علاج

**روزانو** ڪشمش جا **40** داڻا (**جيڪڏهن طبيعت تي پسند ايندا هجن ته وڌائڻ ۾ به حرج ناهي**) ۽ ٽي عدد بادام ڪٽي ان تي **11** ڀيرا درود شريف پڙهي دم ڪري کائي ڇڏيو. هن جي مٿان ٻن ڪلاڪن تائين پاڻي نه پيئو. اِنْ شَآءَاللّٰه ڪنگهه ۾ تمام گهڻو فائدو ٿيندو. بلغم نڪرندو ۽ وڌيڪ نه نهندو. (**ضرورت جي مطابق ڪشمش جو تعداد وڌائي ڇڏيو**) تمام ننڍن ٻارن جي لاءِ ضرورت جي مطابق مقدار ڪجهه گهٽ ڪري ڇڏيو. شفا حاصل ٿيڻ تائين علاج جاري رکندا.

## حمل جي حفاظت جا 2 علاج

﴿1﴾ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ (**بغير اعراب جي پر ٻنهي جاين تي ه جا دائرا کُليل هجن**) ڪنهن پليٽ تي (**يا ٿالهي**) تي 11 ڀيرا لکي ڌوئي عورت کي پيئاريو، اِنْ شَآءَاللّٰه **حمل جي حفاظت ٿيندي**. جنهن عورت کي ٿَڃُ نه ايندو هجي يا گهٽ ايندو هجي. اِنْ شَآءَاللّٰه ان جي لاءِ به اهو عمل فائديمند آهي. چاهيو ته هڪ ئي ڏينهن پيئاريو يا ڪيترن ئي ڏينهن تائين روزانو لکي ڪري پيئاريو هر طرح سان اختيار آهي.

﴿2﴾ يَا حَيُّ يَا قَيُّوْمُ **111** ڀيرا ڪنهن ڪاغذ تي لکي ڪري **حامله** جي پيٽ تي ٻَڌي ڇڏيو ۽ ولادت جي وقت تائين ٻَڌل رهي (**ضرورت موجب ڪجهه دير جي لاءِ کولڻ ۾ حرج ناهي**) اِنْ شَآءَاللّٰه **حمل** به محفوظ رهندو ۽ ٻار به صحتمند پيدا ٿيندو. (فيضانِ سنّت جلد پهريون ص 1203)

## عرق النساء جا ٻه علاج

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عرق النساء** جي سڃاڻپ هيءَ آهي ته هن ۾ چڏن (**يعني سٿر جي جوڙ**) کان وٺي پيرن جي مُرين (**يعني پيڏين**) تائين گهڻو سور ٿيندو آهي اهو مرض سالن تائين ختم ناهي ٿيندو.

﴿1﴾ سُور جي جاءِ تي هٿ رکي اول ۽ آخر دُرُود شريف **سورة الفاتحه** هڪ ڀيرو ۽ ست ڀيرا هيءَ دعا پڙهي ڪري دم ڪريو: اَللّٰھُمَّ اَذْھِبْ عَنِّیْ سُوْءَ مَا اَجِدُ (**اي الله** عَزَّوَجَلَّ **مون تان بيماري دور فرماءِ**) جيڪڏهن ڪو ٻيو پڙهي دم ڪري تہ عَنِّیْ جي جاءِ تي عَنْهُ (يعني هن کي) **(مدت: شفا حاصل ٿيڻ تائين)**

﴿2﴾ يَا مُحْيِیْ **ست ڀيرا** پڙهي ڪري گيس هجي يا پُني يا پيٽ ۾ تڪليف يا **عرق النساء** يا ڪنهن بہ جاءِ تي سُور هجي يا ڪنهن عضوي جي ضايع ٿي وڃڻ جو خوف هجي، پنهنجي مٿان دم ڪري ڇڏي اِنْ شَآءَالله فائدو ٿيندو. **(مدت: شِفا حاصل ٿيڻ تائين)**

## وات جي بدبو جو علاج

**جيڪڏهن** ڪنهن شيءِ جي کائڻ سان وات مان **بدبو** ايندي هجي تہ ساوا ڏاڻا چٻاڙي کائو ۽ پڻ گلاب جي تازن يا سُڪل گلن سان **ڏند** صاف ڪرڻ سان اِنْ شَآءَالله بدبوختم ٿي ويندي. ها جيڪڏهن **پيٽ جي خرابيءَ** جي ڪري بدبوايندي هجي تہ ”گهٽ کائڻ“ جي سعادت حاصل ڪري بُک جون برڪتون ماڻڻ سان اِنْ شَآءَالله جنگهن ۽ بدن جي مختلف حصن جو سُور، قبض، سيني جو ساڙو، وات جا ڇالا (ڏاڻا)، هرهر ٿيڻ واري نزلي ڪنگهہ ۽ ڳلي جو سُور، مهارن مان رت اچڻ وغيره تمام گهڻين بيمارين سان گڏوگڏ **وات جي بدبو** کان بہ جان ڇُٽي پوندي. بُک کان گهٽ کائڻ جي بَرَڪت سان **80** سيڪڙو بيمارين کان بچت ٿي سگهي ٿي. **(تفصيلي معلومات جي لاءِ فيضانِ سنت جلد پهريون جي باب ”پيٽ جو قفلِ مدينہ“ جو مطالعو فرمايو)** جيڪڏهن نفس جي حِرص جو علاج ٿي وڃي تہ ڪيترين ئي ظاهري ۽ باطني بيماريون خودبخود ختم ٿي وينديون.

رضا نفس دشمن ہے دم میں نہ آنا　　　کہاں تم نے دیکھے ہیں چند رانے والے

## وات جي بدبو جو مدني علاج

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ عَلَى النَّبِيِّ الطَّاهِرِ

**مٺي ڏنل هي** دُرُود شريف وقت بہ وقت هڪ ئي

ساهيءَ ۾ يارهن ڀيرا پڙهي وٺو اِنْ شَآءَاللّٰه وات جي بدبو ختم ٿي ويندي. هڪ ئي ساهيءَ ۾ پڙهڻ جو طريقو هي آهي تہ وات بند ڪري آهستہ آهستہ نڪ مان ساهہ ڪڍڻ شروع ڪريو ۽ جيستائين ممڪن هجي هوا ڦڦڙن ۾ ڀري ڇڏيو. هاڻي درود شريف پڙهڻ شروع ڪريو. ڪجهہ ڀيرا ائين مشق (**پريڪٽس**) ڪندؤ تہ ساهہ ٽٽڻ کان پهريان اِنْ شَآءَاللّٰه مڪمل يارهن ڀيرا درود شريف پڙهڻ جي ترڪيب بڻجي ويندي ذڪر ٿيل طريقي تي نڪ مان گهرو ساهہ کڻي ممڪن حد تائين روڪي رکڻ کان پوءِ وات مان خارج ڪرڻ صحت جي لاءِ انتهائي فائديمند آهي. ڏينهن ۾ جڏهن بہ موقعو ملي خاص طور تي کليل فضا ۾ روزانو ڪجهہ ڀيرا تہ ائين ڪرڻ ئي گهرجي.

## وات جي بدبو معلوم ڪرڻ جو طريقو

**جيڪڏهن** وات ۾ ڪا بدبو هجي تہ جيترا ڀيرا ڏندڻ ۽ گرڙين سان ان (**بدبو**) کي دور ڪرڻ ممڪن هجي (**اوترا ڀيرا ڏندڻ ۽ گرڙيون وغيره ڪرڻ**) لازم آهي، ان جي لاءِ ڪا حد مقرر ناهي. بدبودار ڪثيف (**يعني گهاٽو**) حقو بي احتياطيءَ سان پيئڻ وارن کي ان جو خيال (رکڻ) سخت ضروري آهي ۽ ان کان وڌيڪ سگريٽ واري کي، جو ان جي **بدبو** مرڪب تماڪ کان سخت تر ۽ تمام گهڻي دير تائين هلندڙ آهي انهن سيني کان وڌيڪ گهڻي سخت ضرورت تماڪ کائڻ وارن کي آهي جن جي وات ۾ ان جو جِرم (يعني دونهي جي بجاءِ پاڻ تماڪ ئي) پيو هوندو آهي ۽ ان جي سبب وات بدبو سان ڀريل هوندو آهي. اهي سڀ ماٺهو

ان وقت تائين ڏندڻ ۽ گرڙيون ڪن جيستائين وات بلڪل صاف ٿي وڃي ۽ **بوءِ** جو اصل نشان ئي نہ رهي ۽ ان کي چيڪ ڪرڻ جو طريقو هن طرح آهي تہ پنهنجو هٿ وات جي قريب آڻي وات کولي ڪري زور سان ٿي ڀيرا ٻڙيءَ ڪان پوري طرح ساھ ٻاهر هٿ تي ڪڍو ۽ يڪدم سنگھو. ان (طريقي) ڪان سواءِ وات جي **بدبو** گهٽ محسوس ٿيندي آهي جڏهن وات ۾ **بدبو** هجي تہ **مسجد** ۾ وڃڻ حرام، نماز ۾ داخل ٿيڻ منع. **والله الهادي.** (فتاوی رضويہ تخريج شده ج پهريون ص 623)

## وات جي صفائيءَ جو طريقو

**جيڪي** ڏندڻ ۽ ڪاڏي ڪان پوءِ خِلال جي سنّت ادا ناهن ڪندا ۽ ڏندن جي صفائي ڪرڻ ۾ سُست هوندا آهن اڪثر انهن جا وات **بدبودار** هوندا آهن. رڳو رسمي طور تي ڏندڻ ۽ خِلال جو تيلو ڏندن سان لڳائي ڇڏڻ ڪافي ناهي هوندو. مهارون زخمي نہ ٿين اهڙي احتياط سان هر ممڪن صورت ۾ ڪاڏي جو هڪ هڪ ذرو ڏندن مان ڪڍڻو پوندو نہ تہ ڏندن جي وچ ۾ غذائي جُزا پئي پئي خراب ٿيندا ۽ سخت بدبو جو سبب بڻجندا رهندا. ڏندن جي صفائي جو هڪ طريقو هي بہ آهي تہ ڪا شيء ڪائڻ يا چانھ وغيره پيئڻ ڪان پوءِ ۽ ان ڪان علاوه بہ جڏهن جڏهن موقعو ملي مثال طور ويني ويني ڪو ڪم ڪري رهيا آهيو ان وقت پاڻيءَ جو ڍڪ وات ۾ ڀري ڇڏيو ۽ **جنبش** ڏيندا رهو يعني گهمائيندا رهو (يعني گرڙي ڪريو) اهڙيءَ طرح وات ۾ ڪاڏي جا ذرات ۽ ڏندن جي مَر صاف ٿيندي رهندي. سادو پاڻي بہ هلي ويندو ۽ جيڪڏهن لوڻ وارو ٿورو گرم پاڻي هجي تہ هي اِنْ شَآءَاللّٰہ بهترين **”ماؤٿ واش“** ثابت ٿيندو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# فيضانِ ايصال ثواب

## دُرود شريف جي فضيلت

حضرت سيدنا اِمَام سَخَاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نقل فرمائن ٿا: ٻن جهانن جي سردار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ موڪليو الله عَزَّوَجَلَّ ان تي ڏهه رحمتون نازل فرمائيندو آهي ۽ جيڪو مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ موڪلي الله عَزَّوَجَلَّ ان تي سؤ رحمتون نازل فرمائيندو آهي ۽ جيڪو مون تي سؤ ڀيرا درود پاڪ موڪليندو الله عَزَّوَجَلَّ ان جي ٻنهي اکين جي وچ (**يعني پيشانيءَ**) تي لکندو آهي تہ هيءُ شخص نفاق ۽ جهنّم جي باهہ کان آزاد آهي ۽ قيامت جي ڏينهن هن کي شهيدن سان گڏ رکندو. (القول البديع، ص. 233، موسوعة الريان بيروت)

ہے سب دعاؤں سے بڑھ کر دعا درود و سلام

کہ دفع کرتا ہے ہر اک بلا درود و سلام

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جنهن جا والدين** يا انهن مان ڪو هڪ فوت ٿي ويو هجي تہ انهن کي گهرجي تہ انهن جي طرف کان غفلت نہ ڪري، انهن جي قبرن تي بہ حاضري ڏيندو رهي ۽ ايصال ثواب بہ ڪندو رهي. هن سلسلي ۾ سلطان مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا پنج ارشادِ رحمت نشان ملاحظہ فرمايو.

## (1) مقبول حج

**جيڪو** ثواب جي نيت سان پنهنجي والدين ۾ کان هڪ جي قبر جي زيارت ڪري ته، مقبول حج جي برابر ثواب ماڻيندو، جيڪو ڪثرت سان انهن جي قبرن جي زيارت ڪري، ته فرشتا ان جي قبر جي (**يعني جڏهن هي فوت ٿيندو**) زيارت جي لاءِ ايندا. (ڪنز العمال، ج. 16، ص. 200، حديث 45536)

## (2) ڏهه حجن جو ثواب

**جيڪو** پنهنجي ماءُ يا پيءُ جي طرف کان حج ڪري ان جي (**يعني ماءُ يا پيءُ**) طرف کان حج ادا ٿي وڃي ته ان کي (**يعني حج ادا ڪرڻ واري کي**) وڌيڪ ڏهه حجن جو ثواب ملندو. (دار قطني، ج. 2، ص. 329، حديث 2587)

سُبْحٰنَ اللّٰہ! جڏهن ۾ نفلي حج جي سعادت حاصل ٿئي ته فوت ٿيل ماءُ يا پيءُ جي نيّت ڪري ڇڏيو ته جيئن انهن کي ۾ حج جو ثواب ملي، اوهان جو ۾ حج ٿي وڃي بلڪ وڌيڪ ڏهه حجن جو ثواب هٿ اچي، جيڪڏهن ماءُ يا والد مان ڪو هن حال ۾ فوت ٿي ويو جو انهن تي حج فرض ٿي وڃڻ جي باوجود اهي نه ڪري سگهيا هئا ته هاڻي اولاد کي حجِ بدل جو شرف حاصل ڪرڻ گهرجي. حج بَدّل جي تفصيلي احڪام جي لاءِ "**رفيق الحرمين**" (**مطبوعه مڪتبة المدينه**) جو مطالعو فرمايو.

## (3) والدين جي طرف کان خيرات

"**جڏهن** توهان مان ڪو ڪجهه نفلي خيرات ڪري ته ان کي گهرجي ته پنهنجي ماءُ پيءُ جي طرف کان ڪري ته ان جو ثواب انهن کي ملندو ۽ ان جي (**يعني خيرات ڪرڻ واري جي**) ثواب ۾ ڪا گهٽتائي ۾ نه ايندي." (شعب الايمان، ج. 6، ص. 205، حديث 7911)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب     صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (4) روزيءَ ۾ بي برڪتيءَ جو سبب

”**ٻانهو** جڏهن ماءُ پيءُ جي لاءِ دعا گهرڻ ڇڏي ڏيندو آهي تہ ان جو رزق قطع (**ڪٽجي**) ٿي ويندوآهي. (ڪنز العمال، ج. 16، ص. 201، حديث 45548)

## (5) جمعي جو قبر جي زيارت جي فضيلت

”**جيڪو** شخص جمعي جي ڏينهن پنهنجي والدين يا ان مان ڪنهن هڪ جي قبر جي زيارت ڪري ۽ انهن وٽ سورةيٰسين پڙهي تہ بخشيو **ويندو**. (ابن عدي في الڪامل، ج. 6، ص. 260)

لاج رکھ لے گنہگاروں کی نام رحمٰن ہے تِرا یا رب!

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تمام وڏي آهي جيڪي مسلمان دنيا مان رخصت ٿي (**يعني ٽذاري**) ويندا آهن. انهن جي لاءِ بہ ان پنهنجي فضل وڪرم جا دروازا کولي رکيا آهن. الله عَزَّوَجَلَّ جي بي حساب رحمت جي باري ۾ هڪ روايت پڙهو ۽ جهومو!

## ڪفن ڦاٽي پيا

**الله** عَزَّوَجَلَّ جا نبي حضرت سيدنا ارمياءَ عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **ڪجهہ** اهڙين قبرن جي پرسان گذريا جن ۾ عذاب ٿي رهيو هيو. هڪ سال کان بعد جڏهن وري اتان گذر ٿيو تہ عذاب ختم ٿي چڪو هيو. انهن بارگاهِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ عرض ڪيو، يا الله عَزَّوَجَلَّ! ڇا سبب آهي جو پهريان انهن کي عذاب ٿي رهيو هيو هاڻي ختم ٿي ويو؟ آواز آيو، ”اي ارمياءَ! انهن جا ڪفن ڦاٽي پيا، وار منتشر ٿي ويا ۽ قبرون مٽجي ويون تہ مون انهن تي رحم ڪيو ۽ اهڙن ماڻهن تي مان رحم ڪندو آهيان. (شرح الصدور، ص. 313)

اللہ کی رحمت سے تو جنت ہی ملی گی اے کاش! محلے میں جگہ ان کی ملی ہو

# ”ڪرم“ جي ٽن اکرن جي نسبت سان ايصال ثواب جا 3 ايمان افروز فضائل

## دعائن جي برڪت

**مديني جي تاجدار** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان مغفرت نشان آهي، منهنجي امت گناهہ سميت قبر ۾ داخل ٿيندي ۽ جڏهن نڪرندي تہ بي گناهہ هوندي ڇو تہ اها مؤمنن جي دعائن سان بخشي ويندي آهي. (المعجم الاوسط، ج. 1، ص. 509، حديث 1879)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب          صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايصال ثواب جو انتظار!

**سرڪار نامدار** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ارشاد مشڪبار آهي، مڙدي جو حال قبر ۾ ٻڏندڙ انسان جي مثل آهي جو اهو شدت سان انتظار ڪندو آهي تہ پيءُ يا ماءُ يا ڀاءُ يا ڪنهن دوست جي دعا ان کي پهچي ۽ جڏهن ڪنهن جي دعا ان کي پهچندي آهي تہ ان جي ويجهو اها دنيا ومافيها (**يعني دنيا ۽ ان ۾ جيڪو ڪجهہ آهي**) کان بهتر هوندي آهي. الله عَزَّوَجَلَّ قبر وارن کي انهن جي زندهہ رشتيدارن جي طرف کان هديو ڪيل ثواب پهاڙن جي مثل عطا فرمائيندو آهي، زندهہ (**ماڻهن**) جو هديو (**يعني تحفو**) مڙدن جي لاءِ ”دعا مغفرت ڪرڻ آهي.“ (شعب الايمان ج6 ص 203 حديث 7905 )

## ڀين جي لاءِ دعاءِ مغفرت ڪرڻ جي فضيلت

”**جيڪو سيني** مؤمنن مردن ۽ عورتن جي لاءِ دعاءِ مغفرت ڪندو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ هر مومن مرد ۽ عورت جي عيوض هڪ نيڪي لکي ڇڏيندو آهي.“ (مجمع الزوائد، ج. 10، ص. 352، حديث 17598)

## اربين نيڪيون ڪمائڻ جو آسان نسخو

پيارا پيارا **اسلامي ڀائرو!** جهومي وجهو! اربين ڪربين نيڪيون ڪمائڻ جو آسان نسخو هٿ اچي ويو! ظاهر آهي هن وقت روءِ زمين تي ڪروڙين مسلمان موجود آهن ۽ ڪروڙين بلڪ اربين دنيا مان گذاري ويا آهن، جيڪڏهن اسان سڀني امت جي مغفرت جي لاءِ دعا گهرنداسين ته اِنْ شَآءَاللّٰه اسان کي اربين، ڪربين نيڪين جو خزانو ملي ويندو، مان تحرير طور تي پنهنجي لاءِ ۽ سيني مومنن ۽ مؤمنياڻين جي لاءِ دعا تحرير ڪري ڇڏيان ٿو. (**اول وآخر درورد شريف پڙهندا رهو**) اِنْ شَآءَاللّٰه ڍير نيڪيون هٿ اينديون.

اَللّٰهُمَّ اغْفِرْلِیْ وَلِكُلِّ مُؤْمِنٍ وَّ مُؤْمِنَةٍ

**يعني اي الله منهنجي ۽ هر مومن ۽ مومنه (عورت) جي مغفرت فرماءِ.**

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اوهان به مٿي ڏنل دعا کي **عربي** يا **سنڌي** ۾ ياد ڪريو ۽ ٿي سگهي ته روزانو پنجن نمازن کان بعد به پڙهائڻ جي عادت بڻائي ڇڏيو.

بے سبب بخش دے نہ پوچھ عمل — نام غفار ہے ترا یا رب!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب — صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نـــوراني لباس

"**هڪ بزرگ** پنهنجي مرحوم پيءُ کي خواب ۾ ڏسي ڪري پڇيو ڇا، زنده ماڻهن جي دعا توهان کي پهچندي آهي؟ ته ان جواب

ڏنو، ”هائو **الله** عَزَّوَجَلَّ جو قسم اها نوراني لباس جي صورت ۾ ايندي آهي. ان کي اسين پهري وٺندا آهيون.“ (شرح الصدور، ص. 305)

جلوہ یار سے ہے قبر آباد وَحشتِ قبر سے بچا یا رب!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نوراني ٿالهه

”**جڏهن ڪو شخص** ميّت کي ايصال ثواب ڪندو آهي ته جبريل **عليه السلام** ان کي نوراني ٿالهه ۾ رکي ڪري قبر جي ڪناري بيهي رهندا آهن ۽ چوندا آهن،”اي قبر وارا! هي هديو (**تحفو**) تنهنجي گهر وارن موڪليو آهي قبول ڪر.“ هي ٻڌي ڪري اهو خوش ٿيندو آهي ۽ ان جا پاڙيسري پنهنجي محروميءَ تي غمگين ٿيندا آهن. (شرح الصدور ص 308)

قبر میں آہ! گھپ اندھیرا ہے فضل سے کر دے چاند یا رب!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مڙدن جي تعداد جي برابر اجر

”**جيڪو** قبرستان ۾ يارهن ڀيرا سُوۡرَۃِاِخۡلَاص پڙهي ڪري مڙدن کي ان جو **ايصال ثواب** ڪري ته مڙدن جي تعداد جي برابر ايصال ثواب ڪرڻ واري کي ان جو اجر ملندو. (ڪشف الفاء، ج. 2، ص. 252، حديث 2629)

## قبر وارا سفارش ڪندا

**حضورِ اڪرم** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان شفاعت نشان آهي: جيڪو قبرستان مان گذريو ۽ ان سورة الفاتحه، سورة الاخلاص ۽ سورة التكاثر پڙهي.

پوءِ هيءَ دعا گهري، ”يا الله عَزَّوَجَلَّ! مون جيڪو ڪجهہ قرآن پڙهيو ان جو ثواب مومن مرد ۽ عورت ٻنهي کي پهچاءِ. تہ اهي قبر وارا قيامت جي ڏينهن هن (**ايصال ثواب ڪرڻ واري**) جا سفارشي ٿيندا.

(شرح الصدور، ص. 311)

ہر بھلے کی بھلائی کا صدقہ اس برے کو بھی کر بھلا یارب!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سوره اخلاص جو ثواب

**حضرت** سَيِّدُنا حماد مڪي رَحۡمَۃُاللہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا، مان هڪ رات مڪہ مڪرمہ جي قبرستان ۾ سمهي پيس، ڇا ٿو ڏسان تہ قبر وارا حلقا ناهي ويٺل آهن. مون انهن کان پڇيو، ڇا قيامت قائم ٿي وئي؟ انهن چيو: نہ ڳالهہ دراصل هي آهي تہ هڪ مسلمان ڀاءُ **سورة الاخلاص** پڙهي ڪري اسان کي **ايصال ثواب** ڪيو تہ اهو ثواب اسين هڪ سال کان تقسيم ڪري رهيا آهيون. (شرح الصدور باب في قراءت القرآن للميت ص 312 )

سَبَقَتۡ رَحۡمَتِیۡ عَلٰی غَضَبِیۡ تو نے جب سے سنا دیا یا رب!

آسرا ہم گنہگاروں کا اور مضبوط ہو گیا یا رب!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## اُمِ سَعد رَضِیَ اللہُ عَنۡہَا جي لاءِ کوهہ

حضرت سَيِّدُنا سَعد بن عُباده رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ عرض ڪيو، **يارسول الله** صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم منهنجي ماءُ انتقال ڪري وئي آهي. (**مان ان جي طرف کان صدقو ڪرڻ چاهيان ٿو**) ڪهڙو صدقو افضل رهندو؟ **سرڪار** صَلَّی اللہ

عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو، "**پاڻي**" پوءِ ان هڪ کوهه کوٽايو ۽ چيو، "هي **اُم سعد** رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا **جي لاءِ آهي**. (سنن ابي داؤد، ج. 2، ص. 180، حديث 1681)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** سَيِّدُنا سعد رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جو چوڻ آهي ته هي کوهه اُمِ سَعد رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا جي لاءِ آهي. ان جي معنيٰ هي آهي ته هي کوهه حضرت سعد رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جي ماءُ جي ايصال ثواب جي لاءِ آهي. هن مان هي به معلوم ٿيو ته مسلمانن جو ڳئون يا ٻڪري وغيره کي بزرگن جي طرف منسوب ڪرڻ مثلا هي چوڻ ته "**هي سَيِدُنا غوث پاڪ** رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جن جي ايصال ثواب جي لاءِ آهي ۽ قرباني جي جانور کي به ته ماڻهو هڪ ٻئيءَ جي طرف ئي منسوب ڪندا آهن. مثلا ڪو پنهنجي قربانيءَ جي لاءِ ڳئون وٺي اچي رهيو هجي ۽ جيڪڏهن اوهان ان کان پڇيو، ته هي ڪنهن جي آهي ته اهو ئي جواب ڏيندو ته منهنجي آهي. جڏهن هي چوڻ واري تي اعتراض ناهي ته "**غوث پاڪ جو ٻڪرو**" چوڻ واري تي به ڪو **اعتراض نه ٿو ٿي** سگهي. حقيقت ۾ هر شيءِ جو مالڪ **الله** عَزَّوَجَلَّ ئي آهي ۽ قربانيءَ جي ڳئون هجي يا غوث پاڪ جو ٻڪرو، هر جانور کي ذبح ڪرڻ جي وقت **الله** عَزَّوَجَلَّ **جو نالو** ورتو ويندو آهي. **الله** عَزَّوَجَلَّ وسوسن کان نجات بخشي. اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## "دين خير خواهي جو نالو آ" جي ارڙهن حرفن جي نسبت سان ايصال ثواب جا 18 مدني گل

**مدينه 1**: **فرض**، واجب، سنّت، نفل، نماز، روزو، زڪوٰة، حج، بيان، درس، مدني قافلن ۾ سفر، مدني انعامات، نيڪيءَ جي دعوت، ديني ڪتابن جو مطالعو، مدني ڪمن جي لاءِ **انفرادي ڪوشش** وغيره هر نيڪ ڪم جو **ايصال ثواب** ڪري سگهو ٿا.

**مدينو** 2: **ميت** جو ٽيجهو، ڏهون، چاليهو ۽ ورسي (**ٻارهو**) ڪرڻ سنو ڪم آهي ڇو تہ هي ايصال ثواب جا ئي ذريعا آهن. شريعت ۾ **ٽيجهي** وغيره جو عدم جواز (**يعني ناجائز هجڻ**) جو دليل نہ هجڻ **خود جائز ٿيڻ** جو دليل آهي ۽ ميت جي لاءِ جيئرن جي **دعا ڪرڻ** قرآن ڪريم مان ثابت آهي جيڪا **ايصال ثواب** جي اصل (**يعني بنياد**) آهي جيئن تہ:

وَالَّذِيْنَ جَآءُوْ مِنْۢ بَعْدِهِمْ يَقُوْلُوْنَ

رَبَّنَا اغْفِرْ لَنَا وَلِاِخْوَانِنَا الَّذِيْنَ سَبَقُوْنَا بِالْاِيْمَانِ

**ترجمو ڪنزالايمان**: ۽ اهي جيڪي انهن ڪان پوءِ آيا عرض ڪن ٿا، اي اسان جا رب عَزَّوَجَلَّ اسان کي معاف فرماءِ ۽اسان جي ڀائرن کي جن اسان ڪان اڳي ايمان آندو. (پ. 28، سوره حشر، آيت 10)

**مدينو** 3: **ٽيجهي** وغيره جو کاڌو صرف انهيءَ صورت ۾ ميّت جي ڇڏيل مال مان ڪري سگهو ٿا جڏهن تہ سڀ وارث بالغ هجن ۽ سڀ جا سڀ اجازت بہ ڏين، جيڪڏهن **هڪ بہ وارث نابالغ** آهي تہ **سخت حرام** آهي. پر ها بالغ پنهنجي **حصي** مان ڪري سگهي ٿو.
(ملخص از بهار شريعت)

**مدينو** 4: **ميت** جا گهروارا جيڪڏهن ٽيجهي جو کاڌو پچائين تہ (**مالدار نہ کائن**) صرف فقيرن (**مسڪينن ۽ غريبن**) کي کارائين.
(ملخص از بهار شريعت)

**مدينو** 5: **هڪ** ڏينهن جي ٻار کي بہ ايصال ثواب ڪري سگهو ٿا، ان جو ٽيجهو، وغيره بہ ڪرڻ ۾ حرج ناهي.

**مدينو** 6: **جيڪي** زنده آهن انهن کي بلڪ جيڪي مسلمان اڃان پيدا ناهن ٿيا انهن کي به اڳواٽ (**ايڊوانس**) ۾ **ايصال ثواب** ڪري سگهجي ٿو.

**مدينو** 7: **مسلمان** جنات کي به **ايصال ثواب** ڪري سگهجي ٿو.

**مدينو** 8: **يارهين** شريف، رجب شريف (**يعني** 22 **رجب المرجب جو سَيِّدُنا امام جعفر صادق** رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ **جا ڪونڊا ڪرڻ**) وغيره جائز آهي. ڪونڊي ۾ ئي کيرڻي کارائڻ ضروري ناهي ٻئي ٿانو ۾ به کارائي سگهو ٿا. ان کي گهر کان ٻاهر به کڻي وڃي سگهو ٿا.

**مدينو** 9: **بزرگن** جي فاتحه جي کاڌي کي تعظيم طور "نذر ونياز" چوندا آهن ۽ هي نياز تَبَرُّڪ آهي ان کي امير ۽ غريب سيئي کائي سگهن ٿا.

**مدينو** 10: **ايصال ثواب** جي کاڌي ۾ مهمان جي شرڪت شرط ناهي گهر جا افراد جيڪڏهن پاڻ ئي کائي ڇڏن تڏهن به ڪو حرج ناهي .

**مدينو** 11: **روزانو** جيترا ڀيرا به حسبِ حال سنين سنين نيتن سان کاڌو کائو ان ۾ جيڪڏهن ڪنهن نه ڪنهن بزرگ جي **ايصال ثواب جي نيت** ڪري ڇڏيو ته تمام سنو. مثلا ناشتي ۾ نيت ڪريو، اڄ جي **ناشتي** جو ثواب سرڪار مدينه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۽ سندن جي ذريعي تمام انبياءِ ڪرام عَلَیۡہِمُ السَّلَام کي پهچي، **منجهند** جي کائڻ وقت نيت ڪريو ته جيڪو کاڌو کائينداسين (**يا کاڌو**) ان جو **ثواب سرڪار غوث اعظم** ۽ تمام اولياءِ ڪرام عَلَیۡہِمُ الرِّضۡوَان کي پهچي، **رات** جو نيّت ڪريو، هاڻي جيڪو کائينداسين (يا کاڌو) ان جو **ثواب** امام اهلسنّت امام احمد رضا خان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ ۽ هر مسلمان مرد ۽ عورت کي پهچي.

يا هر پيري سيني کي ايصالِ ثواب ڪيو وڃي ۽ اهو ئي وڏيڪ مناسب آهي. ياد رهي! ايصالِ ثواب صرف انهيءَ صورت ۾ ٿي سگهي ٿو جڏهن اهو ڪاڏو ڪنهن سٺي نيت سان ڪاڏو وڃي مثال طور عبادت تي قوت حاصل ڪرڻ جي نيت سان ڪاڏو ته اهو ڪاڏو کائڻ ثواب جو ڪم ٿيو ۽ ان جو ايصالِ ثواب ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن هڪ به سٺي نيت نه هجي ته ڪاڏو کائڻ مباح جو هن تي نه ثواب نه گناهه جڏهن ثواب ئي نه مليو ته ايصالِ ثواب ڪهڙو! البت ٻين کي جيڪڏهن ثواب جي نيت سان کارايو هجي ته ان کارائڻ جو ثواب ايصال ٿي سگهي ٿو.

**مدينو** 12:سٺين سٺين نيتن سان ڪاڏو ويندڙ ڪاڏي کان پهريان **ايصالِ ثواب** ڪريو يا کائڻ کان بعد ٻنهي طرح درست آهي.

**مدينو** 13: **ٿي سگهي** ته هر روز (**نفعي تي نه بلڪ**) پنهنجي وڪري جو هڪ سيڪڙو ۽ ملازمت وارا پنهنجي پگهار مان به 3 سيڪڙو ڪڍي ڇڏيندا ڪريو. سرڪار غوث پاڪ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي نياز جي لاءِ به ڪڍي ڇڏيندا ڪريو. هن رقم مان **ديني ڪتاب تقسيم** ڪريو يا ڪنهن به نيڪ ڪم ۾ خرچ ڪريو اِنْ شَآءَ الله هن جون **برڪتون پاڻ** ئي ڏسندؤ.

**مدينو** 14: مسجد يا مدرسي جو ٺاهڻ صدقهءِ جاريه ۽ ايصال ثواب جو بهترين ذريعو آهي.

**مدينو** 15: **داستانِ عجيب**، شهزادي جو سر، **ڏهن ٻيبين** جي ڪهاڻي ۽ جنابِ سيده جي ڪهاڻي وغيره سڀ من گهڙت (هٿراڌو) قصا آهن انهن کي هرگز **نه پڙهندا ڪريو**. اهڙيءَ طرح هڪ

www.dawateislami.net

پمفليٽ ”وصيت نامو“ نالي سان ماڻهو تقسيم ڪندا آهن جنهن ۾ ڪنهن ”**شيخ احمد**“ جو خواب لکيل آهي هي بہ **جعلي** آهي ان جي هيٺ مخصوص تعداد ۾ **ڇپائي ورهائڻ** جي فضيلت ۽ **تقسيم نہ** ڪرڻ جا نقصان وغيره لکيل آهن انهن تي بہ **اعتبار نہ** ڪريو.

**مدينہ 16**: **جيترن** ڪي بہ **ايصالِ ثواب** ڪريو الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت مان اميد آهي تہ سڀني ڪي پورو ملندو. هي ناهي تہ ثواب تقسيم ٿي ٽڪرا ٽڪرا ٿي ملندو.

**مدينہ 17**: **ايصالِ ثواب** ڪرڻ واري جي ثواب ۾ ڪابہ گهٽتائي واقع نہ ٿيندي بلڪہ هي اميد آهي تہ هن جيترن ڪي ايصالِ ثواب ڪيو انهن سڀني جي تعداد جي برابر هن ڪي ثواب ملندو. **مثلاً**: ڪو نيڪي جو ڪم ڪيو جنهن تي هن ڪي ڏهہ نيڪيون مليون هاڻي هن ڏهن مئڙدن ڪي ايصالِ ثواب ڪيو تہ هر هڪ ڪي ڏهہ ڏهہ نيڪيون پهچنديون جڏهن تہ **ايصالِ ثواب** ڪرڻ واري ڪي هڪ سؤ ڏهہ ۽ جيڪڏهن هڪ هزار ڪي ايصالِ ثواب ڪيو تہ هن ڪي ڏهہ هزار ڏهہ. **وَعَلٰي هٰذا القياس**.

**مدينہ 18**: **ايصالِ ثواب** صرف مسلمان ڪي ڪري سگهو ٿا. **ڪافر يا مرتد** ڪي ايصالِ ثواب ڪرڻ يا ان ڪي **مرحوم چوڻ ڪفر** آهي.

## ايصالِ ثواب جو طريقو

**ايصالِ ثوا ب** (**يعني ثواب پهچائڻ**) جي لاءِ دل ۾ نيّت ڪري ڇڏڻ ڪافي آهي، مثلا توهان ڪنهن ڪي هڪ روپيو خيرات ڏنو يا هڪ ڀيرو دُرُود شريف پڙهيو يا ڪنهن ڪي هڪ سنّت ٻڌائي يا نيڪيءَ جي دعوت ڏني يا سنتن ڀريو بيان ڪيو. مطلب تہ ڪا بہ نيڪي ڪئي. اوهان دل ئي دل ۾ هن طرح نيت ڪري ڇڏيو مثلا: هاڻي

مون جيڪا سنّت ٻڌائي ان جو ثواب سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پهچي. اِنْ شَآءَاللّٰه ثواب پهچي ويندو. وڏيڪ جن جن جي نيّت ڪندؤ انهن کي بہ پهچندو. دل ۾ نيّت هجڻ سان گڏو گڏ زبان سان چئي ڇڏڻ سنّتِ صحابہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم آهي جيئن هاڻي حديثِ سعد ۾ گذريو جو انهن کوهہ کوٺائي فرمايو. "**هيءُ اُمِّ سعد جي لاءِ آهي**."

## ايصال ثواب جو مروج طريقو

**اڄ ڪلهہ** مسلمانن ۾ خصوصي طور ڪاڌي تي جيڪو فاتحہ جو طريقو رائج آهي اهو بہ تمام سنو آهي جن ڪاڌن جو ايصال ثواب ڪرڻو آهي اُهي سڀ يا سيني مان ٿورو ٿورو ڪاڌو ۽ هڪ گلاس ۾ پاڻي ڀري ڪري سڀ ڪجهہ سامهون رکي ڇڏيو.

**هاڻي**:

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ۝

**هڪ ڀيرو پڙهي**

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

قُلْ يٰٓاَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ ﴿۱﴾ لَآ اَعْبُدُ مَا تَعْبُدُوْنَ ﴿۲﴾ وَلَآ اَنْتُمْ عٰبِدُوْنَ
مَآ اَعْبُدُ ﴿۳﴾ وَلَآ اَنَا عَابِدٌ مَّا عَبَدْتُّمْ ﴿۴﴾ وَلَآ اَنْتُمْ عٰبِدُوْنَ مَآ اَعْبُدُ ﴿۵﴾
لَكُمْ دِيْنُكُمْ وَلِيَ دِيْنِ ﴿۶﴾

**ٽيون پيرا**

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ۝

قُلۡ ہُوَ اللّٰہُ اَحَدٌ ۚ﴿۱﴾ اَللّٰہُ الصَّمَدُ ۚ﴿۲﴾ لَمۡ یَلِدۡ ۙ۬ وَ لَمۡ یُوۡلَدۡ ۙ﴿۳﴾ وَ لَمۡ
یَکُنۡ لَّہٗ کُفُوًا اَحَدٌ ٪﴿۴﴾

**هڪ پيرو**

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ۝

قُلۡ اَعُوۡذُ بِرَبِّ الۡفَلَقِ ۙ﴿۱﴾ مِنۡ شَرِّ مَا خَلَقَ ۙ﴿۲﴾ وَ مِنۡ شَرِّ غَاسِقٍ
اِذَا وَقَبَ ۙ﴿۳﴾ وَ مِنۡ شَرِّ النَّفّٰثٰتِ فِی الۡعُقَدِ ۙ﴿۴﴾ وَ مِنۡ شَرِّ حَاسِدٍ
اِذَا حَسَدَ ٪﴿۵﴾

**هڪ پيرو**

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ۝

قُلۡ اَعُوۡذُ بِرَبِّ النَّاسِ ۙ﴿۱﴾ مَلِکِ النَّاسِ ۙ﴿۲﴾ اِلٰہِ النَّاسِ ۙ﴿۳﴾
مِنۡ شَرِّ الۡوَسۡوَاسِ ۬ۙ الۡخَنَّاسِ ۪ۙ﴿۴﴾ الَّذِیۡ یُوَسۡوِسُ فِیۡ صُدُوۡرِ النَّاسِ ۙ﴿۵﴾
مِنَ الۡجِنَّۃِ وَ النَّاسِ ٪﴿۶﴾

**هڪ ڀيرو**

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ۝۱ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝۲ مٰلِكِ يَوۡمِ الدِّيۡنِ ۝۳
اِيَّاكَ نَعۡبُدُ وَ اِيَّاكَ نَسۡتَعِيۡنُ ۝۴ اِهۡدِنَا الصِّرَاطَ الۡمُسۡتَقِيۡمَ ۝۵ صِرَاطَ
الَّذِيۡنَ اَنۡعَمۡتَ عَلَيۡهِمۡ ۙ غَيۡرِ الۡمَغۡضُوۡبِ عَلَيۡهِمۡ وَلَا الضَّآلِّيۡنَ ۝۷

**هڪ ڀيرو**

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

الٓمّٓ ۝۱ ذٰلِكَ الۡكِتٰبُ لَا رَيۡبَ ۛۚ فِيۡهِ ۛۚ هُدًى لِّلۡمُتَّقِيۡنَ ۝۲ الَّذِيۡنَ
يُؤۡمِنُوۡنَ بِالۡغَيۡبِ وَ يُقِيۡمُوۡنَ الصَّلٰوةَ وَ مِمَّا رَزَقۡنٰهُمۡ يُنۡفِقُوۡنَ ۝۳ وَ
الَّذِيۡنَ يُؤۡمِنُوۡنَ بِمَآ اُنۡزِلَ اِلَيۡكَ وَ مَآ اُنۡزِلَ مِنۡ قَبۡلِكَ ۚ وَ بِالۡاٰخِرَةِ هُمۡ
يُوۡقِنُوۡنَ ۝۴ اُولٰٓئِكَ عَلٰى هُدًى مِّنۡ رَّبِّهِمۡ ۗ وَ اُولٰٓئِكَ هُمُ الۡمُفۡلِحُوۡنَ ۝۵

**پڙهڻ کان بعد هي پنج آيتون پڙهو :**

﴿1﴾ وَاِلٰهُكُمۡ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الرَّحۡمٰنُ الرَّحِيۡمُ ۝۱۶۳ (پ. 2، سوره البقره، آيت 163)

﴿2﴾ اِنَّ رَحۡمَتَ اللّٰهِ قَرِيۡبٌ مِّنَ الۡمُحۡسِنِيۡنَ ۝ (پ. 8، سوره الاعراف، آيت 56)

﴿3﴾ وَمَا أَرْسَلْنَاكَ إِلَّا رَحْمَةً لِّلْعَالَمِينَ ۝ (پ. 17، سوره الانبياء، آيت 107)

﴿4﴾ مَّا كَانَ مُحَمَّدٌ أَبَا أَحَدٍ مِّن رِّجَالِكُمْ وَلَكِن رَّسُولَ اللهِ وَخَاتَمَ النَّبِيِّينَ وَكَانَ اللهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيماً ۝ (پ. 22، سوره الاحزاب، آيت 40)

﴿5﴾ إِنَّ اللهَ وَمَلَائِكَتَهُ يُصَلُّونَ عَلَى النَّبِيِّ يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا صَلُّوا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوا تَسْلِيماً ۝ (پ. 22، سوره الاحزاب، آيت 56)

**هاڻي درود شريف پڙهو**

صَلَّى اللهُ عَلَى النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَاٰلِهٖ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَسَلَّمَ صَلٰوةً وَّسَلَامًا عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله

سُبْحٰنَ رَبِّكَ رَبِّ الْعِزَّةِ عَمَّا يَصِفُوْنَ ۝۱۸۰ وَسَلٰمٌ عَلَى الْمُرْسَلِيْنَ ۝۱۸۱ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۝۱۸۲

**هاڻي هٿ** کڻي **فاتحه** پڙهائڻ وارو بلند آواز سان ”الفاتحه“ چوي. سڀ ماڻهو هوريان سورةالفاتحه پڙهن. هاڻي فاتحه پڙهائڻ وارو هن طرح اعلان ڪري.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اوهان جيڪو ڪجهه پڙهيو آهي ان جو ثواب مون کي ڏئي ڇڏيو.“ سڀئي حاضرين چئي ڇڏين.“ اوهان کي ڏنو ”هاڻي فاتحه پڙهائڻ وارو ايصال ثواب ڪري ڇڏي. **ايصال ثواب** جا الفاظ لکڻ کان پهريان امام اهلسنّت اعلي حضرت مولانا **شاهه احمد رضا خان** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **فاتحه** کان پهريان جيڪي سورتون وغيره پڙهندا هئا اهي تحرير ڪريان ٿو.

## اعلي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو فاتحہ جو طريقو

### هڪ ڀيرو

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۝۱ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝۲ مٰلِكِ يَوْمِ الدِّيْنِ ۝۳ اِيَّاكَ
نَعْبُدُ وَ اِيَّاكَ نَسْتَعِيْنُ ۝۴ اِهْدِنَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيْمَ ۝۵ صِرَاطَ الَّذِيْنَ اَنْعَمْتَ
عَلَيْهِمْ ۙ۬ غَيْرِ الْمَغْضُوْبِ عَلَيْهِمْ وَلَا الضَّآلِّيْنَ ۝۷

### هڪ ڀيرو

اَللّٰهُ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ اَلْحَيُّ الْقَيُّوْمُ ۬ۚ لَا تَاْخُذُهٗ سِنَةٌ وَّ لَا نَوْمٌ ؕ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي
الْاَرْضِ ؕ مَنْ ذَا الَّذِيْ يَشْفَعُ عِنْدَهٗۤ اِلَّا بِاِذْنِهٖ ؕ يَعْلَمُ مَا بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ ۚ وَ
لَا يُحِيْطُوْنَ بِشَيْءٍ مِّنْ عِلْمِهٖۤ اِلَّا بِمَا شَآءَ ۚ وَسِعَ كُرْسِيُّهُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ ۚ وَ لَا
يَئُوْدُهٗ حِفْظُهُمَا ۚ وَهُوَ الْعَلِيُّ الْعَظِيْمُ ۝۲۵۵

### ٽي ڀيرا

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ۝۱ اَللّٰهُ الصَّمَدُ ۝۲ لَمْ يَلِدْ ۙ۬ وَ لَمْ يُوْلَدْ ۝۳ وَ لَمْ يَكُنْ
لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ ۝۴

## ايصال ثواب جي لاءِ دعا جو طريقو

**يا الله** عَزَّوَجَلَّ جيڪو ڪجهہ پڙهيو ويو (**جيڪڏهن کاڌو وغيره آهي تہ هن طرح بہ چئو**) ۽ جيڪو ڪجهہ کاڌو وغيره پيش ڪيو ويو آهي بلڪ اڄ تائين جيڪو ڪجهہ ٽٽل ڦٽل عمل ٿي سگهيو آهي ان جو اسان جي ناقص عمل جي مطابق نہ بلڪ پنهنجي ڪرم جي شايان شان ثواب عطا فرماءِ ۽ هن کي اسان جي طرف کان پنهنجي پياري محبوب، داناءِ غيوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ نذر پهچاءِ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وسيلي سان تمام انبياءِ ڪرام عليهم السلام تمام صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان تمام اولياءِ عظام رَحِمَهُمُ اللهُ الْمُبِين جي جناب ۾ نذر پهچاءِ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طفيل سَيِّدُنا آدم **صفي الله** عَلَيْهِ السَّلَام کان وٺي هاڻي تائين جيترا انسان ۽ جنات مسلمان ٿيا يا قيامت تائين ٿيندا سيني کي پهچاءِ ۽ هن دوران جن جن بزرگن کي خصوصي طور تي ايصال ثواب ڪرڻو آهي انهن جو نالو بہ وٺندا وڃو پنهنجي ماءُ پيءُ ڀين رشتدارن ۽ پنهنجي پير و مرشد کي ايصال ثواب ڪريو. (**فوت ٿيلن مان جن جن جا نالا وٺندا آهيو انهن کي خوشي حاصل ٿيندي آهي**) هاڻي معمول مطابق دعا ختم ڪري ڇڏيو (**جيڪڏهن ٿورو ٿورو کاڌو ۽ پاڻي ڪڍيو هجي تہ اهو ٻين کاڌن ۽ پاڻيءَ ۾ وجهي ڇڏيو.**)

## خـــبردار!

**جـــڏهن** بـــہ اوهــان جـــي طـرف کـان نياز يا ڪنهن قسـم جي گڏجاڻي ٿئي، جماعت جو وقت ٿيـنـدي ئـي ڪـا شرعي ممانعت نہ هجي تہ انفرادي ڪوشش جي ذريعي سيني مهمانن سميت نماز باجماعت جي لاءِ مسجد جو رخ ڪريو، بلڪ اهڙن وقتن ۾ دعوت ئي نہ رکو جو وچ ۾ نماز اچي ۽ سستيءَ جي سبب معاذالله جماعت

فوت ٿي وڃي. منجهند جي ڪاڌي جي لاءِ بعد نماز ظهر ۽ شام جي ڪاڌي جي لاءِ بعد نماز عشاء مهمانن ڪي گهرائڻ ۾ عام طور تي جماعت سان نماز پڙهڻ وارن جي لاءِ آساني آهي، ميزبان، باورچي، ڪاڌو ورهائڻ وارن وغيره سڀني ڪي گهرجي ته وقت ٿي وڃي ته سمورو ڪم ڇڏي باجماعت نماز جو اهتمام ڪن. بزرگن جي "**نياز**" جي مصروفيت ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي نماز باجماعت ۾ ڪوتاهي تمام وڏي غلطي آهي.

## مزار تي حاضريءَ جو طريقو

**بزرگن وٽ** قدمن جي طرف ڪان حاضر ٿيڻ گهرج، پوئين پاسي کان اچڻ جي صورت ۾ انهن کي پاسو ورائي ڏسڻ جي زحمت ٿيندي آهي. تنهنڪري اولياء جي مزار تي به قدمن جي طرف کان حاضر ٿي ڪري قبلي کي پٺي ۽ صاحب مزار جي چهري جي طرف منهن ڪري گهٽ ۾ گهٽ چار هٿ (**ٻه گز**) پري بيهي رهو ۽ هن طرح سلام عرض ڪريو.

اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا وَلِيَّ اللهِ وَ رَحْمَةُ اللهِ وَ بَرَكَاتُهٗ

**هڪ ڀيرو** سورۃ الفاتحہ ۽ 11 **ڀيرا** سورۃ الاخلاص (**اول آخر هڪ ڀيرو درود شريف**) پڙهي ڪري هٿ کڻي مٿي ڏنل طريقي جي مطابق (**صاحب مزار جو نالو وٺي به**) ايصال ثواب ڪريو ۽ دعا گهرو. "احسن الوعاءَ" ۾ آهي، ولي جي قرب ۾ دعا قبول ٿيندي آهي .

الٰہی واسطہ کل اولیاء کا　　مرا ہر ایک پورا مُدعا ہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

